# سنڌي گلدستو




شيخ نياز محمد "نياز"

# سنڌي گلدستو

شيخ نيازمحمد "نياز"

ڇاپو پهريون، جنوري ١٩٦٩ع ڪاپيون هڪ هزار
ڇاپو ٻيو، جون ١٩٧١ع ڪاپيون هڪ هزار
ڇاپو ٽيون، مارچ ١٩٧٧ع ڪاپيون هڪ هزار

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ
محفوظ آهن.

قيمت :- ساڍا ٻارهن روپيه

ڇپائيندڙ:-
شيخ خليل احمد
خليل منزل، شيخ اسٽريٽ،
محلو ڪرمان باغ، لاڙڪاڻو - سنڌ.

ملڻ جو هنڌ :-
خليل منزل (گهر نمبر 1947/9.8.A)
شيخ اسٽريٽ، محلو ڪرمان باغ، لاڙڪاڻو - سنڌ.
۽ سنڌ جا سڀ بوڪ اسٽور

ڇپيندڙ:- مدينه اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس
لياقت روڊ، لاڙڪاڻو.

# انتساب

هي ڪتاب سان پنهنجي محترم برادر
جناب شيخ واحد بخش "شاهد" جي نالي انتهائي
عقيدت ۽ احترام سان منسوب ڪريان ٿو .

گر قبول افتد زهي عز و شرف .

شيخ "نياز"

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| ١- | پيش لفظ | ١ |
| ٢- | گلدستو تي هڪ نظر | ٢ |
| ٣- | ٻه اکر | ٣ |
| ٤- | هن ڇاپي بابت | ٤ |
| ٥- | تعارف | ٧ |
| ٦- | اشتقاق | ٩ |
| ٧- | ضد | ٨٥ |
| ٨- | واحد - جمع | ٩٥ |
| ٩- | مذڪر - مونث | ١٠٦ |
| ١٠- | هم آواز الفاظ | ١١١ |
| ١١- | جانورن جا نالا | ١١٩ |
| ١٢- | پکين جا نالا | ١١٩ |
| ١٣- | جيتن جا نالا | ١٢٠ |
| ١٤- | ساهوارن جون ٻوليون ۽ آواز | ١٢١ |
| ١٥- | تشبيهه | ١٢٨ |
| ١٦- | استعاره | ١٣٠ |
| ١٧- | مجاز مرسل | ١٣١ |
| ١٨- | ڪنايه | ١٣٣ |
| ١٩- | تجنيس حرفي | ١٣٤ |
| ٢٠- | ٻولي | ١٣٥ |
| ٢١- | حرف | ١٣٧ |
| ٢٢- | لفظ | ١٤٥ |
| ٢٣- | جملو | ١٤٨ |
| ٢٤- | پرولوگ | ١٥٨ |
| ٢٥- | ڇيد | ١٦٧ |
| ٢٦- | نثر | ١٨٢ |
| ٢٧- | مضمون | ١٨٤ |
| ٢٨- | خط ۽ درخواستون | ١٨٥ |
| ٢٩- | آکاڻي | ١٨٦ |
| ٣٠- | افسانو | ١٨٦ |
| ٣١- | ناول | ١٨٧ |
| ٣٢- | ناٽڪ يا ڊراما | ١٨٩ |
| ٣٣- | نظم | ١٩٢ |

| نمبر عنوان | صفحو |
|---|---|
| ۳۴- شعر | ۱۹۶ |
| **قديم شعر:-** | |
| ۳۵- کنان | ۱۹۸ |
| ۳۶- ڪبت | ۲۰۱ |
| ۳۷- ڏوهيڙو | ۲۰۴ |
| ۳۸- بيت | ۲۰۸ |
| ۳۹- وائي | ۲۱۱ |
| ۴۰- ڪافي | ۲۱۳ |
| ۴۱- سلوڪ | ۲۱۷ |
| **عروضي شعر:-** | |
| ۴۲- حمد | ۲۲۱ |
| ۴۳- نعت | ۲۲۲ |
| ۴۴- قصيدو | ۲۲۴ |
| ۴۵- مرثيو | ۲۲۸ |
| ۴۶- غزل | ۲۳۱ |
| ۴۷- قطعو | ۲۳۴ |
| ۴۸- مثنوي | ۲۳۶ |
| ۴۹- رباعي | ۲۴۰ |
| ۵۰- مستزاد | ۲۴۳ |

| نمبر عنوان | صفحو |
|---|---|
| ۵۱- فرد | ۲۴۵ |
| ۵۲- مسمط | ۲۴۶ |
| ۵۳- مثلث | ۲۴۷ |
| ۵۴- مربع | ۲۴۸ |
| ۵۵- مخمس | ۲۴۹ |
| ۵۶- مسدس | ۲۵۲ |
| ۵۷- مسبع | ۲۵۴ |
| ۵۸- مثمن | ۲۵۷ |
| ۵۹- متسع | ۲۵۹ |
| ۶۰- معشر | ۲۶۱ |
| ۶۱- ترجيع بند ۽ ترڪيب بند | ۲۶۳ |
| ۶۲- علم عروض | ۲۶۷ |
| ۶۳- بحر | ۲۶۹ |
| ۶۴- وزن | ۲۸۳ |
| ۶۵- رڪن | ۲۸۴ |
| ۶۶- زحاف | ۲۸۵ |
| ۶۷- پد | ۲۸۶ |
| ۶۸- مصرع | ۲۸۷ |
| ۶۹- قافيو | ۲۸۸ |

| نمبر عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| ۷۰- رديف | ۲۹۰ |
| ۷۱- مطلع | ۲۹۱ |
| ۷۲- مقطع | ۲۹۲ |
| ۷۳- تخلص | ۲۹۲ |
| ۷۴- تقطيع | ۲۹۳ |
| **جديدشعر:-** | |
| ۷۵- گيت | ۲۹۹ |
| ۷۶- آزاد نظم | ۳۰۰ |
| ۷۷- ماهيا | ۳۰۱ |
| ۷۸- هائيڪو | ۳ ۳ |
| ۷۹- سانيٽ | ۳۰۵ |
| ۸۰- ترائيل | ۳۰۸ |
| ۸۱- پنجڪڙا | ۳۱۰ |
| ۸۲- چولڪ | ۳۱۲ |
| **شعر جون ادبي خوبيون:-** | |
| ۸۳- فصاحت | ۳۱۳ |
| ۸۴- بلاغت | ۳۱۴ |

| نمبر عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| ۸۵- سلاست | ۳۱۴ |
| ۸۶- جدت | ۳۱۵ |
| ۸۷- تخيل | ۳۱۶ |
| ۸۸- محاڪات | ۳۱۷ |
| ۸۹- ديوان | ۳۱۸ |
| ۹۰- ڪليات | ۳۱۹ |
| ۹۱- صوفي | ۳۲۰ |
| ۹۲- شريعت | ۳۲۱ |
| ۹۳- طريقت | ۳۲۳ |
| ۹۴- حقيقت | ۳۲۳ |
| ۹۵- معرفت | ۳۲۲ |
| ۹۶- همه اوست | ۳۲۳ |
| ۹۷- همه آزوست | ۳۲۴ |
| ۹۸- سرمست | ۳۲۴ |
| ۹۹- وجد | ۳۲۵ |
| ۱۰۰- ضميمو | ۳۲۶ |

سي ٻوچارا ٻُر ٿيا، سمنڊ سيوڪو جن،
آنداڻون عميق مان، جوتي جواهرن،
لڌاڻون لطيف چئي، لالون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، مُل مهانگو آن جو.

( شاهه )

# پيش لفظ

ڪافي عرصي کان دل ۾ اها خواهش پئي رهي ته ڪنهن موضوع تي سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکان. اُن لاءِ وقت به وقت نيون نيون شيون پئي ذهن ۾ آيون ۽ ويون، پر پنهنجي اهم مشغولين ۽ مجبورين خاطر انهيءَ ميدان ۾ پير رکڻ جي همت ئي نه پئي ٿي. نيٺ انهن مشڪلاتن کي پاسيرو رکي همت ٻڌي نڪري پيس ۽ چند ذهن ۾ آيل شين کي ترتيب ڏئي ٿوريءَ ئي عرصي اندر لکي وڃي پار پهتس. اهي شيون اڄ اوهان جي اڳيان پيش ڪري رهيو آهيان.

هن ڪتاب ۾ وقت جي تقاضا ۽ تعليمي ضرورت موجب مختلف شيون پيش ڪيون ويون آهن، جن ۾ لفظن جا اشتقاق، ضد ، واحد - جمع، فعلن جا ورجاءُ ۽ شاعريءَ جون مختلف صنفون، جي اڄ تائين سنڌي شاعريءَ ۾ رواج هيٺ اچي چڪيون آهن، سلسليوار ۽ مختصر نموني ۾ ڏنا ويا آهن.

هيءُ نسخو هن ناقص دماغ جي قلمي ڪاوش جو پهريون ئي نمونو آهي، جو پوري جفاڪشيءَ سان تيار ڪيو ويو آهي. آن هوندي به ٿي سگهي ٿو ته منجهس اڃا ڪي خاميون رهجي ويون هجن؛ تنهن لاءِ گذارش آهي ته انهن اُوڻاين کان هن ناچيز کي آگاهه ڪري همت افزائي ڪرڻ فرمائيندا.

جنوري ١٩٦٩ع — شيخ نياز محمد

# "گلدستو" تي هڪ نظر

ڪتاب "گلدستو" طالب‌العلم لاءِ نهايت ڪارآمد شئي آهي. هن هڪئي ڪتاب ۾ شعر و سخن جي هر صنف تي مختصر، مگر جامع معلومات فراهم ڪيل آهي، جنهن ڪري طالب‌العلم کي مختلف ڪتابن جي بيشمار پنن اٿلائڻ پٿلائڻ جي ضرورت باقي نه رهندي. حقيقت اها آهي ته هي ڪتاب لکي، هڪ اهڙي کوٽ جي پورائي ڪئي وئي آهي، جا طالب‌العلم طبقي لاءِ جيڪڏهن پريشان ڪن نه هئي ته تڪليف ده ضرور هئي. البت ڪتاب گهڻين خوبين جي باوجود پاڻ ۾ ڪجهه خاميون به رکي ٿو، جن جي اصلاح بهر حال تمام ضروري آهي.

ٿوري وڌيڪ تحقيق ۽ تڪليف ڪرڻ سان ڪيترا پيا به اشتقاق ملي سگهندا. جيوڻيڪ سؤ فيصد اشتقاق گڏ ڪرڻ محال ٿيندا، پر پوءِ به ڪتاب ۾ جيترو وڌيڪ ذخيرو هوندو، اوترو طالب‌العلم لاءِ وڌيڪ ڪارآمد ٿيندو. ساڳي طرح "ضد" ۽ "واحد - جمع" جي عنوانات هيٺ به مثالن ۾ ڪافي اضافو ڪري سگهجي ٿو.

"محسن" ڪڪڙائي
خيرپور ناٿن شاهه،
ضلع دادو، سنڌ.

۲۴- مارچ ۱۹۷۱ع.

# ٻه اکر

سنڌي گلدستي جو ٻيو ڇاپو اوهان جي اڳيان آهي. هن ڇاپي ۾ ڪجهه قدر سڌارو ۽ واڌارو آندو ويو آهي. ڪتاب جي اشتقاق واري ڀاڱي مان "ڪاسليٽ" جو لفظ غير موزون سمجهي خارج ڪيو ويو آهي ۽ منجهس پنج ٻيا الفاظ شامل ڪيا ويا آهي، جنهن ڪري هيئنر اُنهن جو تعداد ٻه سؤ چار کي پهتو آهي.

ارادو هيو ته هن ڇاپي ۾ هر موضوع ۾ واڌارو آندو وڃي، جنهن لاءِ وڌيڪ شين جي ميڙ چونڊ به ڪئي وئي، مگر ڪتاب جي ننڍڙي ضرورت محسوس ڪندي ۽ ڪاغذ جي کوٽ ۽ گراڻيءَ سبب اهي شيون پيش ٿي نه سگهيون آهن. انشاءَ الله تعاليٰ ٽئين ڇاپي ۾، جو عنقريب شايع ٿيڻ وارو آهي، ميني شين کي تفصيل سان بيان ڪيو ويندو ۽ اُن سان گڏ اشتقاق، ضد، واحد – جمع ۾ پڻ اضافو ڪيو ويندو. تنهن کان سواءِ ٽئين ڇاپي ۾ مذڪر – مؤنث ۽ ڪجهه قدر هم آواز الفاظ پڻ ڏنا ويندا.

هن ڇاپي ۾ سڌاري آڻڻ جي حتي المقدور ڪوشش ڪئي وئي آهي؛ تاهم به ٿي سگهي ٿو ته منجهس ڪي اوڻايون اڃا به رهجي ويون هجن؛ تنهن لاءِ پڙهندڙ حضرات کي التجا آهي ته هو پنهنجو فرض سمجهي، ان ڏس ۾ هن عاجز کي اصلاحي مشوري کان مستفيض ڪرڻ فرمائيندا، ته جيئن هيءَ ننڍڙو مسودو اڳتي هلي طلباء واسطي مشعل راهه بڻجي (آمين).

شيخ نيازمحمد
شيخ اسٽريٽ، ڪرمان باغ
لاڙڪاڻو – سنڌ.

٢١ – جون ١٩٧١ع.

# هن ڇاپي بابت

ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت اُن ۾ شامل مواد تي منحصر هوندي آهي. هن ڪتاب جي لاءِ علم دوست حضرات ۽ بورڊ توڙي يونيورسٽي جا شاگرد وقت بوقت مهيا ڪري ڏيڻ جي پُرزور تقاضا ڪندا پئي رهيا، جنهن ڪري هن نئين ايڊيشن کي اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ ضروري سمجهيم.

نصابي ضرورتن کي خيال ۾ رکندي، ڪتاب جي هن ڇاپي ۾ ضروري اضافا به ڪيا ويا آهن، جن لاءِ اُميد ته هيءَ ڪتاب وڌيڪ ڪارآمد ثابت ٿيندو ۽ ساڳيءَ طرح اهلِ علم دوستن، اديبن، شاعرن ۽ شاگردن ۾ مقبوليت حاصل ڪندو.

هن ڇاپي ۾ اشتقاق، ضد ۽ واحد - جمع ، ٻوليءَ جي اصليت واري لحاظ کان ظاهر ڪيا ويا آهن. اُن لاءِ، هر ٻوليءَ لاءِ ڏنگين ۾ اُن ٻوليءَ جو پهريون اکر به ڏنو ويو آهي، جيئن (ع) عربيءَ لاءِ، (ف) فارسيءَ لاءِ، (سن) سنسڪرت لاءِ، (هہ) هنديءَ لاءِ، (س) سنڌيءَ لاءِ، (پرا) پراڪرت لاءِ، (انگ) انگريزيءَ لاءِ ۽ (ت) ترڪي ٻوليءَ لاءِ.

هن پيري ادب ۽ شاعريءَ سان واسطو رکندڙ گهڻي ۾ گهڻيون شيون پيش ڪيون ويون آهن ته جيئن سنڌي ٻوليءَ سان لڳاءُ رکندڙ خاص طور شاگرد طبقو هن سان پورو پورو فائدو حاصل ڪري سگهي. صفحي نمبر ۳۸ ۽ ۳۹ تي حرف جو تبصرو ڪندي، الف - ب جي اوائلي صورتخطيءَ جي چارٽ جي تصوير به پيش ڪئي وئي آهي، ته جيئن اُن جو صحيح تاثر وٺي سگهجي.

ڪتاب کي سوڌڻ ۽ سنوارڻ جي سرتوڙ ڪوشش ڪئي وئي آهي، اُن هوندي به جيڪڏهن ڪو اهلِ علم بزرگ،

محترم پروفيسر ”اياز“ صاحب جن پنهنجي قديماڻي روايات کي قائم رکندي، سنڌي ادب جي اهڙي طرح ئي خدمت ڪندا پيا اچن، جهڙي طرح ماضيءَ ۾ سنڌ جي بزرگن اهو حق ادا ڪري چڪا آهن. جهڙوڪ: ميان علي محمد ”قادري“، ميان غلام سرور ”فقير“ قادري ۽ ميان غلام عباس ”جوش“ قادري.

شيخ نياز محمد ”نياز“

تاريخ ٢٧- مارچ ١٩٧٧ع          شيخ اسٽريٽ، محلو ڪرمان باغ،
لاڙڪاڻو - سنڌ.

ڳالهين جي آڌار ۽ ان ڪالسواءِ تصوف جي ڪيترن باريڪين کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. قسمين قسمين موضوعن سبب هي ڪتاب هڪڙي ننڍڙي انسائيڪلوپيڊيا ٿي پيو آهي.

اهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته ايترن موضوعن جي سمجهاڻي ۽ انهن لاءِ موزون مثال ڪٺا ڪرڻ ۾ مسٽر نيازمحمد کي وڏي جاکوڙ ڪرڻي پئي هوندي.

مونکي اميد آهي ته سنڌس پورهيو اجايو نه ويندو، سنڌ وارا سنڌس ڪوشش جو ڪليءَ دل سان قدر ڪندا.

اياز حسين قادري
26 . 3 . 77

# اشتقاق

”اشتقاق“ عربي ٻوليءَ جي لفظ ”شقّ“ مان نڪتو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ”چيرڻ“ يا ”ٽڪرا ڪرڻ“. اصطلاح ۾، ڪنهن لفظ کي ڀاڱا يا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ۽ ان هرهڪ ڀاڱي جي جدا جدا معنيٰ ڪڍڻ کي ”اشتقاق“ چئبو آهي.

سنڌيءَ ۾ هن وقت ڪيترائي ڌارين ٻولين جا لفظ موجود آهن. جيئن ته: سنسڪرت، عربي، فارسي، انگريزي،ترڪي، وغيره. اهي الفاظ سنڌي ٻوليءَ ۾ ايترو ته مروج ٿي ويا آهن، جو ڪڏهن ٻه ڪين ڌاريو محسوس ڪيو نه ٿو وڃي. اهڙن لفظن جا **اشتقاق** ڪڍڻ واسطي انهن جو بنياد سندن اصلي ٻوليءَ ۾ ڪڍبو آهي.

عربي لفظن جو اشتقاق ڪڍڻ لاءِ عام طرح اهو قانون آهي ته ڪنهن ڏنل لفظ مان جيڪڏهن ڪجهه زائد حروف، جهڙوڪ: ا ـ ت ـ س ـ م ـ ن ـ و ـ ي (يتسمنوا) ڪڍي ڇڏبا ته انهيءَ لفظ جو اصل بنياد نڪري ايندو. هت اهو ياد رکڻ گهرجي ته عربي زبان ۾ اڪثر لفظن جو بنياد ٽن حرفن تي مشتمل هوندو آهي. ٻيو، اشتقاق ڪڍڻ وقت جيڪڏهن ڪنهن لفظ ۾ ٻه ساڳيا يا هڪ جهڙا حرف گڏ اچن ته انهن مان هڪ حرف

خارج ڪري ۽ باقي ٻئي حرف جي مٿان شد ( ّ ) ڏئي ڇڏبي تہ اهو ٻٽو حرف ٿي پوندو. مثلا:-

"حبيب" جو بنياد آهي "حبب". انهيءَ لفظ ۾ جيئن تہ "ب" ٻہ دفعا استعمال ٿيل آهي، تنهن ڪري منجهانئس پوئين "ب" ڪڍي ڇڏبي ۽ ان جي بدران پهرين "ب" جي مٿان ( ّ ) ڏبي تہ لفظ "حُبّ" ٿي پوندو . ساڳيءَ طرح سان "اشتقاق" لفظ جو بنياد "شقّ" آهي.

عربيءَ ۾ ڪن اسمن جي اڳيان "ال" وڌي ويندي آهي، جنهن جو ڪنهن خاص شئي ڏانهن اشارو هوندو آهي. جيئن تہ: "الڪتاب، الاسد، المدرسہ، الرّاس، وغيره". عربي ٻوليءَ ۾ انهيءَ "ال" کي "لام التّعريف" چئبو آهي . يعني اها ڪنهن خاص شئي کي چڱيءَ طرح جاچڻ ۽ سڃاڻڻ جي نشاني آهي. "ال" حرف اضافت جي صورت ۾ بہ ڪم ايندي آهي، جنهن مان مراد "جو، جي، جا، جون،" ٿيندي. جهڙوڪ: "بستان الازهار" معنيٰ "گلن جو باغ"؛ "رحمة الله" معنيٰ "پروردگار جي رحمت"، "بيت المال" معنيٰ "دولت جو گهر"، وغيره .

فارسي ٻوليءَ جي لفظن جا اشتقاق ڪڍڻ لاءِ ڪنهن مقرر لفظ کي پهريائين فارسيءَ جي مصدر ۾ تبديل ڪرڻو پوندو آهي، جنهن ڪري ان جي معنيٰ سولائيءَ سان نڪري ايندي. جهڙوڪ: "انجام" لفظ کي مصدر ۾ آڻبو تہ "انجاميدن" ٿي پوندو، جنهن جو مطلب ٿيندو، "وعدو ڪرڻ" يا "سخن ڏيڻ". ساڳيءَ طرح "آمدني" جو مطلب مصدر "آمدن" جي ذريعي ڪڍبو ۽ "بند" لفظ جو مطلب مصدر "بستن" جي ذريعي نڪرندو، وغيره.

مٿيون قاعدو فارسيءَ جي سڀني الفاظن سان لاڳو ٿي نہ ٿو سگهي؛ ڇاڪاڻ تہ فارسي زبان ۾ ڪيترا اهڙا لفظ آهن ، جي ڪنهن بہ مصدر ۾ تبديل ٿي نٿا سگهن، پر اهي پنهنجي

هڪ نرالي صورت اختيار ڪيو بيٺا رهن ٿا؛ جنهن ڪري انهن جي معنيٰ ۽ مطلب صاف ظاهر ٿيو پوي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ به ڪي اهڙا الفاظ آهن، جن جو اصل بنياد سنسڪرت ۽ هندي ٻولين مان ملي ٿو. ڪي ته وري سنڌي ٻوليءَ جي مصدر ۾ تبديل ڪرڻ سان ئي حاصل ٿين ٿا ۽ ڪيترا اهڙا الفاظ آهن، جن جو مطلب سڌيءَ طرح ئي ڪيڏي سگهجي ٿو.

هت مختلف لفظن جا اشتقاق ڏجن ٿا:-

١- **آبادگار** (ف):- [آباد = سر سبز، سائو + گار = وارو] ويران زمين کي سرسبز ۽ سائو رکڻ وارو، زمين پوکيندڙ يعني ڪڙمي، هاري.

٢- **آبپاشي** (ف):- [آب=پاڻي + پاش - مصدر پاشيدن = ٻرڪڻ، ڇٽڪارڻ] پاڻيءَ جي ڇٽڪار يعني زمين يا کيتيءَ کي ملندڙ پاڻيءَ جو ذريعو.

٣- **آبدار** (ف):- [آب=پاڻي + دار - مصدر داشتن = رکڻ] پاڻي رکندڙ، يا اهو ماڻهو جو زمين کي پاڻي ڏيڻ تي مقرر هجي يعني پاڻيءَ جو داروغو.

٤- **آبدوز** (ف):- [آب=پاڻي + دوز- مصدر دوختن=سبڻ] پاڻيءَ کي سبندڙ ڪشتي يعني پاڻيءَ جي اندر هلندڙ ٻيڙي جا اندران ئي اندران وڃي وڏن جهازن کي سوراخ ڪري ٻوڙيندي آهي.

٥- **آبرِ نيسان** (ف):- [آبر = ڪڪر + نيسان = بهار جي منڊ ۾ وسندڙ مينهن] بهار جي منڊ ۾ مينهن وسائيندڙ ڪڪر.

٦- **آبروئي** (ف):- [آب=پاڻي، رونق + رُو = منهن، چهرو] منهن جو پاڻي، چهري جي رونق يعني عزت مانُ، مرتبو.

٧- **آبشار** (ف ):- [آب = پاڻي + شار- مصدر شاريدن = آواز سان هيٺ ڪرڻ] جبل جي مٿانهين هنڌ تان هيٺ ڪرندڙ

قدرتي پاڻي، جهرڻو.

٨- اِبن‌الوقت (ع):- [اِبن=ٌپٽ+ال=جو+وقت= موقعو] موقعي جو ٌپٽ، وقت جو ٌپٽ، يعني زماني جي رفتار موجب هلندڙ، وقت جو فائدو وٺندڙ.

٩- آبوالفضل (ع):- [آبٌ=پيءُ، مالڪ، صاحب+ال= جو+فضل=نيڪي، چڱائي، بزرگي، بخشش] نيڪي يا بخشش جو صاحب. يعني سٺن لڇڻن وارو؛ اڪبر بادشاهه جي هڪ وزير جو نالو، جو سيوهڻ جو وينل هو.

١٠- آبوالقاسم (ع):- [آبُ=پيءُ، مالڪ، صاحب+ال= جو+َقسم =تقسيم ڪرڻ، ورهائڻ- قاسم=ورهائيندڙ] ورهاست جو صاحب، تقسيم جو مالڪ يعني حضرت محمد رسول‌الله صلي‌الله عليه وسلم جي ڪنيت.

١١- آبهوا (ف+ع):- [آب‌وهوا=آب(ف)=پاڻي+ و (ع) = ۽ + هوا (ع)=گهـُلندڙ هوا] پاڻي ۽ هوا، پاڻيءَ واري هوا، يعني موسم مطابق گهلندڙ هوا جهڙوڪ: گرم، ٿڌي، گهميل، موافق.

١٢- اڻبوجهه (س):- [آ=نه+ بوجهه (بوڌ)=سمجهه] جنهن کي سمجهه نه هجي يعني بي سمجهه، بي عقل، سادو.

١٣- اپرندڙ (س):-[آپرڻ=ظاهر ٿيڻ، نڪري نروار ٿيڻ] ظاهر ٿيندڙ شئي، نڪرندڙ يا وڌندڙ شئي.

١٤- آتش پرست (ف):- [آتش=باهه + پرست - مصدر پرستيدن = پوڄڻ ، پوڄا ڪرڻ] باهه جـي پوڄا ڪندڙ يعني ُمشرڪ، ڪافر.

١٥- اپائڻهار (س):- [اُپائڻ = پيدا ڪرڻ+هار=وارو] پيدا ڪرڻ وارو يعني خالق، خدا تعاليٰ.

١٦- اجلاس (ع):- [جلس=ويهڻ] ماڻهن جو گڏجي هڪ

جاء تي ويهڻ يعني ڪچهري، دربار، گڏجاڻي.

١٧. **اخلاق** (ع):- [خُلق = سٺي عـــادت، جمع آخلاق] سٺيون عادتون، نيڪ خصلتون.

١٨- **اجهاڳ** (هه):- [آ=نه + جهاڳ = لنگهي وڃڻ، گذرڻ، پار ڪرڻ] نه گذرڻ جهڙو، اهو ڏکو فاصلو جو پار ڪري نه سگهجي، اڻ ڪٽ.

١٩- **اداڪار** (ف):- [ادا=ناز نخرو، انداز، لاڏ ڪوڏ+ڪار - مصدر ڪردن=ڪرڻ] ناز نخرو ڪندڙ، ڊرامي يا فلم ۾ ڪم ڪندڙ يعني ايڪٽر، فنڪار.

٢٠- **آدم** (ع):- [آدِمَ = ڪڻڪ جي رنگ جهڙي مٽي] ڪڻڪائين رنگ، جهڙي مٽيءَ مان پيدا ڪيل انسان، ماڻهو.

٢١- **آدمخور** (ع+ف):- [آدم (ع)=ماڻهو، انسان + خور (ف)- مصدر خوردن= کائڻ] ماڻهوءَ کي کائيندڙ يعني وحشي، جهنگلي

٢٢- **اڍنگو** (هه):- [ آ=نه + ڍنگ=طريقو، نمونو] جنهن جو ڪو نمونو ڍنگ نه هجي، خراب هلت هلڻ وارو يعني بُرو، خراب، بڇڙو، بدڪار.

٢٣- **آرامگاهه** (ف):- [آرام - مصدر آراميدن = آرام پهچائڻ + گاهه=جاء، هنڌ] آرام پهچائڻ جي جاء يعني ترسڻ وارو هنڌ، سمهڻ جو ڪمرو، رهائش جي جڳهه.

٢٤- **اربع** (ع):-[رُبع=چوٿون حصو] هفتيجو چوٿون ڏينهن.

٢٥- **استحصال** (ع):- [حصل=حاصل ڪرڻ] حاصلات.

٢٦- **استحڪام** (ع):- [حڪم=مظبوط ٿيڻ، قائم هجڻ] مضبوطي پختائي.

٢٧- **استقامت** (ع):- [قام=ويهڻ]ڪنهن ارادي تي مضبوط ويهڻ يعني مضبوطي.

٢٨- **استقبال** (ع):- [قبل=ويجهو ٿيڻ] ڪنهن کي وٺي

حد، انتها، انت، شمار] جنهن جو شمار يا ڳاڻاٽو نہ هجي، يعني تمام گهڻا، بي شمار.

٤١- **اگوندرو** (هہ):- [آ=نہ+گوندر=ڏک، غم] ڏک جهڙو نہ هجي، ڳڻتيءَ کان خالي يعني جهجهو، تمام گهڻو.

٤٢- **آگبوٽ** (هہ+ انگ) :- [آگ (هہ)=باهہ+بوٽ (انگ Boat=ٻيڙي] باهہ تي هلندڙ ٻيڙي، پاڻيءَ تي هلندڙ ننڍو جهاز.

٤٣- **اڳڪٿي** (س) :- [اڳ=اڳي، اڳ ۾ + ڪٿ=ماپ، رٿ، تجويز] اڳ ۾ رٿ ڪرڻ، اڳ ۾ سوچڻ، اڳواٽ سوچي ٻڌائڻ يعني ايندڙ وقت ۾ ٿيندڙ واردات يا واقعي جو اڳ ۾ ئي اطلاع ڏيڻ.

٤٤- **الائوهار** (ع+س):- [الا(ع)=الله+ئو(س)=تنهنجو+آهار (س)=آڌار، آسرو] الله سائين! تنهنجو آسرو يعني شروعات.

٤٥- **الله تعاليٰ** (ع):- [الله=خدا جو ذاتي اسم يا نالو+تعاليٰ =بلند، برتر] سڀ شئي کان پاڪ، سڀني صفتن جو مالڪ ۽ برتر ذات يعني پروردگار.

٤٦- **ام الخير** (ع):- [اُم=ماءُ، والده+ال=جي+خير=ڀلائي، چڱائي] ڀلائيءَ يا چڱائيءَ جي ماءُ. حضرت غوث اعظم دستگير بادشاهہ پيران پير سيد عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جن جي والده سڳوريءَ جو لقب، چاڪاڻ تہ هوءَ هڪ نيڪ ۽ خوش اخلاق عورت هئي.

٤٧- **ام الڪتاب** (ع):- [اُم=ماءُ+ال = جي + ڪتاب = مسلمانن جو پاڪ ۽ آسماني ڪتاب فرقان، قرآن مجيد] مسلمانن جي پاڪ ڪتاب جي ماءُ يعني قرآن مجيد جي ابتدائي سورہ، سورہ فاتح (سورہ الحمدلله).

٤٨- **آمدرفت** (ف :- [آمد- مصدر آمدن=اچڻ + وَ=۽ + رفت- مصدر رفتن=وڃڻ] اچڻ ۽ وڃڻ يعني اچ وڃ.

٤٩- **آمدني** (ف):- [آمد- مصدر آمدن = اچڻ] ڪنهن شئي

٦٢- **اهل‌دل** (ع+ف):- [اهل(ع)=صاحب، مالڪ+دل(ف) =من، قلب، هنياءُ] هنياءَ يا دل جو مالڪ يعني نيڪ، بزرگ، عارف بالله، وليّ، عالي همت.

٦٣- **اهل نظر** (ع):-[اهل=صاحب، مالڪ+نظر=ڏسڻ،غور ۽ فڪر ڪرڻ] ڏسڻ وارو، غور ۽ فڪر ڪرڻ وارو يعني الله جو پيارو، ولي، ڪرامت جو صاحب.

٦٤- **ايامڪاري** (ع+ف):- [يوم (ع)=ڏينهن، زمانو، جمع ايام+ ڪار (ف)=ڪم، ڌنڌو، هنر، موجودگي] ڪم وارا ڏينهن، موجودگيءَ وارو زمانو.

٦٥- **ايرينگ** (انگ) :- [ايئر-Ear=ڪن+ رنگ - Ring= چلو] ڪن جو چلو، ڪن ۾ پائڻ جو زيور يعني جهمڪيون، وغيره.

٦٦- **ايمانداري** (ع+ف) :-[ايمان (ع)=يقين + دار - مصدر داشتن=رکڻ] يقين ڪيل يعني سچائي.

٦٧- **باد صبا** (ف+ع):- [باد (ف)=واءُ، هوا+صبا (ع)=صبح] صبح جي هوا يعني صبح جي لڳندڙ ٿڌي هير، جا دل کي وڻندڙ هوندي آهي.

٦٨- **بارگاهہ** (ف):- [بار=شان شوڪت، مرتبو+ گاهہ= جاءِ، هنڌ] شان شوڪت واري جاءِ، مرتبي وارو هنڌ يعني بادشاهي محلات، ديوانخانو، دربار.

٦٩- **بارگير** (ف):- [بار=وزن+گير- مصدر گرفتن = وٺڻ، پڪڙڻ، کڻڻ] بار يا وزن کڻندڙ جانور يعني اٺ، گهوڙو، گڏهہ، وغيره.

٧٠- **باطل بازي** (ع+ف):- [باطل (ع)=ڪوڙ، ٺڳي+ بازي (ف- مصدر باختن= کيڏڻ، راند ڪرڻ] ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ سان کيڏڻ يعني ڪوڙو يا نقلي کيل.

٧١- **بالا دست** (ف):- [بالا= مٿانهون + دست=هٿ] مٿانهون

هٿ، مٿان حڪم هلائيندڙ يعني آفيسر، حاڪم، حڪمران.

٧٢- **بالله** (ع):- [ب=سان+الله=خدا تعاليٰ] خدا تعاليٰ سان يعني الله جو قسم.

٧٣- **باليقين** (ع):- [ب=سان+يقين=ڀروسو، خاطري، پڪ] ڀروسي يا خاطريءَ سان، پڪيءَ طرح.

٧٤- **بانيڪار** (ع+ف):- [باني (ع)=بنياد وجهندڙ+ڪار (ف)=ڪم] ڪم جو بنياد وجهندڙ يعني اڳواڻ.

٧٥:- **بت پرست** (ف) :- [ ُبت= جسم ، بدن ، هٿ جي ٺهيل مورت+ پرست- مصدر پرستيدن=پوڄڻ]هٿ جي ٺهيل جسم يا مورت کي پوڄيندڙ يعني مشرڪ، ڪافر.

٧٦- **بت شڪن** (ف):- [بت= جسم، بدن + شڪن - مصدر شڪستن=ڀڃڻ] هٿرادو ٺهيل بت يا جسم کي ڀڃندڙ يعني بهادر، دلير؛ افغان قوم جي مشهور بادشاهه محمود غزنويءَ جو لقب.

٧٧- **بجا آوري** (ف):-[بجا=درست،ٺيڪ، پورو+آور- مصدر آوردن=آڻڻ] پوريءَ طرح آندل يعني پورائو، تڪميل،تعميل.

٧٨- **بختاور** (ف):- [بخت= نصيب، ڀاڳ+ آور- مصدر آوردن = آڻڻ] نصيب يا ڀاڳ آڻيندڙ يعني ڀاڳ وارو، نصيب وارو، خوش نصيب.

٧٩- **بخت ياوري** (ف) :- [بخت = نصيب، ڀاڳ+ياور- مصدر آوردن= آڻڻ، اچڻ] ڀاڳ يا نصيب جو اچڻ يعني سٺو ڀاڳ- ٽيڻ.

٨٠- **بد حواس:-** (ف+ع):-[بد(ف)=خراب،بڇڙو،برو + حواس (ع) = عقل، سمجهه، هوش] خراب سمجهه رکندڙ، يعني بيهوش، پريشان، حيران.

٨١- **بد خواهه:-** (ف):- [بد=خراب،بڇڙو، ُبرو+ خواهه-

مصدر خواستن=گهرڻ] بچڙائي گهرندڙ يعني بچڙو.

٨٢- **بد ظن:-** (ف+ع):- [بد (ف)=خراب،بچڙو، برو+ظن (ع)=شڪ، گمان، وهم، خيال] خراب يا بچڙو خيال رکندڙ يعني شڪي حالت ۾.

٨٣- **بد ڪلامي** (ف+ع):- [بد (ف)=خراب،بچڙو، برو + ڪلم=ڳالهائڻ] خراب ڳالهائڻ يعني بچڙو گفتگو ڪرڻ.

٨٤- **بد معاش** (ف+ع) :- [بد (ف) = خراب، بچڙي ، بري+معاش (ع)=زندگي گذارڻ جو ذريعو] خراب زندگي گذارڻ وارو يعني شرير، لچو.

٨٥- **بديع الجمال** (ع):- [بدع=ناهڻ، بديع = ناهيندڙ + ال=جو + جمال=حسن، سونهن،] حسن جو ناهيندڙ يعني موجد، الله تعاليٰ.

٨٦- **برآمد** (ف):- [بر=ٻاهر+ آمد - مصدر آمدن=اچڻ ، آئڻ] ملڪ کان شيون ٻاهر آئڻ يعني مال جي روانگي.

٨٧- **برجستو** (ف):- [بر=سينو، آغوش، ڀاڪر+ جست مصدر جستن=ڪڏڻ، راند ڪرڻ] سيني يا ڀاڪر ۾ ڪڏنـدڙ يعني چست، مضبوط، بهادر، پهلوان.

٧٨- **بردبار** (ف):- [برد - مصدر بردن= نيڻ، کڻي وڃڻ+ بار=وزن] وزن کڻي ويندڙ يعني بـرداشت ڪندڙ، صبر وارو تحمل وارو، ڳورو ڳوڙهو.

٨٩- **برطرف** :-(ف + ع :- [بر (ف)=تي، مٿي،ٻاهر+طرف (ع) = ڪنارو) ڪناري تـي، ڪناري کان ٻـاهر يعني خارج ڪيل، نڪتل .

٩٠- **برعڪس** (ف + ع):- [بر (ف)= تي، مٿي + عڪس(ع) = پاڇو، پرتوو] پاڇي تي يعني اُلٽو.

٩١- **برگزيده** (ف):- (برگزيد - مصدر برگزيدن = قبول

ڪرڻ، پسند ڪرڻ، چونڊڻ) چونڊيل يا پسند ڪيل شخص يعني سٺو ۽ نيڪ انسان.

۹۲- **بزدل** (ف):- [بز=ٻڪري+دل=هنياءُ) ٻڪريءَ جهڙي دل رکندڙ يعني ڏڄڻو.

۹۳- **بستان** (ف):-[بو= سرهاڻ، خوشبوء+ستان— آستان= جاء، هنڌ] خوشبوء واري جاء، سرهاڻ جو هنڌ، گلن جي جاء يعني باغ، چمن.

۹۴- **بغداد** (ف):- [باغِ دادـ باغ = ميويدار وڻــن جي جاء + داد = عدل، انصاف] انصاف جو باغ. عراق ملڪ ۾ هڪ شهرجونالو،جتي دستگير بادشاهہ پير جو روضو مبارڪآهي. هن باغ ۾ نوشيروان بادشاه، هفتي ۾ هڪ دفعو اچي مظلومن جي داد رسي ڪندو هو، جنهن ڪري مٿس ”باغِ داد“ نالو پيو. پوء هلاڪو تاتاري جيئن تہ هن هنڌ قتل عام ڪرايو هو، تنهن ڪري ماڻهن جي زبان مان ان وقت بغداد (يعني ظلم) جو آواز پئي نڪتو؛ جنهن ڪان پوء انهيءَ نالي پٺيان شهر پڌجي ويو.

۹۵- **بغل گير** (ف):- [بغل = ڪلهي جو هيٺيون حصو، ڪڇ+گير- مصدر گرفتن = وٺڻ] ڪڇ ۾ وٺڻ، ڀاڪر ۾ اچڻ يعني ڀاڪر پائڻ.

۹۶- **بقادار** (ع+ف) :- [بقا (ع)= هميش جي زندگي+دار - مصدر داشتن رکڻ] هميشهہ جي زندگي رکندڙ، هميشهہ قائم رهندڙ يعني خدا تعاليٰ.

۹۷- **بلاشڪ** (ع):- [ب = سان + لا = نہ+شڪ= گمان، شبهو] ڪنهن شڪ يا گمان کان سواء يعني خاطريءَ سان، بيشڪ، ٻڪ سان، يقيني طور.

۹۸- **بلوچستان** (ف):- [بلوچ= هڪ قوم جو نالو+ستان-

جو+خلا=خالي جڳهہ] خالي ڪرڻ جي جاء يعني ضرورت وارو هنڌ، ڪاڪوس.

١٠٨- **بيت‌الله** (ع):- [بيت=گهر، جاء+الله=پاڪ هستي، ڌڻي‌تعاليٰ] ڌڻي‌تعاليٰ جو گهر، يعني ڪعبت‌الله.

١٠٩- **بيت‌المال** (ع):-[بيت=گهر، جاء، هنڌ+ال=جو، جي+مال=ڌن دولت، ملڪيت] ملڪيت جي گڏ ڪرڻ جي جاء يعني شاهي خزانو، سرڪاري خزانو، بئنڪ

١١٠- **بيت‌المقدس** (ع):-[بيت=گهر، جاء+مقدس=پاڪ] پاڪ جاء، مسلمانن جو پهريون قبلو.

١١١- **بيپرواهہ** (ف):- [بي=بغير، کان سواء +پرواهہ=پؤ، ڊپ، خوف، غرض] ڊپ يا خوف‌کان سواء يعني لاغرض.

١١٢- **بي پناهہ** (ف):- [بي=بغير، کان سواء، پناهہ=امن، اجهو] امن يا اجهي کان سواء يعني قبضي کان ٻاهر، تمام گهڻو.

١١٣- **بيحساب** (ف+ع):- [بي (ف)=بغير، کان سواء+حساب (ع)=ڳڻپ يا شمار ڪرڻ جو علم] ڳڻپ يا شمار کان سواء، ڳڻپ کان ٻاهر يعني بي انتها، تمام گهڻو.

١١٤- **بيداد** (ف):- [بي=بغير، کان سواء+داد=انصاف] انصاف کان سواء يعني ظلم.

١١٥- **بيدل** (ف):- [بي=کان سواء+دل=هنياءُ] جنهن کي هنياءُ نہ هجي يعني بزدل، نااميد، ديوانو.

١١٦- **بيسود** (ف):- [بي=بغير، کان سواء+ سود=فائدو، نفعو] فائدي يا نفعي کان سواء يعني اجايو، بيڪار.

١١٧- **بيشمار** (ف):- [بي = بغير، سواء + شمار = تعداد، ڳڻپ] ڳڻپ کان سواء يعني گهڻي انداز پر، تمام گهڻو.

١١٨- **بيقرار** (ف+ع):- [بي (ف)=بغير، سواء + قرار (ع)=

سڪون، آرام] آرار يا سڪون کان سواءِ يعني ماندو، بيچين

١١٩- **بيڪار** (ف):- [بي=بغير، سواءِ+ڪار=ڪم] ڪم کان سواءِ يعني واندو.

١٢٠- **بيگاهه** (ف):- [بي=بغير، سواءِ+گاهه=وقت) وقت کان سواءِ، بغير وقت جي يعني اويرو، تمام دير سان.

١٢١- **بيماري** (ف):- [بيم=خوف، ڊپ+آور- مصدر آوردن = آڻڻ] خوف يا ڊپ آڻيندڙ يعني مرض.

١٢٢- **بيمثال** (ف):- [بي=بغير، سواءِ+مثال=موافقت، نمونو] موافقت کان سواءِ، جنهن جهڙو ڪو نمونوئي نه هجي يعني بينظير، خوبصورت.

١٢٣- **بينظير** (ف+ع):- [بي (ف)=بغير، سواءِ+نظير(ع) = نمونو، وانگر، مثل، مثال] مثال کان سواءِ، جنهن جهڙو ڪوبہ نہ هجي يعني لاثاني.

١٢٤- **بين الاقوامي** (ع):- [بين=وچ ۾+ال=جي+قوم - جمع اقوام=مختلف قومون] مختلف قومن سان واسطو رکندڙ ماڻهن جو گروهه، مختلف قومن جي وچ ۾.

١٢٥- **بيوس** (ف+س):- [بي (ف)=بغير، سواءِ+وس (س) =اختيار، مرضي) اختياريا مرضيءَ کان سواءِ يعني مجبور، لاچار.

١٢٦- **بيوهه** (ف+س):-[بي (ف)=بغير، سواءِ+واهه(س) =رستو، چارو، سهارو] سهاري کان سواءِ يعني آها عورت جنهن جو مڙس مري ويل هجي يعني رن زال.

١٢٧ **پاجهارو** (س) :- [پاجه=ڪهل ، رحم ، قياس + وارو] ڪهل يا رحم وارو، مهربان يعني خدا تعاليٰ.

١٢٨- **پولهاڙي** (هه):- [بول=چوٽي، سخن، ڪلام+هاري= واري] سخن ڪلام واري، ڳالهائيندڙ، ناز نخرو ڪندڙ يعني گهڻگهري يا چلولي عورت. ڪوٽڙي جي ڀرسان هڪ ريلوي اسٽيشن جونالو.

١٤٠- **ترقي پذير** (ف):-[ترقي= اضافو، واڌ،فائدو+ پذير- مصدر پذيرفتن= مڃڻ، قبول ڪرڻ] اضافو يا واڌ قبول ڪندڙ يعني وڌندڙ، ترقي ڪندڙ.

١٤١- **ترقي يافته** (ف):- [ترقي=اضافو، واڌ، فائدو+يافت مصدر يافتن=لهڻ] فائدو لهندڙ، يعني ترقيءَ تي پهتل، ترقي ڪيل.

١٤٢- **تسبيح** (ع):- [سبح=پاڪائي بيان ڪرڻ] الله جل جلاله جي پاڪائيءَ جو بيان.

١٤٣- **تعليم** (ع):- [عِلم =ڄاڻ رکڻ، علم پرائڻ، سکڻ] علم جي ڄاڻ.

١٤٤- **تعمير** (ع) :- [عمر=جوڙڻ، ناهڻ، اَڏڻ ڪنهن عمارت يا جڳهه جي جوڙ يا اڏاوت.

١٤٥- **تفصيل** (ع):- [فصل=بيان ڪرڻ، ذڪر ڪرڻ] بيان ڪيل، ذڪر ڪيل، کولي سمجهايل.

١٤٦- **تڪميل** (ع):-[ڪمل=پورائو ڪرڻ] پورت، ڪمل

١٤٧- **تماشبين** (ع+ف):- [تماشا (ع)= کيل، بازي+ بين(ف)—مصدر ديدن=ڏسڻ] کيل ڏسندڙ، رونشي ڪوڏيو.

١٤٨- **تن آرامي** (ف):- [تن=بدن، جسم+آرام— مصدر آرميدن=آرام ڪرڻ، فرحت وٺڻ يعني آسائش.

١٤٩- **تنخواه** (ف):- [تن=بدن، جسم + خواه -- مصدر خواستن=گهرڻ] جسم ڪم آڻڻ لاءِ اجورو گهرڻ يعني پگهار.

١٥٠- **تندرستي** (ف):- [تن=بدن، جسم+ درست=ٺيڪ، برابر] جسم ٺيڪ هجڻ، صحت برقرار هئڻ، يعني جان جي چڱيلائي.

١٥١- **تنگدستي** (ف):-[تنگ=سوڙهو+دست=هٿ] هٿ جي سوڙهائي يعني سڃائي، غريبي، مسڪيني.

١٥٢- **تهدل** (ف):- [تهه=ترو، هيٺانهين+دل=هنياءَ] هنياءَ جي هيٺاهينءَ سان، دل جي گهرائيءَ مان يعني سچي دل سان،

بيحد، گهٽو.

١٥٣- **تيراندازي** (ف):- [تِيرُ=هڪ ڊگهي ڪاٺي جنهن تي لوهه جي نوڪ لڳل هوندي آهي ۽ ڪمان ۾ وجهي اُڇلائبي آهي+انداز- مصدر انداختن=اُڇلڻ، ڦٽي ڪرڻ] تِير اُڇلڻ، تير هڻڻ.

١٥٤- **تيمارداري** (ف):- [تيمار=پرگهور، مدد، خيال، غور، همدردي، خدمت+دار- مصدر داشتن=رکڻ، ڪرڻ] خدمت ڪرڻ، مريض جي ٽهل ٽڪور ڪرڻ يعني خدمت چاڪري ڪرڻ.

١٥٥- **ٿرپارڪر** (س):- [ٿر=واريءَ واسو پٽ، ريگستان + پار=طرف، پاسو، ڪنارو+ڪاري=سمنڊ] واريءَ جي پٽ مان نڪري ۽ سمنڊ پار ڪري ٻئي طرف وڃڻ. سنڌ ۾ هڪ پرڳڻي جو نالو جو هينئر سنڌ جو هڪ ضلع آهي.

١٥٦- **ٽيڪنالاجي** (انگ):- [ٽيڪنڪ- Technic=هنر، ڪاريگري+لاجڪ- Logic=سبب اسباب جو علم] هنر ۽ ڪاريگريءَ کي سبب اسباب جي علم ذريعي پيش ڪرڻ، هنري علم.

١٥٧- **پابند** (ف):- [پا=پير+بند مصدر بستن=ٻڌڻ] پير ٻڌل، قابو، ضابطي هيٺ، قبضي ۾ يعني قيدي، گرفتار، مضبوط، قائم.

١٥٨- **پاتال** (ف+هه):- [پا (ف)=پير، بنياد، هيٺيون حصو+ تال (هه)=چشمو، حوض] چشمي يا حوض جو هيٺيون حصو يعني تَرو.

١٥٩- **پاٺشالا** (هه):- [پاٺ=سبق، درس+شالا=جاءِ، هنڌ] سبق وٺڻ جي جاءِ، درس ڏيڻ جو هنڌ يعني هندو قوم جي ٻارن لاءِ سڪول يا تعليمي ادارو.

١٦٠- **پاسپورٽ** (انگ):-[پاس- Pass=اجازت نامو، سند + پورٽ- Port=بندر، ڦاٽڪ] ڦاٽڪ يا بندر جي لنگهڻ جي سند يعني راهداري.

١٦١- **پاڪباز**(ف):- [پاڪ=صاف+باز- مصدر باختن=کيڏڻ] صفائي ۽ پاڪائيءَ سان کيڏندڙ يعني صاف دل، نيڪ، سچو.

١٦٢- **پاڪستان** (ف):- [پاڪ=صاف+ستان - آستان=رهڻ جو هنڌ] پاڪ ۽ صاف ماڻهن جي رهڻ جو هنڌ يعني مسلمانن جي هڪ ملڪ جو نالو، جنهن ۾ اسين رهون ٿا.

١٦٣- **پاڻياري** (س):- [پاڻ=پاڻي+ياري=واري] پاڻيءَ واري يعني پاڻي ڀريندڙ عورت.

١٦٤- **پائدار** (ف):- [پا=پير، بنياد، جڙ + دار - مصدر داشتن=رکڻ] پير تي رکيل، بنياد تي بيٺل يعني مضبوط.

١٦٥- **پرآب** (ف):- [پر=ڀريل، تمتار+آب=پاڻي، رونق] پاڻيءَ سان تمتار] رونق وارو، عزت ڀريو، عزت وارو.

١٦٦- **پرده پوش** (ف):- [پرده=پڙدو، ڍڪ + پوش- مصدر پوشيدن=ڍڪڻ، پائڻ] پردو ڍڪيندڙ، پردو ڪندڙ.

١٦٧- **پردهنشين** (ف):- [پرده=پڙدو، ڍڪ+نشين- مصدر نشستن=ويهڻ] ڍڪ ۾ ويهندڙ، پڙدو ڍڪيندڙ يعني معتبر، باعزت، پاڪدامن.

١٦٨- **پرڏيهه** (س):- [پر=پرائو، ڌاريو+ڏيهه=ديس، ملڪ] پرائو ديس؛ ڌاريو ملڪ.

١٦٩- **پرستار** (ف):- [پرستن=پوڄڻ، پوڄا ڪرڻ، عبادت ڪرڻ] پوڄا ڪندڙ،عبادت ڪندڙ يعني خدمتگار، غلام، نوڪر.

١٧٠- **پرستان** (ف):-[پري=پرن واري حسين (عورت)، جن قوم جي عورت - مصدر پريدن=اڏامڻ+ستان-آستان=جاء، رهڻ جو هنڌ] پرن سان حسين ۽ خوبصورت عورتن جي رهڻ جو هنڌ يعني پرين جو ملڪ.

١٧١- **پروردگار** (ف):- [پرورد - مصدر پروردن=پالڻ، تاتڻ، نپائڻ+گار=وارو] پالڻ وارو يعني الله تعاليٰ.

نيڻ، ڪٺي وڃڻ] الله جل جلاله جـــو نياپو ڪٺي ويندڙ يعني خداتعاليٰ جو رسول، نبي.

١٨٣- **پيلبان** (ف):- [پيل ـــ فيل = هاٿي+بان ـــ مالڪ، نگهبان) هاٿيءَ جو نگهبان يا مالڪ، هاٿيءَ کي هلائيندڙ.

٨٤ - **جاگير** (ف):- [جاء = جڳهه، هنڌ+گير- مصدر گرفتن = وٺڻ] جاء يا جڳهه ورتل، اُها جڳهه يا زمين جا بادشاه، يا حڪمران طرفان انعام ۾ ڏنل هجي يعني ملڪيت.

١٨٥- **جانباز** (ف):- [جان=روح، زندگي، حياتي، جسم+باز - مصدر باختن = ڪيڏڻ] زندگي يا جسم سان ڪيڏڙ يعني دلير، بهادر.

١٨٦- **جانشين** (ف):- [جاء=جڳهه، هنڌ + نشين - مصدر نشستن=ويهڻ] جڳهه تي ويهندڙ يعني وارث.

١٨٧- **جان نثار** (ف+ع):- [جان (ف)=روح، زندگي، حياتي، جسم + نثار (ع)=قربان ٿيندڙ،گهوريندڙ ] پهنجي جان گهوريندڙ يعني وفادار، جانباز.

١٨٨- **جاندار** (ف):- [جان=روح، ساهه، جسم، بدن + دار - مصدر داشتن=رکڻ] ساهه ۽ جسم رکندڙ يعني ساهه وارو.

١٨٩- **جانور** (ف):- [جان=روح، ساهه، جسم، بدن + آور - مصدر آوردن=آڻڻ] ساهه ۽ بدن آڻيندڙ يعني ساهوارو، حيوان.

٩٠ - **جائداد** (ف):- [جاء=جڳهه + داد ـــ مصدر دادن= ڏيڻ] ڏنل جاء، بخشش ٿيل زمين يا جڳهه يعني ملڪيت.

١٩١- **جد و جهد**(ف):- [جدّ=ڪوشش، سعيو + وَ=۽ + جَهد=ڪوشش، محنت] ڪوشش ۽ ڪوشش، ڪوشش مٿان ڪوشش يعني تمام گهڻي ڪوشش، سخت محنت.

١٩٢- **جستجو** (ف):- [جُست - مصدر جُستن=تلاش ڪرڻ، ڳولا ڪرڻ] ڳولا، تلاش، ڦولها، جاچ.

١٩٣- **جلوه گاهه** (ع+ف):- [جلوه (ع)=ديدار، تجلي، نُور

+گاهہ (ف)=وقت، جڳهہ، هنڌ] اُها جڳهہ يـا هنڌ جتي ديدار ڪرايو وڃي، تجلي ڏيکارڻ واري جاهہ.

۱۹۴- **جلوه نما** (ع+ف):- [جلوه (ع)=ديدار، تجلي، نُور + نُما (ف) - مصدر نمودن=ڏيکارڻ] تجلي ڏيکارڻ جهڙو، نُور جهڙو چمڪندڙ، روشن.

۱۹۵- **جمعة الوداع** (ع):- [جمعة=مسلمانن جـو ستون ڏينهن + ال=جو + وداع = رخصت] موڪلائيءَ وارو جمع يعني رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي آخري حج وارو ڏينهن، جو رمضان جي مبارڪ مهيني ۾ آخري جمع آهي.

۱۹۶- **جوڌ پور** (هہ + ف):- [جوڌو (هہ)=بهادر سپاهي + پـور (ف)=پريل، بستي، آبادي] بهادر سپاهين جي بستي؛ هندوستان ۾ هڪ شهر جو نالو.

۱۹۷- **جهان آرا** (ف):- [جهان=دنيا، سنسار، عالم + آرا - مصدر آراستن=سينگارڻ ساري جهان کي سينگاريندڙ يعني تمام سهڻي عورت؛ عورت جو نالو.

۱۹۸- **جهانديده** (ف):- [جهان=دنيا، سنسار + ديد - مصدر ديدن=ڏسڻ] دنيا يا سنسار کي ڏسندڙ يعني تجربيڪار ماڻهو، آزمودگار.

۱۹۹- **جهانگير** (ف):- [جهان=دنيا، سنسار + گير - مصدر گرفتن=وٺڻ، قابو ڪرڻ] دنيا کي وٺندڙ، جهان کي قابو ڪندڙ يعني سڄي ملڪ تي قبضو ڪندڙ؛ مغل گهراڻي ۾ اڪبر بادشاهہ جي پٽ شهنشاهہ نورالدين جو لقب، ماڻهوءَ جو نالو.

۲۰۰- **جيڪب آباد** (انگـ+ف):- [جيڪب (انگـ) — Jecob = هڪ انگريز جو نالو، جو سنڌ ۾ انگريزن طرفان فوج جو ڪمانڊر هو+آباد (ف) = وسيل، آباد ٿيل] جان جيڪب جو آباد ڪيل يا وسايل شهر، جتي فوج کي رهايو ويـو هو؛ سنڌ

۲۱۰- **حاليائي** (ع+ھ):- [حال (ع)=حالت، ڪيفيت+ پائي (ھ دوست، ساٿي) ڪيفيت جو ساٿي، ڏک سک ۾ شريڪ ٿيندڙ يعني همدرد.

۲۱۱- **حُباب** (ع+ف):- [حُب(ع)=محبت، سِڪ، اُنس، پيار+آب (ف)=پاڻي) محبت ۽ پيار وارو پاڻي، پاڻيءَ جي مٿان نهندڙ بڙبڙو يا ڦوٽو، جنهن کي ڏسي دل کي فرحت ايندي آهي.

۲۱۲- **حج اڪبر** (ع):- [حج=ارادو ڪرڻ، بيت الله جي زيارت ڪرڻ ۽ ٻيا عبادت جا فرض پورا ڪرڻ+اڪبر=وڏو) وڏو حج، جو جمع جي ڏينهن تي ٿئي. هن حج جو وڏو ثواب ملي ٿو، اڪبري حج.

۲۱۳- **حرامخوري** (ع+ف):- [حرام (ع)=نا جائز يا منع ٿيل شئي+خور (ف) — مصدر خوردن=کائڻ) ناجائز يا منع ٿيل شئي کائڻ.

۲۱۴- **حرم خانو** (ع+ف):- [حرم (ع)=نڪاح ۾ ٻڌل عورت+خانہ (ف)=گهر، جاء، مڪان) نڪاح ٻڌل عورتن جي جي جاء، پاڪدامن عورتن جو گهر، نبي ڪريم صلعم جن جي گهر جي جاء ڏانهن منسوب ٿيل.

۲۱۵- **حرم سراء** (ع+ف):- [حرم (ع)=نڪاح ۾ ٻڌل عورت، زال+سراء (ف)=جاء، گهر، مڪان) نڪاح ٻڌل عورت جي رهڻ جي جاء، يعني رهائش گاه.

۲۱۶- **حزب الله** (ع):- [حزب=گروه، ٽولو، جٿو، هٿيار+ الله) الله جل جلاله جو لشڪر يعني ملائڪ. ماڻهوءَ جو نالو.

۲۱۷- **حسام الدين** (ع):- [حسام=تکي ترار+ال=جي+ دين=مذهب) مذهب جي تکي ترار، ماڻهوءَ جو نالو.

۲۱۸- **حفاظت** (ع):- [حِفظ=سنڀالڻ، قابو ڪرڻ] قابو، سنڀال.

٢١٩- **حقدار** (ع+ف):- [حق (ع)=سچ ، واسطو + دار - مصدر داشتن=رکڻ] سچ رکندڙ، واسطو رکندڙ.

٢٢٠- **حق‌اليقين** (ع):- [حق=سچ+ال=جي+يقين= خاطري،پڪ] سچ جي خاطري يعني پوري پڪ سان، اللہ‌تعاليٰ تي پورو ڀروسو ۽ يقين رکڻ.

٢٢١- **حيرت‌انگيز** (ع+ف):- [حيرت (ع)=عجب، حيراني+انگيز.مصدر انگيختن=کڙو کرڻ، آثارڻ] عجب کڙو کرڻ، حيراني آثارڻ يعني حيران کندڙ شئي يا ڳالھہ.

٢٢٢- **حيرتناڪ** (ع+ھ):- [حيرت (ع)=عجب، حيراني + ناڪ (ھ)=وارو] عجب وارو، حيراني ۾ وجھندڙ.

٢٢٣- **خاطرجمع** (ع):- [خاطر=دل جو خيال، پيار+جمع =گڏ ٿيل، گھٽو] دل جا گڏيل خيال يعني اطمينان، تسڪين، تسلي.

٢٢٤- **خاڪسار** (ف):- [خاڪ=مٽي+سار=مثل، وانگر] مٽيءَ وانگر يعني عاجزي کندڙ، انکساري کندڙ، نهٺائي کندڙ، عاجز.

٢٢٥- **خانہ‌بدوش** (ف):- [خانہ=جاء ، گھر+ بہ=ساڻ + دوش=ڪلهو] گھر ڪلهي ساڻ، جنهن جو گھر گھاٽ نہ هجي يعني لاڏائو.

٢٢٦- **خاندان** (ت+ف):- [خان (ت)=امير، سردار، وڏو+ دان (ف) - مصدر داشتن=ڄاڻڻ، سڃاڻڻ] جنهنجي امير يا سردار جي ڄاڻ، وڏي جي سڃاڻپ، شريف گھراڻي جو، اشراف ماڻهو.

٢٢٧- **خانسامان** (ت+ف):- [خان (ت)=امير، سردار، وڏو +سامان (ف)=ضروري شيون] ضروري يعني ڪاڏي جي شين جو امير يا سردار، صاحب لوڪن کي ڪاڏي ڪارائڻ وارو يعني بورچي، خدمتگار، بيرو.

٢٢٨- **خانگاهہ** (ت+ف):- [خان(ت)=امير،سردار،رئيس،

بزرگ + گاهہ (ف) = جاءِ، هنڌ] سردارن جي جاءِ، بزرگ هستين جي جاءِ، بزرگ جي قبر مٿان ٺاهيل مزار يا مقبرو يعني روضو.

٢٢٩- **خانگڙهہ** (ت+هہ):- [خان (ت) = امير، سردار، رئيس، ترڪستان جي بادشاهن جو لقب +گڙهہ(هہ)=ڪوٽ،قلعو] اميرن ۽ سردارن جو ڪوٽ يا قلعو. جيڪب آباد شهر کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي ٺهيل هڪ شهر جو نالو.

٢٣٠- **خداترس** (ف):- [خـدا=ساري جهان جو مالڪ+ ترس ـــ مصدر ترسيدن=ڊڄڻ] خدا تعاليٰ کان ڊڄندڙ، خدا تعاليٰ جو خوف دل ۾ رکندڙ يعني رحمدل، پرهيزگار، متقي.

٢٣١- **خدا پرست** (ف):- [خدا=ساري جهان جو مالڪ+ پرست - مصدر پرستيدن=پوڄڻ] خداتعاليٰ کي پوڄيندڙ،خداتعاليٰ جي بندگي ڪندڙ يعني مؤمن، متقي، پرهيزگار.

٢٣٢- **خداداد** (ف):- [خدا=ساري جهان جو مالڪ+ داد=مصدر دادن=ڏيڻ عطا ڪرڻ] خدا تعاليٰ جـــي طرفان ڏنل، عطا ٿيل، خدا تعاليٰ جـــي بخشش يعني قدرتي شئي، فطرتي شئي.

٢٣٣- **خداشناس** (ف):- [خدا=ساري جهان جو مالڪ+ شناس ـــ مصدر شناختن=سڃاڻڻ] خدا تعاليٰ کي سڃاڻندڙ يعني ايمان وارو، سچو مسلمان.

٢٣٤- **خدانخواسته** (ف):- [خدا=ساري جهان جو مالڪ+ نــہ+خواست ـــ مصدر خواستن=گهرڻ] خدا نہ گهري يا خدا تعاليٰ کي منظور نہ هجي يعني خدا نہ ڪري.

٢٣٥- **خرد بيني** (ف):- [خرد=باريڪ، ذرو، ننڍڙي شئي +بين - مصدر ديدن=ڏسڻ] باريڪ يا ننڍڙي شئي جـي ڏسڻ جو اوزار.

٢٣٦- **خـــردجال** (ف+ع):- [خر (ف)=گڏهہ، بيوقوف

ماڻهو+دجل (ع)=سچائي ۽ حق کي لڪائڻ؛ دجال=حق کي لڪائيندڙ] ٺوڪو ڏيندڙ، ٺڳيندڙ، دغاباز ماڻهو، هڪ اک وارو ۽ ڪاڻو شخص جو گڏهه تي چڙهيل هوندو ۽ ماڻهن جي عقيدي ڦيرائڻ لاءِ پاڻ کي (نعوذباالله منها) خدا سڏائڻ جي دعويٰ ڪندو.

٢٣٧- **خرگوش** (ف):- [خر=گڏهه+گوش=ڪن] گڏهه جهڙا ڪن؛ اهو ننڍڙو جانور جنهن کي گڏهه جهڙا ڊگها ڪن هوندا آهن يعني سهڙ.

٢٣٨- **خواب گاه** (ف):- [خواب — مصدر خوابيدن=ننڊ ڪرڻ، سمهڻ+گاهه=جاءِ، هنڌ] ننڊ ڪرڻ جي جاءِ يعني سمهڻ وارو ڪمرو.

٢٣٩- **خوبصورت** (ف+ع):- [خوب (ف)=سٺو، سٺي+صورت(ع)=شڪل] سٺي شڪل وارو يعني سهڻو، وڻندڙ.

٢٤٠- **خود پرست** (ف):- [خود=پاڻ، پنهنجو+پرست- مصدر — پرستيدن=پوڄڻ] پنهنجو پاڻ کي پوڄيندڙ يعني بيپرواهه، خود غرض.

٢٤١- **خود داري** (ف):-[خود=پاڻ+دار- مصدر داشتن=رکڻ] پاڻ کي مٿانهون رکڻ، ڪنهن جي پرواهه نه ڪرڻ يعني بي‌پرواهه، خودغرض.

٢٤٢- **خود رو** (ف):- [خود=پاڻ+رو - مصدر رفتن=هلڻ] پنهنجو پاڻ هلندڙ، پاڻمرادو هلندڙ يعني بيپرواهه.

٢٤٣- **خود غرض** (ف+ع):- [خود (ف)=پاڻ +غرض=(ع) پرواهه، ڪاڻ، مطلب، ارادو، اونو] پنهنجي ڪاڻ ڪيندڙ، پنهنجو مطلب يا اونو رکندڙ يعني مطلبي، بيپرواهه.

٢٤٤- **خودڪشي** (ف):- [خود=پاڻ+ڪشي — مصدر ڪشتن=ڪهڻ] پاڻ کي ڪهڻ، پنهنجو پاڻ کي مارڻ يعني آپگهات.

٢٤٥- **خوشامد** (ف):- [خوش=ڀلي، جيءُ+آمد ـــ مصدر آمدن=اچڻ] ڀلي ڪري آيل، جيءُ جيءُ ڪري آيل، يعني مرحبا، آجيان آدرڀاءُ.

٢٤٦- **خوشبوء** (ف) :- [خوش=سٺي، چڱي + بُو=بانس، واس] سٺي بانس يا واس يعني سُرهاڻ.

٢٤٧- **خوشحالي** (ف+ع):- [خوش(ف)=سٺو،چڱو=حال (ع)=حالت، ڪيفيت] سٺي حالت، سٺي ڪيفيت يعني آسودگي، مالداري، بي فڪري.

٢٤٨- **خوشخبري** (ف+ع):- [خوش (ف)=سٺي، چڱي+ خبر (ع)=اطلاع، احوال] سٺو احـــوال، چڱـــي خبر يعني خوشيءَ جي ڳالهه.

٢٤٩- **خوش رو** (ف):- [خوش=سٺو، چڱو+ رُو=منهن] سٺي منهن وارو يعني خوشيءَ وارو، سرهو، مرڪندڙ.

٢٥٠- **خوش طبي** (ف+ع):- [خوش (ف)=سٺو، چڱو+ طبع (ع)=مزاج، طبيعت] سٺي مزاج وارو، سٺي طبيعت وارو يعني چرچائي، مذاقي.

٢٥١- **خوشگوار** (ف):- [خوش=سٺو، چڱو+گوار ـ مصدر گواريدن=پسند هئڻ] سٺي نموني پسند يعني دل کي فرحت ڏيندڙ، دل بهلائيندڙ.

٢٥٢- **خوشنما** (ف):- [خوش=سٺو،چڱو+نما ـ مصدر نمودن =ڏيکارڻ] سٺو ڏيکارجڻ، چڱي ڏک ڏيڻ، دل کـي فرحت ڏيڻ يعني وڻندڙ.

٢٥٣- **خوفزده** (ع+ف):- [خوف (ع)=ڊپ، ڀؤ، دهشت، هراس+زده (ف)- مصدر زدن=مارڻ، ڪاٽڻ] هراس يا دهشت جو ڪاٽل، خوف جو ماريل.

٢٥٤- **خيرالانام** (ع):- [خير=ڀلو، چڱو+آنام=پيدا ڪيل

شئي، مخلوق] سڀني شين کان سٺو، ساري مخلوق کان پلو؛ حضور صلي الله عليه وسلم جن لاءِ منسوب ٿيل الفاظ.

٢٥٥- **خير خواهي** (ع+ف):- [خير (ع)=ڀلائي، چڱائي، نيڪي+خواه (ف)=مصدر خواستن=گهرڻ] نيڪيءَ جي خواهش رکندڙ يعني پرچهلو، دوست.

٢٥٦- **خيرالبشر** (ع):- [خير=سٺو، ڀلو+بشر=انسان] سڀني ۾ سٺو انسان يعني حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي ذات بابرڪات.

٢٥٧- **خير عافيت** (ع):- [خير=ڀلائي، چڱائي، سٺائي+عافيت=صحت، تندرستي] صحت جي يعني چڱڀلائي.

٢٥٨- **دارالامان** (ع):- [دار=گهر+ال=جو+امان=پناهه، حفاظت] حفاظت جو گهر، امن جي جڳهه يعني مسجد، ڪعبت الله.

٢٥٩- **دارالبقا** (ع):- [دار=گهر، جاءِ+ال=جو+بقا=جٽادار، باقي رهندڙ، موجود] باقي رهندڙ گهر، جٽادار گهر، يعني آخرت.

٢٦٠- **دارالخلد** (ع):- [دار=گهر، جاءِ+ال=جو+خلد=هميشه رهندڙ جٽادار] هميشه رهڻ وارو گهر يا هنڌ يعني آخرت، بهشت.

٢٦١- **دارالدنيا** (ع):- [دار=گهر+ال=جو+دنيا=دولت، جائداد، ڪائنات، موجوده زندگي] جائداد جو گهر، موجوده زندگيءَ جو گهر يعني عالم، جهان.

٢٦٢- **دارالسلام** (ع):- [دار=گهر، جاءِ=ال=جو، جي سلام=سلامتي] سلامتيءَ جي جاءِ يعني بهشت.

٢٦٣- **دارالسلطنت** (ع):- [دار=گهر، جاءِ+ال=جو، جي+سلطنت=حڪومت] حڪومت جي جاءِ، گاديءَ جو هنڌ يعني تخت گاهه.

٢٦٤- **دارالشفا** (ع):- [دار=گهر+ال=جو+شفا=تندرستي، صحت] صحت يا تندرستي جو گهر يعني اسپتال.

٢٦٥- **دارالضرب** (ع):- [دار=گهر، جاءِ+ال=جو، جي +ضرب=سِڪو، مُهر] سڪي جو گهر يعني اها جاءِ جتي سِڪو ٺهندو هجي.

٢٦٦- **دارالعلوم** (ع):- [دار=گهر، جاءِ+ال=جو، جي +علم، جمع علوم=پڙهائي، سبق، واقفيت] پڙهائي يا سبق جو گهر يعني اسڪول.

٢٦٧- **دارالفنا** (ع):- [دار=گهر، جاءِ+ال جو، جي+ فنا=تباهي، بربادي] تباهيءَ جو گهر، فنا ٿيڻ جي جاءِ يعني دنيا.

٢٦٨- **دارالقضا** (ع):- [دار=گهر، جاءِ، مڪان+ال= جو، جي+قضا=فيصلو] فيصلي جي جاءِ يعني ڪورٽ، عدالت.

٢٦٩- **دامنگير** (ف):- [دامن=ڪپڙي جي ڪناري، وٽ+ گير — مصدر گرفتن=وٺڻ وچڙڻ+چنبڙڻ] ڪپڙي (چولي يا رئي) جي ڪناري يا وٽ کي چنبڙندڙ يعني مدد گهرندڙ.

٢٧٠- **دبستان** (ع+ف):-[آدب (ع)=چڱي هلت، عزت، عقل، علم+ستان - آستان (ف)=جاءِ، هنڌ] چڱي هلت هلت وارو هنڌ، عقل ۽ علم جي جاءِ يعني اسڪول، مڪتب.

٢٧١- **درآمد** (ف):- [در=اندر+آمد - مصدر آمدن=اچڻ، آئڻ] اندر اچڻ يعني ٻاهرين ملڪن جون شيون پنهنجي ملڪ اندر اچڻ.

٢٧٢- **درپيش** (ف):- [در=دروازو+پيش=اڳيان، سامهون] دروازي جي اڳيان يعني سامهون، روبرو.

٢٧٣- **درسگاهه** (ع+ف):- [درس (ع)=سبق+گاهه(ف)= جاءِ، هنڌ] سبق جي جاءِ يعني مدرسو، مڪتب، اسڪول.

٢٧٤- **درڪنار** (ع):- [درڪ=دوزخ جو هڪ طبق+نار=باهہ] دوزخ جي باهہ ۾ پوڻ يعني ڇيهي يا نقصان ۾ پوڻ، ڦتي ڪرڻ، اُجڙڻ.

٢٧٥- **دَرويش** (ف):- [دَر=دروازو+ويش - آويز - مصدر آويختن=لٽڪڻ، لٽڪائڻ] دروازي کي لٽڪندڙ يعني پينو فقير.

٢٧٦- **دُرويش**(ع+ف):- [دُرّه (ع) =موتي+ويش - آويز (ف) - مصدر آويختن=لٽڪڻ، لٽڪائڻ] موتيءَ کي لٽڪندڙ يعني الله لوڪ.

٢٧٧- **دستاربند** (ف):- [دستار= پڳ، پٽڪو، پڳڙي+بند - مصدر بستن=ٻَڌڻ] پڳ ٻَڌل يعني عالم سگهورو.

٢٧٨- **دستخط** (ف+ع):- [دست (ف)=هٿ+خط (ع) =تحرير،لکيت]هٿ جي لکيت،هٿ سان لکيل تحرير، صحيح.

٢٧٩- **دسترس** (ف):- [دست=هٿ+رس - مصدر رسيدن =پهچڻ] هٿ جي پهچ، رسائي، هلندي، پڄندي.

٢٨٠- **دستڪاري** (ف):- [دست=هٿ+ڪار=ڪم] هٿ جو ڪم يعني هنر، ڪاريگري.

٢٨١- **دستگير** (ف):- [دست=هٿ+گير- مصدر- گرفتن= وٺڻ] هٿ وٺندڙ يعني حامي، مددگار، رهبر.

٢٨٢- **دستياب** (ف):- [دست=هٿ+ياب - مصدر يافتن= لهڻ، ليڻ] هـــٿ لهڻ، هـــٿ ليڻ يعني هٿ لڳڻ، حاصل ٿيڻ، ملڻ.

٢٨٣- **دشمن** (ف):- [دُش ـــ دُشت=خراب، بڇڙو+من= دل، هنياءُ] دل جو بڇڙو يا خراب يعني ويري.

٢٨٤- **دغاباز** (ف):- [دغا=ٺوڳو، فريب، ٺڳي+باز-مصدر باختن=کيڏڻ] فريب يا ٺڳيءَ سان کيڏيندڙ، ٺڳي ڪندڙ يعني ٺڳ، مڪار، ٺوڳي باز.

ڇڪڻ] دل کي ڇڪيندڙ، دل کي ڪشش ڪندڙ يعني وڻندڙ، پيارو، سهڻو.

۲۹٦- دلگير (ف):- [دل=هنياءُ+گير- مصدر گرفتن=وٺڻ] جنهن جي دل ورتل هجي يا قابو هجي يعني مايوس، ڏکويل، غمگين.

۲۹۷- دلنواز(ف):-[دل=هنياءُ+نواز-مصدرنواختن=وڄائڻ، مراد تي پهچائڻ] دل کي مراد تي پهچائيندڙ يعني دل کي تسلي ڏيندڙ، يار، دوست.

۲۹۸- دنيادار (ع+ف):- [دنيا (ع)=مايا، دولت+دار (ف) مصدر داشتن=رکڻ، گڏ ڪرڻ] دولت رکندڙ، مايا گڏ ڪندڙ يعني شاهوڪار.

۲۹۹- دورانديشي(ف):-[دور=پري+انديش- مصدرانديشيدن =فڪر ڪرڻ، سوچڻ] پري جي سوچ رکڻ يعني ڊگهي نظر.

۳۰۰- دوربين (ف):- [دور=پري+بين- مصدر ديدن= ڏسڻ] پري ڏسڻ وارو اوزار يعني دوربيني.

۳۰۱- دولتمند (ع+ف):- [دولت (ع)=مايا، دنيا، زر+ مند=مالڪ، صاحب] مايا جو صاحب، زر جو مالڪ يعني شاهوڪار، مالدار.

۳۰۲- ديانتداري (ع+ف):- [ديانت (ع)=امانت+دار (ف)- مصدر داشتن=رکڻ] امانت رکڻ، يعني ايمانداري، سچائي.

۳۰۳- ديندار (ع+ف):- [دين (ع)=مذهب+دار (ف)- مصدر داشتن=رکڻ] مذهب رکندڙ شريعت جو پابند يعني پرهيزگار، متقي.

۳۰۴- ديوان (هه):- [ديو=ديوتا، بزرگ، مقدس+وان= وانگر، جهڙو] ديوتا وانگر، بزرگ جهڙو يعني اعليٰ شخصيت رکندڙ هندو قوم جو فرد.

۳۰۵- ڌرتتي (ھ):- [ڌر= ڌرتي، زمين+ تتل= گرم، ڪوسي] زمين جو گرم ٿيڻ يعني منجھند جي مهل، جنهن وقت زمين زور گرم ٿي ويندي آهي.

۳۰۶- ڏساسول (سن):-[ ڏس= طرف+ سول= بدسوڻ، خراب سوڻ] آهو طرف جنهن ڏانهن وڃڻ خراب يا بدسوڻ هجي.

۳۰۷- ڏندڪٿا (سن):- [دند= ڏند+ڪٿا= قصو، ڳالھ، چوٽي، ٻول، داستان] ڏندن مان نڪتل ٻول يا چوٽي يعني هترادو تهيل قصو، بي بنياد ڳالھ.

۳۰۸- ڏيساور (ھ):- [ديس= ملڪ، وطن+ آور- اپر= ٻيو] ٻيو ملڪ، جتان واپار سانگي مال خريد ڪري اچجي، پرڏيھ.

۳۰۹- ڍڪڻھار (س):- [ڍڪڻ= مٿان پڙدو رکڻ + هار= وارو] مٿان پڙدو رکڻ وارو، اوڻايون ۽ عيب ڍڪيندڙ يعني خدا تعاليٰ.

۳۱۰- ذميداري (ع+ف):- [ ذمہ (ع)= ضمانت+دار- مصدر داشتن= رکڻ] ڪنهن تي ضمانت جو بار رکڻ يعني جوابداري.

۳۱۱- ذوالجلال (ع):- [ذو= مالڪ، آقا، صاحب، وارو+ ال= جو+ جلال= بزرگي، عظمت، دٻدٻو، شان] بزرگيءَ جو صاحب، دٻدٻي وارو، عظمت جو مالڪ يعني خدا تعاليٰ؛ سندس هڪ نالو.

۳۱۲- ذوالجناح (ع):- [ذو= مالڪ، آقا، صاحب، وارو+ ال= جو+ جناح= کنڀ، پر] کنڀن جو مالڪ يعني پرن وارو گهوڙو، جنهن تي حضرت رسول ڪريم جن سوار ٿي معراج ماڻيو هو.

۳۱۳- ذوالحج (ع):- [ذو= مالڪ، آقا، صاحب، وارو+ ال= جو+ حج= ارادو ڪرڻ، طواف ڪرڻ] ارادو ڪرڻ جو وقت، طواف وارو وقت؛ يعني اهو مقرر وقت جنهن دوران

مڪه معظمه ۾ وڃي، دنيا جي ٻين ملڪن جي مسلمانن سان گڏجي، بيت‌الله جي چوڌاري طواف ڪجي ۽ ان سان گڏ عبادت جا ٻيا سڀ فرض پورا ڪجن.

۳۱۴- **ذوالفقار** (ع):- [ ذو=مالڪ، آقا، صاحب، وارو+ فقر=کوٽڻ، ڪاٽڻ، چيرڻ] چيرڻ واري شئي، يعني تلوار. حضرت علي سائين جي تلوار جو نالو. پاڪستان جي وزيراعظم جو نالو ۽ لاڙڪاڻي ضلع جي مشهور ڀٽا خاندان جو هڪ فرد.

۳۱۵- **ذوالقرنين** [ذو=مالڪ، صاحب، آقا وارو + ال= جو+قرن=هڪ سنڱ، صدي، زمانو، حد=قرنين=ٻه سنڱ، ٻه صديون ٻه حدون] ٻن حدن جو مالڪ، سڪندر بادشاهه جو لقب جنهن جي قبضي ۾ مشرق کان مغرب تائين ملڪ رهيو.

۳۱۶- **ذوالنورين** (ع):- [ذو=مالڪ، آقا، صاحب، وارو +ال=جو+نور=هڪ روشني - نورين=ٻه روشنيون يا ٻه نور] ٻن نورن جو مالڪ يا صاحب؛ حضرت عثمان‌غني رضي‌الله‌عنه جن جو لقب، ڇاڪاڻ ته رسول‌ڪريم جن جون ٻه نياڻيون سڳوريون سندس عقد يعني نڪاح ۾ آيون هيون.

۳۱۷- **راڄ‌ٻاڙي** (هہ) :- [راءِ=راجا، سردار+ٻاري=دري، جاءِ باغيچو، ڪچهري] راجا جي جاءِ، راجا جي ڪچهري.

۳۱۸ **راڄڌاني** (س):- [راڄ=حڪومت+ڌاني=جاءِ، هنڌ] حڪومت هلائڻ جو هنڌ يا جاءِ يعني گادي، تخت‌گاهه.

۳۱۹ -**راڄڌڻي** (س):-[راڄ=حڪومت، رعيت+ڌڻي= مالڪ] رعيت جو مالڪ يعني حاڪم، وڏيرو، زميندار.

۳۲۰- **راجپوت** (هہ+س):- [راجا (هہ)=بادشاهه، حاڪم+ پوت (س)=پٽ، فرزند] راجا جو فرزند، هڪ قسم جي ذات.

۳۲۱- **راجڪماري** (هہ+س):-[راجا(هہ)=بادشاهه، حاڪم+

ڪماري (سن)=ٻارنهن سالن جي ڪنواري ڏيءُ] راجا جي ڪنواري ڏيءُ؛ شهزادي. هندو ڇوڪريءَ جو نالو.

٣٢٢- **راحت القلوب** (ع):- [راحت=آرام، قرار، آسائش + ال=جي، جو + قلب=دل، جمع قلوب] دلين کي قرار ڏيندڙ، دلين کي آرام پهچائيندڙ يعني وڻندڙ.

٣٢٣- **رازدان** (ف):- [راز=ڳجهه، ڀيد، لڪل ڳالهه + دان- مصدر دانستن=ڄاڻڻ] ڳجهه ڄاڻندڙ، لڪل ڳالهيون ڄـاڻندڙ، دل جو ڳجهه معلوم ڪندڙ يعني اهو شخص جنهن سان پنهنجي دل جو احوال ڪجي يعني دوست، وفادار، ساٿي.

٣٢٤- **راستباز** (ف):- [راست=سچ+باز - مصدر باختن= کيڏڻ] سچ سان کيڏندڙ يعني سچ ڳالهائيندڙ، سچار.

٣٢٥- **راهداري** (ف):- [راهه=رستو+دار - مصدر داشتن =رکڻ] رستي جي چوڪيدار وٽان گذرڻ لاءِ اجـــازت نامو. اهـڙو اجـازت نـامو جـو ڪنهن چڱي ۽ جـوابدار مـاڻهوءَ جو لکيل هوندو آهـــي، ۽ اڪثر هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏانهن چوپايو مال ڪاهي وڃڻ لاءِ ماڻهو پاڻ سان کڻندا آهن ته جيئن رستي ۾ ڪين ڪو روڪي نه سگهي.

٣٢٦- **رائگان** (ف):- [راءِ=رٿ، تجويز، خيال+گان= لائق، مناسب] رٿ يا خيال جي لائق يعني مفت، اجايو، فضول.

٣٢٧- **رحلت** (ع):- [رحل=ڇڏي هلڻ، مري وڃڻ] وفات، چالاڻو، لاڏاڻو.

٣٢٨- **رسم الخط** (ع):- [رسم=نشان، نقش+ال=جو+خط =تحرير، لکيل صورت] لکيت جـو نشان يا نقش يعني صورتخطي.

٣٢٩- **رشڪ خلد** (ف+ع):-[رشڪ(ف)=خواهش،آرزو+ خلد (ع) بقا، جٽاءُ، هڪ بهشت جو نـالو] بقادار شئي جي

خواهش يعني بهشت ملڻ جي آرزو.

٣٣٠- **رضاڪار** (ف):- [رضا=مرضي، خواهش+ڪار=ڪم، مراد، مقصد] خواهش موجب ڪم ڪندڙ ۽ پاڻ کي قوم جي خدمت لاءِ پيش ڪندڙ.

٣٣١- **رفيق حيات** (ع):- [رفيق=دوست، ساٿي+حيات=حياتي، زندگي] زندگيءَ جو ساٿي، پڪو دوست يعني زال.

٣٣٢- **رقمطراز** (ع+ف):- [ رقم (ع)=تحرير، نقش، لکيت+ طراز (ف) - مصدر طرازيدن=چٽسالي ڪرڻ، نقش و نگار ڪرڻ] لکيت جي چٽسالي ڪندڙ، سهڻي نموني ۾ لکندڙ.

٣٣٣- **رواداري** (ف):- [روا=جائز، درست، ٺيڪ+دار - مصدر داشتن=رکڻ] ڪنهن ڳالهه کي رعايت سان جائز قرار ڏيڻ يعني ڪنهن جو طرف وٺي ڳالهائڻ، ڪنهن جو پاسو کڻڻ.

٣٣٤- **روبرو** (ف):- [رُو=مُنهن=بہ=سان+ رُو= مُنهن] مُنهن سان منهن يعني آمهون سامهون.

٣٣٥- **روپوش** (ف):- [رُو=مُنهن+پوش - مصدر پوشيدن =ڍڪڻ] منهن ڍڪيندڙ يعني لڪل، ڳجهو.

٣٣٦- **روشناس** (ف):- [رُو=مُنهن، چهرو+شناس - مصدر شناختن=سڃاڻڻ] منهن کي سڃاڻڻ، واقف ڪرڻ، واقفيت، سڃاڻپ.

٣٣٧- **روشن ضمير** (ف+ع):- [روشن (ف) = چمڪندڙ، ٻهڪندڙ+ضمير (ع)=دل جو ارادو] جنهن جي دل جو ارادو چمڪندڙ يا ٻهڪندڙ هجي يعني نيڪ ماڻهو، بزرگ، ولي‌الله.

٣٣٨- **رومال** (ف):- [رُو=مُنهن، چهرو+مال - مصدر ماليدن =مهٽڻ] منهن مهٽڻ وارو ڪپڙو.

٣٣٩ **روئداد** (ف):- [رُو=مُنهن، چهرو+داد=انصاف] مُنهن جو انصاف يعني حقيقت، حالت، ڪيفيت.

٣٤٠- **رهبر** (ف):- [راهہ=رستو+بَر - مصدر بُردن=

نيڻ] رستي تي نيندڙ يعني رستو ڏيکاريندڙ، سونهون.

۳۴۱- **رهزن** (ف):- [راهہ=رستو+زن - مصدر زدن=هڻڻ، مارڻ] رستو ماريندڙ، رستو روڪيندڙ يعني ڌاڙيل، ڦورو، لٽيرو.

۳۴۲- **رهگذر** (ف):- [راهہ=رستو+گذر - مصدر گذشتن= لنگهڻ] رستي تان لنگهندڙ يعني مسافر، واٽهڙو.

۳۴۳- **رهنما** (ف):- [راهہ=رستو+نما - مصدر نمودن= ڏيکارڻ] رستو ڏيکاريندڙ يعني رهبر، اڳواڻ.

۳۴۴- **ريگستان** (ف):- [ريگہ=واري، ريتي+ستان - آستان =جاء، هنڌ] واريءَ جو هنڌ يعني اهو ملڪ جتي رڳو واريءَ واري هجي؛ سنڌ صوبي ۾ ٿر وارو حصو.

۳۴۵- **زبان دراز** (ف):- [زبان=ٻولي+دراز=ڊگهي، ڊگهو] ڊگهي ٻولي ڳالهائيندڙ يعني گهڻو ڳالهائيندڙ، بڪبڪيو.

۳۴٦- **زبردست** (ف):- [زبر=مٿان، طاقت وارو+دست= هٿ] -مٿانهون يا طاقت وارو هٿ يعني ڏاڍو، سخت، مضبوط، طاقتور.

۳۴۷- **زربفت** (ف):-[زر=سون ۽ چانديءَ جا زيور، مال متاع، ڌن دولت + بفت - مصدر بافتن = اُڻڻ] سون ۽ چانديءَ سان اُڻيل يعني سون ۽ چانديءَ جي تارن سان اُڻيل ڪپڙو؛ ڪلابتان سان اُڻيل ڪپڙو؛ ڪيمخواب، بروڪيٽ ڪپڙو.

۳۴۸- **زرگر** (ف):- [زر=سون ۽ چانديءَ جا زيور+گر= ٺاهيندڙ، گهڙيندڙ] سون ۽ چانديءَ جا زيور ٺاهيندڙ يعني سونارو.

۳۴۹- **زميندار** (ف):- [زمين = ڌرتي، ٻني+دار - مصدر داشتن=رکڻ] ٻني رکندڙ، زمين جو مالڪ، هاري، ڪڙمي.

۳۵۰- **زود رنج** (ف):- [زود=جلدي، سخت+رنج - مصدر رنجيدن=ڏکوئڻ] جلدي ڏکوئيندڙ سخت ڏکوئيندڙ، جلدي ڪاوڙ ۾ ايندڙ يعني بخيل، شوم، ڪاوڙيل.

۳۵۱- **زيب النساء** (ع):- [زيب=زينت، نزاڪت، سونهن،

سينگار + ال = جو، جي + نساء = عورتون] عورتن جو سينگار، عورت
جو نالو.

٣٥٢- **زيبور** (ف):- [زيب = زينت، نزاڪت، سونهن، رونق + ور - مصدر آوردن = آڻڻ] سونهن يا نزاڪت آڻيندڙ يعني خوبصورت، سهڻو.

٣٥٣- **زيربار** (ف):- [زير = هيٺان + بار = وزن، طاقت] وزن يا طاقت جي هيٺان يعني قبضي ۾، گروي.

٣٥٤- **زيردست** (ف):- [زير = هيٺان + دست = هٿ] هٿ جي هيٺان يعني هٿ هيٺ، محتاج، تابعدار.

٣٥٥- **سازباز** (ف):- [ساز = وڄائڻ جو اوزار، باجو، تنبورو + باز - مصدر باختن = کيڏڻ] باجي يا تنبوري سان کيڏندڙ يعني مڪريل، ٺڳ، دغاباز سان ملي هڪ ٿي ويندڙ شريڪ، ساٿي.

٣٥٦- **سازگار** (ف):- [ساز - مصدر ساختن = جوڙڻ، ٺاهڻ + گار = وارو، لائق] جڙڻ يا ٺهڻ لائق يعني بهتر، نيڪ، موافق.

٣٥٧- **سبحان الله** (ع):- [سبح = پاڪائي بيان ڪرڻ - سبحان = پاڪ + الله = ڏڻي تعاليٰ] الله تعاليٰ سڀني عيبن کان پاڪ آهي.

٣٥٨- **سبز پوش** (ف):- [سبزه = سائو + پوش - مصدر پوشيدن = پهرڻ، ڍڪڻ] سائو وڳو يا پوشاڪ ڍڪيندڙ يعني ملائڪ، فرشتو.

٣٥٩- **سبز زار** (ف):- [سبزه = سائو، ساوڪ + زار = جاء، هنڌ] سائو هنڌ، آهو هنڌ جتي رڳو ساوڪ هجي يعني سائي زمين، ٻني.

٣٦٠- **سبڪتگين** (ف):- [سبڪ = هلڪي، چست، تکو + گين = صاحب، مالڪ، چيلهه] چستيءَ سان پريل، هلڪي چيلهه وارو يعني چست ۽ تکو. افغان گهراڻي جي مشهور حاڪم محمود غزنويءَ جي پيءُ جو نالو، جو پاڻ به حاڪم هيو.

٣٦١- **سبڪدوش** (ف):- [سبڪ = هلڪو، چست، تکو + دوش = ڪلهو] هلڪي ڪلهي وارو يعني ذميواري کان آزاد.

=ڦرڻ، سير ڪرڻ] بادشاهہ جي چوڌاري ڦرندڙ يعني خدمتگار، خادم، نوڪر، چيلو.

۴۰۸- **شاهراهہ** (ف):- [شاهہ=وڏو+راهہ=رستو] وڏو رستو يعني شاهي سڙڪ.

۴۰۹- **شاهڪار** (ف):- [شاهہ=وڏو+ڪار=ڪم، مراد، مقصد] وڏو ڪم، وڏو مقصد يعني سڀ کان وڏو ڪارنامو.

۴۱۰- **شائستگي** (ف):- [شائستہ=لائق] لياقت.

۴۱۱- **شباب** (ع+ف):- [شب (ع)=جواني، طاقت+آب (ف)=پاڻي] جوانيءَ جو پاڻي، طاقت جو پاڻي يعني ڀرپور جواني، طاقت سان ڀرپور جواني، بلوغت.

۴۱۲- **شب برات** (ف):- [شب=رات+ برات = فرمان، حڪم] فرمان ۽ حڪم واري مقدس رات يعني شعبان مهيني جي پندرهين تاريخ واري رات، مسلمانن جي عقيدي موجب هن رات ۾ ايندڙ سڄي سال لاءِ رزق جي ورهاست ٿئي ٿي ۽ هر هڪ ماڻهوءَ لاءِ چڱاين ۽ برائين جو دفتر لهي ٿو.

۴۱۳- **شبستان** (ف):- [شب=رات+ستان-آستان=جاءِ، هنڌ] رات جي جاءِ يا هنڌ يعني بادشاهہ جي سمهڻ وارو ڪمرو، جو سهڻو سينگاريل هوندو آهي.

۴۱۴- **شب قدر** (ف+ع):- [شب(ف)=رات+قدر(ع)= قضا، حڪم الاهي، تقدير، بزرگي، عزت] قضا يا تقدير واري رات، بزرگيءَ واري رات، مسلمانن جي عقيدي موجب اها متبرڪ رات جنهن ۾ ڪنهن انسان جي تقدير ڦرڻ جو امڪان ٿئي ٿو يعني رمضان مهيني جي آخري ڏهاڪي ۾ ايندڙ هڪ رات، خاص طور ٢٧ تاريخ جي رات.

۴۱۵- **شب معراج** (ف+ع):- [شب (ف)=رات+عروج(ع) =چڙهڻ — معراج=مٿي چڙهڻ جي شئي، ڏاڪڻ، بلند مرتبو]

٤٢٤- **شمس‌العلماءُ** (ع):- [شمس=سج+عالم، جمع، علماءُ=علم جا ڄاڻو] عالمن جو سج يعني تمام گهڻو علم ڄاڻندڙ؛ لقب.

٤٢٥- **شمشير** (ف):-[شم=ننهن+شير=شينهن] شينهن جي ننهن وانگر وريل يا مڙيل ۽ تکو اوزار يعني تلوار، ترار.

٤٢٦- **شومِ‌بختي** (ع):-[شوم=ڪنجوس، بخيل؛ منحوس ڪاوڙ ۾ پريل+بخت=نصيب، قسمت، ڀاڳ] منحوس قسمت يعني بدبختي، نياڳ.

٤٢٧- **شهاب‌الدين** (ع):- [شهاب=روشن ستارو+ال=جو+دين=مذهب،ايمان]ايمان جو روشن ستارو؛ ماڻهوءَ جو نالو.

٤٢٨- **شهتوت** (ف):- [شاهه=وڏو+تُوت=ميوي جو قسم] وڏو توت؛ ميوي جو قسم.

٤٢٩- **شهسواري** (ف):-[شاهه=وڏو، بادشاهه+سوار=گهوڙي يا ٻئي جانور تي چڙهي هلڻ وارو] گهوڙي جي وڏي سواري يعني بادشاهي سواري.

٤٣٠- **شهنشاهه** (ف):- [شاهه=بادشاهه+شاهه = بادشاهه] بادشاهه جو به بادشاهه يعني وڏو بادشاهه.

٤٣١- **شيش‌محل** (ف):- [شيشه=شيشو، ڪاڻو، ڪاچ+محل = جڳهه، مڪان، گهر] اهڙا جاءِ يا گهر جو سڄوئي شيشي يا ڪاچ سان جڙيل هجي يعني بادشاهه جي رهڻ واري جاءِ، محلات.

٤٣٢- **صاحبِ قرآن** (ف):- [صاحب=مالڪ، آقا+ قرآن=ويجهو هئڻ، ستارن جو هڪڙي برج ۾ هئڻ] اهو شخص جنهن جي پيدائش وقت زحل ۽ مشتري ٻئي گرهه هڪ بُرج ۾ هجن يعني سٺي بخت جو مالڪ، بختاور، ڀاڳوند.

٤٣٣- **صدرالدين** (ع):- [صدر=امير، سردار+ال=جو+

دين=مذهب] مذهب جو سردار، دين جو امير، ماڻهوءَ جو نالو.

٤٣٤- **صحتياب** (ع+ف):- [صحت (ع)=تندرستي، شفا +ياب (ف)- مصدر يافتن=لهڻ، حاصل ڪرڻ] تندرستي يا شفا حاصل ڪندڙ يعني خوش، نوبنو، تندرست.

٤٣٥- **صغرسني**(ع):- [صغر=ننڍڙائپ + سن=عمر]ننڍڙائپ جي عمر يعني ٻالپڻو.

٤٣٦- **صلاح الدين** (ع):- [صلح=نيڪ ٿيڻ، نيڪي ڪرڻ. اصلاح=نيڪي+ال=جي+دين=مذهب] مذهب جي نيڪي، دين جي ڀلائي، ماڻهوءَ جو نالو.

٤٣٧- **صلحنامو** (ع+ف):- [صلح (ع)=نيڪي ڪرڻ، ٺاهه ڪرڻ+نامہ (ف)=خط، تحرير، لکيت] خط يا تحرير رستي نيڪي ڪرڻ، ٻن ڌرين جي وچ ۾ موافقت پيدا ڪرڻ يعني ٺاهه، راضينامو.

٤٣٨- **ضابطہ حيات** (ع):- [ضابطہ=قانون، قاعدو، دستور، آئين+حيات=زندگي] زندگيءَ جو قانون.

٤٣٩- **ضربخانو** (ع+ف):-[ضرب(ع)=سڪو،پيسو ڏوڪڙ +خانہ (ف)=جاءِ، گهر] سڪي جي جاءِ يعني پيسن ڏوڪڙن ٺهڻ جو هنڌ.

٤٤٠- **ضرورتمند** (ع+ف):- [ضرورت(ع)=حاجت، گهرج +مند=صاحب، مالڪ، وارو] حاجت وارو، گهرج وارو يعني طالب، گهرجائو.

٤٤١- **ضعيف**(ع):- [ضعف=ڪمزوري]ڪمزور،ڏٻرو،هيڻو.

٤٤٢- **طاقتور** (ع+ف):- [طاقت(ع)=زور+ور (ف) آور- مصدر آوردن=آڻڻ] زور آڻيندڙ يعني دلير، بهادر، پهلوان.

٤٤٣- **طبعزاد** (ع+ف):-[طبع(ع)=طبيعت، مزاج،خصلت +زاد (ف)- مصدر زادن=ڄڻڻ] طبيعت يا مزاج کي ڄڻيندڙ

يعني سٺي طبيعت وارو، مزاقي، چرچائي.

٤٤٤- **طلبگار** (ع+ف): [طلب(ع)=گهر ڪرڻ، گهرڻ + گار(ف)=وارو] گهرڻ وارو، گهرج وارو يعني ضرورتمند، گهرجائو

٤٤٥- **عالمگير** (ع+ف): [عالم (ع)=جهان، دنيا+ گير (ف)-مصدر گرفتن=قبضي ۾ وٺ] جهان يا دنيا کي قبضي ۾ وٺندڙ يعني بهادر؛ مغل گهراڻي جي بادشاهه اورنگزيب جو لقب.

٤٤٦- **عاليشان** (ع):- [اعليٰ=اوچو، بلند، مٿانهون+شان مرتبو، عزت] بلند مرتبي وارو، عمدو، تمام سٺو.

٤٤٧- **عبور** (ع):- [عبر=لنگهڻ، پار ڪرڻ] پار لنگهي وڃڻ، پار ڪري وڃڻ، دسترس.

٤٤٨- **عجائبخانو** (ع+ف):- [عجب (ع)=حيرت ۾ وجهڻ -عجيب، جمع عجائب+خانه(ف)=جاءِ، هنڌ، جڳهه] اهڙي جاءِ جتي حيرت ۾ وجهندڙ شيون رکيل هجن يعني ميوزم هال.

٤٤٩- **عذاب الحريق** (ع): [عذاب=ڏک، تڪليف، سختي +ال=جو، جي+حرق=ساڙڻ- حريق=باهه جا شعلا] باهه جي شعلن جي سختي ۽ تڪليف يعني دوزخ جو ساڙيندڙ عذاب.

٤٥٠- **عربستان** (ع+ف):-[عرب(ع)=عربي ٻولي ڳالهائيندڙ +ستان-آستان=جاءِ، هنڌ] عربي ٻولي ڳالهائيندڙن جو هنڌ يعني عربن جو ملڪ.

٤٥١- **عظمت** (ع):-[عظم = بزرگي، وڏائي] بزرگي؛ وڏائي.

٤٥٢- **عظيم الشان**(ع):- عظم=وڏائي-عظيم=وڏو، بلند + شان=مرتبو] وڏي مرتبي وارو.

٤٥٣- **عقلمندي** (ع+ف):- [عقل(ع)=دانائي، سياڻپ + مند (ف)=وارو، صاحب] دانائي رکڻ يعني سياڻپ، ڏاهپ.

٤٥٤- **عقيدو** (ع):- [عقد=ڳنڍ] ڪنهن ڳالهه تي ڳنڍ ڏئي ويهڻ يعني يقين، ڀروسو، ويساهه.

٤٥٥- عَلمبردار (ع+ف):- [عَلم(ع)=جهنڊو+بردار (ف) - مصدر برداشتن=کڻڻ] جهنڊو کڻندڙ يعني اڳوان.

٤٥٦- عِلم اليقين (ع):- [عِلم=ڄاڻ، واقفيت+ال=جو، جي+يقين=خاطري، پڪ] خاطريءَ جي ڄاڻ يعني ڏسڻ کان سواءِ ٿي ڪنهن ڳالهه تي يقين ۽ ڀروسو ڪرڻ.

٤٥٧- عملدار (ع+ف):-[عمل(ع)=ڪم+دار (ف) - مصدر داشتن=رکڻ] ڪم رکندڙ يعني حاڪم، آفيسر.

٤٥٨- عميق (ع):- [عُمق=هيٺيون تهه] هيٺانهون، آونهو.

٤٥٩- عيدالاضحيٰ (ع):- [عيد=خوشيءَ جو ڏينهن، وڏو ڏينهن+ال=جو+ضحيٰ=قرباني ڪرڻ] قربانيءَ وارو وڏو ڏينهن، يعني قربانيءَ واري عيد؛ ذُهين ذوالحج واري عيد.

٤٦٠- عيدالفطر (ع):- [عيد=خوشيءَ جو ڏينهن، وڏو ڏينهن+ال=جو، جي+فطر=روزو کولڻ] روزي کولڻ جو وڏو ڏينهن يعني شوال مهيني جي پهرين تاريخ، جنهن تاريخ تي رمضان مهيني جي روزن رکڻ جي حد ختم ٿئي ٿي ۽ مسلمان، غريبن ۽ مسڪينن ۾ فطرو ورهائي عيد نماز پڙهن ٿا ۽ خوشيون ملهائن ٿا.

٤٦١- عين اليقين (ع):- [عين=اک+ال=جي+يقين=خاطري، پڪ، ڀروسو] ڀروسي جي اک يعني پڪي خاطري، پورو ڀروسو.

٤٦٢- غمخوار (ع+ف):- [غم (ع)=ڏک، رنج، فڪر، سختي+خوار (ف) - مصدر خوردن=کائڻ] ڏک کائڻ وارو يعني ڏک سک ۾ ڀائيوار، مددگار، ساٿي، هڏ ڏوکي.

٤٦٣- غمگسار (ع+ف):- [غم (ع)=ڏک، رنج، فڪر، سختي+گسار (ف) - مصدر گساردن=ڇڏڻ، کائڻ] ڏک ۽ رنج کي ڇڏڻ وارو، سختي کائڻ وارو يعني تسلي ڏيندڙ، همدرد، ساٿي،

مددگار، هڏڏوکي.

٤٦٥- **غمگين** (ع+ف):- [غم (ع)=ڏک، رنج، فڪر، سختي+گين (ف)=پرپور، ڀريل، وريل] ڏک ۽ رنج سان ڀريل، فڪر وارو يعني ڏکويل، مايوس.

٤٦٦- **فارغ البال** (ع :- [فارغ=خالي، واندو+بال،=دل، جان، جسم] جان کان واندو يعني ڪم کان واندو، آزاد، بي ڳڻتيو.

٤٦٧- **فارغ التحصيل** (ع):- [فارغ=خالي، واندو+حصل - حصول=حاصل ٿيڻ، ملڻ] واندڪائي حاصل ٿيڻ؛ ڪورس پڙهي پورو ڪري واندڪائي حاصل ڪرڻ، آزاد.

٤٦٨- **فتنه انگيز** (ع+ف) :. [فتنه (ع)=جهيڙو، فساد+انگيز (ف) - مصدر انگيختن=اُٿارڻ] جهيڙو ۽ فساد اٿاريندڙ يعني جهڳڙالو، فسادي، لچ.

٤٦٩- **فرض شناسي** (ع+ف):-[فرض (ع)=خدا تعاليٰ جو حڪم، جوابداري+شناس (ف) - مصدر شناختن=سڃاڻڻ] خدا تعاليٰ جي حڪم جي پيروي، جوابداري.

٤٧٠- **فرقان** (ع):- [فرق=فرق ڪرڻ، جدا ڪرڻ] فرق ڪندڙ ڪتاب؛ حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق ڏيکاريندڙ سچو ڪتاب يعني قرآن شريف، قرآن مجيد.

٤٧١- **فريدالدين** (ف+ع):- [فريد (ف)=اڪيلو، بي مثل، لاثاني+دين=مذهب] مذهب ۾ بي مثل، لاثاني. ماڻهو جو نالو.

٤٧٢- **فڪر فردا** (ع+ف):. [فڪر (ع)=سوچ، ويچار، ڳڻتي+فردا (ف)=سڀاڻي، آئينده، ايندڙ وقت، قيامت] ايندڙ وقت جو فڪر، آئينده جو اونو يعني قيامت جي ڳڻتي.

٤٧٣- **فلڪ شگاف** (ع+ف):-[فلڪ (ع)=آسمان+شگاف (ف) - مصدر شگافتن=چيرڻ، ڏارڻ، ڦاڙڻ] آسمان کي چيريندڙ يا ڏاريندڙ آواز يعني خوفناڪ آواز، تمام وڏو آواز.

٤٧٤ـ **فنڪار** (ع+ف):- [فن (ع)=هنر، ڪاريگري+ڪار (ف) - مصدر ڪردن=ڪرڻ] هنر ۽ ڪاريگريءَ جـو ڪم ڪندڙ، هنر جو ڄاڻو، هنرمند.

٤٧٥ـ **قاضي القضاة** (ع):- [قضا=حڪم ڪرڻ، جهڳڙا نبيرڻ -- قاضي=جهڳڙا نبيريندڙ+ال=جو+قضاة جمع آهي قاضي جو] قاضين جو قاضي يعني وڏو قاضي يا وڏو جج.

٤٧٦ـ **قائد اعظم** (ع):- [قائد=اڳواڻ ، سردار، حاڪم+ اعظم=تمام وڏو، سڀ کان وڏو] سڀ کان وڏو اڳـواڻ يعني پاڪستان جي اڳواڻ ۽ پهرئين گورنر جنرل محمد علي جناح جو لقب.

٤٧٧ـ **قائد ملت** (ع):- [قائد=اڳـواڻ، سردار، حاڪم+ ملت=دين، مذهب، قوم، گروهه] گروهه يا قوم جـو اڳواڻ؛ پاڪستان جي پهرئين وزير اعظم خان لياقت علي خان جو لقب.

٤٧٨ـ **قائد عوام** (ع):- [قائد=اڳـواڻ ، سردار ، حاڪم+ عام - جمع عوام=عام ماڻهو، سڀ ماڻهو] عام ماڻهن جو اڳواڻ. پاڪستان جي وزير اعظم ذوالفقار علي خان ڀٽي جو لقب.

٤٧٩ـ **قائم مزاجي** (ع):- [قـامَ=بيـهڻ+مـزاج=طبع، طبيعت] طبيعت تي بيهڻ، طبع مقرر هجڻ يعني ثابت قدمي، مضبوطي، پڪو پهه.

٤٨٠ـ **قبضيدار** (ع+ف):- [قبض (ع)=قبضو ڪرڻ ، بند ڪرڻ، گرفت ۾ آڻڻ] گرفت ۾ آڻيندڙ، قبضو رکندڙ.

٤٨١ـ **قدمبوسي** (ع+ف):- [قدم (ع)=پير+بوس (ف) - مصدر بـوسيدن=چمڻ، چمي ڏيڻ] پير کـي چمڻ يعني نياز نئڙت ۽ نهٺائي، ڪرڻ يعني گهڻي عزت ڪرڻ.

٤٨٢ـ **قـرارداد** (ع+ف):- [قرار (ع)=آرام، سڪون+داد

(ف) ـ مصدر دادن=ڏيڻ] آرام ڏيندڙ، دل کي سڪون ڏيندڙ يعني پاس ڪيل رٿ يا تجويز، فيصلو.

۴۸۳ـ **قرآن** (ع):- [قرأ=پڙهڻ] پڙهڻ جي شئي، پڙهڻ جو ڪتاب، يعني مسلمانن جو پاڪ ۽ الهامي ڪتاب جو رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن تي نازل ٿيل آهي، قرآن مجيد.

۴۸۴ـ **قربانگاهہ** (ع+ف):- [قرب (ع) - قربي=ويجهڙائي - قربان= پياري شئي پيش ڪرڻ، ڏيڻ، صدقو ڪرڻ، خداتعاليٰ جي راهہ ۾ پياري شئي پيش ڪري ويجهڙائي حاصل ڪرڻ+ گاهہ (ف)=جاءِ، هنڌ] صدقي جو هنڌ، قربانيءَ جي جاءِ يعني ڪوس گهر.

۴۸۵ـ **قربدار** (ع+ف):- [قُرب (ع)=ويجهڙائي، محبت+ دار (ف) ـ مصدر داشتن=رکڻ] ويجهڙائي يا محبت رکندڙ يعني پيارو، محبوب.

۴۸۶ـ **قزلباش** (ت):- [ قِزل=لال، ڳاڙهو+باش=مٿو ] ڳاڙهي مٿي وارو، ايراني فوجي سپاهين جو لقب. ايران جي شاهہ اسماعيل صفوي پنهنجي فوجي سپاهين کي ڳاڙهي ٽوپي پهرائي هئي ۽ جيئن تہ هيءَ بادشاهہ ٻارنهن امامن جو شيدائي هو، تنهن ڪري انهن جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ انهيءَ ٽوپيءَ کي ٻارنهن ڪُنبون ڪرايون هئائين. ان ڏينهن کان وٺي ايران جي تمام فوجي سپاهين جو اهو لقب رهيو آهي.

۴۸۷ـ **قلمبند** (ع+ف):- [قلم (ع)=لکڻ جو اوزار+بند (ف) ـ مصدر بستن=ٻَڌڻ] قلم سان ٻڌل، يعني قلم سان لکيل، تحرير ٿيل، داخل ٿيل، درج ڪيل.

۴۸۸ـ **قيامت** (ع):- [قام ـ قيام=بيهڻ] الله تعاليٰ جي سامهون بيهڻ وارو ڏينهن، يعني مرڻ کان پوءِ حساب وارو ڏينهن؛ محشر.

۴۸۹ـ **قيدالماء** (ع):- [قيد=جيل، بندي خانو+ال=جو

+ماڳ=پاڻي] پاڻيءَ جو جيل، داڻي پاڻيءَ جو قيد يعني لکيو، قسمت، مقدر، ڀاڳ.

۴۹۰- **ڪاڏڪلو** (س):-[ڪاٺ=لڪڙي+ ڪُٽ=ڪُٽڻ، وڍڻ، ڪپڻ] ڪاٺ کي ڪُٽريندڙ؛ هڪ پکيءَ جو نالو، ڪُهڏهڏ.

۴۹۱- **ڪارزار** (ف):- [ڪار=ڪم، مقصد، مراد + زار - مصدر زاريدن=روئڻ] اهو هنڌ جتي روج ۽ راڙو هجي يعني جنگ جو ميدان.

۴۹۲- **ڪارساز** (ف):- [ڪار=ڪم، مقصد، مراد+ساز - مصدر ساختن=جوڙڻ، ٺاهڻ] ڪم ٺاهيندڙ، ڪم جوڙيندڙ يعني الله تعاليٰ.

۴۹۳- **ڪارخانو** (ف):- [ڪار=ڪم+خانه=جاءِ، هنڌ] ڪم جي جاءِ، ڪم جو هنڌ يعني فيڪٽري.

۴۹۴- **ڪاريگر** (ف):- [ڪار=ڪم+گر=وارو] ڪم وارو يعني هنرمند، پورهيت.

۴۹۵- **ڪاسبي** (ع):- [ڪسب=ڌنڌو ڪرڻ، پورهيو ڪرڻ، محنت سان ڪمائڻ] ڌنڌو ڪندڙ، پورهيو ڪندڙ، ڪمائيندڙ يعني هنرمند، پورهيت.

۴۹۶- **ڪاشتڪاري** (ف):- [ڪشت=کيتي، زراعت+ڪار - ڪار - مصدر ڪردن=ڪرڻ] کيتي ڪرڻ، زمين آباد ڪرڻ يعني زراعت جو ڌنڌو.

۴۹۷- **ڪافر** (ع):- [ڪفر=لڪائڻ] لڪائيندڙ، حق يا سچ کي لڪائيندڙ يعني مُشرڪ، خداتعاليٰ کي نه مڃيندڙ، انڪارڪندڙ.

۴۹۸- **ڪامياب** (ه+ف):-[ڪام (ه)=خواهش، مراد+ ياب (ف) - مصدر يافتن=لهڻ] خواهش يا مراد لهندڙ يعني سوڀارو.

۴۹۹- **ڪاڻيارو** (س):- [ڪاڻ=گهٽتائي، ڪوتاهي+يارو=وارو] گهٽتائيءَ وارو، ڪوتاهيءَ وارو يعني محتاج، گهجهو.

واري هلت.

٥١٠- **ڪفگير** (ف):- [ڪف=هٿ جي تري، هٿ، چنبو + گير - مصدر گرفتن=وٺڻ] هٿ يا چنبي ۾ وٺڻ جهڙي شئي يعني چانورن رڌڻ جو وڏو چمچو، خاص طرح وڏي ديگ رڌڻ ۾ استعمال ڪبو آهي.

٥١١- **ڪلڪڻ** (هہ):- [ڪاڪ - ڪاڪ =رڙ، واڪو، چيخ، پڪار] باندر جي واڪن ڪرڻ جو آواز يعني باندر جي چيهاٽ.

٥١٢- **ڪمربند** (ف) :- [ڪمر=چيلهه+بند - مصدر بستن = ٻڌڻ] چيلهه کي ٻڌڻ واري شئي يعني چيلهه جو پٽو.

٥١٣- **ڪمرڪش** (ف):- [ڪمر=چيلهه+ڪش - مصدر ڪشيدن=ڇڪڻ] چيلهه کي ڇڪيندڙ يعني پهلوان، بهادر، طاقتور.

٥١٤- **ڪمزور** (ف):- [ڪم=گهٽ، ٿورو+زور طاقت] گهٽ طاقت وارو يعني هيڻو، ڏٻرو.

٥١٥- **ڪمهري**(س+ف):- [ڪُ(س)=خراب، بڇڙو، بڇڙي + مهر (ف)=مهرباني، احسان، ڀلائي] خراب احسان يعني مصيبت، آفت، نحوست.

٥١٦- **ڪنگالپڻ** (هہ):- [ڪنگال=سُڃو، مفلس] مفلسي، سڃائي، غريبي.

٥١٧- **ڪنياء** (س):- [ڪُ=خراب، بڇڙو+نياءُ - نياءِ= برتاءُ، هلت] خراب برتاءُ، بڇڙي هلت يعني ظلم، ڏاڍائي.

٥١٨- **ڪوشان** (ف) :- [ڪوش - مصدر ڪوشيدن = ڪوشش ڪرڻ] ڪوشش ڪندڙ يعني محنتي.

٥١٩- **ڪوهسار** (ف):- [ڪوهه=جبل+سار=هنڌ، جڳهه، چوٽي] جبلن جو هنڌ، جبلن جي جاء، يعني اهو هنڌ جتي گهڻو جبل ئي جبل هجن.

٥٢٠- **ڪوهستان** (ف):- [ڪوهه=جبل+ستان - آستان=

جاءِ، هند] جبلن جي جاءِ، جبلن جو هند يعني ملڪ جو اهو حصو جتي رڳو جبل ئي جبل هجن، جابلو پاڱو ، سنڌ ملڪ جو الهندو حصو.

٥٢١- **ڪوهيارو** (ف+س):- [ڪوهه (ف)=جبل، ڏڪر+ بارو=وارو] جبل وارو، ڏڪر جو رهاڪو يعني سمنڊ جو مڙس پنهون، جو ڪيچ مڪران جو رهاڪو هو.

٥٢٢- **ڪهڪشان** (ف) :- [ڪهه=تارا+ ڪشان - مصدر ڪشادن=کلڻ، کولڻ] تارن جو کلڻ يعني رات جي اونداهيءَ ۾، آسمان ۾ تارن جو اهڙو مانداڻ نظر اچي جنهن مان دل کي فرحت پئي محسوس ٿئي؛ يعني ڇهڇٽو، تارن جي جهرمر.

٥٢٣- **ڪمخواب** (ف):- [ڪم=گهٽ ، ٿوري+خواب - مصدر خوابيدن=ننڊ ڪرڻ، سمهڻ] گهٽ ننڊ ڪرائيندڙ. هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو، جو زربفت (سون جي تارن سان آڏيل) جي ملاوت سان ناهيو ويندو آهي. هن ڪپڙي ۾ تمام ڊگهيون تارون ۽ ڏاڳا هوندا آهن، جي بت کي لڳڻ سان چُڀ چُڀ ڪن ٿا، جنهن ڪري ان ڪپڙي پهرڻ سان ماڻهوءَ کي ننڊ گهٽ اچي ٿي.

٥٢٤- **گرانمايه** (ف):- [گران=وڏيڪ، مهانگو+ مايه= سرمايو، دولت، پونجي، رقم] وڏيڪ رقم وارو، مهانگو، قيمتي، عمدو.

٥٢٥- **گرداب** (ف):- [گرد=گول گهيرو، گول ڦيرو+ آب=پاڻي] گول ڦيرو ڏيندڙ پاڻي يعني پاڻيءَ جو ڪُن، جنهن مان ڪو به بچي نه سگهي.

٥٢٦- **گردونواح** (ف+ع):- [گرد (ف)=گول گهيرو، چوڌاري ڦيرو+ وَ=۽+نواح (ع)=طرف] طرفن کي گهيرو يعني چوڌاري، چوڦير.

٥٢٧- **گرمجوشي** (ف):- [گرم=ڪوسو ، تيز+ جوش —

مصدر جوشيدن=ٽهڪڻ] تيز ٽهڪندڙ جذبو يعني نهايت گهڻي اُڪير ۽ سڪ.

٥٢٨- **گريبان** (ف):-[گري - گردن، ڳچي+بان ، وان= مالڪ، محافظ، نگهبان، وارو، وانگر] گردن جو محافظ، ڳچيءَ وارو ڪپڙو يعني قميص جي ڪالر ۽ ڳچي، اندر.

٥٢٩- **گفتگو** (ف): [گفت - مصدر گفتن=چوڻ] هڪ ٻئي کي آمهون سامهون چوڻ يعني ڳالهائڻ ٻولهائڻ.

٥٣٠- **گلاب** (ف): [گل=گلاب جو گل+آب=پاڻي] گلاب جي گل جو پاڻي، گلاب جي گل جو عرق (عرق گلاب).

٥٣١- **گل اندام** (ف): [گل+اندام=بدن، جسم، عضوا] گل جهڙو نازڪ جسم رکندڙ يعني محبوب، معشوق.

٥٣٢- **گلبدن** (ف):- [گل+بدن=جسم، تن] گل جهڙو نازڪ جسم رکندڙ يعني محبوب ، معشوق ؛ هڪ قسم جو ڌاريدار ڪپڙو .

٥٣٣- **گلبرگ** (ف): [گل+برگ=پن،پنکڙي] گل جو پن يا پنکڙي يعني نازڪ شئي؛ نازڪ مزاج محبوب يا معشوق؛ لاهور شهر ۾ هڪ ڪالونيءَ جو نالو.

٥٣٤- **گلبوء** (ف) :- [گل+بُو=هوا، سرهاڻ] گل جي سرهاڻ، دل کي فرحت ڏيندڙ گل جي هوا يعني خوشبوء .

٥٣٥- **گلدستو** (ف): [گل+دست=هٿ] هٿ ۾ گڏ ڪيل گل، گلن جي مُٺ يعني گلن جو جهڳٽو.

٥٣٦- **گلزاري** (ف): [گل+زار=جاء، هنڌ] گلن سان ڀريل جاء يعني گلن جو ڇهڇٽو.

٥٣٧- **گلستان** (ف): [گل+ستان - آستان=جاء ، هنڌ] گلن جي جاء يعني باغ، بستان.

مصدر ريختن=هارڻ] ڪناري ڪان اُٿلڻ يا هارجڻ يعني پرپرو، ٽمٽار، پريل.

٥٦٠- **لڪڙ ياريون** (هہ):- [لڪڙ=ڪاٺي+هاريون=واريون، جھڙيون] ڪاٺيءَ جھڙيون سنهيون.

٥٦١- **لنگر انداز** (ف):- [لنگر=لوهہ جو زنجير يا رسو، ڪلو، جنهن سان ٻيڙي يا جهاز ٻڌجي+انداز- مصدر انداختن =اڇلڻ، ڦٽي ڪرڻ] رسو يا زنجير اڇلڻ يعني ترسڻ، قيام ڪرڻ، ڏيرو ڪرڻ، منزل ڪرڻ.

٥٦٢- **لوهار** (سن):- [لوهڪار- لوهہ=هڪ ڌاتوءَ جو قسم +ڪار=ڪم] لوهہ جو ڪم ڪندڙ يعني لوهر.

٥٦٣- **ليلةالقدر** (ع):- [ليل=رات+ال=جي+قدر=عزت، بزرگي، قسمت، مرتبو] بزرگيءَ واري رات يعني رمضان مهيني جي ستاويهين تاريخ واري رات، جنهن ۾ هر ڪنهن انسان جي تقدير ڦرڻ جو امڪان ٿئي ٿو.

٥٦٤- **مالدار** (ع+ف):- [مال (ع)=ڌن، دولت، ملڪيت +دار (ف)- مصدر داشتن=رکڻ] ڌن رکندڙ، دولت وارو، ملڪيت وارو يعني شاهوڪار.

٥٦٥- **مايہ‌دار** (ف):- [مايہ=پونجي، رقم، سرمايو، دولت +دار- مصدر داشتن=رکڻ] پونجي يا سرمايو رکندڙ يعني دولتمند، مالدار، شاهوڪار.

٥٦٦- **مايہ‌ناز** (ف):- [مايہ=پونجي، رقم، سرمايو، ملڪيت+ ناز- مصدر نازيدن=اٺ نخرو ڪرڻ، فخر ڪرڻ] سرمائي تي فخر ڪندڙ، ملڪيت تي ناز ڪندڙ يعني مغرور.

٥٦٧- **مُنگهرو** (سن):- [مُن=برائي، نقصان، ڇيهو+ گهرو=گهرندڙ، خواهش ڪندڙ] ٻئي جي لاءِ نقصان جي خواهش ڪندڙ، برائي سوچيندڙ يعني ويري، دشمن.

ڏسڻ، نگاهہ، اکين جي روشني] اکين جي روشنيءَ اڳيان يعني سامهون، خيال، ارادو.

٥٨٠- **مردانہ وار** (ف):- [مرد+وار=وانگر، مثل] مرد وانگر يعني بهادريءَ سان، دليريءَ سان.

٥٨١- **مَرغ زار** (ع+ف):- [مَرغ (ع)=سائو گاهہ+زار (ف) =جاءِ، هنڌ، گهٽائي] اها جاءِ جتي سائو گاهہ گهڻو هجي يعني ساوڪ واري جاءِ، ساوڪ واري زمين.

٥٨٢- **مُرغ زار** (ع+ف):- [مُرغ (ع)= پکي+ زار (ف)= گهٽائي، جاءِ، هنڌ] اها جاءِ جتي پکين جي گهڻائي هجي، پکين جي رهڻ جو هنڌ يعني ڍنڍ، تلاءُ.

٥٨٣- **مرغوب** (ع):- [ رغب=لاڙو ڪرڻ ، توجهہ ڏيڻ ] جنهن ڏانهن لاڙو ڪجي، جنهن ڏانهن توجهہ ڏجي يعني پسند، مقبول.

٥٨٤- **مُشرڪ** (ع):- [شرڪ= شامل ڪرڻ] شامل ڪندڙ؛ خدا تعاليٰ سان ٻيءَ شئي کي شامل ڪندڙ يعني ڪافر، منڪر.

٥٨٥- **مشغول** (ع):-[شغل=ڪم ۾ رڌل رهڻ] ڪم ۾ رڌل، ڌنڌي ۾ لڳل.

٥٨٦- **مشڪلڪشا** (ع+ف):- [مشڪل (ع =ڏکيو، ڳو و +ڪُشا (ف) - مصدر ڪشادن=کولڻ کولڻ] ڏکيائيءَ کي کوليندڙ، مشڪل آسان ڪندڙ؛ حضرت علي سائينءَ جو لقب.

٥٨٧- **مصنف** (ع):- [صنف=ٺاهڻ، جوڙڻ] ٺاهيندڙ،جوڙيندڙ، ڪتاب جوڙيندڙ يا ڪتاب لکندڙ يعني ليکڪ.

٥٨٨- **مطلب** (ع):- [طلب=گهُر ڪرڻ، گهرڻ] گهُر ، غرض، مراد، تمنا.

٥٨٩- **مطيع** (ع):- [طاعت=تابع ٿيڻ ، هٿ هيٺ ٿيڻ] هٿ هيٺ، تابع، فرمانبردار.

٥٩٠- **مضبوط** (ع):- [ضبط=قابو ڪرڻ، سوگهو ڪرڻ] قابو، سوگهو.

٥٩١- **معذور** (ع):- [عذر=بهانو ڪرڻ] بهانو ڪرڻ وارو يعني لاچار، مجبور.

٥٩٢- **معراج** (ع):- [عروج=چڙهڻ، مٿي وڃڻ] مٿي چڙهڻ جي شئي، ڏاڪڻ يعني عرش تي وڃي خدا تعاليٰ سان ملڻ جو مرتبو، جو حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن کي حاصل ٿيو.

٥٩٣- **معمولي** (ع):- [عمل=ڪم] عام ڪم ۾ ايندڙ، رواجي.

٥٩٤- **مقابلو** (ع):- [قبل=اڳيان، سامهون] سامهون ٿيڻ مُنهن ڏيڻ، وڙهڻ، ويڙهه.

٥٩٥- **مقبرو** (ع):-[قبر=ٻني، تربت] قبر يا تربت جي مٿان ٺهيل جاءِ يعني قبو، گنبذ.

٥٩٦- **مقدار** (ع):- [قدر=اندازو ڪرڻ] انداز، وزن.

٥٩٧- **مقرب** (ع):- [قرب=ويجهڙائي] ويجهڙائي رکندڙ، ويجهو ٿيندڙ يعني خاص ماڻهو، خاص دوست.

٥٩٨- **مقروض** (ع):- [قرض=قرض ڏيڻ، آڌارو ڏيڻ] اهو شخص جنهن کي قرض ڏنو وڃي يعني قرضدار.

٥٩٩- **مقصد** (ع):- [قصد=ارادو ڪرڻ، خيال ڪرڻ، پڪو پهه ڪرڻ] خيال، ارادو، مراد، مطلب.

٦٠٠- **مقصود** (ع):- [قصد=ارادو ڪرڻ، خيال ڪرڻ، پڪو پهه ڪرڻ] ارادو ڪيل.

٦٠١- **مقيد** (ع):- [قيد=بنديخانو، جيل] قيد ۾، بند ۾، يعني قيدي.

٦٠٢- **ملاقات** (ع):- [لقا=ديدار ڪرڻ، ڏسڻ] ميلاپ،

ديدار، صحبت.

٦٠٣- مملڪتون (ع):-[ملڪ - مملڪت (جمع مملڪتون) =حڪومت، بادشاهت] حڪومتون، سلطنتون، بادشاهتون.

٦٠٤- منزل (ع):- [نزل=نازل ٿيڻ، لهڻ] نازل ٿيڻ جي جاء، لهڻ جي جاء يعني جتي ٿورو وقت ترسجي يا منزل ڪجي يا ڊاپو ڪجي.

٦٠٥- منصف (ع): [ نصف=اڌو اڌ ڪرڻ] اڌو اڌ ڪندڙ، پوري ورهاست ڪندڙ يعني انصاف ڪندڙ،قاضي،جج.

٦٠٦- منصوبو (ع):-[نصب=خيال برپا ڪرڻ، رٿ ڪرڻ] رٿ، خيال.

٦٠٧- من گهڙت (هه):- [من=دل ، هنياءُ+گهڙڻ=ٺاهڻ] پنهنجي دل مان ٺاهيل يعني خيالي، ڪوڙي، اجائي، بي بنياد.

٦٠٨- مها ڀاري (سن):- [مها=بزرگ، وڏو، سردار+ڀاري =ڳورو، وزندار، ڏکي، مشڪل] وڏو ۽ مشڪل ڪم يعني تمام وڏي جنگ، جا سڀني ملڪن کي گهيري ۾ آڻي يعني وڏي، عالمگير لڙائي.

٦٠٩- مهاتما (سن):- [مها=بزرگ، وڏو، سردار+آتما= روح، ساهه] وڏو روح يعني بزرگ، سردار، مرشد.

٦١٠- مهتاب (ف):- [ ماهه=چنڊ+تاب=چمڪ ، روشني ] چنڊ جهڙو روشن يعني سهڻو خوبصورت.

٦١١- مهڪار (هه):- [مهڪ = خوشبوء،گلن جي تيز بو - مهڪڻ = خوشبوء پکيڙڻ] سرهي بوء، سرهاڻ.

٦١٢- مهمان نوازي(سن+ف):-[مهه - مها(سن)=بزرگ ، وڏو، سردار+مان (ف)=عزت، مرتبو، شان+نواز (ف)- مصدر نواختن=خاطر خواهي ڪرڻ، خدمت چاڪري ڪرڻ] بزرگ جي خاطرخواهي، گهر آيل مهمان جي خدمت چاڪري.

٦٤٤- **نقاب پوش** (ع+ف):- [نقاب (ع)=منهن جو پڙدو، ڍڪ + پوش (ف) - مصدر پوشيدن=ڍڪڻ، پهرڻ] منهن جو پڙدو ڍڪيندڙ يعني منهن لڪائيندڙ عورت.

٦٤٥- **نقشبندي** (ع+ف):- [نقش (ع)=چٽ، صورت، شڪل+بند - مصدر بستن=ٻڌڻ] چٽ ٻڌڻ، صورت يا شڪل ناهڻ يعني چستالي، گلڪاري، مُصوَّري، اهل ذڪر وارن جو طريقو، جنهن جو سلسلو حضرت خواجا بهاوالدين ذڪريا کان شروع آهي.

٦٤٦- **نقش ساز**(ع+ف):- [نقش (ع) = چٽ، صورت، شڪل+ساز (ف) - مصدر ساختن=جوڙڻ، ناهڻ] چٽ جوڙيندڙ، شڪل ناهيندڙ يعني پينٽر.

٦٤٧- **نڪته چيني** (ع+ف):- [نڪته (ع)=جزو، حصو+ چين (ف) - مصدر چيدن=چونڊڻ] جزن جي چونڊ، عيبن جي ڳولا يعني عيب جوئي، تنقيد.

٦٤٨- **نڪليس** (انگ):- [نيڪ - Neck=ڳچي+ليس - Lace=ڏاڳو، سڳو] ڳچيءَ جو سڳو؛ ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هار.

٦٤٩- **نڪمو** (ه):- [نه=نه+ڪم=ڪار، ڌنڌو] جنهن کي ڪم يا ڌنڌو نه هجي يعني بيڪار، واندو.

٦٥٠- **نگهباني** (ف):- [نگاه=نظر، اکين جي روشني+ بان=محافظ، مالڪ] نظر جو محافظ يعني مالڪ جي نظر، چوڪسي، سنڀال.

٦٥١- **نگهداشت** (ف):- [نگاه=نظر، اکين جي روشني+ داشت - مصدر داشتن=رکڻ] نظر ۾ رکيل يعني سنڀال هيٺ.

٦٥٢- **نو آموز** (ف):- [نَو=نئون، تازو+آموز - مصدر آموختن=سکڻ] نئون سکندڙ يعني سيکڙاٽ.

٦٥٣- **نوبهار** (ف):- [نَو=نئون، تازو+بهار=گلن ٽڙڻ جي

موسم، خوشي، رونق] نئين خـوشي ڏيندڙ موسم، سياري کان
پوءِ ايندڙ موسم، خوش، سرهو.

٦٥٤- **نوٽبوڪ** (انگ):- [نوٽ - Note=لکڻ، درج ڪرڻ
+بوڪ - Book=ڪتاب] لکڻ جو ڪتاب يعني بوڪ.

٦٥٥- **نورالبصر** (ع):- [نور=روشنائي+ال=جي ، جو+
بصر=اک] اک جي روشنائي يعني نظر.

٦٥٦- **نورالنهار** (ع):- [نور=روشني+ال=جي، جو+نهار
=ڏينهن] ڏينهن جي روشني يعني روشنائي، چمڪ.

٦٥٧- **نوشيروان** (ف):- [نو=نئون، تازو+شير=شينهن+
وان=وانگر] نئين شينهن وانگر، جـوان شينهن جهڙي طـاقت
رکندڙ يعني جوڌو، بهادر، پهلوان.

٦٥٨- **نونهال** (ف):-[نو=نئون، تازو+نهال=خوبصورت پوٽو]
تازو ۽ خوبصورت پوٽو، جنهن اڃا (ڦر ميوو) نہ جهليو هجي؛
نوجوان ٻار.

٦٥٩- **نوکنڊ** (ف+پرا): [نو (ف)=نئون، تازو+کنڊ (پرا)
=پاڱو، حصو، ملڪ] نئون ملڪ.

٦٦٠- **نيڪٽاءِ** (انگ):- [نيڪ - Neck=ڳچي+ٽاءِ -
Tie - To Tie=ٻڌڻ] ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ واري پٽي، جا اڪثر سوٽ
۽ ڪوٽ پائڻ وقت ٻڌبي آهي.

٦٦١ **نيلگون** (ف):-[نيل=نيرو+گون=رنگ] نيري رنگ
جو يعني آسمان، فلڪ.

٦٦٢- **نيم خوابي** (ف):-[نيم=اڌ+خواب- مصدر خوابيدن
=ننڊ ڪرڻ] اڌ ننڊ يعني ننڊ جي نشي ۾ پريل، ننڊ جي خمار
۾ رهڻ، پنڪي اچڻ.

٦٦٣- **واسڪوٽ** (انگ):- [ويسٽ - Waist=چيلهہ، ڪمر
+ڪوٽ - Coat=ڍڪ، کل، تهہ، ڪوٽ] چيلهہ تائين ڍڪ،

چيلهہ تائين ڪوٽ يعني صدري.

٦٦٤- **واقع** (ع):- [وقع=پڌرو ٿيڻ] پڌرو، ظاهر، مشهور.

٦٦٥- **وحدت الشهود** (ع):- [واحد=اڪيلو (خدا تعاليٰ)، وحدت=اڪيلائي+ شهود=حاضر هجڻ] خدا تعاليٰ جو هر شئي ۾ حاضر هجڻ. صوفين جي هڪ گروهہ جي عقيدي موجب هر شئي ۾ خدا تعاليٰ کي موجود سمجهڻ.

٦٦٦- **وحدت الوجود** (ع):- [واحد=اڪيلو (خدا تعاليٰ)، وحدت=اڪيلائي+وجود=ذات، هستي] اڪيلي خدا جي هستي. صوفين جي ٻئي گروهہ جي عقيدي موجب دنيا ۾ پيدا ڪيل هر شئي کي الله تعاليٰ جي پاڪ هستي سمجهڻ.

٦٦٧- **ودياليہ** (سن):- [وديا=ڄاڻ، علم+ آليہ=جاءِ، جڳهہ، هنڌ] علم حاصل ڪرڻ جي جڳهہ؛ اها جاءِ جنهن ۾ علم پرايو وڃي يعني اسڪول، مدرسو، ڪاليج.

٦٦٨- **ورڪشاپ** (انگ):- [ورڪ Work= ڪم+ شاپ Shop=دڪان] اهو دڪان جتي ڪم ڪري ڪجهہ مشين جا پرزا وغيره ٺاهجن يعني ڪارخانو.

٦٦٩- **وسڪارو** (سن):- [وسڪڻ=وسڻ، وسي پوڻ، مينهن جو پاڻي هيٺ ڪرڻ+ آرو=وارو] مينهن جو پاڻي مٿان ڪرڻ يعني مينهن جي پلٽ؛ مينهن وسڻ جي موسم.

٦٧٠- **وسيع فرش** (ع):- [وسيع+ڪشادو، ويڪرو+فرش =وڇايل شئي، زمين] ڪشادي زمين، ويڪري ڌرتي.

٦٧١- **وضعدار** (ف):- [وضع=ترتيب، ڍنگ، نمونو+دار - مصدر داشتن=رکڻ] ترتيب سان رکندڙ، نموني سان رکندڙ يعني پنهنجي قابليت ۾ پڙ، هوشيار، پنهنجو مٽ پاڻ.

٦٧٢- **وضع قطع** (ع):- [وضع=ترتيب ڏيڻ، ٺاهڻ+قطع =ڪاٽڻ، پڇڻ] ترتيب سان ڪاٽڻ، ٺاهي ڪاٽڻ، طور طريقو

اسمت=آهي] سڀ ڪجهہ اهو الله تعاليٰ ئي آهي. صوفين جو هڪ گروهہ انهيءَ عقيدي جو قائل آهي تہ خدا تعاليٰ کان سواء ٻي ڪنهن بہ شئي جو وجود ڪونهي. اهو خدا تعاليٰ ئي آهي جو مختلف شڪلين ۾ پاڻ ڏيکاري ٿو.

٦٨٢- **همت افزائي** (ع+ف):- [همت=جرئت، دليري، بهادري+افزا (ف) - مصدر افزودن=وڌائڻ] جرئت وڌائڻ، دليري پيدا ڪرڻ يعني پٺ ڀرائي.

٦٨٣- **هم چورس** (ف+هہ+ف):- [هم (ف)=ساڳيو+چو (هہ)=چار+رس (ف)=پهچ وارو] چارئي پاسا ساڳي پهچ وارا يعني اهـا شڪل جنهن جـا چارئي پـاسا هڪ جهڙا ۽ هڪ جيترا هجن.

٦٨٤- **همدرد** (ف):- [هم=ساڳيو+درد=غم، ڏک، تڪليف] ساڳيو غم يا ڏک رکندڙ يعني هڏ ڏوکي، ساٿي، دوست.

٦٨٥- **همدم** (ف):- [هم=ساڳيو+دم=ساهہ] ساڳئي ساهہ وارو، ساڳئي خيال وارو يعني نهايت پيارو، دوست، رفيق، ساٿي.

٦٨٦- **همراز** (ف):- [هم=ساڳيو، هڪ جهڙو+راز=مقصد، لڪل ڳالهہ، مراد] ساڳي لڪل ڳالهہ ڄاڻندڙ، هڪجهڙو مقصد رکندڙ يعني ڄُجهت.

٦٨٧- **همراهہ** (ف):- [هم=ساڳيو، هڪجهڙو+راهہ=رستو] هڪجهڙي واٽ وٺندڙ، ساڳئي رستي سان هلندڙ يعني ساٿي، رفيق.

٦٨٨- **همسايہ** (ف):- [هـم=ساڳيو+سايہ=پـاڇو] ساڳئي پاڇي ۾ ويهندڙ يعني پاڙيسري.

٦٨٩- **همسفر** (ف+ع):- [هم (ف)=ساڳيو، ساڳـي+سفر (ع)=مسافري] ساڳي مسافري ڪندڙ، مسافريءَ ۾ شامل يعني ساٿي، رفيق.

٦٩٠- **همشيرہ** (ف):- [هم=ساڳيو+شِير=کير] ساڳيو

ڪير پيئندڙ عورت يعني پيڻ.

٦٩١- **همعصر** (ف+ع):- [هم (ف)=ساڳيو+عصر (ع)= زمانو] ساڳئي زماني جو، ساڳئي دور جو يعني هڪ جيڏو.

٦٩٢- **همڪنار** (ف):- [هم=ساڳيو+ڪنار=ڪنارو، طرف، پاڪر] ساڳئي ڪناري سان، ساڳئي طرف يعني پاڪر ۾.

٦٩٣- **هوا دار** (ع+ف):- [هوا (ع)=واءُ، ڳنڍيندڙ هوا+ دار (ف) - مصدر داشتن=رکڻ]هوا رکندڙ يعني هوا واري جاءِ، کليل، ڪشادي.

٦٩٤- **هموار** (ف):- [هم=ساڳيو+وار=لائق، مناسب، موافق] ساڳئي لائق، ساڳي موافقت يعني موزون، برابر، موافق.

٦٩٥- **هوشيار** (ف):- [هوش=سمجهه، عقل+يار=مددگار، ساٿي، دوست] سمجهه وارو دوست، عقل وارو ساٿي يعني سياڻو، سمجهو، داناءُ.

٦٩٦- **هيجان** (س):- [هيج=خوشي، شوق، محبت، چاهه +مان=سان، وچان] خوشيءَ سان، محبت وچان، شوق سان.

٦٩٧- **هيبتناڪ** (ع+ف):- [هيبت (ع) = دهشت، رعب، ڊپ، خوف+ناڪ (ف)=ڀريل، ڀرپور] دهشت سان ڀريل، خوف سان ڀرپور يعني خوفناڪ.

٦٩٨- **يادداشتنامو** (ف):- [ياد=ذهن ۾، خيال ۾، سمجهه ۾+داشت - مصدر داشتن=رکڻ+نامہ=خط، چٺي، تحرير] ذهن ۾ رکڻ لائق خط، خيال ۾ رکڻ واري تحرير يعني يادگيريءَ وارو پنو، عريضو.

٦٩٩- **يڪجهتي** (ف+ع):- [يڪ (ف)=هڪ، اڪيلو+ جهت(ع) = طرف] هڪ طرف ڪان، هڪ طرفي يعني ٻڌي، اتحاد، اتفاق، دوستي.

٧٠٠- **يڪدم** (ف):- [يڪ=هڪ+دم=ساهه] هڪ ساهه ۾،

آبادي، ڳوٺ] ڪامياب ۽ فاتح ماڻهن سان ڀريل بستي؛ فيروز پهلوان طرفان آباد ڪيل شهر، پنجاب صوبي ۾ هڪ شهر جو نالو.

٤٢١- مُحَرَّم (ع) :- [حرم= حرام قرار ڏيڻ، عزت وارو بڻائڻ] حرام ڪيل، تعظيم وارو بڻايل، قمري سال جو پهريون مهينو، جاهليت واري دور ۾ الله تعاليٰ جي طرفان هن مهيني ۾ جنگ ڪرڻ حرام ڪئي وئي هئي؛ هن ئي مهيني ۾ حضرت امام حسين عليه‌السلام جن شهادت پاتي.

٤٢٢- مُرشد (ع): [رُشد= هدايت حاصل ڪرڻ، سڌي رستي تي هلڻ] هدايت ڪرڻ وارو، سڌو رستو ڏيکاريندڙ، رهنما

٤٢٣- مسجد (ع):- [سجد= جهڪڻ، نوڙڻ، سجدو ڪرڻ] سجدي ڪرڻ جي جاءِ، عبادت جي جاءِ؛ مسلمانن جو عبادتگاهه

٤٢٤- مصلحت (ع):- [صلح= نيڪ هجڻ، چڱو هجڻ] چڱائي، ڀلائي، فائدو.

٤٢٥- مظلوم (ع):- [ظُلم= غلط روش اختيار ڪرڻ، ظلم ڪرڻ، زيادتي ڪرڻ] جنهن تي ظلم ڪيو وڃي، ستم زده

# ضد

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| آباد | (ف) | برباد، ويران | ارض | (ع) | سماء |
| ابتدا | (ع) | انتها | آزاد | (ف) | گرفتار |
| آبي | (ف) | آتشي | آس | (س) | ڇانو |
| اپرٽ | (س) | لوٽ | آسان | (ف) | دشوار |
| آپرو | (س) | سپرو | استاد | (ف) | شاگرد |
| اُتر | (س) | ڏکڻ | استقبال | (ع) | الوداع |
| اتفاق | (ع) | نفاق | اسلام | (ع) | ڪُفر |
| اُٿڻ | (س) | ويهڻ | آسمان | (ف) | زمين |
| اُپت | (س) | کپت | آشنا | (ف) | بيگانہ |
| اجتماعي | (ع) | انفرادي | اصل | (ع) | نقل |
| آجر | (ع) | عذاب | اصيل | (ع) | رذيل |
| اچڻ | (س) | وڃڻ | اعلي | (ع) | ادني |
| اُچو | (س) | سادو | آغاز | (ع) | انجام |
| اڇو | (س) | ڪارو | افتتاح | (ع) | اختتام |
| آرام | (ف) | آزار | آقا | (ع) | غلام |
| ارزان | (ف) | گران | اقرار | (ع) | انڪار |

| | | |
|---|---|---|
| آڪاش | (سن) | پرٿوي |
| اڪبر | (ع) | اصغر |
| اڪثريت | (ع) | اقليت |
| اڳ | (س) | پٺ |
| اڳياڙي | (س) | پڇاڙي |
| اڳيان | (س) | پٺيان |
| اُلفت | (ع) | ڪُلفت |
| آلو | (س) | سُڪو |
| امانت | (ع) | خيانت |
| آمدني | (ف) | روانگي |
| امن | (ع) | فساد |
| امير | (ع) | فقير |
| اندر | (س) | ٻاهر |
| اندروني | (ف) | بيروني |
| انسان | (ع) | حيوان |
| انصاف | (ع) | ظلم |
| اوڀارو | (س) | لهوارو |
| اوڀر | (س) | اولهه |
| اوت | (س) | موت |
| اُوچ | (سن) | نِيچ |

| | | |
|---|---|---|
| اول | (ع) | آخر |
| اُوليٰ | (ع) | آخرت |
| اولين | (ع) | آخرين |
| اهل | (ع) | نا اهل |
| باريڪ | (ف) | فربه |
| باقي | (ع) | فاني |
| باهه | (س) | پاڻي |
| بر | (ع) | بحر |
| برآمد | (ف) | درآمد |
| بري | (ع) | بحري |
| بزرگ | (ف) | ڪميڻو |
| بقا | (ع) | فنا |
| بهادر | (ف) | بزدل |
| بهار | (ف) | خزان |
| بهتر | (ف) | بدتر |
| بهترين | (ف) | بدترين |
| بهشت | (ف) | دوزخ |
| بيابان | (ف) | خيابان |
| بيدار | (ف) | خُفته |
| ٻار | (س) | ٻُڍو |

| | | |
|---|---|---|
| پڌل | (س) | ڳُجهيل، ڇپل |
| پڌڻ | (س) | ڇوڙڻ |
| پوڏ | (س) | سوڪ |
| پاڳوند | (س) | ڇنڊو |
| پاڳيو | (س) | چور |
| پڙيل | (س) | سڪٽو |
| تار | (هه) | تانگهو |
| تازي | (ف) | باسي |
| تائيد | (ع) | ترديد |
| ترقي | (ع) | تنزل |
| تعريف | (ع) | تغيبت |
| تعمير | (ع) | تخريب |
| تقدير | (ع) | تدبير |
| تقرير | (ع) | تحرير |
| تڪبر | (ع) | تواضع |
| تکڙ | (س) | دير |
| تکڙو | (س) | ڍرو |
| تندرست | (ف) | بيمار |
| تونگر | (ف) | مفلس |
| تونگري | (ف) | مفلسي |

| | | |
|---|---|---|
| تيز | (ف) | ڪُند |
| ٿڌاڻ | (س) | ڪوساڻ |
| ٿڌو | (س) | ڪوسو |
| ٿڌي | (س) | ڪوسي |
| ٿلهو | (س) | سنهو |
| ٿاهڻ | (س) | ڊاهڻ |
| ثواب | (ع) | عيب |
| پاڪ | (ف) | پليد |
| پڌرو | (س) | ڳجهو |
| پرڀات | (پرا) | سانجهي |
| پرڻو | (س) | ڪنوارپڻو |
| پرڻيل | (س) | ڪنوارو |
| پرڀه | (پرا) | سنجهو |
| پڙهڻ | (س) | لکڻ |
| پڪو | (س) | ڪچو |
| پنهنجو | (س) | پرائو |
| پورب | (پرا) | پڇم |
| پورو | (س) | اڌورو |
| پهلوان | (ف) | ڪمزور |
| جائز | (ع) | ناجائز |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| جديد | (ع) | قديم | حڪيم | (ع) | مريض |
| جزا | (ع) | سزا | حلال | (ع) | حرام |
| جنت | (ع) | جهنم | حلالي | (ع) | حرامي |
| جوان | (ف) | پير | حيات | (ع) | موت |
| جواني | (ف) | پيري | حياتي | (ع) | مماتي |
| جيت | (سن) | هار | خالق | (ع) | مخلوق |
| جيئڻ | (س) | مرڻ | خاموشي | (ف) | شور |
| چانڊوڪي | (س) | اونداهي | خشڪ | (ف) | تر |
| چاق | (ت) | ناچاق | خوبي | (ف) | خامي |
| چُست | (ف) | سست | خود داري | (ف) | خود رفتگي |
| چڱو | (سن) | لڱو، مٺو | خوش | (ف) | رنج |
| چوٽي | (هه) | ترو | خوشبوءِ | (ف) | بدبوءِ |
| چَڙهه | (س) | لَهه | خوشحال | (ف) | بدحال |
| حاذق | (ع) | احمق | خوش نصيب | (ف) | بد نصيب |
| حاضر | (ع) | غائب | خوشنما | (ف) | بدنما |
| حاڪم | (ع) | رعيت | خوشي | (ف) | افسوس |
| حُب | (ع) | بغض | خيرخواهه | (ف) | بدخواهه |
| جميل | (ع) | قبيح | خيرخواهي | (ف) | بدخواهي |
| حق | (ع) | باطل | داخل | (ع) | خارج |
| حقيقي | (ع) | مجازي | داخلي | (ع) | خارجي |

| | | |
|---|---|---|
| داد | (ف) | بيداد |
| داناءُ | (ف) | نادان |
| دانائي | (ف) | نادائي |
| دلير | (ف) | ڪيدي |
| دنيا | (ع) | آخرت |
| دوست | (ف) | دشمن |
| دوستي | (ف) | دشمني |
| ديس | (ف) | پرديس |
| ديسي | (ف) | پرديسي |
| دين | (ع) | دولت |
| ڏار | (س) | ڳڏ |
| ڏايو | (پرا) | هيٺو |
| ڏاڍائي | (پرا) | هيٺائي |
| ڏاهو | (س) | چريو |
| ڏيرو | (س) | متارو |
| ڏينهن | (ش) | رات |
| ڏيهه | (س) | پرڏيهه |
| ڏڳهو | (س) | بندرو |
| ڊيگهه | (س) | ويڪر |
| ڍايل | (س) | بکيو |

| | | |
|---|---|---|
| ڍڪيل | (س) | کليل |
| ڍؤ | (س) | بک |
| ذڪر | (ع) | نِسيان |
| راجا | (سن) | پرجا |
| رحم | (ع) | ظلم |
| رحمت | (ع) | زحمت |
| روح | (ع) | جسم |
| روحاني | (ع) | جسماني |
| رُسڻ | (س) | پرچڻ |
| روشن | (ف) | تاريڪ |
| روشنائي | (ف) | تاريڪي |
| روڪڙ | (س) | اوڌر |
| ريت | (سن) | ڪُرِيت |
| زبر | (ف) | زير |
| زبردست | (ف) | زيردست |
| زنده | (ف) | مرده |
| زندگي | (ف) | مرگ |
| زهر | (ع) | ترياق |
| ساڃ | (ه) | لُچ |
| ساراهه | (سن) | نندا |

| | | |
|---|---|---|
| ساوڪ | (س) | ٻُٽ |
| ساڏو | (س) | سڄو |
| سائين | (س) | ٻانهو |
| سائڻ | (س) | ٻانهي |
| سُبتو | (س) | اُبتو |
| سبوجهه | (سن) | ابوجهه |
| سُڀيلي | (سن) | ڪُڀيلي |
| سڀاڳو | (سن) | نڀاڳو |
| سٺو | (پرا) | خراب |
| سُپت | (سن) | ڪُپت |
| سُپتيو | (سن) | ڪُپتيو |
| سَپوت | (سن) | ڪَپوت |
| سجاڳي | (س) | ننڊ |
| سجايو | (س) | اجايو |
| سڄر | (س) | پاروٺو |
| سڄڻ | (سن) | ڏَڄڻ |
| سڄو | (س) | انڌو |
| سچ | (س) | ڪوڙ |
| سُچر | (سن) | ڏچر |
| سچو | (س) | ڪوڙو |

| | | |
|---|---|---|
| سحر | (ع) | افطار |
| سخاوت | (ع) | بُخل |
| سخت | (ف) | نرم |
| سخي | (ف) | بخيل |
| سدورو | (سن) | ندورو |
| سُڌاتورو | (سن) | ڪُڌاتورو |
| سڌارو | (س) | بگاڙو |
| سڌريل | (س) | بگڙيل |
| سڌو | (س) | ڦِڏو |
| سُراهو | (سن) | ڪُراهو |
| سرد | (ف) | گرم |
| سردي | (ف) | گرمي |
| سرڪاري | (ف) | خانگي |
| سرلو | (س) | ڀوڙو |
| سرمايدار | (ف) | مزدور |
| سَرهو | (س) | آرهو |
| سُرور | (ع) | غم |
| سفر | (ع) | حِضر |
| سفيد | (ع) | سياهه |
| سُڪار | (س) | ڏڪار |
| سُڪ | (س) | ڏڪ |

| | | |
|---|---|---|
| سکيو | (س) | ڏکيو |
| سڳو | (س) | ويڳو |
| سگهائي | (سن) | اگهائي |
| سگهڙو | (س) | ڇڙهو |
| سگهو | (سن) | اگهو |
| سُلڇڻو | (سن) | ڪُلڇڻو |
| سَلوڻو | (سن) | آلوڻو |
| سنگدل | (ف) | موم دل |
| سنئون | (س) | اونڌو |
| سٽيو | (س) | آٽيو |
| سوار | (ف) | پيادو |
| سوال | (ع) | جواب |
| سوجهرو | (سن) | اوندهه |
| سوکو | (سن) | اوکو |
| سوکي | (سن) | اوکي |
| سولو | (س) | اولو |
| سونو | (سن) | روپو |
| سوير | (سن) | اوير |
| سُهاڳ | (پرا) | ڏهاڳ |
| سهاڳڻ | (پرا) | ڏهاڳڻ |

| | | |
|---|---|---|
| سهانگو | (سن) | مهانگو |
| سهنج | (سن) | اهنج |
| سهنجو | (سن) | اهنجو |
| سهڻو | (پرا) | ڪوجهو |
| سيارو | (س) | اونهارو |
| سياڻو | (س) | اياڻو |
| سيراب | (ف) | خالي |
| سيراندي | (س) | پيراندي |
| شاد | (ف) | ناشاد |
| شادي | (ف) | غمي |
| شام | (ف) | پگاهه |
| شاهه | (ف) | گدا |
| شاهوڪار | (سن) | ڪنگال |
| شب | (ف) | روز |
| شرم | (ف) | بي شرمي |
| شريف | (ع) | شرير |
| شِفا | (ع) | مرض |
| شڪست | (ف) | پيوست |
| شمال | (ف) | جُنوب |
| صادق | (ع) | ڪاذب |

| | | |
|---|---|---|
| صاف | (ع) | مُڪدر |
| صالح | (ع) | طالح |
| صبح | (ع) | مساء |
| صحيح | (ع) | غلط |
| صفائي | (س) | گندگي |
| صلح | (ع) | فساد |
| صديق | (ع) | عدوّ |
| ضد | (ع) | مترادف |
| طاقتور | (ف) | نا تُوان |
| طالب | (ع) | مطلوب |
| ظاهر | (ع) | باطن |
| عادل | (ع) | ظالم |
| عاشق | (ع) | معشوق |
| عاقل | (ع) | سفيه |
| عالِم | (ع) | جاهل |
| عام | (ع) | خاص |
| عامل | (ع) | معمول |
| عرب | (ع) | عجم |
| عربي | (ع) | عجمي |
| عرش | (ع) | فرش |

| | | |
|---|---|---|
| عروج | (ع) | نُزول |
| عزت | (ع) | ذلت |
| عِلم | (ع) | جِهل |
| غالب | (ع) | مغلوب |
| غني | (ع) | محتاج |
| فاعل | (ع) | مفعول |
| فتح | (ع) | هزيمت |
| فراخ | (ف) | تنگ |
| فراخدل | (ف) | تنگدل |
| فرزند | (ف) | دختر |
| فريادي | (ف) | جوابدار |
| ڦڪو | (س) | ڇهرو |
| قابل | (ع) | ناقابل |
| قاتل | (ع) | مقتول |
| قريب | (ع) | بعيد |
| ڪامل | (ع) | ناقص |
| ڪُبريٰ | (ع) | صُغريٰ |
| ڪبير | (ع) | صغير |
| ڪُلّ | (ع) | جُز |
| ڪُلي | (ع) | جزوي |

| | | |
|---|---|---|
| ڪمال | (ع) | زوال |
| ڪماليت | (ع) | زواليت |
| ڪمائتو | (ه) | نڪمو |
| ڪاٽو | (س) | پيتو |
| ڪاٽڻ | (س) | پيٺڻ |
| ڪٽ | (س) | پُٽ |
| ڪرو | (س) | ڪوڙو |
| ڪِلَ | (س) | رودن |
| ڪِلڻ | (س) | روئڻ |
| ڪٽڻ | (س) | رکڻ |
| ڳنڍ | (س) | ڏار |
| ڳُرو | (ه) | ڇيلو |
| گل | (ف) | خار |
| گهاٽو | (س) | ڇڊو |
| گهٽو | (س) | ٿورو |
| گهوٽ | (س) | ڪنوار |
| لاهه | (س) | چاڙهه |
| لاهو | (س) | ڪاهو |
| لاهي | (س) | چاڙهي |
| لائق | (ع) | نالائق |

| | | |
|---|---|---|
| لهڻ | (س) | چڙهڻ |
| ليل | (ع) | نهار |
| مادي | (ع) | روحاني |
| ماضي | (ع) | مستقبل |
| متوجهه | (ع) | غافل |
| مٿانهون | (س) | هيٺانهون |
| مٿي | (س) | هيٺ |
| مٺو | (س) | ڪڙو |
| محبت | (ع) | عداوت |
| مخدوم | (ع) | خادم |
| مدح | (ع) | هَجُوَ |
| مدعي | (ع) | مدعاعليه |
| مذڪر | (ع) | مؤنث |
| مرد | ف | زن |
| مردانو | (ف) | زنانو |
| مرشد | (ع) | مريد |
| مڙس | (س) | زال |
| مسلمان | (ع) | مُلحد |
| مشرق | (ع) | مغرب |
| مُشرڪ | (ع) | مُوحد |

| | | |
|---|---|---|
| مصيبت | (ع) | نعمت |
| مضبوط | (ع) | ضعيف |
| مُفرد | (ع) | مُرڪب |
| ممڪن | (ع) | مشڪل |
| موافق | (ع) | مخالف |
| موافقت | (ع) | مخالفت |
| موجوده | (ف) | گذشته |
| مومن | (ع) | ڪافر |
| مُهَڙ | (س) | پُٺِ |
| مهمان | (ف) | ميزبان |
| ميلاپ | (هه) | وڇوڙو |
| ناز | (ف) | نياز |
| نثر | (ع) | نظم |
| نر | (ف) | ماده |
| نَرڪ - نَرڳ | (س) | سُرڳ |
| نشست | (ف) | برخواست |
| نفعو | (ع) | نقصان |
| نفي | (ع) | اثبات |
| نُور | (ع) | ظُلمت |
| نِهرو | (س) | پورو |
| نئون | (س) | پراڻو |
| نياءُ | (هه) | ڪُنياءُ |
| نيڪ | (ف) | بد |
| نيڪ بخت | (ف) | بد بخت |
| نيڪنامي | (ف) | بدنامي |
| نيڪي | (ف) | بدي |
| واحد | (ف) | جمع |
| واڌ | (س) | ڪوٽ |
| واڌو | (س) | گهاٽو |
| والد | (ع) | مولود |
| وحدت | (ع) | ڪثرت |
| وڌ | (س) | گهٽ |
| وڏو | (س) | ننڍو |
| وصال | (ع) | فراق |
| وصل | (ع) | فصل |
| ونهيو | (س) | ولهو |
| ويساهه | (هه) | آوِشواس |
| ويجهو | (س) | پري |
| ها | (س) | نه |
| هٿ ڦاڙ | (س) | ڪنجوس |

| | | |
|---|---|---|
| هستي | (ف) | نيستي |
| هلڪو | (س) | ڳرو |
| هوريان | (س) | ڏاڍيان |
| هوشيار | (ف) | ڪُند |
| ياد | (ف) | فرامرش |
| يادگيري | (س) | ويسر |
| يار | (ف) | غير |

# واحد — جمع

| واحد | — | جمع |
|---|---|---|
| اثر | (ع) | آثار |
| اجر | (ع) | آجور |
| اجل | (ع) | آجال |
| اختلاف | (ع) | اختلافات |
| اختيار | (ع) | اختيارات |
| ادب | (ع) | آداب |
| اديب | (ع) | آدباءُ |
| ارشاد | (ع) | ارشادات |
| استاذ | (ع) | اساتذه |
| استعارو | (ع) | استعارات |
| اسم | (ع) | اسماءُ |

| واحد | — | جمع |
|---|---|---|
| اِصطلاح | (ع) | اصطلاحات |
| اصغر | (ع) | اصاغر |
| آفت | (ع) | آفات |
| اُفق | (ع) | آفاق |
| اڪبر | (ع) | اڪابر |
| الزام | (ع) | الزامات |
| الم | (ع) | آلام |
| امتحان | (ع) | امتحانات |
| امر | (ع) | اُمور |
| امڪان | (ع) | امڪانات |
| امير | (ع) | اُمراء |

| | | |
|---|---|---|
| انعام | (ع) | انعامات |
| اول | (ع) | آخر |
| آیت | (ع) | آیات |
| باب | (ع) | ابواب |
| باز | (ف) | ابواز |
| باغ | (ف) | باغات |
| بحر | (ع) | آبحار |
| بخار | (ع) | بخارات |
| بخیل | (ع) | بُخلاء |
| بدن | (ع) | ابدان |
| بر | (ع) | ابرار |
| برکت | (ع) | برکات |
| بستان | (ف) | بساتین |
| بلبل | (ع) | بلابل |
| بلیغ | (ع) | بلغاء |
| بیان | (ع) | بیانات |
| بیت | (ع) | ابیات |
| تاج | (ع) | تیجان |
| تاجر | (ع) | تجار |

| | | |
|---|---|---|
| تبرک | (ع) | تبرکات |
| تجویز | (ع) | تجاویز |
| تحقیق | (ع) | تحقیقات |
| تذکرو | (ع) | تذکرات |
| تشبیہ | (ع) | تشبیہات |
| تصنیف | (ع) | تصانیف |
| تصور | (ع) | تصورات |
| تصویر | (ع) | تصاویر |
| تعلق | (ع) | تعلقات |
| تعلیم | (ع) | تعلیمات |
| تعمیر | (ع) | تعمیرات |
| تعویذ | (ع) | تعویذات |
| تقدیر | (ع) | تقادیر |
| تقریر | (ع) | تقاریر |
| تکلیف | (ع) | تکالیف |
| تمثیل | (ع) | تمثیلات |
| ثمر | (ع) | ثمار |
| پیغام | (ف) | پیغامات |
| پیغمبر | (ف) | پیغمبران |

| | | |
|---|---|---|
| جاگير | (ف) | جاگيرات |
| جامع | (ع) | جوامع |
| جانب | (ع) | جوانب |
| جاهل | (ع) | جُهلاء |
| جبل | (ع) | جِبال |
| جذبو | (ف) | جذبات |
| جسم | (ع) | آجسام |
| جِنّ | (ع) | جِنات |
| جَنت | (ع) | جَنات |
| جنس | (ع) | آجناس |
| جواب | (ع) | جوابات |
| جوهر | (ع) | جواهر |
| جيب | (ع) | جُيوب |
| حاجت | (ع) | حاجات |
| حاجي | (ع) | حُجاج |
| حادثو | (ع) | حادثات |
| حاضر | (ع) | حُضار |
| حافظ | (ع) | حُفاظ |
| حاڪم | (ع) | حڪام |
| حال | (ع) | احوال |

| | | |
|---|---|---|
| حبيب | (ع) | احباب |
| حجاب | (ع) | حجابات |
| حُجرو | (ع) | حجرات |
| حد | (ع) | حدود |
| حديث | (ع) | احاديث |
| حرف | (ع) | حروف |
| حرڪت | (ع) | حرڪات |
| حضرت | (ع) | حضرات |
| حق | (ع) | حقوق |
| حقيقت | (ع) | حقائق |
| حڪم | (ع) | احڪام |
| حڪيم | (ع) | حڪماء |
| حمل | (ع) | احمال |
| حوض | (ع) | حياض |
| حيوان | (ع) | حيوانات |
| خاتون | (ف) | خواتين |
| خادم | (ع) | خدام |
| خبر | (ع) | اخبار |
| خدمت | (ع) | خدمات |
| خصلت | (ع) | خصائل |

| | | |
|---|---|---|
| خط | (ع) | خطوط |
| خطرو | (ع) | خطرات |
| ُخلق | (ع) | اخلاق |
| خنزير | (ع) | خنازير |
| خواهش | (ع) | خواهشات |
| خليفو | (ع) | ُخلفاء |
| خيال | (ع) | خيالات |
| خير | (ع) | خيرات |
| درجو | (ع) | درجات |
| درس | (ع) | ُدروس |
| دست | (ع) | دستان |
| دعوت | (ع) | دعوات |
| دفتر | (ع) | دفاتر |
| دفعو | (ع) | دفعات |
| دفن | (ع) | آدفان |
| دقيق | (ع) | دقائق |
| دڪان | (ع) | دڪاڪين |
| دم | (ع) | دماء |
| دين | (ع) | آديان |
| ديوان | (ع) | دواوين |

| | | |
|---|---|---|
| ذرو (ذره) | (ع) | ذرات |
| ذريعو | (ع) | ذرائع |
| ذڪر | (ع) | آذڪار |
| ذهن | (ع) | آذهان |
| رباعي | (ع) | رباعيات |
| رحم | (ع) | آرحام |
| رسالو | (ع) | رسائل |
| رسم | (ع) | ُرسوم |
| رسول | (ع) | ُرسل |
| رعيت | (ع) | رعايا |
| رفيق | (ع) | ُرفقاء |
| رقم | (ع) | رقوم |
| رقيب | (ع) | ُرقباء |
| ُرڪن | (ع) | آرڪان |
| رمز | (ع) | ُرموز |
| روايت | (ع) | روايات |
| روح | (ع) | ارواح |
| روضو | (ع) | رياض |
| رئيس | (ع) | ُرئساء |
| ريح | (ع) | رياح |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ساحل | (ع) | سواحل | شکل | (ع) | آشکال |
| ساعت | (ع) | ساعات | شہر | (ع) | شُہور |
| سبب | (ع) | اسباب | شہید | (ع) | شُہداء |
| سبق | (ع) | آسباق | شئی | (ع) | اشیاء |
| سفر | (ع) | آسفار | شیخ | (ع) | شُیوخ |
| سفیر | (ع) | سُفراء | شیطان | (ع) | شیاطین |
| سلطان | (ع) | سلاطین | صاحب | (ع) | اصحاب |
| سوال | (ع) | سوالات | صالح | (ع) | صلحاء صالحین |
| سَیارہ | (ف) | سَیارات | صبح | (ع) | اصباح |
| سید | (ع) | سادات | صدقہ | (ع) | صدقات |
| شاعر | (ع) | شُعراءُ | صدیق | (ع) | اصدقاء |
| شاہد | (ع) | شواہد | صغیر | (ع) | صِغار |
| شخص | (ع) | اشخاص | صف | (ع) | صُفوف |
| شرح | (ع) | شُروح | صفت | (ع) | صفات |
| شرط | (ع) | شرائط | صلوٰۃ | (ع) | صلوات |
| شریف | (ع) | شُرفاء | صندوق | (ع) | صنادیق |
| شریک | (ع) | شُرکاءُ | صنف | (ع) | اصناف |
| شعر | (ع) | آشعار | صورت | (ع) | صُوَر |
| شغل | (ع) | اشغال | ضابطہ | (ع) | ضوابط |
| شکایت | (ع) | شکایات | ضد | (ع) | اضداد |

| | | |
|---|---|---|
| ضعیف | (ع) | ضُعفاء |
| ضلع | (ع) | اضلاع |
| ضمیر | (ع) | ضمائر |
| طالب | (ع) | طلباء |
| طائفہ | (ع) | طوائف |
| طبق | (ع) | طبقات |
| طبیب | (ع) | آطباء |
| طرف | (ع) | اطراف |
| طفل | (ع) | اطفال |
| ظالم | (ع) | ظالمان، ظالمین |
| عابد | (ع) | عُباد |
| عاجز | (ع) | عواجز |
| عادت | (ع) | عادات |
| عادل | (ع) | عُدول |
| عارضہ | (ع) | عوارض |
| عارف | (ع) | عوارف |
| عاشق | (ع) | عُشاق |
| عاقبت | (ع) | عواقب |
| عاقل | (ع) | عُقلاء |
| عالِم | (ع) | عُلماء |

| | | |
|---|---|---|
| عالَم | (ع) | عالمین |
| عامل | (ع) | عوامل |
| عبادت | (ع) | عبادات |
| عَبد | (ع) | عِباد |
| عجب | (ع) | عجائب |
| عدد | (ع) | اعداد |
| عدوّ | (ع) | اعداء |
| عَصا | (ع) | عَصیّ |
| عضو | (ع) | اعضاء |
| عِطر | (ع) | عطریات |
| عطیہ | (ع) | عطایا |
| عقل | (ع) | عقول |
| عقیدہ | ع | عقائد |
| علاقہ | (ع) | علائق |
| عَلم | (ع) | اعلام |
| عِلم | (ع) | عُلوم |
| عمل | (ع) | اعمال |
| عندلیب | (ع) | عَنادل |
| عنصر | (ع) | عناصر |
| عنوان | (ع) | عنوانات |

| | | |
|---|---|---|
| عهد | (ع) | ُعهود |
| عيب | (ع) | ُعيوب |
| ِغذا | (ع) | آغذيه |
| غرض | (ع) | آغراض |
| غريب | (ع) | غرباء |
| غزل | (ع) | غزليات |
| غلام | (ع) | ِغلمان |
| غم | (ع) | ُغموم |
| غنيمت | (ع) | غنائم |
| غيب | (ع) | ُغيوب |
| غير | (ع) | آغيار |
| فاحش | (ع) | فواحش |
| فاضل | (ع) | ُفضلاء |
| فائدو | (ع) | فوائد |
| فتح | (ع) | ُفتوح |
| فتوي | (ع) | فتاوي |
| فرد | (ع) | افراد |
| فرض | (ع) | فرائض |
| فصل | (ع) | ُفصول |
| فضيلت | (ع) | فضائل |

| | | |
|---|---|---|
| فعل | (ع) | آفعال |
| فقير | (ع) | ُفقراء |
| ِفڪر | (ع) | آفڪار |
| فلڪ | (ع) | آفلاڪ |
| فن | (ع) | ُفنون |
| فوج | (ع) | افواج |
| فيض | (ع) | ُفيوض |
| قاري | (ع) | ُقراء |
| قافلو | (ع) | قوافل |
| قانون | (ع) | قوانين |
| قاعدو | (ع) | قواعد |
| قبر | (ع) | ُقبور |
| قبيلو | (ع) | قبائل |
| قدم | (ع) | آقدام |
| قريب | (ع) | اقارب |
| ِقسم | (ع) | آقسام |
| ِقصر | (ع) | ُقصور |
| قصو | (ع) | قصص |
| قصيدو | (ع) | َقصائد |
| قضيو | (ع) | قضايا |

| | | |
|---|---|---|
| قطرو | (ع) | قطرات |
| ِقطعو | (ع) | قطع |
| قُفل | (ع) | آقفال |
| قلب | (ع) | قُلوب |
| قلم | (ع) | آقلام |
| قمر | (ع) | اقمار |
| قوت | (ع) | اقوات |
| قول | (ع) | اقوال |
| قوم | (ع) | اقوام |
| قيد | (ع) | قُيود |
| ڪاتب | (ع) | ڪُتاب |
| ڪاغذ | (ع) | ڪاغذات |
| ڪافر | (ع) | ڪُفار |
| ڪبير | (ع) | ڪِبار |
| ڪتاب | (ع) | ڪُتب |
| ڪريم | (ع) | ڪِرام |
| ڪُلي | (ع) | ڪليات |
| ڪمال | (ع) | ڪمالات |
| ڪنبر | (س) | ڪنبرات |
| لباس | (ع) | لباسات |
| لفظ | (ع) | الفاظ |

| | | |
|---|---|---|
| لقب | (ع) | القاب |
| مال | (ع) | اموال |
| مثال | (ع) | امثال |
| مجلس | (ع) | مجالس |
| محاذ | (ع) | محاذات |
| محاورو | (ع) | محاورات |
| محفل | (ع) | محافل |
| محل | (ع) | محلات |
| مخلوق | (ع) | مخلوقات |
| مدرسو | (ع) | مدارس |
| مذاڪرو | (ع) | مذاڪرات |
| مذهب | (ع) | مذاهب |
| مرتبو | (ع) | مراتب |
| مرحلو | (ع) | مراحل |
| مرض | (ع) | آمراض |
| مسجد | (ع) | مساجد |
| مسڪين | (ع) | مساڪين |
| مسئلو | (ع) | مسائل |
| مشهور | (ع) | مشاهير |
| مصلحت | (ع) | مصالح |

| | | |
|---|---|---|
| مصيبت | (ع) | مصائب |
| مضمون | (ع) | مضامين |
| معجزو | (ع) | معجزات |
| مقالو | (ع) | مقالات |
| مقام | (ع) | مقامات |
| مقبرو | (ع) | مقابر |
| مقصد | (ع) | مقاصد |
| مڪان | (ع) | مڪانات |
| مڪتب | (ع) | مڪاتب |
| مُلڪ | (ع) | ممالڪ |
| مَلَڪ | (ع) | ملائڪ |
| مِلڪ | (ع) | املاڪ |
| منزل | (ع) | منازل |
| منظر | (ع) | مناظر |
| موت | (ع) | آموات |
| موج | (ع) | امواج |
| موسم | (ع) | مواسم |
| موقعو | (ع) | مواقع |
| مؤمن | (ع) | مؤمنن |
| ميدان | (ع) | مَيادين |
| ميزان | (ع) | موازين |
| ميوو | (ع) | ميوات |
| ناصر | (ع) | انصار |
| نائب | (ع) | نواب |
| نبي | (ع) | انبياء |
| نتيجو | (ع) | نتائج |
| نشان | (ع) | نشانات |
| نصيحت | (ع) | نصائح |
| نَعل | (ع) | نِعال |
| نغمو | (ع) | نغمات |
| نفس | (ع) | نُفوس |
| نفل | (ع) | نوافل |
| نقد | (ع) | نُقود |
| نقش | (ع) | نُقوش |
| نُقص | (ع) | آنقاص |
| نقصان | (ع) | نقصانات |
| نُقطو | (ع) | نُقاط |
| نُڪتو | (ع) | نِڪات |
| نُور | (ع) | انوار |
| نوع | (ع) | انواع |

| | | |
|---|---|---|
| نھر | (ع) | آنھار |
| نيت | (ع) | نيات |
| وارث | (ع) | وُرثاء |
| واقعو | (ع) | واقعات |
| وجع | (ع) | اوجاع |
| وحشي | (ع) | وُحوش |
| ورق | (ع) | اوراق |
| وزن | (ع) | اوزان |
| وسيلو | (ع) | وسائل |
| وصف | (ع) | اوصاف |

| | | |
|---|---|---|
| وصيت | (ع) | وصايا |
| وطن | (ع) | اوطان |
| وظيفو | (ع) | وظائف |
| وقت | (ع) | اوقات |
| وقف | (ع) | اوقاف |
| وليّ | (ع) | اولياء |
| وهم | (ع) | اوهام |
| هدايت | (ع) | هدايات |
| هرج | (ع) | آهراج |
| يتيم | (ع) | يتامي |

اهڙا لفظ جن جا واحد ۽ جمع ساڳيا آهن.

| واحد | — | جمع |
|---|---|---|
| ايراني | | ايراني |
| باني | | باني |
| بروهي | | بروهي |
| بنگالي | | بنگالي |
| بورچي | | بورچي |
| بيراڳي | | بيراڳي |
| پاليشاهي | | پاليشاهي |
| پانڌي | | پانڌي |

| واحد | — | جمع |
|---|---|---|
| ينگي | | ينگي |
| پانڌي | | پانڌي |
| پاڙي | | پاڙي |
| پکي | | پکي |
| پنجابي | | پنجابي |
| جتوئي | | جتوئي |
| جوتشي | | جوتشي |
| جوڳي | | جوڳي |

| | |
|---|---|
| چاڪي | چاڪي |
| حاجي | حاجي |
| خطابي | خطابي |
| درزي | درزي |
| ڌوبي | ڌوبي |
| ڏينهو | ڏينهو |
| ساٿي | ساٿي |
| سوچي | سوچي |
| سنڌي | سنڌي |
| شيدي | شيدي |
| عباسي | عباسي |
| عيسائي | عيسائي |
| ڪاسائي | ڪاسائي |
| ڪدو | ڪدو |
| ڪوري | ڪوري |
| کتي | کتي |
| کوکڙو | کوکڙو |

| | |
|---|---|
| ماڇي | ماڇي |
| مالهي | مالهي |
| مانجهي | مانجهي |
| ماڙهو | ماڙهو |
| ملان | ملان |
| موالي | موالي |
| موچي | موچي |
| نانوائي | نانوائي |
| نائي | نائي |
| نوناري | نوناري |
| واڳون | واڳون |
| وچون | وچون |
| هاٿي | هاٿي |
| هندو | هندو |
| يورپي | يورپي |
| يهودي | يهودي |

# مذڪر - مؤنث

| مذڪر | مؤنث |
| --- | --- |
| ابو | امان |
| آٺ | آٺڻي |
| امير | اميرياڻي |
| اميرزادو | اميرزادي |
| انگريز | انگريزياڻي |
| اوڏ | اوڏڻ |
| اهنرُ | اهنرِ |
| ايراني | ايراڻ |
| بادشاهه | ملڪه |
| بادشاهزادو | بادشاهزادي |
| بازيگر | بازيگرڻ |
| برهمڻ | برهمڻي |
| بگهڙ | بگهياڙي |
| بنگالي | بنگالڻ |
| بورچي | بورچياڻي |
| بيراگي | بيراگڻ |

| مذڪر | مؤنث |
| --- | --- |
| ٻاليشاهي | ٻاليشاهڻ |
| ٻانڀڻ | ٻانڀڻياڻي |
| ٻانهو | ٻانهي |
| ٻاڏو | ٻاڏي |
| ٻروچ | ٻروچاڻي |
| ٻڪر | ٻڪري |
| ٻلو | ٻلي |
| ڀاڻيجو | ڀاڻيجي |
| ڀاءُ | ڀيڻ |
| ڀائٽيو | ڀائٽي |
| ڀڳت | ڀڳتياڻي |
| ڀنگي | ڀنگياڻي |
| ڀُوتُ | ڀوتڻي |
| ڀوپو | ڀوپي |
| ڀولو | ڀولي |
| ڀيل | ڀيلڻ |

| | |
|---|---|
| تتر | تتري |
| توڏو | توڏي |
| ٻُٽ | ڏيء |
| پٺيوالو | پٺيوالي |
| پٺاڻ | پٺاڻي |
| پڦاتُ | پڦاتِ |
| پڦڙ | پڦي |
| پنجابي | پنجابڻ |
| پوٽو | پوٽي |
| پيرزادو | پيرزادي |
| پيءُ | ماءُ |
| جاجڪ | جاجڪڻ، جاجڪياڻي |
| جادوگر | جادوگرڻ |
| جَٽ | جٽڻ |
| جُرو | باز |
| ڄنڙو | ڄنڙي |
| جوتشي | جوتشڻ |
| جوڳي | جوڳڻ |
| چاچو | چاچي |
| چاڪي | چاڪياڻي |

| | |
|---|---|
| چٻرو | ڇِٻَ |
| ڇُهڙو | ڇُهڙي |
| چيلو | چيلي |
| ڇوڪرو | ڇوڪري |
| ڇيلو | ڇيلي |
| حاجي | حاجاڻي |
| حجام | حجامڻ |
| خچرُ | خچر |
| جهرڪ | جهرڪي |
| درزي | درزڻ |
| ڌوٻي | ڌوٻڻ، ڌوٻياڻي |
| ڏاڏو | ڏاڏي |
| ڏاڳهو | ڏاچي |
| ڏاند | ڳئون (ڳانءِ) |
| ڏائڻُ | ڏائڻِ |
| ڏوهٽو | ڏوهٽي |
| ڏير | ڏيرياڻي |
| ڏيروٽُ | ڏيروٽِ |
| ڏيڏر | ڏيڏري |
| ڍِڳو | ڍِڳي |

| | |
|---|---|
| ڊاڪٽر | ڊاڪٽرياڻي |
| راجا | راڻي |
| راجڪمار | راجڪماري |
| راڪاس | راڪسي |
| رڇ | رڇڻ |
| ساٿي | ساٿڻ، ساٿياڻي |
| سالو | سالي |
| سانُ | مينهن |
| سنڌي | سنڌڻ، سنڌياڻي |
| سوٽُ | سوٽِ |
| سوچي | سوچياڻي |
| سهرو | سس |
| سيٺ | سيٺياڻي |
| سيڻُ | سيڻِ |
| شاگرد | شاگردياڻي |
| شهزادو | شهزادي |
| شيخ | شيخڻ |
| شيدي | شيدڻ |
| شينهن | شينهڻ |
| صاحبزادو | صاحبزادي |

| | |
|---|---|
| طبيب | طبيبڻ-طبيبياڻي |
| طوطو | طوطي |
| عيسائي | عيسائڻ |
| فقير | فقيرياڻي |
| ڦاڙهو | ڦاڙهي |
| ڪاسائي | ڪاسائڻ |
| ڪاسبي | ڪاسبياڻي |
| ڪاڪو | ڪاڪي |
| ڪانءُ | ڪانويلي |
| ڪتو | ڪتي |
| ڪُڪڙُ | ڪُڪڙِ |
| ڪِڪو | ڪِڪي |
| ڪنيار | ڪنيارڻ |
| ڪوري | ڪورياڻي |
| ڪُونهو - ڀاڏو | وڇ |
| کتي | کتياڻي |
| کوتو | کوتي |
| گابو | گابي |
| گدڙ | گداڙي |
| گڏهُ | گڏهِ |

| | |
|---|---|
| گڏو | گڏي |
| گورپٽ | گورنهاري |
| گيرو | گيري |
| گهٽو | رڍ |
| گهوٽ | ڪنوار |
| گهوڙو | گهوڙي |
| لومڙ | لومڙي |
| ليلو | ليلي |
| ماڇي | ماڇياڻي |
| ماروٽُ | ماروٽِ |
| ماڙيچو | ماڙيچاڻي |
| ماساتُ | ماساتِ |
| ماستر | ماسترياڻي |
| ماسڙ | ماسي |
| ماڪوڙو | ماڪوڙي |
| مالڪ | مالڪياڻي |
| مامو | مامي |
| ماهيڙ | ماهيڙياڻي |
| محبوب | محبوبه |
| مدعي | مدعيه |
| مرد | زال |
| مُرغ | مُرغي |
| مريد | مريدياڻي |
| مڙس | جوءِ |
| مکو | مکي |
| مُلان | مُلياڻي |
| موالي | موالڻ |
| مهاڏو | مهاڻي |
| موچي | موچياڻي |
| مور | ڍيل |
| مول | ٻبي |
| مير بحر | ميربحرڻ |
| نانگ | نانگڻ |
| نانو | ناني |
| نر | ماد |
| نوابزادو | نوابزادي |
| نوڪر | نوڪرياڻي |
| نوناري | نونارڻ |
| نياڻو | نياڻي |
| نينگرُ | نينگرِ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| والد | والده | هاتي | هاتڻ |
| واڏيو | واڏياڻي | هرڻ | هرڻي |
| وڏيرو | وڏيري | هندو | هندواڻي |
| وزيرزادو | وزيرزادي | يهودي | يهودڻ |
| ولهو | ولهي | يورپي | يورپڻ |
| وهڙو | وهڙي | | |

اهي لفظ جن جا مذڪر ۽ مؤنث ساڳيا آهن

| مذڪر — | مؤنث | مذڪر — | مؤنث |
|---|---|---|---|
| بدڪ | بدڪ | چيهو | چيهو |
| بلبل | بلبل | ڏينپو | ڏينپو |
| پار | پار | ساندو | ساندو |
| پگهہ | پگهہ | سوپاري | سوپاري |
| پوُنر | پوُنر | سرڻ | سرڻ |
| ٽيٽيهر | ٽيٽيهر | سيڙهہ | سيڙهہ |
| پوپٽ | پوپٽ | سيسر | سيسر |
| چاهو | چاهو | سيهڙ | سيهڙ |
| چور | چور | قوسي | قوسي |
| چانهہ | چانهہ | ڪانڪتو | (هدهد) ڪانڪتو |
| چمڙو | چمڙو | ڪاز | ڪاز |
| چنڊول | چنڊول | ڪپر | ڪپر |

| | |
|---|---|
| ڪرڙي | ڪرڙي |
| ڪُمي | ڪُمي |
| ڪنگ | ڪنگه |
| ڪُنگرو | ڪُنگرو |
| ڪِول | ڪِول |
| ڪونج | ڪونج |
| ڪوئل | ڪوئل |
| ڪُوئو | ڪُوئو |
| ڳوهه | ڳوهه |
| مڇر | مڇر |
| مڇي | مڇي |
| مڪ | مڪ |
| نور | نور |
| نورپيٽڙو | نورپيٽڙو |
| واڳون | واڳون |
| وڇون | وڇون |
| وهيو | وهيو |
| هماء | هماء |

# همآواز الفاظ

ابد (ع) = اصلي، بقادار.

عبد (ع) = ٻانهو، نوڪر، غلام.

اثبات (ع) = ثابتي، تصديق

اسباط (ع) = اولاد جو اولاد.

اثر (ع) = تاثير.

عصر (ع) = ڏينهن جو پوين وقت.

اسر (س) = پرهه ڦٽي جي مهل.

احد (ع) = هڪ خدا، واحد.

عهد (ع) = انجام، اقرار.

آر (هه) = آنڙي جو سنهون اوزار.

عار (ع) = شرم، لڄ، حجاب.

ارب (هه) = سؤ ڪروڙ.

عرب (ع) = قوم جو نالو.

ارض (ع)= ڌرتي، زمين.

عرض (ع)= گذارش، التجا.

ارز (ف)= قيمت، بها.

آري (ھ)= ڪارائي.

عاري (ع)= آگهاڙو، تنگ، عاجز.

اسرار (ع)= لڪل راز، ڳجھ، ڀيد.

اصرار (ع)= وري وري چوڻ.

اشڪ (ف)= اک جو پاڻي، ڳوڙهو.

عشق (ع)= محبت، پيار.

اظهار (ع)= تبصرو، بيان.

ازهار (ع)= بند ٿيل مکڙيون.

اعلي (ع)= وڏو، مٿانهون.

آلا (ھ)= پسيل، پنل.

آقا (ف)= خاوند، مالڪ.

آڪا (ت)= وڏو ڀاءُ، بزرگ.

اقرب (ع)= تمام ويجهو ماڻهو.

عقرب (ع)= وڇون.

آلم (ع)= رنج، غم، ڏک.

علم (ع)= جهنڊو، نشان.

آمل (ع)= اميد، آرزو، خواهش.

آمل (ھ)= نشيدار دوا جو نالو.

عمل (ع)= ڪم، فعل.

باد (ف)= هوا.

بعد (ع)= پوءِ، آخر.

بسر (ف)= گذر، گذران.

بصر (ع)= نظر، نگاهه.

بصر (س)= ٻاجهريءَ جو قسم.

بي غم (ھ+ع)= بي ڳڻتيو.

بهگم (ف)= امير جي راڻي.

تام (ع)= پورو، ٺيڪ.

طعام (ع)= کاڌو، غذا.

ترجيح (ع)= فوقيت، فضيلت.

ترجيع (ع)= موٽائڻ، ڦيرائڻ.

ترڪي (ف)= ترڪ قوم جي ٻولي، ترڪ قوم جو ملڪ.

ترقي (ع)= واڌارو.

تور (س)= وزن، ماپ.

طور (ع)= نمونو، حالت.

ثمر (ع)= ميوو، ڦل.

سمر (س)= سامان، توشو.

ثنا (ع)= تعريف، واکاڻ، ساراهه.

سنا (ع)= دوا جو نالو، ٻوٽي جو هڪ قسم.

ثواب (ع)= اجر، نيڪيءَ جو بدلو.

صواب (ع)= پورو.

جاڦر (هه)= دوا جو نالو.

جعفر (ع)= ماڻهوءَ جو نالو.

چاق (ت)= خوش، تندرست.

چاڪ (انگ)= بورڊ تي لکڻ جي شئي.

حارث (ع)= ڪڙمي، هاري.

حارص (ع)= حرص ڪندڙ، لالچي.

حال (ع)= هلندڙ وقت.

هال (انگ)= وڏو ڪمرو.

حجر (ع)= پٿر.

هجر (ع)= لاڏائو، جدائي، علحدگي.

حل (ع)= نبيرو، سمجهاڻي.

هل (س)= گهر (امر آهي).

حلقو (ع)= دائرو، گهيرو.

هلڪو (هه)= ٿورڙي وزن وارو.

حلال (ع)= جائز، درست.

هلال (ع)= پهرين تاريخ جو چنڊ.

حوا (ع)= حضرت آدم عليه السلام جي زوجه جو نالو.

هوا (ع)= زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ واءُ، انسان جي پيٽ مان نڪرندڙ خراب هوا.

حول (ع)= ڊپ، خوف، ڀؤ.

هول (ع)= لوهي ٽوپي.

دور (ع)= وقت، زمانو.

دؤر (ع)= سبق کي وري وري پڙهڻ، مطالعو.

ذري (ع)= ٿورڙو انداز.

زري (ف)= سونهري تار.

روح (ع)= ساهه، جان.

روهه (سن)= جبل، ڏونگر.

روزو (ف)= رمضان مهيني ۾ روزو رکڻ.

روضو (ع)= قبر جي مٿان مقبرو.

ريح (ع)= خراب واءُ جيڪا انسان جي پيٽ مان نڪري.

ريهه (سن)= دانهن، رڙ.

زن (ف)= زال، عورت.

ظن (ع)= شڪ، گمان.

زهر (ف)= ماريندڙ يا مهلڪ شئي.

ظهر (ع)= پٺي، پشت.

سادي (ف)= رواجي، گهٽ.

سعدي (ف)= شيخ مصلح الدين شيرازي جو تخلص.

سايو (ف)= پاڇو.

سعيو (ع)= ڪوشش، محنت.

صحيح (ع)= برابر، پورو، هٿ اکر، دستخط.

سهي (سن)= سڃاڻ.

سدا (سن)= هميشه، سدائين.

صدا (ع)= سوال، عرض.

سرير (ع)= تخت .

سرير (هـ)= بدن، جسم.

صرير (ع)= قلم هلڻ وقت رهڙيندڙ آواز.

سفر (ع)= مسافري، سير.

صفر (ع)= اسلامي مهيني جو نالو.

سفير (ع)= ايلچي، قاصد.

صفير (ع)= سيٽي، پکيءَ جو آواز.

سماع (س)= خبر، سڏ، چاڻ.

سماء (ع)= آسمان.

سماع (ع)= ڳائڻ وڄائڻ، راڳ.

سُور (س)= ڏک، درد، بيماري.

صور (ع)= بگل، جو قيامت ڏينهن ڦوڪيو ويندو.

سوره (ع)= قرآن پاڪ جو هڪ باب.

سورت (ع)= پارت ۾ هڪ بندر ۽ شهر.

صورت (ع)= تصوير، شڪل.

سياح (ع)= مسافري ڪندڙ.

سياهه (ف)= ڪارو.

سيد (ع)= سردار، پيشوا، اهلبيت.

صيد (ع)= شڪار.

شق (ع)= چيرڻ، ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ.

شڪ (ع)= گمان، شبهو.

عارضو (ع)= بيماري، درد.

آرزو (ف)= تمنا، خواهش.

فقر (ع)= محتاجي، مفلسي.

فڪر (ع)= خيال، سوچ، ويچار.

قابل (ع)= هوشيار، لائق، پڙ.

ڪابل (ف)= افغانستان جي گاديءَ وارو شهر.

قاصد (ع)= پيغام پهچائيندڙ.

ڪاسد (ع)= نڪمو، کوٽو.

قاصر (ع)= ڪوتاهي ڪرڻ وارو، ڪم نه ڪندڙ.

ڪاسر (ع)= ڇنندڙ.

قال (ع)= قول، بول، گفتگو.

ڪال (ھ)= موت، اجل.

قتل (ع)= خون، ڪوس.

ڪتل (س)= ڪچيءَ جو ميوو.

قدح (ع)= گلا، عيب جوئي.

ڪده (ف)= جاءِ، هنڌ، گهر.

قرار (ع)= آرام، سڪون.

ڪرار (ع)= بار بار حملو ڪرڻ وارو، حضرت علي سائين جو لقب.

قطب (ع)= برگزيده هستين جو لقب.

ڪتب (ع)= ڪتاب جو جمع.

قل (ع)= چؤ، قرآن مجيد ۾ چار سورتون.

ڪل (ع)= سڀ.

قلب (ع)= دل.

ڪلب (ع)= ڪتو.

قلي (ع)= مزدور، غلام.

ڪلي (ع)= سڀ.

قمر (ع)= چنڊ.

ڪمر (ف)= چيلهه.

قوس (ع)= ڪمان، دائري جو هڪ حصو

ڪوس (س)= خونريزي، ڪهڻ، نقارو، دهل.

قند (ع)= مٺاس، کنڊ.

کند (ف)= کوٽ، ديھہ.

قول (ع)= چوڻي، ڳالھہ.

کول (ھ)= بيماريءَ جو قسم.

قيد (ع)= بندي خانو، جيل.

کيد (ع)= مڪر، فريب.

قيس (ع)= مجنون جو نالو.

کيس (انگ)= مقدمو، دعويٰ.

قيصر (ع)= روم جي بادشاھہ جو لقب.

کيسر (ھ)=زعفران، زرد رنگ جو هڪ خوشبودار گل.

ڪثرت (ع)= گھڻائي.

ڪسرت (ھ)= ورزش.

لال (ف)= ڳاڙھو.

لعل (ع)= قيمتي پٿر، جواھر.

مادو (ف)= اصل، بنياد، جڙ.

معدو (ع)= پيٽ ۾ کاڌي جي ڳوٿري.

محرق (ع)= سڙيل، ساڙيل.

محرڪ (ع)=تحريڪ هلائيندڙ، چر پر ڪندڙ.

محل (ع)= محلات، گھر.

مھل (س)=وقت، گھڙي،ساعت

مَشق (ع)= استعمال.

مَشڪ (ف)=پاڻيءَ لاءِ چمڙي جي ڳوٿري.

مقرر (ع)= چونڊيل، ٽاڪيل.

مڪرر (ع)=ٻيھر،وري دھرائڻ.

ميار (س)= ڏوراپو.

معيار (ع)=درجو، مرتبو، مان.

ناثر (ع)=نثر لکندڙ،مضمون نگار.

ناصر (ع)= مددگار.

نارو (س)=پاڻيءَ جو وڏو واهه.

نعرو (ع)= بلند آواز، للڪار.

ناقص (ع)= گهٽيل، گهٽتائي وارو

ناڪس (ف)= اونڌو، ڪميڻو، نالائق.

ناقه (ع)= اُٺڙي.

ناڪو (ع)= محصول اُگاڙڻ وارو هنڌ.

نذر (ع)= قرباني، صدقو، تحفو، سوکڙي.

نظر (ع)= ديد، روشني، نگاهه.

نذير (ع)= ڊيڄاريندڙ، خدا جي رسول جو لقب، ماڻهوءَ جو نالو.

نظير(ع)= مثال، ٽوٽڪو، آکاڻي.

نسب ع)= خاندان، پيڙهي، قبيلو، خانداني سلسلو.

نصب (ع)= قائم ڪرڻ، مقرر ڪرڻ، مشاهدو.

نُقطو (ع)= ٽُبڪو، پڙيءَ جو نشان، مرڪز.

نڪتو (ع)= معمولي ڳالهه، تمام ننڍو لطيفو.

واضح (ع)= ظاهر،

واضع (ع)= (شڪل) بڻائڻ وارو، ٺاهڻ وارو.

وحي (ع)= خدائي پيغام.

وهي (سن)= ليکي جو ڪتاب، قوهه جواني.

وصيت (ع)= هدايت، نصيحت.

وسعت (ع)= طاقت، زور.

# جانورن جا نالا

**گھرو جانور:-** ڏاند (ڏڳو)، ڳئون (ڏڳي)، سانُ، مينهن، ڪتو، ٻڪري، گھٽو، رڍ، ٻلي، گھوڙو، گڏھ، خچر، اٺ.

**جھنگلي جانور:-** شينهن، رڇ، بگھڙ، لومڙ، گدڙ، هرڻ، ڦاڙهو، گڊ، زيبرا (پٽاپٽي گڏھ)، پولو، جھنگ ٻلو، سيھڙ، چراخ، سوئر، زراف، گينڊو، هاٿي، سمڙهه، چاهو، ڪوئو، نور، سانڊو، ڳوهه، نوريئڙو.

**پالتو جانور:-** هاٿي، رڇ، پولو، هرڻ، سيھڙ.

**پاڻيءَ جا جانور:-** دريائي گھوڙو، لڌڙو، مانگر مڇ، واڳون، ڪچون، ڪمي، ڏيڏر، ڪيڪڙو، چوڙر، مڇي، پلو.

**ڪير ڏيندڙ جانور:-** مينهن، ڳئون، رڍ، ٻڪري، ڏاچي.

**حلال جانور:-** ڏاند، ڳئون، مينهن، سانُ ٻڪري، گھٽو يا دنبو، رڍ، هرڻ، ڦاڙهو، گڊ، اٺ، مڇي، پلو.

# پکين جا نالا

**گھرو پکي:-** ڪڪڙ، بدڪ، ڪاز.

**جھنگ جا پکي:-** چمڙو، ڳيرو، ڪبوتر، ڪانڪٽو (هدهد)، هنس، ٻاريھر، طوطو، سرڻ، عقاب، چنڊول، ٻابل، تتر، مور، جھرڪي، باز، هيڙهو، گونھ خور، موتر (ملان)، ڦوسڙي، ڪٻر، ڪانءُ، مينا، چيھو، گھگھ، ابابيل، چانھ، ڪوئل، وهيو، ڪٽچي، ٽڪاو، ملهالي، ٻرمار، چڪور، شڪرو، قمري، چٻرو.

**پالتو پکي :-** ڪبوتر، طوطو، تتر، مور، بلبل، مينا، باز.

**ٻنيءَ جا پکي :-** ٽيٽيهر، ٽھ-ڙ (ٽنبٽي)، ڪوڪڙاٽ (ٻاراهي)، ٻگھه، آڙي، نيرگي، ڪانئر، سازء تلور، بدڪ، ڪاز، هنج، جهنگه ڪڪڙ، ڪرڙو، ٻولاهي، تگوش، ميربحر، ڪنگ، ڪهلنگ، ٻيرو.

**جابلو پکي :-** ڳجهه، ڪونج، پيڻ

**واريءَ جا پکي:-** شترمرغ (اُٺ پکي)، ڇپ، چاپاڪو.

**ڳائيندڙ پکي :-** بلبل، مينا، طوطو، ڪوئل، چڪور،

**شڪاري پکي :-** پرمار، باز، عقاب، شڪرو،

**حلال پکي :-** ڪڪڙ، بدڪ، ڪاز، ڪبوتر، تتر، ڳيرو، پاريهر، جهرڪي، ٽهڙ، ڪوڪڙاٽ، آڙي، نيرگي، ڪانئر، وهيو، هيڙهو.

**نوٽ:-** (۱) چمڙو ٻچا ڄڻيندو آهي ۽ باقي ٻيا سڀ پکي آنا لاهيندا آهن. (۲) جن ٻه ساهوارن جا ڪن ٻاهر نڪتل هوندا آهن،آهي ٻچا ڄڻيندا آهن. (۳) چيرو اڪثرويرانهنڌن ۾ رهندوآهي.

# جيتن جا نالا

نانگ، وڇون، ڏينڀو، ڪنڌاري ڏينڀو، گهريتڙو، ماڪوڙو، ڪول، سوپاري، ڪينئون، سانپو، مک، پنبڻ، پوڌر، تنبڻ، تنبڻي، مهلو، رتي، آڏهي، سرو، ڪوريئڙو، ماکيءَ جي مک، ڪرڙي، مڇر، ڏنڊ، پٽ ڪينئون، مڪڙ، اڪڙو، پوپٽ، ڪٽ، منگهڻ، ڪاڪروچ، چچڙ، ڪتي جي مک، جوءِ، مکو، ميوي جي مک، وغيره.

**زهريلا جيت :-** نانگ، وڇون، ڏيڃو، ڪنڌاري ڏيڃو، گهريتڙو، سوپاري، ماکيءَ جي مک، ڪتي جي مک، ڪرڙي، مڇر، ڪت.

**اڏامندڙ جيت :-** ڏيڃو، گهريتڙو، مک، پتنگ، پوُنر، تنبڙي، مهلو، رتي، ماکيءَ جي مک، ڪتي جي مک، مڇر، تڏ، ماڪڙ اڪ ڪڙو، پوپٽ، ڪت، ڪاڪروچ، ڪنڌاري ڏيڃو

# ساهوارن جون ٻوليون ۽ آواز

| ساهواري جو نالو | ٻولي | آواز |
|---|---|---|
| آنءُ | ٻيڪي | ٽيپ ٽي ٽي ٽي |
| باز | چينهات | ٽين سين |
| بدڪ | ڪٽڪ | ڪهاڪ ڪهاڪ |
| بگهڙ | اونائي | آءا هوا |
| بلبل | ٻولڻ | ترُ تُر تُرو |
| ٻڪري | ٻيڪ | ٻي ٻي |
| ٻلي | ميڪ | مياءُو |
| پوپو | ڪيڪرات | ڪ ڪ ڪ ڪ |
| پوُنر | ڀڻڪار | ڀڻڻڻ |
| تتر | تنوارڻ | ترٽڪ ٽڪ ٽڪ |
| تڏ | تر تر | تر رر- تر رر |
| ٽيٽيهر | ٽين ٽين | ٽي – ٽي ٽوٽيهه |
| جهرڪي | چون چون | چن – چن |
| خنزير (سوئر) | ڦڪار | ڦڪ – ڦڪ |

| ساهواري جو نالو | ٻولي | آواز |
| --- | --- | --- |
| چپرو | چرڙات | چرڙ- چرڙ (ڪهرو آواز) |
| چمڙو | چرڙات | چرڙ- چرڙ (هلڪو آواز) |
| ڳئون (ڍڳي) | رنڀ | ڀان |
| ڏاند (ڍڳو) | ٽاڙ | اُونهان |
| ڏيڏر | ڏاڪ | ٽان - ٽان |
| رڇ | راڙ | ها ها ها ها |
| رڍ | ٻيڪ | ٻي - ٻي (ڳورو آواز) |
| سانُ | ڀِڪ | اينئن |
| سرڻ | ڪرڙات | شِين |
| سيڙهه | کُرڪو | کُررر - کُررر |
| شينهن | گروڙ | اُونها |
| طوطو | تنوار - چانگار | ٽِيون ٽيون |
| ڦوسي | ٽِرڪ - ٽرڪ | ٽرڪ - ٽرڪ |
| ڪانڪتو | ٽُڪ ٽِڪ | ٽُڪ ٽڪ |
| ڪانءُ | رڙڻ | ڪاغ ڪاغ |
| ڪانءَ | لنوڻ، ڪانگيرو⊛ | ڪان ڪان |
| ڪبوتر | گهوگهٽ | هُو هُو هُو |
| ڪتو | ڀؤنڪ | ڀَئون ڀئون - هَئو هئو |
| ڪٻر | ٽِريڪو | ٽريچڪ - ٽريچڪ |
| ڪِرڙي | ڪَرڙات | ڪِررر ڪررر |
| ڪُڪڙ | ڪُڙ - ڪُڙ | ڪُڪ - ڪڪ |
| ڪُڪُڙ | بانگ | ڪُڪڙو ڪُو |
| ڪنگ | رڙڻ | ڪاغ - ڪاغ |

⊛ ڪانون جي گڏجي ماتم ڪرڻ واري گڏيل آواز کي "ڪانگيرو" چئجي

| ساهه واري جو نالو | ٻولي | آواز |
|---|---|---|
| ڪونج | ڪرڪو | ڪغا - ڪغا |
| ڪوئل | ڪوڪ، ڪونجار | ڪو - ڪو |
| گدڙ | اوناٽي | آعا - هئا |
| گڏهه | هينگه | هين - هين |
| گهرو | گهوگهٽ | گهه گهو گهو |
| گهوڙو | هڻڪار | هه هه هه |
| لومڙ | اوناٽي | آعا هوا |
| مڇر | ڀڻڪو | ڀون ڀون |
| مک | ڀڻ ڀڻ | فون فون |
| مور | دانهن | ٽان - ٽان (وڏو آواز) |
| ميڍر | ٻولڻ | ٽرڪ، ٽرڪ، وڍر وڍر |
| مينهن | رڙڪ | اينئن |
| نانگ | شوڪڻ، ڦوڪار | شو - فهه |
| نور | چرڙاٽ | ترتر چرچر |
| هاٿي | ڪيڪٽ | اِ اِ اِ |
| هرڻ | ٻڪ | ٻي - ٻي |

متي ذڪر ڪيل مختلف جاندارن جي آوازن مان معلوم ٿئي ٿو ته هرهڪ ساهوارو پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪو نه ڪو آواز ڪڍي ٿو، هنن جا اهي ظاهري آواز آهن، جن جو مطلب اسان سمجهي نه ٿا سگهون، پر هر هڪ جاندار پنهنجي جنس واري جو آواز سمجهي ٿو ۽ ان سان ڳالهائي ٿو.

الله تعالي جل جلاله پنهنجي پياري پيغمبر حضرت سليمان عليه السلام کي نه رڳو بي جان شين سان، پر سڀني جاندارن ۾ خاص طور سڀني پکين سان ڳالهائڻ وارو معجزو عطا ڪيو

هو. ڀوءِ جيئن اهي جاندار هڪ ٻئي جو ڳالهائڻ سمجهن ٿا، تيئن الله تعاليٰ جو پيارو رسول به انهن جو ڳالهائڻ سمجهندو هو ۽ ساڻن ڳالهائيندو به هو. قرآن مجيد جي پاره نمبر ۱۹ ۾، "سوره النمل" ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي.

"ولقد آتينا داؤد و سليمان علما ........ وورث سليمان داؤد و قال يا آيها الناس علمنا منطق الطير و أوتينا من كل شيءِ إن هاذا لهو الفضل المبين O"

[معنيٰ:- ۽ اسان دائود ۽ سليمان کي علم عطا ڪيو .... ۽ (دائـود عليه السلام جـي وفات کان پوءِ) حضرت سليمان عليه السلام ان جي جاءِ تي مقرر ٿيو ۽ چيائين (جنهن چيو) ته اي انسانو! اسان کي پکين جي ٻوليءَ (سمجهڻ) جي تعليم ڏني وئـي آهـي ۽ اسان کـي هر قسم جون (ضروري) شيون ڏنيون ويون آهن. واقعي اها الله تعاليٰ جي کليو کلايو شفقت آهي.]

انهيءَ مـان معلوم ٿيو تـه رب العالمين حضرت سليمان عليه السلام کـي سڀني جاندارن ۽ خاص طور تـي پکين سان ڳالهائڻ ۽ انهن جي آواز سمجهڻ جي توفيق عطا ڪئي هئي. تفسير لکن ٿا ته حضرت سليمان عليه السلام جن جي لشڪر ۾ وڏو تعداد پکين جو هو ۽ سندن ڪم ڪار ۾ به پکين کـي وڏي اهميت حاصل هئي. ايتري قدر جـو هو خدا تعاليٰ جـي پياري نبيءَ جي مٿان پنهنجا پر کولي ڇانوَ ڪري بيهندا هئا ۽ هر وقت سندن اڳيان حڪم جي تعميل لاءِ حاضر هوندا هئا.

دراصل هر هڪ شئي، پوءِ چاهي اها جاندار هجي يا بيجان، هر وقت الله تبارڪ و تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول آهي. جيئن ڪائنات جي مالڪ ۽ خالق پـاڻ پنهنجي قرآن مجيد ۾ پاره نمبر ۱۵ جي سوره بني اسرائيل ۾ فرمايو آهي ته:-

پيدا ڪيو ويو آهي؟

هد هد چوي ٿـو تـہ، (من لا يَرحم لا يُرحم) معنيٰ ”جو ٻئي تي رحم نہ ڪندو، تنهن تي رحم نہ ڪبو“.

ملهالي چوي ٿي تـہ، (إستغفر و الله يا مذنبون) يعني ”اي گنهگارو! الله تعاليٰ کان بخشش گهرو“.

نر قمري چوي ٿو تـہ، (لِد و للموت وابنوا للخراب) يعني ”ڄڻيو مرڻ ڪاڻ ۽ اڏيو ڊهڻ ڪاڻ“.

مور چوي ٿو تہ، (ڪما تدينُ تدان) يعني ”جهڙي روش تون هلندين، تهڙي توکي جزا ملندي“.

ابابيل چوي ٿو تہ، (قد موا خيرا تجدوه) معنيٰ ”چڱائي موڪليو تہ سڀائي ان کي ڏسندؤ“.

قمري چوي ٿي تہ، (سبحان ربي العظيم المهيمن) معنيٰ ”پاڪائي آهي رب منهنجي کي، جو بزرگيءَ جـو صاحب ۽ نگهبان آهي“.

تتر چوي ٿو تہ، (الرحمان علي العرش استويٰ) معنيٰ رحمان عرش تي غالب ٿيو.“

ڪبوتر چوي ٿو تہ، (سبحان ربي الاعليٰ عدد ما في السماواته و ارضه) يعني ”پاڪائي آهي رب منهنجي کي انهن ٿولن جي عدد موجب، جي سندس آسمانن ۽ زمين ۾ آهن.

پٽ تتر چوي ٿو تہ، (من سڪت سلم) معنيٰ ”جنهن ماٺ ڪئي سو سلامت رهيو.“

چتون چوي ٿو تہ، (ويل لمن الدنيا همه) معنيٰ ” ان شخص لاءِ ويل آهي، جنهن جو مقصد يا ارادو رکيي دنيا آهي.“

ڪانءُ چوي ٿو تہ، (الاهم العن العشعار) معنيٰ ”يا الله! ڍان اڳاڙيندڙن تي لعنت وجهہ.“

سرڻ چوي ٿي تہ، (ڪل شيءِ هالڪ الا وجهه) معنيٰ

سڀڪا شئي فاني آهي، مگر ذات پاڪ الله تعاليٰ جل‌جلاله جي."

**ٻاز** چوي ٿو ته، (سبحان ربي و بحمده) يعني "پاڪائي آهي منهنجي رب کي، سندس ثنا سان گڏ."

**ڏيڏر** چوي ٿو ته، (سبحان ربي القدوس) معنيٰ "پاڪائي آهي منهنجي رب پاڪ کي."

حسن بصري رضي الله تعاليٰ عنه جي روايت آهي ته حضرت رسول الله صلي الله عليه و سلم جن فرمايو ته:-

**ڪڪڙ** چوي ٿو ته، (أذكر و الله يا غافلون) معنيٰ "اي غافلو! (غافل انسانو) الله تعاليٰ کي ياد ڪريو."

حضرت امام حسن ابن علي رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي ته حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه و آله و اصحابه وسلم جن فرمايو ته:-

**ڳجهه** چوي ٿي ته (يا ابن آدم عش ما شئت فاخرڪ الموت) يعني "اي آدم جا پٽ! جيترو گهرين نيترو جيءُ، پر نيٺ عاقبت تنهنجي موت آهي."

**عقاب** چوڻ ٿو ته، (في العبد من الناس راحه) يعني "ماڻهن کان پري رهڻ راحت آهي."

**ڄهڊول** چوي ٿو ته، (الاهي آلعن مبغض آل محمد) يعني "اي منهنجا الله! حضرت محمد صلي الله عليه و آله و اصحابه جن جي اولاد سان بغض رکندڙ تي لعنت وجهه." ❋

مطلب ته هر هڪ پکيءَ يا ساهواري جو آواز مقصد کان خالي نه آهي. تنهن ڪري انسان کي انهيءَ مان سبق حاصل

---

❋ ڪتاب "مفتاح رشد الله تفسير ڪلام الله، حصو ٻيون (سنڌي) مصنف خليفو فتح محمد خان نظاماڻي، ٻحڪم پيرضياءُالدين شاهه جهنڊي وارو، ڇاپو پهريون سال ١٣٤٢ هجري، صفحو نمبر ١٣٥ کان ١٤٠ تائين.

ڪرڻ گهرجي ته هو به پنهنجي پالڻهار کي هر وقت ياد ڪري ۽ سندس پاڪائي بيان ڪندو رهي، جيئن سندس عاقبت سوڌري وڃي. باقي رڳو دنيا جي لالچن ۾ ڦاسي ويهڻ ۽ نفس کي راضي رکڻ لاءِ ڪُڌن ڪمن ڪرڻ مان ڪجهه به هٿ حاصل نه ٿيندو؛ اُٽلندو پنهنجي زندگي تباهه ۽ برباد ٿيندي.

# تشبيهه

”تشبيهه“ عربي لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، ”مشابهت، ڀيٽ، تمثيل.“ علم بيان جي اصطلاح ۾، ”ڪنهن هڪ شئي کي ٻيءَ شئي جي برابر ڪرڻ؛ يعني ٻن مختلف الفاظن يا شين جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪري، منجهن ڪنهن خاص ڳالهه يا ڳڻ جي هڪ جهڙائي ڏيکارڻ کي ”تشبيهه“ چئبو آهي. انهن شين جي ڀيٽ ڪرڻ لاءِ، ”وانگر، وانگيان، وانگي، مثل، جهڙو، جيان، جان، طرح، جيئن، وغيره“ مان ڪو به هڪ لفظ استعمال ٿيل هوندو آهي.

”تشبيهه“ ۾ جنهن شئي جي ڀيٽ ڪجي، ان کي ”مشبهه“ چئبو آهي؛ جنهن شئي سان ڀيٽ ڪجي، ان کي ”مشبهه به“ چئبو آهي، جنهن خاصيت يا ڳڻ ڏيکارڻ لاءِ ڀيٽ ڪجي، ان کي ”وجهه تشبيهه“ (يعني ڀيٽ جو ڪارڻ يا سبب) چئبو آهي ۽ جيڪو لفظ تشبيهه ڏيکارڻ لاءِ ڪم اچي، تنهن کي ”حرف تشبيهه“ چئبو آهي.

هت تشبيهه جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا:-

١- ظاهر چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو سهڻو آهي.

٢- خليل جا اکر موتيءَ مثل آهن.

٣- اکيون کولي طرف انَ جي ڏسي، ڪنهن کي نه آ طاقت،
جهلڪ ڏندن جي ٻجليءَ جان ۽ چهرو آفتابي آهه.

مٿي ڏنل پهرئين مثال ۾ "ظهير" جي ڀيٽ "چوڏهينءَ جي چنڊ" سان ڪئي وئي آهي. اتي ٻڌايو ويو آهي ته، جيئن چوڏهينءَ جو چنڊ تمام خوبصورت ۽ روشن ٿيندو آهي، اهڙيءَ طرح ظهير به خوبصورت ۽ سهڻو آهي. تنهن ڪري لفظ "ظهير" ٿيندو "مشبه" ۽ "چوڏهينءَ جو چنڊ" "مشبه به" ٿيندو. هن مثال ۾ آيل "سهڻو" لفظ خاصيت يا گڻ ڏيکاري ٿو، تنهن ڪري اهو لفظ "وجه تشبيهه" ٿيندو ۽ "جهڙو" لفظ ڀيٽ لاءِ آيو آهي، تنهن ڪري ان کي "حرف تشبيهه" چئبو.

اهڙيءَ طرح ٻئي نمبر مثال ۾ خليل جا "اکر" جملي ۾ آيل ٻئي لفظ "موتيءَ" سان ڀيٽيا ويا آهن. تنهن ڪري "اکر" کي "مشبه" ۽ "موتيءَ" کي "مشبه به" چئبو. انهيءَ ۾ "سهڻا" لفظ ڳجهو رکيل آهي، جو "وجه تشبيهه" آهي ۽ "مثل" لفظ "حرف تشبيهه" جي ڪم آيو آهي.

مثال نمبر ٽئين ۾ اکين جي "جهلڪ" کي ڏندن جي "ٻجليءَ" سان ۽ "چهرو" جي "آفتابي" سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي؛ تنهن ڪري "جهلڪ" ۽ "چهرو" ٿيندا "مشبه"، "ٻجلي" ۽ "آفتابي" ٿيندا "مشبه به"، لفظ "چمڪندڙ" جو ٻنهي حصن ۾ ڳجهو رکيل آهي، سو "وجه تشبيهه" ٿيندو ۽ لفظ "جان"، جو پهرئين حصي ۾ ظاهري طرح ڏنل آهي، پر ٻئي حصي ۾ لڪل آهي، سو "حرف تشبيهه" ٿيندو.

# استعارہ

"استعارہ" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، "گهرڻ، گهري وٺڻ، آڌارو وٺڻ." علم بيان جي اصطلاح ۾، "ڪنهن لفظ کي اصلي معنيٰ کان ڦيرائي، اڌاري طور ٻيءَ معنيٰ ۾ ڪم آڻڻ کي "استعارہ" چئبو آهي. "استعارہ" ۾ ڳجهي پيٽ ڪيل هوندي آهي ۽ تشبيهہ، ڏيکاريندڙ لفظ (حرف تشبيهہ)، جهڙوڪ: "وانگر، وانگيان، وانگي، مثل، جيئن، جهڙو، جيان، جان، طرح، جڻ،" وغيره کي لڪائي يا ڳجهو رکي، "مشبہ" کي هوبهو "مشبہ بہ" ٻڌايو ويندو آهي.

هت استعارہ جا ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:-

۱- ظهير چوڏهينءَ جو چنڊ آهي.

۲- خليل جا ڏند موتي آهن.

۳- تصور حور جي رخ جو ۽ طوبيٰ قد دلبر جو.

مٿي پيش ڪيل پهرئين مثال ۾ "ظهير" کي "چوڏهينءَ جو چنڊ" سڏيو ويو آهي. هتي "چوڏهينءَ جو چنڊ" جي اصلي ۽ سچي پچي معنيٰ "خوبصورت ۽ سهڻي شئي" کي ڇڏي، سنئون سڌو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي؛ يعني "مشبہ" (ظهير) کي خود "مشبہ بہ" (چوڏهينءَ جو چنڊ) ٻڌايو ويو آهي، جنهن ۾ ڳجهي ۽ لڪل پيٽ ڪيل آهي. انهيءَ کان سواءِ، هن جملي ۾ "حرف تشبيهہ" بہ ڪم نہ آندو ويو آهي. تنهن ڪري انهيءَ کي "استعارہ" چئبو.

ساڳيءَ طرح مثال نمبر ٻئي ۾، خليل جي "ڏندن" کي

"موتي" چيو ويو آهي. هتي "موتي" جي اصلي معنيٰ "چمڪندڙ ۽ بي بها چيز" کي چئجي، سنئون سڌو لفظ اڌاري طور استعمال ڪيو ويو آهي؛ يعني "مشبه" (ڏند) ڪـي خـود "مشبه به" (موتي) بڻايو ويو آهي ۽ هن ۾ "حرف تشبيهه" به استعمال ٿيل نه آهي.

مثال نمبر ٽئين ۾ دلبر جي "قد" کي "طوبيٰ" چيو ويو آهي. هتي "طوبيٰ" جـي اصلي معنيٰ "خوبصورت يـا سهڻي" کي چئجي سنئون سڌو لفظ، اڌاري طرح استعمال ڪيو ويو آهي؛ يعني "مشبه (قد) کي خود "مشبه به" (طوبيٰ) بڻايو ويو آهي ۽ هن ۾ "حرف تشبيهه" استعمال ٿيل ئي ڪو نه آهي.

"تشبيهه ۽ استعاره ۾ اهو فرق آهي، جو تشبيهه ۾ هڪ شئي جي ٻيءَ شئي سان ظاهري طرح ڀيٽ ڪيل هوندي آهي ۽ ان ۾ "حرف تشبيهه" بہ استعمال ٿيل هوندو آهي، پـر استعاره ۾ "مشبه" خود "مشبه به" ٿي ڪم ايندو آهي ۽ هن ۾ "حرف تشبيهه" استعمال ٿيل نه هوندو آهي.

# مجاز مرسل

"مجاز مرسل" عربي ٻوليءَ جا الفاظ آهن، جن جـي لفظي معنيٰ آهي، "مجاز" معنيٰ "حقيقت جـي برعڪس يـا اُبتڙ" ۽ "مرسل" جي معنيٰ آهي "موڪليل". علم بيان جي اصطلاح ۾ "مجاز مرسل" جو مطلب آهـي، "حقيقت جـي اُبتڙ هلڻ يا نئون رستو اختيار ڪرڻ". هن ۾ ڪنهن لفظ جي اصلي ۽ سچي پچي معنيٰ کي ڇڏي، ان مان نئين معنيٰ ڪڍبي آهي ۽ اصلي ۽ نئين معنيٰ ۾ ڪا به ڀيٽ يا لاڳاپو نه هوندو

آهي. اهڙي نئين اختيار ڪيل معنيٰ کي ”مجاز مرسل“ چئبو آهي.

هت مجاز مرسل جا به ٽي مثال ڏجن ٿا:-

١- شينهن سان دل لڙندي آهي.

٢- چور چور جي آواز تي رات سڄوئي ڳوٺ اٿي کڙو ٿيو.

٣- هن سال درياهہ ڪيترائي شهر ٻوڙي ڇڏيا.

مٿي ڏنل پهرئين مثال ۾ آهي تہ ”دل لڙندي آهي.“ دراصل ”دل“ هڪ گوشت جو ٽڪرو آهي، جا ماڻهوءَ جي جسم اندر رهي ٿي، هيءَ رت سان ڀريل هوندي آهي ۽ هن جو ڪم ٿي آهي، ساري بدن جي عضون تائين رت جي خوراڪ پهچائڻ. ”دل“ اهڙي شئي نہ آهي جا شينهن سان لڙندي، پر هت ”دل“ مان مراد ”طاقت، بهادري، حوصلي افزائي“ ورتي ويئي آهي: يعني هڪ حوصلي مند يا طاقتور انسان ئي شينهن جهڙي خوفناڪ جانور سان مقابلو ڪري سگهندو.

ساڳيءَ طرح ٻئي مثال ۾ ”سڄو ڳوٺ اُٿي کڙو ٿيو“ الفاظ استعمال ڪيا ويا آهن. دراصل ”ڳوٺ“ هڪ بي جان شئي جو نالو آهي، تنهن ڪري اهو اٿي کڙو ٿي نہ ٿو سگهي، پر ان مان مراد آهي ”ڳوٺ ۾ رهندڙ ماڻهو“. هتي ”سڄوئي ڳوٺ“ جي اصلي معنيٰ کي ڇڏي، منجهانئس ٻي معنيٰ (سڀ ماڻهو) اشاري طور ورتي ويئي آهي.

ٽئين نمبر مثال ۾ آهي تہ، ”درياهہ ڪيترائي شهر ٻوڙي ڇڏيا.“ هتي ”درياهہ“ کي ٻوڙڻ جي ڪا بہ طاقت نہ آهي، ڇو تہ اهو هڪ هنڌ ٿي ٻڌو هوندو آهي. پر انهيءَ مان مراد ”پاڻي“ آهي، جو درياهہ ۾ وهندو آهي ۽ اهوئي پنهنجو رخ بدلائي شهر ٻوڙيندو آهي. تنهن ڪري هن مثال ۾ ”درياهہ“ جي اصلي معنيٰ کي ڇڏي ۽ منجهانئس ٻي معنيٰ (پاڻي) ورتي

ويٺي آهي
انهيءَ نموني ۾ لفظ جي اصلي معنيٰ کي ڇڏي، ٻي معنيٰ وٺڻ کي "مجاز مرسل" چئبو آهي.

# ڪنايه

"ڪنايه" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، "رمز، اشارو، ڳجهي ڳالهه". علم بيان جي اصطلاح ۾ "ڪنايه" جي معنيٰ آهي، "اشاري ۾ بيان ڪرڻ، ڳجهو ڳالهائڻ، سام ۾ ڳالهائڻ". مطلب ته "ڪنايه" اهو لفظ آهي، جنهن ۾ لِڪ رکيل هوندو آهي؛ يعني لفظ جي اصلي معنيٰ ڪُڙي هجي، پر ان مان ڪنهن ٻيءَ شئي ڏانهن اشارو ڪيل هجي يا منجهانئس ٻيو مقصد ڪڍيو وڃي.
هت ڪنايه جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

مثال:-

١- ڪالهه ڪيترڙيون ئي عورتون حليم جي گهر ويون ۽ اتي ڪنوار کي مُوڙو ڏئي آيون.
٢- الله هن دنيا ۾ شل ڪنهن جو ڦورو نه ڦولهي!
٣- پنهونءَ جي پرت، ساهه ڇڪايم سِڪ جو.

مٿي پيش ڪيل پهرئين مثال ۾ "موڙو" لفظ استعمال ٿيل آهي. "موڙو" اصل ۾ "ڪانن مان ٺهيل هڪ شئي" کي چئبو آهي، جنهن تي ٽيڪ ڏئي ويهبو آهي؛ پر هتي اشارو انهن "پيسن" ڏانهن آهي، جي عورتون اڪثر ڪئين شادي ڪيل ڪنوار کي، سندس منهن ڏسڻ وقت خرچي ڏينديون آهن. هتي "موڙو" لفظ "ڪنايه" ڪري ڪم آيو آهي.
اهڙيءَ طرح ٻئي نمبر مثال ۾ "ڦورو" لفظ آيل آهي،

جنهن جي اصلي معنيٰ آهي، **"ڪپهه جو ڳوڙهو"** يا **"ڪچي ڌاڳي جو ويڙهيل ويڙهو"**، پر هتي انهيءَ لفظ جو اشارو ٻئي مقصد ڏانهن ڪيل آهي؛ يعني **"اوڻايون، عيب، ڪچايون"**. تنهن ڪري "ڦورو نه ڦولهڻ" جو مطلب ٿيندو، "عيب يا اوڻايون ظاهر نه ڪرڻ".

ٽئين نمبر مثال ۾ **"پنهونءَ"** لفظ ڪم آيل آهي، جو ظاهر ۾ ماڻهوءَ جو نالو آهي. هت **"پنهونءَ"** جو لفظ ان ماڻهوءَ ڏانهن منسوب ٿيل آهي، جو اصل ۾ ڪيچ مڪران جو شهزادو هو ۽ سسئيءَ جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، واپار سانگي سنڌ جي ڳوٺ ڀنڀور ۾ آيو هو ۽ پوءِ ڪنهن حيلي ٻهاني سان سسئيءَ سان نڪاح ڪيو هئائين. دراصل انهيءَ لفظ مان ڳجهيءَ طرح مراد **"خدا تعاليٰ"** ورتي وئي آهي، جو حقيقي ۽ سچو پچو محبوب آهي. ان لافاني هستيءَ جي سڪ ۽ محبت ئي فائدو ڏئي ٿي. هن مثال ۾ "پنهون" لفظ "ڪنايه" طور استعمال ٿيل آهي.

# تجنيس حرفي

**"تجنيس"** عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "هڪ جهڙو هجڻ، مطابقت هجڻ" ۽ **"حرف"** جي لغوي معنيٰ آهي "اکر". تنهن ڪري **"تجنيس حرفي"** جو مطلب ٿيندو، "اکرن جي هڪجهڙائي يا مطابقت هجڻ". علم بيان ۾ "تجنيس حرفي" جو مطلب آهي، شعر جي ڪنهن مصرع ۾ ساڳئي يا هڪجهڙي اکر سان شروع ٿيندڙ ڪيترائي لفظ اچن. هت هيءَ عاجز پنهنجي شعر مان هڪ بند مثال طور پيش ڪري ٿو.

دنيا ۾ پيدا ڪيل مخلوقات مان انسان ئي آهي، جنهن جي ٻولي مختلف هنڌن تي مخلف صورتون اختيار ڪري ٿي. انهيءَ جو واحد سبب اهوئي آهي، ته جيئن جيئن ماڻهن جو مفاصلو پري ۽ ماحول تبديل ٿيندو ويندو آهي، تيئن تيئن ٻولي بہ آهستي آهستي پنهنجو روپ بدلائيندي رهندي آهي. انهيءَ لاءِ چوڻي آهي تہ "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي". انهيءَ حساب سان ڏسبو تہ دنيا جي هر هڪ حصي ۾، هر هڪ قوم کي پنهنجي جدا جدا ٻولي آهي، جهڙوڪ: عربستان ۾ عربي، ايران ۾ فارسي، افغانستان ۾ پشتو، آمريڪا ۽ برطانيہ ۾ انگريزي، چين ۾ چيني، جرمنيءَ ۾ جرمن، جاپان ۾ جپاني، ترڪستان ۾ ترڪي، بنگال ۾ بنگالي، هندستان ۾ هندي ۽ سنسڪرت، بلوچستان ۾ بلوچي ۽ بروهي، پنجاب ۾ پنجابي ۽ سنڌ ۾ سنڌي، وغيره.

اهڙي طرح دنيا جي مختلف حصن ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي قومون آباد آهن، جي پنهنجي پنهنجي ٻولي ڳالهائينديون رهن ٿيون.

ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ٻئي شامل آهن. انهن ٻنهي مان رڳو ڳالهائڻ واري صورت ئي آهي، جا ٻوليءَ ۾ تبديلي آڻي ٿي، جنهن ڪري اُچار، تلفظ يا لهجو ۽ انهن جون معنائون، ڪجهہ قدر بدلبيون رهن ٿيون. خاص طور ماحول جي متعلق ڪري تہ ڳالهائڻ واري صورت ۾ ڪافي ڦيرو اچي ويندو آهي. اهو ان ڪري آهي، جو مختلف قومن يا ملڪ جي مختلف حصن ۾ رهندڙ ماڻهن جو پاڻ ۾ ميل جول ٿيندو رهي ٿو، جن جي تهذيب ۽ تمدن ۽ ٻوليءَ ۽ لهجو، وغيره مختلف هوندو آهي.

اسان جي سر زمين سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي ٻولي اڪثر سنڌي آهي، پر جيئن تہ سنڌ جي مختلف حصن ۾ ماڻهن جو تلفظ ۽ لهجو هڪ ٻئي کان ڪي قدر متيل ۽ مختلف آهي،

تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ کي انهن پرڳڻن يا حصن جي لحاظ کان جدا جدا هنڌن تي جدا جدا نالا ڏنا ويا آهن. جهڙوڪ: لاڙ واري حصي ۾ ”لاڙي“، ٿر ۾ ”ٿري“، ڪڇ واري ڀاڱي ۾ ”ڪڇي“؛ لس ٻيلي ۾ ”لاسي“، وچولي ۾ ”نج سنڌي“ سري ۽ ڪاڇي ۾ ”سرائڪي“ وغيره.

ڳالهائڻ واري صورت جي برعڪس، لکڻ واري صورت، ٻوليءَ ۾ ڪا به تبديلي نه ٿي آڻي، ڇاڪاڻ ته لکڻ واري صورت ۾ ٻوليءَ جا مختلف حرف گڏ ڪري، منجهانئن لفظ ۽ جملا ٺاهي لکيا وڃن ٿا، جن ۾ ڦيرو اچڻ ناممڪن ٿيو پوي.

# حرف

”حرف“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جو اڄڪلهه سنڌيءَ ۾ عام مروج ٿي ويو آهي. سنڌي زبان ۾ هن کي ”اکر“ چوندا آهن، جو اصل ۾ سنسڪرت لفظ ”اڪشر“ مان نڪتو آهي *. ”حرف“ جو مطلب آهي ”آواز کي ظاهر ڪرڻ يا اچارڻ وارو نشان“. ٻين لفظن ۾ ائين کڻي چئجي ته هر هڪ آواز جي لکيل صورت کي ”حرف“ چئبو آهي. دراصل ”حرف“ جي بنيادي معنيٰ آهي ”ڪنارو يا پاسو“؛ ڇاڪاڻ ته اهو ڪنارو يا پاسو وٺي بيهي ٿو. مطلب ته ڪنهن به سمجهڻ جهڙي آواز جي بدران ڪا به مقرر ٿيل نشاني جا ڪم آڻجي، تنهن کي ”اکر“ يا ”حرف“ چئبو آهي.

”حرف“ ٻوليءَ جو بنياد ۽ پيڙهه آهي. جهڙي طرح بنياد

---

* تحقيق لغات سنڌي، مصنف عبدالڪريم سنديلو، ڇاپو ڇوٿون، سال ١٩٦٣ع صفحو نمبر ٣١.

پڙڻ ڪاڻ سواءِ ڪا به عمارت جوڙي نه سگهبي آهي، اهڙي طرح "حرف" ڪان سواءِ ڪا به ٻولي وجود ۾ اچي نه ٿي سگهي. ڪنهن به زبان يا ٻوليءَ کي لکيت ۾ آڻڻ ڪان اڳ، اهو ضروري آهي ته ڪجهه حرف گڏ ڪري ان ٻوليءَ جي الفابيٽ ناهي وڃي، جنهن تي ان ٻوليءَ جي رسم الخط، نثر توڙي نظم جي عمارت بيهاري سگهجي. الفابيٽ ناهڻ وقت اهو ضروري نه آهي ته ان لاءِ سڀ حرف ڪنهن هڪ ئي ٻوليءَ جا هجن، پر ڌارين ٻولين مان پڻ ڪي حرف چونڊي، ان ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا. بيءَ حالت ۾ الفابيٽ جو مڪمل ٿيڻ ئي ناممڪن ٿي پوندو. انهيءَ ڳالهه کي خيال ۾ رکندي ڏسبو ته موجوده دور ۾ دنيا اندر جيڪي به ٻوليون تحريري يا تقريري صورت ۾ موجود آهن (يعني لکڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿيون)، تن سڀني جي الفابيٽ ملاوت ڪان خالي نه آهي.

هر هڪ ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ آوازن ۽ حروف جو تعداد مقرر هوندو آهي، جن جي ملائڻ مان مختلف الفاظ جڙن ٿا. هت چند ٻولين جي الفابيٽ مثال طور ڏجي ٿي. اهي ٻوليون اسان وٽ عام مروج آهن.

١- عربي زبان جي الف - ب ۾ ڪل ٢٨ حروف آهن، جهڙوڪ:-

ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ع
غ ف ق ڪ ل م ن و ه ي.

مٿين ٢٨ حرفن مان ا ب ت ج ح د ر ز س ش ص ط ع ف ق ڪ ل م ن و ه ي (جملي ٢٢ حروف) اصل ۾ عبراني ٻوليءَ جا آهن، جي اوائل ۾، مختلف دورن ۾ مختلف شڪلين ۾ لکيا ويندا هئا، پر حضور صلي الله عليه وسلم جن

جي ولادت کان ٿورو اڳ، انهن کي موجوده شڪل ڏني ويئي*.
انهن ۾ باقي ڇهه حروف (ثخذ، ضظغ) ث خ ذ ض ظ غ عربي
زبان وارن پنهنجا جوڙي شامل ڪيا آهن، جنهن ڪري موجوده
صورتخطيءَ ۾ ڪل ٢٨ حروف ٿي پيا. ڪن عربن ته وري
"ء" (همزو) ۽ "لا" وڌائي حرفن جو انداز ٽيهه رکيو آهي.
دراصل "ء" (همزو) بذات خود ڪو حرف نه آهي، پر هي
"ا" (الف) جي هڪ صورت گويا خرد "الف" آهي. ساڳيءَ
طرح "لا" به "ل" ۽ "الف" ٻن حرفن جي ملايل صورت آهي،
جنهن جو مرڪب آواز "لا" آهي ۽ هن ۾ ٻه حرف آهن.

٢- فارسي ٻوليءَ جي الفابيٽ ٣٢ حرفن تي مدار رکي ٿي،
جهڙوڪ:-

ا ب پ ت ث ج چ ح خ د ذ ر ز ژ س ش ص ض
ط ظ ع غ ف ق ڪ گ ل م ن و ه ي.

مٿين ٣٢ حرفن مان پ چ ژ گ (جملي چار حروف)
نج فارسي زبان جا آهن ۽ باقي ٢٨ حروف عربي ٻوليءَ جا
منجهس داخل ڪيا ويا آهن.

٣- اردو ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ ڪل ٥١ اکر آهن، جهڙوڪ:-

ا ب بهه پ پهه ت تهه ٹ ٹهه ث ج جهه چ چهه ح خ د
دهه ڈ ڈهه ذ ر ڑ ڑهه ز ژ س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق
ک کهه گ گهه ل لهه م مهه ن نهه و ه ء ی ے.

انهيءَ مان چار حروف (پ - چ - ژ - گ) فارسي
ٻوليءَ جا ۽ ٢٨ عربي زبان جا آهن. انهيءَ کان سواءِ جيڪي
ٽي حروف (ٹ - ڈ - ڑ) منجهس شامل ڪيا ويا آهن، دراصل

---

* "الوسيط في الادب العربي و تاريخه" تاليف الشيخ احمد السڪندري و الشيخ مصطفي عناني، الطبعه السابعه عشره، دارالمعارف بمصر سنه ١٩١٦ هجري؛ ڏسو تصوير.

ٻوليءَ کي اڪثر سيني ٻولين کان وڌيڪ حروف يا آواز آهن.
اهي سڀ هي آهن.

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جهہ ڃ چ ڇ
ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع
غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گهہ ڱ، ل م ن ڻ
و ه ء ي.

مٿين الفابيٽ ۾ ٢٨ حروف عربي زبان جا آهن ۽ ٽي
(پ - چ - گ) فارسي زبان جا منجهس شامل ڪيا ويا آهن.
ان سان گڏ "ء" (همزو) به عربي زبان مان آندو ويو آهي.
اهڙيءَ طرح ڪل ٣٢ حروف اڌارا ورتل آهن ۽ باقي ٢٠
(ويهہ) اکر جهڙوڪ: ٻ ڀ ٽ ٿ ٺ ڦ ڄ جهہ ڃ ڇ
ڌ ڏ ڊ ڍ ڙ ک ڳ گهہ ڱ ڻ اڳوڻي رسم الخط جي برابريءَ
وارن آوازن يا اکرن ۾ ڪجهہ ڦير گهير ڪري، يا انهن کي
زائد نقطا ڏيئي ۽ ڪي نوان نشان ٺاهي، موزون حروف ٺاهيا
ويا آهن. يا ائين ڪٿي چئجي ته باقي اهي ويهہ (٢٠) اکر،
جن کي اڳ مختلف صورتخطيءَ ۾ لکيو ٿي ويو، تن ۾ سنه
١٨٥٣ع ۾، ڪجهہ قدر تبديلي آڻي، نوان حرف جوڙيا ويا آهن.
انهن مان جيڪي ٻن مختلف حرفن جي گڏڻ سان آچارڻ ۾
پئي آيا، تن کي گڏي، هڪ ئي اکر جي شڪل ڏئي پيش
ڪيو ويو آهي. اهڙا ٻتا اکر ابوالحسن جي سنڌي صورتخطيءَ ۾
ملن ٿا.

اڳ جيئن ته سنڌي زبان کي پنهنجي الف - ب اصل

ڪا نہ هئي، تنهن ڪري مولانا ابوالحسن پنهنجي ڪتاب "مقدمه الصلواه" * لکڻ کان اڳ ۾ عربي - فارسي لفظن مان پيچ گهڙ ڪري، سنڌي الف - ب ناهي، جنهن کي "ابوالحسن جي سنڌي" سڏجي ٿو. هن پنهنجي جوڙيل صورتخطيءَ ۾ نج سنڌي آوازن کي جا شڪل ڏني هئي، سا اڄ جي صورتخطيءَ کان شڪل ۾ بلڪل مختلف هئي.

انگريزن جي اچڻ کان پوءِ سر بارٽل فريئر سنہ ١٨٥٣ع ۾ ان وقت پنهجي اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر ايلس صاحب (جنهن جي هٿ ۾ تعليم کاتي جي سنڀال هئي) جي صدارت هيٺ سنڌ جي پڙهيل ماڻهن جي هڪڙي ڪميٽي مقرر ڪئي، جنهن جي ڪوشش سان سنڌي ٻوليءَ لاءِ سرڪاري طرح هڪ آئيويٽا ناهي وئي، جا اڄ تائين ڪتابن ۾ پڙهائي وڃي ٿي. انهيءَ آئيويٽا جو بنياد بہ عربي - فارسي ٻولين جي اکرن تي رکي "عربي- سنڌي صورتخطي" جي نالي سان ظاهر ڪئي ويئي. سنہ ١٨٥٤ع کان وٺي جيڪي بہ سنڌي نظم ۽ نثر جا ڪتاب لکيا ويا آهن يا اڄ بہ لکيا وڃن ٿا، سي سڀ انهيءَ موجود آئيويٽا ۾ آهن.

هت مولوي ابوالحسن جي جوڙيل اکرن ۽ موجوده اکرن جي صورتخطي نموني طور پيش ڪجي ٿي:-

---

* ڪتاب "مقدمه الصلواه" سال ١٧٠٠ع ڌاري لکيو ويو، جو سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ڪتاب هو. هن ڪتاب جو مضمون نماز ۽ وضوءَ جي بابت آهي ۽ هيءُ ڪتاب نظم ۾ آهي.

| ابوالحسن جي سنڌي | | هاٹوڪي آئيوڻا | ابوالحسن جي سنڌي | | هاٹوڪي آئيوڻا |
|---|---|---|---|---|---|
| ب | — | ٻ | ڌھ | — | ڌ |
| ٻھ | — | ڀ | دْ | — | ڏ |
| تھ | — | ٿ | در | — | ڊ |
| ت، تر | — | ٽ | ڊ | — | ڍ |
| ٿ | — | ٺ | ر | — | ڙ |
| پھ | — | ڦ | کھ | — | ک |
| ج | — | ڄ | گ | — | ڳ |
| ج | — | جھ | گ | — | گھ |
| نج | — | ڃ | نگ | — | ڱ |
| چھ | — | ڇ | ن | — | ڻ |

هت اها ڳالھ مان ضروري سمجهان ٿو تہ، جهڙيءَ طرح موجود سنڌي آئيوڻا ۾ ٻہ مرڪب حروف "جھ" ۽ "گھ" اڳ ۾ ئي موجود آهن، اهڙيءَ طرح هيٺيان پنج مرڪب حروف (جن جي سنڌي الف - ب ۾ کوٽ محسوس ڪئي وڃي ٿي)

* ڪتاب - سنڌي ادبي تاريخ، مصنف محمد صديق ميمڻ.
۽ سنڌي صورتخطي، خواجہ غلام علي الانا؛ سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو، ٽيون جولاءِ ۱۹۶۹ع، ص ۲۹.

هڪ يا وڌيڪ يعني ضرورت آهر حروف علت ملائبا تہ انهن مان هڪ صحيح لفظ نهي پوندو ۽ منجهانئس مقصد بہ نڪرندو. اهو قاعدو دنيا جي هر هڪ ٻوليءَ سان لاڳو آهي. هت اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا:-

١- "حقيقت" لفظ ۾ ح ق ق ت حروف صحيح آهن، جن ۾ "ي" حرف علت گڏي لفظ ناهيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي "سچي ڳالهہ".

٢- "لاڙڪاڻوي" لفظ ۾ ل ڙ ڪ ڻ صحيح حروف آهن. انهن جي وچ ۾ ا - و - ي ٽئي حروف علت شامل ڪري هڪ لفظ ناهيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي "لاڙڪاڻي جو رهاڪو".

اهڙيءَ طرح سان انگريزي ٻوليءَ جي لفظ Consequence ۾ C N S Q N C حروف صحيح (Consonant letters) آهن. انهن ۾ O E U E E جملي پنج حروف علت (Vowel letters) پورو لفظ ناهيو ويو آهي، جنهن ڪري منجهانئس پورو آواز ۽ مطلب نڪري ٿو. انهيءَ لفظ جي معنيٰ آهي "نتيجو يا ڦل".

مطلب تہ هر زبان جي صوتياتي نظام ۾ حروف صحيح ۽ حروف علت ٻئي موجود هوندا آهن، ٻيءَ حالت ۾ پورو لفظ ٺهي نہ سگهندو ۽ منجهانئس مطلب ظاهر نہ ٿيندو.

## لفظ

"لفظ" عربي ٻوليءَ مان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، اهو ٻن يا وڌيڪ حرفن يا آوازن جو مجموعو، جنهن مان ڪو مطلب يا معنيٰ نڪري؛ يا ائين ڪٿي چئجي تہ، ٻہ يا

وڏيڪ آواز يا اکر گڏجي هڪ معنيٰ خيز لفظ ناهن ٿا.

لفظ اڪثر ٻن نمونن جا ٿيندا آهن: هڪڙا ابتدائي لفظ ۽ ٻيا ثانوي لفظ. ابتدائي لفظ اهي آهن، جي مختلف آوازن يا حرفن کي پاڻ ۾ ملائڻ سان ٺهن ٿا. انهن کي ساده لفظ به آهي، جهڙوڪ: هه+ٿ=هٿ؛ گهه+ر=گهر؛ ق+ل+م=قلم؛ هه+ر+ڻ=هرڻ؛ وغيره.

مٿين لفظن ۾ ڏسبو ته هر هڪ آواز يا حرف معنيٰ ۽ مطلب کان خالي آهي؛ پر جڏهن اهي پاڻ ۾ گڏجي هڪ لفظ ناهن ٿا، تڏهن اهو لفظ معنيٰ وارو ٿيو پوي. اهڙن لفظن کي سنڌي زبان ۾ ”بنياد يا پيڙهه“ ۽ سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ”ڌاتو“ چئبو آهي؛ ڇاڪاڻ ته انهن لفظن مان ٻيا نوان لفظ ڦٽي نڪرن ٿا، جن کي ثانوي لفظ چئجي ٿو.

ثانوي لفظن جا وري ٻه قسم آهن؛ هڪڙا پيچيدا لفظ ۽ ٻيا مرڪب لفظ. پيچيدا لفظ اهي آهن، جي ابتدائي يا سادن لفظن کي اڳياڙيون يا پڇاڙيون ڳنڍڻ سان ٺهن ٿا. ڪن حالتن ۾ وري هڪ لفظ سان ٻئي (اڳياڙي ۽ پڇاڙي) شامل ڪرڻ وينديون آهن. اهي اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون اڪيلي سر اڪثر بي معنيٰ ٿين ٿيون (يعني انهن کي پنهنجي ڪا به معنيٰ ڪا نه ٿئي)؛ پر سادن لفظن سان ملي، انهن کي پيچيدو يا ڳوڙهو بڻائين ٿيون؛ جنهن ڪري انهن سادن لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ ڪجهه ڦيرو اچيو وڃي. جيئن ته: ”ٻار“ لفظ کي ”ڙو“ پڇاڙي ڳنڍڻ سان ”ٻارڙو“ ٿي پوندو، جنهن ڪري ٻنهي لفظن جي ساخت ۾ ڪجهه قدر تفاوت ٿيو پوي. ساڳيءَ طرح ”پورو“ لفظ کي ”اڻ“ اڳياڙي ملائڻ سان ”اڻپورو“ لفظ ٺهي پوندو. خود ”ابتدائي“ لفظ به غور طلب آهي. هن ۾ ”ابتدا“ سادو لفظ آهي، جنهن کي ”ئي“ پڇاڙي ڳنڍي پيچيدو لفظ بڻايو

ويو آهي، جنهن ڪري سندس معنيٰ ۾ ڪجهه فرق ٿي پيو آهي.
اهڙيءَ طرح سان "اڻ"منڊائتو" لفظ ۾ "منڊ" سادو لفظ آهي،
جنهن کي اڳيان "اڻ" ۽ پڇاڙي "آئتو" ملائي لفظ کي
پيچيدو بڻايو ويو آهي، جنهن ڪري سندس معنيٰ ۾ البت ڪجهه
فرق اچي ويو آهي.

مرڪب لفظ اهي آهن، جن کي جيڪڏهن ٽوڙبو يا ڀاڱن
۾ ورهائبو ته منجهائن مختلف سادا لفظ ٺهي پوندا ۽ سندن
معنيٰ ۾ به ڪجهه فرق ٿيندو. لفظن کي انهيءَ نموني ورهائي،
هر هڪ حصي جي جدا معنيٰ ڪڍڻ کي "اشتقاق" چئبو آهي.
هت اهڙا ڪي مرڪب الفاظ نموني طور ڏجن ٿا، جن کي هن
ڪتاب جي منڍ ۾ (يعني اشتقاق واري حصي ۾) جدا جدا
ڀاڱن ۾ ورهائي، سندن مطلب سمجهايو ويو آهي.

جهڙوڪ :-

تماشبين ــــ دارالسلطنت ــــ محلسراء ــــ فارغ التحصيل ــ
نظرانداز ، وغيره .

هت اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته "لفظ" ۾ "حرف" ٻن
قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا اهي، جن تي اعرابون يعني زير
(ـِـ)، زبر (ـَـ)، پيش (ـُـ) هوندا آهن؛ انهن کي "متحرڪ"
حرف چئبو آهي. اهڙنِ حرفن جو اُچار صاف ۽ چٽو نڪرندو
آهي. ٻيا حرف اهي آهن، جن جي مٿان پڙهڻ وقت جزم
(ـْـ) ايندي آهي؛ جنهن ڪري انهن جو اُچار يا آواز اهڙو
صاف نه هوندو آهي. انهن کي "ساڪن" حرف چئبو آهي، جنهن
جي لفظي معنيٰ آهي "ويٺل".

# جملو

"جملو" اصل ۾ عربي لفظ "جملة" تان ورتل آهي، جنهن جو مطلب آهي، "اهو ٻن يا وڌيڪ لفظن يا 'فقرن جو مجموعو، جنهن مان پورو مقصد يا خيال ظاهر ٿئي". مطلب ته، جدا جدا الفاظ پاڻ ۾ ملي، هڪ جملي جي صورت اختيار ڪن ٿا.

جڏهن ٻه يا وڌيڪ الفاظ پاڻ ۾ ملي هڪ گفتگو يا ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي صورت پيدا ڪن، ته انهن کي لفظن جو ميڙ يا جهڳٽو چئبو. اهو لفظن جو ميڙ، جملو به ٿي سگهي ٿو ۽ جملي جو هڪ ڀاڱو به، جهڙوڪ:

١ - ڪالهه ڏينهن ڏٺي جو، شهر ۾ ڦر ٿي آهي.

اهو هڪ مڪمل جملو آهي. انهيءَ جملي مان جيڪڏهن ڀهريان ڪجهه الفاظ، "ڪالهه ڏينهن ڏٺي جو" ڌار ڪبا ته باقي 'ٽڪرو "شهر ۾ ڦر ٿي آهي" وڃي رهندو، جو جملي جو ڪم ڏيندو ۽ منجهانئس پورو مطلب نڪرندو. پر جدا ڪيل ڀهرئين حصي کي جملو چئي نه سگهبو؛ ڇاڪاڻ ته ان ڀاڱي ۾ فعل آهي ئي ڪونه ۽ منجهانئس پورو مطلب به ڪو نه ٿو نڪري. انهيءَ ڪري ان ٽڪري کي اسين لفظن جو جهڳٽو يا جملي جو هڪ ڀاڱو چونداسين.

ڪڏهن ته هڪ ئي لفظ جملي جو ڪم ڏيندو آهي. جيئن ته: "اچ"، "ويهو"، "هارايم"، "ٻوڙيو"، "ويا"، "پرچائيندو مانس"، "ڪاڏائون"، ڳالهائيندينس؟" وغيره. انهيءَ هر هڪ لفظ ۾ پوري

جملي جو مطلب سمائل آهي؛ جهڙوڪ:-

١- "اچ" جو مطلب آهي، "تون اچ".

٢- "ويهو" مان مراد آهي "توهين ويهو".

٣- "هارايم" جو مطلب آهي، "مون هارايو".

۴- "ٻوڙيو" جو مقصد آهي، "هو ٻوڙيو".

٥- "ويا" جو مطلب آهي، "هو ويا".

٦- "پرچائيندا سونس" جو مقصد آهي، "اسين هن کي پرچائيندا سون".

٧- "پڙهائيندو مانس" جو مطلب آهي، "مان هن کي پڙهائيندس".

٨- "ڪاڏائون" جو مطلب آهي، "هنن ڪاڏو".

٩- ڳالهائيندينس؟" جو مطلب آهي، "ڇا تون هن سان ڳالهائيندين؟".

مطلب ته "جملو" اهو لفظ يا لفظن جو ميڙ آهي، جو ڳالهائڻ ۾ اچي ٿو ۽ منجهانئس پورو مطلب نڪري ٿو. اهو جملو هاڪاري (Affirmative) به ٿيندو آهي ته ناڪاري (Negative) به ٿيندو آهي. هاڪاري جملي ۾ ڪنهن ڳالهه جي مجمل حقيقت بيان ڪئي ويندي آهي، پر ناڪاري جملي ۾ انڪار يا ناڪار ڏيکاريل هوندي آهي.

نحوي لحاظ کان جملا ٽن قسمن جا ٿين ٿا:-

**مفرد جملا**

**مرڪب جملا**

**مرتب يا مخلوط جملا**

**مفرد جملا:-** "مفرد" جي لفظي معني آهي "اڪيلو، ڇڙهو، عليحدو". هن قسم جي جملن ۾ هڪ فعل ٿئي ٿو. هن کي "سادو جملو" به چئبو آهي. هت اهڙا به ٽي جملا نموني طور ڏجن ٿا:-

١- طوطو اُڏامي ٿو.
٢- جانور گاهه کائن ٿا.
٣- منهنجي دوست احمد، اڄ هڪ وڏو ڪارو نانگ ماريو.

**مرڪب جملا:-** "مرڪب" جي لفظي معنيٰ آهي، "ٻٽو، گڏيل، ڳنڍيل". هن قسم جي جملن ۾ هڪ کان مٿي يعني ٻه يا وڌيڪ مفرد ۽ سادا جملا ٿين ٿا، جي پاڻ ۾ ڪن اکرن يا لفظن جهڙوڪ: "۽ - يا - ته - نه ته - پر - ڇاڪاڻ ته - جيئن ته - وغيره" جي ذريعي ملايل ۽ ڳنڍيل هوندا آهن. اهي جملا هڪ ٻئي تي مدار نه رکندا آهن، جنهن ڪري انهن مان هرهڪ جملو جدا ٿيڻ سان پنهنجو خلاصو مطلب ظاهر ڪري ٿو. هت اهڙا ٻه ٽي جملا پيش ڪجن ٿا:-

١ عليم سائيڪل تي چڙهي ويو ۽ انور پيادل ويو.
٢- نثار ضرور پاس ٿئي ها، پر هو امتحان ۾ ويٺو ئي ڪونه.
٣- نماز مرڪزيت سيکاري ٿي، ڇاڪاڻ جو سڀ هڪ قبلي ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهن ٿا.

**مرتب** يا **مخلوط جملا:-** "مرتب" جي لفظي معنيٰ آهي "ترتيب سان رکيل" ۽ "مخلوط" جي لفظي معنيٰ آهي "گاڏڙ يا مليل جُليل". هن قسم جي جملن ۾ هڪ کان وڌيڪ جملا ٿيندا آهن ۽ اهي هڪ ٻئي تي مدار رکندا آهن. انهن مان هڪ حصو مکيه جملي جو ڪم ڏيندو آهي ۽ باقي حصا يا ڀاڱا انهيءَ مکيه جملي سان زنجير جي ڪڙين وانگر اٽيل جڙيل هوندا آهن، جو جيڪڏهن انهن مان ڪو به حصو جدا ڪري رکبو ته ان جو مطلب مڪمل نموني ظاهر نه ٿيندو؛ جنهن ڪري اهو هڪ حصو جملي جو ڪم نه ڏيندو. مرتب جملن جا ٻه ٽي مثال نموني طور پيش ڪجن ٿا:-

١- ڪالهه توکي جيڪو ڪم چيو هوم، سو ڪري آئين؟

۲- هي اهو ماڻهو آهي، جنهن مون کان ڪتاب ورتو هو.

۳- حضور صلي الله عليه و سلم جن جي فياضي ۽ دنيا جي مال سان بي تعلقي انهيءَ حد تي پهتل هئي، جو سندن گهر ۾ روڪڙ قسم جي ڪا به شئي پيل هوندي هئي، اها جيستائين خيرات نه ڪندا هئا؛ تيستائين گهر ۾ آرام نه ڪندا هئا.

معنوي لحاظ کان جملا ڪيترن ئي قسمن جا آهن؛ جهڙوڪ:

۱- بياني، ۲- امري، ۳- سوالي، ۴- تمنائي، ۵- ندائي، ۶- معطوفي، ۷- شرطي، ۸- سببي ۹- قسمي، ۱۰- دليلي، ۱۱- تنبيهي، ۱۲- تشبيهي، ۱۳- اعتراضي، ۱۴ - استدراڪي، ۱۵- تمثيلي، ۱۶- مندوبي، ۱۷- دعائي، وغيره *

هت جملي جو هر هڪ نمونو مثالن سان پيش ڪجي ٿو:-

**۱- بياني جملا:-** "بيان" جي لفظي معنيٰ آهي ، "تشريح، وصف، وضاحت، تقرير". هن قسم جي جملن ۾ سڌو سادو بيان ڏنل هوندو آهي. جنهن ۾ ڪا ڳالهه، حقيقت يا ڪو واقعو پيش ڪيو ويندو آهي. هنن کي وصفي ۽ تفسيري جملا به چئبو آهي. هت اهڙا مثال ڏجن ٿا:-

۱- هو افضل کي ڪتاب اصل نه ٿو ڏئي.

۲- مون وٽ اڄ ڄاڻ نه گڏجي هلنداسين.

۳- ڳالهه لوڏنگ ۽ بس جو پاڻ ۾ ٽڪر ٿي پيو ، جنهن ڪري بس ۾ ويٺل سڀني مسافرن کي سخت ڌڪ لڳا.

**۲- امري جملا:-** "امر" جي لفظي معنيٰ آهي "حڪم".

---

* "سنڌي صرف نحو"، واحد بخش شيخ؛ پبلشر آر - ايچ احمد برادرس، دفعو ۲، سال ۵۵-۱۹۵۶ع، صفحو نمبر ۳۹.

۽ "سنڌي ويا ڪرڻ" ڀاڱو پهريون ، مرزا قليچ بيگ؛ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سنڌ.

هن قسم جي جملن ۾ ڪنهن ڪم ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيل هوندو آهي. هت اهڙي قسم جا جملا پيش ڪجن ٿا:-

١- بازار مان ڪپڙو وٺي اچ.

٢- ڪالهه جيڪو ڪتاب ڏنو هيومانءِ، سو اج قمبرعليءَ کي ڏي.

اهڙي قسم جا "آمري جملا" به ٿيندا آهن، جن ۾ ڪنهن ڪم ڪرڻ کان "روڪ يا منع" ڪئي ويندي آهي. انهن جملن کي **"نهي جملا"** چئبو آهي. انهيءَ جا مثال هي آهن:-

١- خراب ميوو اصل نه کائيندو ڪر.

٢- اڳتي نندڙي ٻباءَ کي پاڻ سان گڏ نه آڻيندو ڪر، ڇاڪاڻ جو هو توکي ڪم ڪرڻ نه ٿو ڏئي.

**٣- سوالي جملا:-** هن قسم جي جملن ۾ ڪنهن شئي بابت سوال پڇيو ويندو آهي. جهڙوڪ:-

١- تون ڪالهه اسڪول ڇو نه آيو هئين؟

٢- هو منهنجي پٽ جي شاديءَ تي ايندو يا نه؟

٣- ڪالهه جن ڇوڪرن توکي مارڻ جي ڌمڪي ڏني هئي انهن جا نالا ڇا آهن؟

**٤- تمنائي جملا:-** "تمنا" جي معنيٰ آهي، "خواهش، مرضي". هن قسم جي جملن ۾ ڪو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ آس، اميد يا خواهش ظاهر ڪئي ويندي آهي. جيئن ته:-

١- شال مان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيان!

٢- اج مون وٽ ڪو ماڻهو نه اچي ته بهتر!

٣- ڪاش، مون وٽ پيسا هجن ها ته مان به حج ڪريان ها!

**٥- ندائي جملا:-** "ندا" جي لفظي معنيٰ آهي "سڏ" يا "پڪار". اهڙا جملا، جن ۾ "سڏ" يا "پڪار" وارا الفاظ جهڙوڪ: **"اڙي، او، اي، يا،"** وغيره استعمال ٿيل هجن.

هن قسم جي جملن ۾ اڪثر سڏ يا پڪار وارن لفظن جي پويان "حرف ندا" جي نشاني (!) پيل هوندي آهي. مثلا:-

١- يا الله! تون دنيا ۾ سُڪر ۽ سڪائي ڪج.

٢- اي بهادرو! دشمن کي پنهنجي مٿان هرگز غالب ٿيڻ نه ڏجو.

٣- اڙي نادان! تنهنجي اها وڏائي سدائين قائم نه هوندي.

٦- **معطوفي جملا:-** "معطوف" جي لفظي معنيٰ آهي "ڳنڍيل". هن قسم جي جملن ۾ ڪم جو سلسلو ڳنڍيل هوندو آهي. يعني جملن ۾ اهو ڏيکاريل هوندو آهي ته ڪو ماڻهو هڪ ڪم کي پورو ڪري يا جاري رکندي ڪنهن ٻئي ڪم کي پهچي وڃي ٿو. جهڙوڪ:-

١- عبدالوحيد کير پي سمهي پيو.

٢- چور چوري ڪري، مالڪ جو الهه تلهه کڻي ويا.

٣- ڪالهه اسان گهمندي ڦرندي اسٽيشن ڪان وڃي نڪتاسين.

٧- **شرطي جملا:-** "شرط" جي لفظي معنيٰ آهي "اقرار" يا "پابندي". هن قسم جي جملن ۾ ڪنهن ڪم جي پوري ڪرڻ لاءِ پابندي يا شرط وڌو ويندو آهي. هن جملي جا ٻه حصا ٿيندا آهن. هڪ حصي ۾ ڪنهن به ڪم جي پورائي لاءِ شرط وارا الفاظ هوندا آهن ۽ ٻئي حصي ۾ ان جو مقصد يا نتيجو ملڻ، جو بيان هوندو آهي. هت اهڙا ٻه ٽي مثال ڏجن ٿا:-

١- هن سال نثار احمد امتحان ۾ ويهي ها، ته ضرور ڪامياب ٿئي ها.

٢- جيڪڏهن تون گهران سوير نڪرندين ته گاڏيءَ تي پهچي ويندين.

٣- جي هاري زمينن سان محنت سٺي ڪن ها، ته جيڪر پيداوار ۾ ڪافي اضافو ٿي وڃي ها.

۸- **سببي جملا:** هن قسم جي جملن ۾ ڪنهن ڪم جي ڪرڻ يا نه ڪرڻ لاءِ سبب پيش ڪيو ويندو آهي. هن جملڻ جا ٻه ڀاڱا ٿيندا آهن. هڪ ڀاڱي ۾ ڪم جي ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو ٻڌائي ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ ان جو سبب ڏنو ويندو آهي. انهيءَ لاءِ هي الفاظ استعمال ڪيا ويندا آهن:-

"تنهن ڪري - ڇاڪاڻ ته - ڇوجو - جو - ته" وغيره.

هت هڪ ٻه مثال پيش ڪجي ٿو:-

۱- ڪالهه مون کي بخار ٿي پيو هو، تنهن ڪري اسڪول ڪو نه آيو هوس.

۲- رمضان اڄ توهان جي گڏجاڻيءَ ۾ شامل ٿي نه سگهندو، ڇاڪاڻ ته هو ڪراچيءَ وڃي رهيو آهي.

۳- خادم کي پوليس انهيءَ ڪري وٺي وئي، جو هن خون ڪيو آهي.

۹- **قسمي جملا:** هن قسم جي جملن ۾ قسم کڻي ڪا ڳالهه پيش ڪئي ويندي آهي، جنهن لاءِ "الله ڄاڻي، خدا ڄاڻي، خدا جو قسم، خدا جو سنهن، والله، بالله،" وغيره الفاظ استعمال ڪيا ويندا آهن. هت اهڙا مثال ڏجن ٿا:-

۱- خدا ڄاڻي ٿو ته منهنجو انهيءَ ۾ ڪو به هٿ نه آهي.

۲- خدا جو قسم، مان تنهنجي ڪڏهن به مخالفت نه ڪئي آهي.

۳- والله بالله، مونکي اِن ڳالهه جو پتو ئي نه آهي.

۱۰- **دليلي جملا:** "دليل" جي معنيٰ آهي "ثبوت، حجت". هن قسم جا جملا ٻن حصن تي مشتمل ٿين ٿا. انهن مان هڪ حصي ۾ ڪا ڳالهه پيش ڪئي ويندي آهي ۽ ٻئي حصي ۾ ان ڳالهه کي سچو ٺهرائڻ يا وزندار بڻائڻ لاءِ ڪو دليل يا ثبوت پيش ڪيو ويندو آهي. هت اهڙا جملا مثال طور ڏجن ٿيا:-

١- پنهنجي ملڪ ۽ مذهب کي بچائڻ لاءِ دشمن سان وڙهڻ لازم آهي، جهڙيءَ طرح حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي نبوت جي دور ۾ مخالفن سان جنگيون ڪيون آهن

٢- انسان کي گهرجي ته هر وقت الله لوڪ ماڻهن جي صحبت ۾ رهي، ڇاڪاڻ ته ايمان قائم رکڻ جو صحيح رستو انهن وٽان ئي حاصل ٿيندو.

**١١- تنبيهي جملا:-** هن قسم جي جملن ۾ ڪن اڻ وڻندڙ واقعن يا ڇڙن ڪمن کان روڪڻ لاءِ هدايت يا تنبيهه ڪيل هوندي آهي. هنن ۾ اڪثر "مچڻ" يا "متان" وارا الفاظ استعمال ڪيا ويندا آهن. جهڙوڪ:-

١- خبردار! ڇو ڪنهن جي لوڙهي لتاڙڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئي؛ متان تنهنجو نه لوڙهو لتاڙجي وڃي.

٢- غريبن کي ايذو نه ستاءِ، مچڻ الله جو قهر نه متان نازل ٿيئي.

**١٢- تشبيهي جملا:-** هن قسم جي جملن ۾ ڪنهن هڪ شئي کي ٻيءَ شئي سان تشبيهه ڏني ويندي آهي. مثلاً:-

١- جميل جا اکر موتيءَ جهڙا خوبصورت آهن.

٢- آفريڪا جا شيدي ڪوئلي جهڙا ڪارا آهن.

٣- لڳي آتر واءُ ته ڪينجهر هندورو ٿئي. (شاهه)

**١٣- اعتراضي جملا:-** هن قسم جي جملن ۾ ڪي وڌيڪ لفظ جملي جي شڪل ۾، جملي جي وچ ۾ ايندا آهن ۽ اهي اصل مقصد کي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪجهه رنڊڪ ۽ تاخير پيدا ڪندا آهن. هت اهڙا مثال ڏجن ٿا:-

١- ڄام تماچي، جنهن نوري مهاڻيءَ کي پنهنجي پٽ راڻي بڻايو هو، سنڌ جو مشهور سخي حاڪم ٿي گذريو آهي.

٢- سعودي عرب جي سر زمين، جتي ڪعبت الله شريف ۽

رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن جو روضو پاڪ واقع آهن، هڪ پرسڪون ۽ برڪت پري زمين آهي.

١٤- **استدراڪي جملا:**- "استدراڪ" جي لفظي معني آهي "سمجهڻ، سمجهه حاصل ڪرڻ، ذهن نشين ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ". هن قسم جي جملن ۾ ڪنهن لڪل حقيقت کي ظاهر ڪري، منظر عام تي آڻجي ٿو، جنهن سبب پيدا ٿيل شڪ ۽ وهم دور ٿي وڃن ٿا. هن جملي جا ٻه حصا ٿيندا آهن، جن مان پهرئين حصي جي بيان ٿيڻ وقت دل ۾ جيڪي شڪ شبها پيدا ٿين ٿا ٻئي حصي وارو ٽڪرو اهي گمان دفع ڪري ڇڏي ٿو. هنن جملن ۾ اڪثر "مگر، پر، سواءِ، بلڪ، ليڪن، ڇاڪاڻ ته" وارا الفاظ ڪم ايندا آهن. هت اهڙا ٻه مثال پيش ڪجن ٿا.

١- اسان جي سيٺ کي تمام گهڻي دولت آهي، پر هو ڪنجوس ڏاڍو آهي.

٢- پيغمبرن کان خطائون نه ٿينديون آهن، ڇاڪاڻ جو هو پيدائشي معصوم آهن.

١٥- **ذيلي جملا:**- هن قسم جي جملن ۾ مختلف شين جي وضاحت مثالن سان پيش ڪئي ويندي آهي. هن جملي ۾ اڪثر ڪري ٻه حصا ٿيندا آهن، جن مان پهرئين حصي ۾ ڪنهن شئي يا ساهواري جي اداڪاريءَ جو نمونو ڏنو ويندو آهي ۽ ان جي پٺيان ٻئي حصي ۾، ان لاءِ هڪ مثال پيش ڪيو ويندو آهي. هت اهڙا ٻه جملا نموني طور ڏجن ٿا.

١- چور سپاهيءَ کي ڏسي ائين ڀڳو، جيئن ڪانءُ ڀڄي ڪمان کان.

٢- اڄڪلهه بسين ۾ ماڻهو ائين گهوريا وڃن ٿا، جيئن ٻڪريون ۽ رڍون واڙ ۾ واڙيون آهن.

**١٦- مندوبي جملا:-** هن قسم جي جملن ۾ ڪنهن ڳالهه بابت افسوس يا ارمان ظاهر ڪيو ويندو آهي. انهيءَ لاءِ "افسوس، ارمان، هاءِ هاءِ، ناحق،" وغيره الفاظ استعمال ڪيا ويندا آهن. جهڙوڪ:-

١- افسوس! جن لاءِ هيڏيون تڪليفون سٺم، اهي اڄ نظرئي نه ٿا اچن.

٢- هاءِ هاءِ! اهي ڏينهن ياد ٿا اچن، جڏهن ڳوٺ جي باغن ۾ وڃي، انبن جي وڻن هيٺان آرام ڪندا هئاسين.

**١٧- دعائي جملا:-** هن قسم جي جملن ۾ دلي خواهش جو اظهار ڪيل هوندو آهي. پوءِ اهي تمنائون نيڪ دعائن جي صورت ۾ هجن يا بد دعائن جي صورت ۾. اهڙن جملن ۾ اڪثر "جيڪر، الا، شال يا شل،" وغيره الفاظ ڪتب ايندا آهن. هنن کي "تمنائي جملا" به چئبو آهي. هت اهڙي قسم جا مثال پيش ڪجن ٿا:-

١- شال خدا تعاليٰ مرحوم عبدالله "اثر" کي بهشت نصيب ڪري!

٢- الا! اهڙا ڏينهن شل دشمن تي به نه اچن.

٣- لطيف، ادا شل جواني ماڻين! منهنجي نيڙي عبدالوحيد کي نه روڄ کان هيڏي ڪجانءِ.

٤- نپٽي آئٽي جهڙي نه منهنجي زندگي زهر ڪئي آهي، تهڙو خدا ڪندو شل پاڻ به دربدر هوندو.

# پريوگ

# (Construction)

"پريوگ" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "لاڳاپو" يا "ڳانڍاپو". اهو لاڳاپو، جملي ۾ فعل جو، ڪڏهن فاعل سان هوندو آهي ته ڪڏهن مفعول سان هوندو آهي ۽ ڪن حالتن ۾ وري فعل ٻنهي (فاعل ۽ مفعول) کان بلڪل نيارو هوندو آهي. مطلب ته، فعل جنهن نموني سان فاعل ۽ مفعول سان موافقت رکي ان کي "پريوگ" چئبو آهي.

پريوگ جا ٽي قسم آهن :-

۱- پريوگ ڪرتري،
۲- پريوگ ڪرمڻي،
۳- پريوگ ڀاوي.

## ۱- پريوگ ڪرتري:-

(Subjective Construction)

"ڪرتري" سنسڪرت لفظ "ڪرتر" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "فاعل". هن پريوگ ۾ فعل پنهنجي فاعل سان، جنس، عدد ۽ ضمير ۾ مٺبو آهي. جهڙوڪ :-

(۱)

جملو :- گهوڙو ڊوڙندو آهي.

جنس ۾ :- گهوڙو ڊوڙندو آهي.
گهوڙي ڊوڙندي آهي.

عدد ۾ :- گهوڙو ڊوڙندو آهي.
گهوڙا ڊوڙندا آهن.
ضمير ۾ :- اهو (گهوڙو) ڊوڙندو آهي.
هيءُ (گهوڙا) ڊوڙندا آهن.

(٢)

جملو :- ڪيرو اڏامي ٿو.
جنس ۾ :- ڳيرو اڏامي ٿو.
ڳيري اڏامي ٿي.
عدد ۾ :- ڳيرو اڏامي ٿو.
ڳيرا اڏامن ٿا .
ضمير ۾ :- اهو (ڳيرو) اڏامي ٿو.
هيءُ (ڳيري) اڏامي ٿي.

(٣)

فعل :- ويندو.
جنس ۾:- نوڪر ڪراچيءَ ويندو.
نوڪرياڻي ڪراچيءَ ويندي.
عدد ۾:- نوڪر ڪراچيءَ ويندو
نوڪر ڪراچيءَ ويندا.
ضمير ۾:- هو (نوڪر) ڪراچيءَ ويندو.
تون (نوڪر) ڪراچيءَ ويندين.

(٤)

جملو :- آفريڪا جا رهاڪو مضبوط ۽ سگهارا آهن.
جنس ۾ :- آفريڪا جو رهاڪو مضبوط ۽ سگهارو آهي .
آفريڪا جي رهاڪڻ مضبوط ۽ سگهاري آهي.

عدد ۾:- آفريڪا جو رهاڪو مضبوط ۽ سگهارو آهي.
آفريڪا جا رهاڪو مضبوط ۽ سگهارا آهن.
ضمير ۾:- هو (رهاڪو) مضبوط ۽ سگهارو آهي.
تون (رهاڪو) مضبوط ۽ سگهارو آهين.

مٿين مثالن ۾ ڏسبو ته فعل پنهنجي فاعل سان، جنس، عدد ۽ ضمير ۾، هر حالت ۾ مٽبو پئي رهيو آهي. انهيءَ ڪري مٿين فعلن جو پريوگ "ڪرتري" آهي.

## پريوگ ڪرمڻي:-

(Objective Constructin)

"ڪرمڻي" سنسڪرت لفظ "ڪرم" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "مفعول". هن پريوگ ۾ فعل پنهنجي مفعول سان، جنس، عدد ۽ ضمير ۾ مٽبو آهي. جهڙوڪ:-

(۱)

جملو:- ڇوڪر گلاس پيتو.

جنس ۾:- ڇوڪر گلاس پيتو.
ڇوڪر گلاسڙي پيتي.
عدد ۾:- ڇوڪر گلاس پيتو.
ڇوڪر گلاس پيتا.
ضمير ۾:- ڇوڪر اهو (گلاس) پيتو.
ڇوڪر اهي (گلاس) پيتا.

(۲)

فعل:- ڏنو.

جنس ۾:- جهانگير ڪڪڙ ڏنو.
جهانگير ڪڪڙ ڏني.

عدد ۾ :- جهانگير **ڪڪڙ** ڏنو.

جهانگير **ڪڪڙ** ڏنا.

ضمير ۾:- جهانگير **اهو** (ڪڪڙ) ڏنو.

جهانگير **اهي** (ڪڪڙ) ڏنا.

(۳)

**فعل** :- ماريو.

جنس ۾ :- خليل **هرڻ** ماريو.

خليل **هرڻي** ماري.

عدد ۾ :- خليل **هرڻ** ماريو.

خليل **هرڻ** ماريا.

ضمير ۾ :- خليل **اهو** (هرڻ) ماريو.

خليل **اهي** (هرڻ) ماريا.

(٤)

**جملو** :- اوهان فقيرن کي ڪڏهن خيرات ڏني؟

جنس ۾:- اوهان فقيرن کي ڪڏهن **خير** ڏنو؟

اوهان فقيرن کي ڪڏهن **خيرات** ڏني ؟

عدد ۾:- اوهان فقيرن کي ڪڏهن **خيرات** ڏني؟

اوهان فقيرن کي ڪڏهن **خيراتون** ڏنيون؟

ضمير ۾ :- اوهان فقيرن کي ڪڏهن **اها** (خيرات) ڏني؟

اوهان فقيرن کي ڪڏهن **اهي** (خيراتون) ڏنيون؟

(٥)

**جملو** :- سنڌ ۾ قديم زماني ۾ جيڪي واهه، وهندا هئا.

جنس ۾ :- جيڪو **واهه** وهندو هو.

جيڪا **واهي** وهندي هئي.

عدد ۾:- جيڪو واهه وهندو هو.
جيڪي واهه وهندا هئا.
ضمير ۾:- جيڪو اهو (واهه) وهندو هو.
جيڪي اهي (واهه) وهندا هئا.

مٿين مثالن ۾ ڏسبو ته فعل پنهنجي مفعول سان، جنس، عدد ۽ ضمير ۾، هر حالت ۾ تبديل ٿيندو پئي رهيو آهي. انهيءَ ڪري مٿين فعلن جو پريوگ "ڪرمڻي" آهي.

# پريوگ ڀاوي

(Neuter Construction)

"ڀاوي" سنسڪرت لفظ "ڀاءَ" (سڀاءَ) مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ذاتي مرضي" يا "نيارو". هن پريوگ ۾ فعل، نڪي فاعل سان، جنس، عدد ۽ ضمير موجب بدلبو آهي ۽ نڪي مفعول سان، جنس، عدد ۽ ضمير موافق مٽبو آهي؛ پر فعل سڀني حالتن ۾ ساڳي صورت ۾ رهندو آهي. جهڙوڪ:-

(١)

**جملو**:- هن انهيءَ عهدي کي ڏاڍي ڪاميابيءَ سان هلايو.

**فاعل سان**:-

جنس ۾:- هن (مرد) انهيءَ عهدي کي ڏاڍي ڪاميابيءَ سان هلايو.
هن (عورت) انهيءَ عهدي کي ڏاڍي ڪاميابيءَ سان هلايو.

عدد ۾:- هن انهيءَ عهدي کي ڏاڍي ڪاميابيءَ سان هلايو.
هنن انهيءَ عهدي کي ڏاڍي ڪاميابيءَ سان هلايو.

ضمير ۾:- هن انهيءَ عهديَ کي ڏاڍي ڪاميابيءَ سان هلايو.
تو انهيءَ عهديَ کي ڏاڍي ڪاميابيءَ سان هلايو.
نوٽ:- هن جملي ۾ مفعول آهي ئي ڪو نه، تنهن ڪري ان سان متعلق جو سوال ئي نه ٿو اٿي.

(٢)

جملو:- ڇوڪريءَ ڪتي کي ماريو.

جنس ۾:- ڇوڪري ڪتي کي ماريو.
ڇوڪريءَ ڪتي کي ماريو.
عدد ۾:- ڇوڪري ڪتي کي ماريو.
ڇوڪرن ڪتي کي ماريو.
ضمير ۾:- هن (ڇوڪري) ڪتي کي ماريو.
توهان (ڇوڪرن) ڪتي کي ماريو.

مفعول سان:-

جنس ۾:- ڇوڪري ڪتي کي ماريو.
ڇوڪري ڪتيءَ کي ماريو.
عدد ۾:- ڇوڪري ڪتي کي ماريو.
ڇوڪري ڪتن کي ماريو.
ضمير ۾:- ڇوڪري هن (ڪتي) کي ماريو.
ڇوڪري انهن (ڪتن) کي ماريو.

(٣)

جملو:- جوڳيءَ نانگ کي پڪڙيو.

فاعل سان:-

جنس ۾:- جوڳيءَ نانگ کي پڪڙيو.
جوڳياڻيءَ نانگ کي پڪڙيو.
عدد ۾:- جوڳيءَ نانگ کي پڪڙيو.
جوڳين نانگ کي پڪڙيو.

ضمير ۾:- **هن** (جوڳيءَ) نانگ کي پڪڙيو.
**هنن** (جوڳين) نانگ کي پڪڙيو.

**مفعول** سان:-

جنس ۾:- جوڳيءَ **نانگ** کي پڪڙيو.
جوڳيءَ **نانگڻ** کي پڪڙيو.
عدد ۾:- جوڳيءَ **نانگ** کي پڪڙيو.
جوڳيءَ **نانگن** کي پڪڙيو.
ضمير ۾:- جوڳيءَ **انهيءَ** (نانگ) کي پڪڙيو.
جوڳيءَ **هنن** (نانگن) کي پڪڙيو.

(٤)

**جملو**:- مون اڄ هڪ انگريز کي ڏٺو.

**فاعل** سان:-

جنس ۾:- **مون** (مرد) اڄ هڪ انگريز کي ڏٺو.
**مون** (عورت) اڄ هڪ انگريز کي ڏٺو.
عدد ۾:- **مون** اڄ هڪ انگريز کي ڏٺو.
**اسان** اڄ هڪ انگريز کي ڏٺو.
ضمير ۾:- **تو** اڄ هڪ انگريز کي ڏٺو.
**هن** اڄ هڪ انگريز کي ڏٺو.

**مفعول** سان:-

جنس ۾:- مون اڄ هڪ **انگريز** کي ڏٺو.
مون اڄ هڪ **انگريزياڻيءَ** کي ڏٺو.
عدد ۾:- مون اڄ هڪ **انگريز** کي ڏٺو.
مون اڄ **انگريزن** کي ڏٺو.
ضمير ۾:- مون اڄ **هن** (انگريز) کي ڏٺو.
مون اڄ **هنن** (انگريزن) کي ڏٺو.

**فعل** چپائين:-

جيئن ته فاعل جي گردان ۾ "**چپائين**" فعل متعدي متجي "**هن چپبو**" ٿيندو، تنهن ڪري ان موجب فاعل سان گردان ڪجي ٿو:-

**فاعل** سان:-

جنس ۾:- **هن** (مرد) شهزادي کي چپيو.
**هن** (عورت) شهزادي کي چپيو.

عدد ۾:- **هن** شهزادي کي چپيو.
**هنن** شهزادي کي چپيو.

ضمير ۾:- **تو** شهزادي کي چپيو.
**اسان** شهزادي کي چپيو.

**مفعول** سان:-

جنس ۾:- **شهزادي** کي چپائين.
**شهزاديءَ** کي چپائين.

عدد ۾:- **شهزادي** کي چپائين.
**شهزادن** کي چپائين.

ضمير ۾:- **هن** (شهزادي) کي چپائين،
**توهان** (شهزادن) کي چپائين.

مٿين مثالن ۾ ڏسبو ته فاعل ۽ مفعول هر حالت ۾، جنس، عدد، ۽ ضمير ۾ پنهنجون صورتون تبديل ڪندا پئي رهيا آهن، پر فعل سيني حالتن ۾ هڪ ئي صورت اختيار ڪيو بيٺا آهن ۽ منجهن ڪا به تبديل نه آئي آهي. انهيءَ ڪري مٿين فعلن جو پريوگ "**ڀاوي**" آهي.

**نوٽ**:- "**پريوگ ڀاوي**" جي سڃاڻپ جي خاص نشاني

اها آهي ته جملي ۾ مفعول جــي پٺيان هميشه "کي" لفظ (حرف جر) هوندو آهي.

# مشق

## هيٺين جملن ۽ فعلن جا پريوگ ٻڌايو:

**جملا:-**

١- مان پولڙو ڏسان ٿو.
٢- ٻليون ڪڻن کي جهلين ٿيون.
٣- اسان جي پاڙيوالي اڄ پنهنجي گهر ۾ هڪ ڪاريهر نانگ، ڏٺو
٤- ڇوڪرا ڊوڙن ٿا.
٥- شڪاريءَ شينهن کي ماريو.
٦- ڇوڪر ڍڳي چاري ٿو.
٧- مور برسات جي موسم ۾ نچندو آهي.
٨- ظهير ڳدڙ کي ڦاسايو.
٩- اسان جو استاد لئبرريءَ ۾ ويٺو آهي.
١٠- ٻڪريون ڪيڏن ٿيون.
١١- سپاٽي احمد وارو ڇولو ڪسندو.
١٢- ڏسو، باغائيءَ سيني ڇوڪرن کي ٻڏي چڙيو.

**فعل:-**

١- ڪاڏم.
٢- ويٺي آهي.
٣- پهچندي.
٤- مارياٽين.
٥- آندو.
٦- آڇليا.

# ڇيد

"ڇيد" ۽ "تفريق" هڪ شئي جا ٻه نالا آهن. "ڇيد" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "ڀڃڻ، ٽوڙڻ، جدا جدا ڪرڻ" ۽ "تفريق" عربي زبان جي لفظ "فرق" مان جڙيو آهي، جنهن جي پڻ لغوي معنيٰ آهي "فرقا فرقا ڪرڻ، ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ، ڌار ڌار ڪرڻ،" وغيره. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته "ڇيد" ۽ "تفريق" ٻئي هم معنيٰ الفاظ آهن، جي هن وقت اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ عام مروج آهن ۽ هڪ ئي مقصد ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم اچن ٿا. سنڌي زبان ۾ انهن لفظن جو نعم البدل (عيوض) آهي ئي ڪونه.

"ڇيد" يا "تفريق" جملي جو ٿيندو آهي، جو ٻن يا وڌيڪ لفظن جو مجموعو ٿئي ٿو ۽ منجهانئس پورو مطلب نڪري ٿو.

جملي ۾ اڪثر ٽي شيون هونديون آهن: ١- **فاعل** ٢- **مفعول**، ٣- **فعل**. "فاعل" جي معنيٰ آهي "ڪم جو ڪندڙ؛" "مفعول جي معنيٰ آهي "جنهن تي ڪم ٿئي" ۽ "فعل" جو مطلب آهي "جيڪو ڪم ڪيو وڃي". هت اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته، جنهن جملي ۾ "فعل لازمي" * پيل هوندو آهي، ان جملي ۾ رڳو "فاعل" هوندو آهي؛ پر جنهن

---

* فعل لازمي اهو فعل آهي، جنهن مان هئڻ، ڪرڻ ۽ ٿيڻ جي معنيٰ نڪري ۽ ان جو لاڳاپو صرف فاعل سان هجي.

جملي ۾ "فعل متعدي" * ايندو آهي، ان جملي ۾ "فاعل ۽ مفعول" ٻئي هوندا آهن. انهن "فاعل ۽ مفعول" ۾ ڪم ايندڙ لفظ گرامر ۾ "اسم" يا ان جي بدران "ضمير" هوندا آهن.

سنڌي جملن ۾ "فاعل" جملي جي شروعات ۾ ايندو آهي، "مفعول" جملي جي وچ ۾ هوندو آهي ۽ "فعل" جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ئيندو آهي. تمام مختصر جملا رڳو ٻن شين (فاعل ۽ فعل) تي مشتمل هوندا آهن. انهن مختصر جملن جو ڇيد ڪرڻ وقت، هر هڪ جملي کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويندو آهي، جنهن مان پهرئين حصي کي "مبتدا" ۽ ٻئي حصي کي "خبر" چئبو آهي. "مبتدا" جي معنيٰ آهي "ڪنهن ڪم جي ابتدا يا شروعات ڪندڙ". جملي ۾ ڪم جي ابتدا ڪندڙ کي "فاعل" چئبو آهي، جو ڇيد ڪرڻ وقت مبتدا واري خاني ۾ رکبو آهي. ڇيد جو ٻيو حصو آهي "خبر". فاعل جيڪو ڪم ڪري ٿو، ان جي وضاحت ڪندڙ الفاظ انهيءَ "خبر" واري خاني ۾ رکيا آهن. اهي الفاظ فعل جي صورت ۾ هوندا آهن. ڇيد جا اهي ٻه حصا هي آهن.

| مبتدا | خبر |
|---|---|
| | |

انهن ٻنهي حصن (مبتدا ۽ خبر) مان ڪو به هڪ حصو نه هجڻ جي حالت ۾ جملو اڌورو ۽ اڻپورو ٿي پوندو ؛ ۽ جڏهن

* فعل متعدي اهو فعل آهي، جو ڏيکاري ته فاعل ڪو ڪم ڪري ٿو ۽ ان جو اثر ٻئي اسم تي پوي ٿو.

ڪو جملو پورو نہ هوندو تہ ان جو ڇيد بہ ٿي نہ سگهندو. انهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ، جملي ۾ ”مبتدا“ ۽ ”خبر“ ٻنهي جو هجڻ لازمي آهي. ڪن جملن ۾ مبتدا (فاعل) ظاهر نہ، پر ڳجهو هوندو آهي.

ڪنهن بہ جملي جو ڇيد ڪرڻ وقت پهريائين ان جو فاعل معلوم ڪبو آهي، جنهن لاءِ ان جملي ۾ پيل فعل کان ”ڪير“ يا ”ڪنهن“ جو سوال پڇبو آهي؛ ۽ مفعول معلوم ڪرڻ لاءِ وري انهيءَ فعل کان ”ڇا“ جو سوال ڪبو آهي. اهڙي نموني سان جملي ۾ آيل ”فاعل“، ”مفعول“ ۽ ”فعل“ چڱيءَ طرح سان معلوم ڪري سگهبا.

هن کان اڳ جملي واري باب ۾، جملي جا ٽي قسم ٻڌايا ويا آهن. (١) مفرد جملا، (٢) مرڪب جملا، (٣) مرتب يا مخلوط جملا.

هت هرهڪ قسم جي جملي جو ڇيد درجي بدرجي پيش ڪجي ٿو:

١- مفرد جملن جو ڇيد:-

هت پهريائين سادن مفرد جملن مان مبتدا ۽ خبر چونڊي ڌار ڌار خانن ۾ رکجن ٿا. سادا جملا اهي آهن، جن ۾ رڳو فاعل ۽ فعل؛ يا فاعل، مفعول ۽ فعل موجود هجن.

| نمبر | جملو | مبتدا | خبر |
|---|---|---|---|
| ١ | خليل لکي ٿو. | خليل | لکي ٿو. |
| ٢ | گھوڙو ڊوڙي ٿو. | گھوڙو | ڊوڙي ٿو. |
| ٣ | پکي اڏامي رهيا آهن. | پکي | اڏامي رهيا آهن. |
| ٤ | هو ڪتاب پڙهندو آهي. | هو | ڪتاب پڙهندو آهي. |
| ٥ | اسلم راند ڪئي. | اسلم | راند ڪئي. |
| ٦ | مان ايندس. | مان | ايندس. |
| ٧ | وڃجانءِ. | تون (ڳجهو) | وڃجانءِ |
| ٨ | تصوير ڏيکاريندو. | هو (ڳجهو) | تصوير ڏيکاريندو. |
| ٩ | خط لکيم. | مون (ڳجهو) | خط لکيو. |
| ١٠ | ميوو کائيندا سي. | اسان (ڳجهو) | ميوو کائيندا سي. |

خبر واري حصي کي وري ٻن خانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، جن مان هڪ ۾ "مفعول" ۽ ٻئي ۾ "فعل" رکبو. مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته "فاعل" معلوم ڪرڻ لاءِ فعل کان "ڪير" يا "ڪنهن" سوال پڇبو ۽ "مفعول" ڪڍڻ لاءِ فعل کان "ڇا" سوال پڇبو. اهڙيءَ طرح مٿين ڇهن ۾ پيش ڪيل جملا نمبر ٤، ٥، ٨،

٩ ۽ ١٠ ۾ ماڻ فاعل، مفعول ۽ فعل هر هڪ الڳ ڪري، مختلف خانن ۾ رکي ڏيکاريا وڃن ٿا. جهڙوڪ، فاعل "مبتدا" واري حصي ۾ ۽ مفعول ۽ فعل "خبر" واري حصي ۾ جدا جدا خانن ۾ رکجن ٿا.

| نمبر | جملو | مبتدا | خبر | |
|---|---|---|---|---|
| | | فاعل | مفعول | فعل |
| ٤ | هو ڪتاب پڙهندو آهي. | هو | ڪتاب | پڙهندو آهي. |
| ٥ | اسلم راند ڪئي. | اسلم | راند | ڪئي. |
| ٨ | تصوير ڏيکاريندو. | هو (گجهو) | تصوير | ڏيکاريندو. |
| ٩ | خط لکيم. | مون (گجهو) | خط | لکيو. |
| ١٠ | ميوو کائيندا سي. | اسان (گجهو) | ميوو | کائيندا سي. |

مٿين نقشي ۾ ڏسبو ته جملي نمبر ٨، ٩، ۽ ١٠ ۾ اندروني سمايل (گجهن) فاعلن کي ظاهر ڪري ڇيد ۾ رکيو ويو آهي، جنهن ڪري فعلن جي اصلي صورت بدلجي وئي آهي؛ پر جيڪڏهن فعلن جي شڪل بدلائڻ کان سواءِ ڪي صرف ظاهري لفظن جو ڇيد ڪبو ته اهو هن طرح ٿيندو ته "فاعل" جي نه هجڻ جي حالت ۾ "مفعول" فاعل جي جڳهه والاريندو. اهو مفعول، جيئن اڳ ۾ چئي آيا آهيون ته، "ڇا" جي جواب ۾ نڪرندو. اهڙي قسم جو ڇيد هن طرح ٿيندو:-

| نمبر | جملو | مبتدا | خبر | |
|---|---|---|---|---|
| | | فائل | مفعول | فعل |
| ٨ | تصوير ڏيکاريندو . | تصوير | — | ڏيکاريندو. |
| ٩ | خط لکيم . | خط | — | لکيم. |
| ١٠ | ميوو کائيندا سي . | ميوو | — | کائيندا سي. |

اڪثر جملن ۾، فاعل ۽ مفعول سان گڏ ڪي صفاتي ۽ فعل سان گڏ ڪي ظرفي ۽ ندائي الفاظ به شامل هوندا آهن. پوءِ اهي جملا "فعل لازمي" جا هجن يا "فعل متعدي" جا، ٻنهي حالتن ۾ اهي وڌايل الفاظ پنهنجي پنهنجي ڪم واري لفظ بعني "فاعل، مفعول ۽ فعل" سان گڏ وارن خانن ۾ ويندا.

تنهن ڪري اهڙن جملن جو ڇيد ڪرڻ وقت پهريائين انهن وڌائي وڌو ڪيل جملن کي سادن جملن جي شڪل ۾ آڻبو؛ يعني انهن جملن مان وڌاءَ وارا الفاظ جدا ڪبا ته رهندو "فاعل ۽ فعل" يا "فاعل، مفعول ۽ فعل" وڃي رهندا، جن کي سولائيءَ سان ڇيد جي مقرر خانن ۾ رکي سگهبو. باقي وڌاءَ وارا الفاظ، جملي ۾ آيل فاعل، مفعول يا فعل، جنهن سان به واسطو رکندڙ هوندا، ان جي پاسي ۾ هڪ جدا خاني ۾ رکيا ويندا. جيئن ته؛ "فاعل" سان واسطو رکندڙ وڌاءَ وارا صفاتي الفاظ "مبتدا" واري ڀاڱي ۾ "فائل جو وڌاءُ" واري خاني ۾ رکبا. اهڙي طرح "مفعول" جا صفاتي الفاظ "خبر" واري حصي ۾، مفعول جي پر ۾، "مفعول جو وڌاءُ" واري خاني ۾ رکبا؛ ۽ "فعل" جي وڌاءَ وارا ظرفي ۽ ندائي الفاظ، "خبر" واري

حصي ۾، فعل جي پرسان، ”فعل جو وڌاءُ“ واري خانـي ۾ جدا رکيا.

هاڻي اهو سوال اٿي ٿو ته ”فاعل، مفعول ۽ فعل“ هرهڪ جا وڌاءَ وارا الفاظ ڪيئن معلوم ڪجن؟ ان لاءِ جملي ۾ ڪم آيل فعل کان ڪي سوال پڇبا. جهڙوڪ ”فاعل يا مفعول“ ڪيڏن کان پوءِ ان هـر هڪ جـي وضاحت لاءِ ”ڪهڙو، ڪهڙا، ڪهڙي، ڪهڙيون.“ جو سوال پڇبو ته ان جي جواب ۾ جي الفاظ ملندا، سي هر هڪ جي پاسي ۾، وڌاءَ واري خاني ۾ رکيا. اهڙي نموني ”فعل“ جـي وڌاءَ وارا ظـرفي الفاظ ڪيڏن لاءِ ”ڪڏهن، ڪٿي، ڪيئن، ڇو“ جا سوال ڪيا. انهيءَ کان سواءِ، اهي اسم يا ضمير ۽ جن سان ”جري حالت“ لڳل هجي، يعني انهن جي پٺيان ڪا به ”حرف جر“، جهڙوڪ ۽ ۾ - تي کي - سان - کان - تان - ڏانهن“ وغيره شامل هجي ته اهي جري حالت وارا الفاظ به حـرف جر سميت ”فعل جـو وڌاءُ“ واري خاني ۾ رکبا؛ يا ائين چئجي ته، فاعل ۽ فاعل جو وڌاءُ، مفعول ۽ مفعول جـو وڌاءُ؛ ۽ فعل ڪيڏن کان پـوءِ، باقي جيڪي به الفاظ بچن، اهي سڀ ڪٺي ”فعل جو وڌاءُ“ واري خاني ۾ رکجن. اهڙي قسم جي جملن کي ”ڏکيرا مفرد جملا“ يا ”ڳوڙها مفرد جملا“ چئجي ٿو. هت اهڙي قسم جي جملن جو ڇيد ڪري ڏيکارجي ٿو:-

| نمبر | جملو | مبتدا: فاعل | مبتدا: فاعل جو وڌاءُ | خبر: مفعول | خبر: مفعول جو وڌاءُ | خبر: فعل | خبر: فعل جو وڌاءُ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ۱ | اسان جو ملڪ پاڪستان ڏاڍو سرسبز آهي. | پاڪستان | اسانجو ملڪ | — | — | آهي | ڏاڍو سرسبز |
| ۲ | ذوالفقارعلي ڀٽو دنيا جو برک سياستدان آهي. | ذوالفقارعلي ڀٽو | — | — | — | آهي | دنياجوبرک سياستدان |
| ۳ | شهيدن جو درجو سڀني کان اعليٰ آهي. | درجو | شهيدن جو | — | — | آهي | سڀني کان اعليٰ |
| ۴ | انهن حالتن پيرصاحب کي وڏو دلي صدمو پهچايو. | حالتن | انهن | صدمو | وڏو دلي | پهچايو | پيرصاحب کي |
| ۵ | ڏکئي بکئي کي پاڻديئڙي جو گهڻو احساس ٿئي ٿو. | احساس | گهڻو | — | — | ٿئي ٿو | ڏکئي بکئي کي پاڻديئڙي جو |
| ۶ | ڳالهه جي وڏي پاڻ الطاف ڪالهه رستي تي هڪ وڏو ڪارو نانگ ماريو. | الطاف | ڳالهه جي وڏي پاڻ | نانگ | هڪ وڏو ڪارو | ماريو | ڪالهه رستي تي |

مٿي پيش ڪيل ڇيد ۾ ڏسبو ته جملي نمبر ١، ٣ ۽ ٥ ۾ اصلي فاعل آهي ئي ڪونه؛ ڇاڪاڻ ته فعل کان "ڪير" يا "ڪنهن" جو سوال پڇڻ سان جواب ئي ڪو نه ٿو ملي؛ پر "ڇا" جو سوال ڪرڻ سان پهرئين جملي ۾ "ملڪ"؛ ٽئين جملي ۾ "درجو" ۽ پنجين نمبر جملي ۾ "احساس" لفظ ملن ٿا، جي دراصل "مفعول" آهن. اهڙي حالت ۾ "مفعول" پنهنجي اصلي جاءِ ڇڏي، "فاعل" جي جاءِ ورتي آهي؛ ۽ جيئن ته پهرئين ۽ ٽئين نمبر جملن ۾ انهن جي وڌاءَ وارا الفاظ ڪو نه آهن، تنهن ڪري انهن خانن کي خالي ڇڏيو ويو آهي. باقي جملي نمبر ٥ (پنجين) ۾ وڌاءَ وارو لفظ "گهڻو" فاعل سان گڏ "فاعل جو وڌاءُ" واري خاني ۾ رکيو ويو آهي.

## ٢- مرڪب جملن جو ڇيد

هن کان اڳ جملي واري باب ۾ مرڪب جملن جي تشريح ڪندي ڇئي آيا آهيون ته هن قسم جي جملن ۾ هڪ کان وڌيڪ جملا ٿين ٿا، جي هڪ ٻئي سان زنجير جي ڪڙين وانگر مايل ٿين ٿا ۽ انهن ۾ فاعل ۽ مفعول جا صفاتي الفاظ يا جملا، ۽ فعل جا ظرفي ۽ ندائي الفاظ، ساڳئي شامل ٿي اچن ٿا، جي جملي کي وڌائي وڏو ڪن ٿا. اهڙن جملن جو ڇيد به مفرد جملن وانگر ٿيندو آهي؛ پر فرق رڳو ايترو آهي ته هنن مرڪب جملن جي ڇيد ۾ "فاعل جو وڌاءُ" ۽ "مفعول جو وڌاءُ" وارن خانن ۾ جملن جا جملا رکيا ويندا آهن. هت اهڙن مرڪب جملن جو ڇيد پيش ڪجي ٿو:-

| نمبر | جملو | مبتدا | | خبر | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | فاعل | فاعل جو وڌاءُ | مفعول | مفعول جو وڌاءُ | فعل | فعل جو وڌاءُ |
| ١ | سچ پچ جيڪو وتن ويو، تنهن مانُ لڌو. | جيڪو | — | — | — | ويو | سچ پچ وتن |
| | | تنهن | — | مانُ | — | لڌو | — |
| ٢ | اجا تائين هو ڦٽ جي ڪڙيءَ کي ڌمي رهيو هو، | هو | — | — | — | ڌمي رهيو هو | اجا تائين ڦٽ جي ڪڙيءَ کي |
| | جنهن کي پاسي کان رهڙ اچي وئي هئي. | رهڙ | — | — | — | اچي وئي هئي | جنهن کي پاسي کان |
| ٣ | سر زمين سنڌ، وقت بوقت وڏا عالم ۽ فاضل پيدا ڪيا آهن، جن جي علم جي سگهند ۽ سرهاڻ سنڌ جون سرحدون اورانگهي، پري پري تائين وڃي پهتي هئي. | سر زمين | سنڌ | عالم ۽ فاضل | وڏا | پيدا ڪيا آهن | وقت بوقت |
| | | سگهند ۽ سرهاڻ | جن جي علم جي | — | — | وڃي پهتي هئي | سنڌ جون سرحدون اورانگهي پري پري تائين |

# ٣- مرڪب جملن جو ڇيد

جملي واري باب ۾ اڳ، مرڪب جملن جي وضاحت ڪندي ڇيو ويو آهي ته، اهي ٻنا ۽ گڏيل جملا ٿين ٿا، جن جي وچ ۾ "۽ - يا - ته - پر - نه ته - ڇاڪاڻ ته، جو، وغيره" الفاظ استعمال ٿيل هوندا آهن، تنهن ڪري ڇيد ڪرڻ وقت اهڙا جملن کي ملائيندڙ يا جدا ڪندڙ لفظ هڪ جدا خاني ۾ رکبا ۽ باقي ڇيد، مفرد ۽ مرتب جملن جي ڇيد وانگر ڪبو. اهڙن جملن جو ڇيد صفحي نمبر ١٧٨ تي ڪري ڏيکاريو ويو آهي؛ ۽ آخر ۾ صفحي نمبر ١٨٠ ۽ ١٨١ تي ٽنهي قسمن (مفرد، مرتب ۽ مرڪب) جي جملن جو گڏيل ڇيد ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

| نمبر | جملو | ملائيندڙ يا جدا ڪندڙ لفظ | مبتدا: فاعل | مبتدا: فاعل جو وڌاءُ | خبر: مفعول | خبر: مفعول جو وڌاءُ | خبر: فعل | خبر: فعل جو وڌاءُ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | چوندا آهن ته تريءَ تي بهشت ڪڏهن ڪونه ٿو ملي. | ته | هو(ڳجهو) | — | — | — | چوندا آهن | — |
| | | — | بهشت | — | — | — | ٿو ملي | تريءَ تي ڪڏهن ڪو نه |
| ٢ | ڪهڙو سبب آهي جو اسان تي ههڙن عجيب اسرارن جو اثر نه ٿو ويهي. | — | سبب | ڪهڙو | — | — | آهي | — |
| | | جو | اثر | ههڙن عجيب اسرارن جو | — | — | ٿو ويهي | اسان تي نه |
| ٣ | زميندار توڙي هاري هينئر چاڻن ٿا ته جيتري قدر ٽريڪٽر سندن لاءِ ضروري آهي، بجلي ان کان به وڌيڪ ضروري آهي. | — | زميندار توڙي هاري | — | — | — | چاڻن ٿا | هينئر |
| | | ته | ٽريڪٽر | — | — | — | آهي | جيتري قدر، سندن لاءِ ضروري |
| | | — | بجلي | — | — | — | آهي | اَن کان به وڌيڪ ضروري |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٤ | نماز مرڪزيت سيڪاري تي چاڪاڻ جو سڀ هڪ قبلي ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهن | —<br>چاڪاڻ جو | نماز<br>سڀ | —<br>— | مرڪزيت<br>نماز | —<br>— | سيڪاري تي<br>پڙهن تا | هڪ قبلي<br>ڏانهن منهن<br>ڪري |
| ٥ | شهر ۾ هر هڪ قسم جون شيون ملنديون، پر ٻهراڙيءَ ۾ هڪڙي شئي هوندي ته ٻي ڪانه هوندي. | —<br>پر<br>ته | شيون<br>شئي، ٻي | هر هڪ<br>قسم جون<br>هڪڙي<br>— | —<br>—<br>— | —<br>—<br>— | ملنديون<br>هوندي<br>هوندي | —<br>ٻهراڙيءَ ۾<br>ڪانه |

| نمبر | جملو | جملي جو قسم | ملائيندڙ يا جدا ڪندڙ لفظ |
|---|---|---|---|
| ۱ | هن شهر جي پرسان درياه جي تري ۾ ٽڪرين مان قديم زماني جون شيون هٿ آيون. | مفرد | — |
| ۲ | مڇيءَ جي پيداوار ذريعي حڪومت جي آمدنيءَ ۾ اضافو ٿي سگهندو. | مفرد | — |
| ۳ | روهڙيءَ جي سامهون درياه ۾ هڪ بيٽ آهي، جنهن کي خواجه خضر جو آستان ڪري چيو ويندو آهي. | مرتب | — <br> — |
| ۴ | انسان جي زندگي پاڻيءَ جي ڦوٽي مثل آهي، جو جڏهن ميٽجي ٿو وڃي ته سندس نالو نشان به ڪونه ٿو رهي | مرڪب | — <br> — <br> ته |
| ۵ | يڪدم ڄاڻبو ته هتي ڪنهن سمي ماڻهو رهندا هئا ۽ هي جو پتلو آهي، سو ڪنهن هوشيار نقاش جو تراشيل ۽ گهڙيل آهي. | مرڪب | ته <br> — <br> ۽ <br> — |

| مبتدا | | خبر | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| فاعل | فاعل جو وڌاءُ | مفعول | مفعول جو وڌاءُ | فعل | فعل جو وڌاءُ |
| شهون | قديم زماني جون | — | — | آيون | هٽ |
| اضافو | — | — | — | ٿي سگهندو | مڇيءَ جي پيداوار ذريعي حڪومت جي آمدنيءَ ۾ |
| پيٽ | هڪ | — | — | آهي | روهڙيءَ جي سامهون درياهه ۾ |
| آستان | خواجہ خضر جو | — | — | ڪري ڇيو ويندو آهي | جنهن ڪي |
| زندگي | انسان جي | — | — | آهي | پاڻيءَ جي ڦوٽي مثل |
| جو (ڦوٽو) | — | — | — | ميٽجي ٿو وڃي | — |
| نالو نشان | سندس | — | — | ٿو رهي | ڪونه |
| — | — | — | — | چاڙهو | يڪدم |
| ماڻهو | — | — | — | رهندا هئا | هتي ڪنهن سمي |
| پتلو | هي جو | — | — | آهي | ڪنهن هوشيار |
| سو (پتلو) | — | — | — | آهي | نقاش جو تراشيل ۽ گهڙيل |

# نثر

”نثر“ جي لغوي معنيٰ آهي، ”ٽڙيل پکڙيل لفظ“. اصطلاحي معنيٰ موجب، ڪو اديب يا ليکڪ جدا جدا لفظن کي ملائي جملن جي شڪل ۾ پنهنجي اُڪيان پيش ڪري. مطلب ته نثر اهو بياني فقرو آهي، جنهن ۾ ڪنهن ڏٺل نظاري يا واقعي يا حقيقت کي لفظن جي ذريعي جملن جي شڪل ۾ آڻي ۽ منجهن زنجير جي ڪڙين وانگر سلسلو پيدا ڪري، ماڻهن اڳيان تقرير (زباني) يا تحرير (لکيت) جي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي.

نثر جي وڏي خاصيت اها آهي ته ان ۾ هر ڪنهن قسم جو مضمون آڻي سگهجي ٿو، جهڙوڪ، سائنس، حڪمت، سماجي اڀياس، افسانا، آکاڻيون، ناٽڪ، روزمره جون ڳالهيون ۽ بحث مباحثا، ڪورٽن جا فيصلا، حڪومت جا قاعدا قانون وغيره.

نثر جا ٽي قسم آهن:-

۱- نثر مرجز. ۲- نثر مسجع. ۳- نثر عاري.

## ۱- نثر مرجز:-

”مرجز“ جي معنيٰ آهي ”وزن وارو“. هن قسم جي نثر ۾ ڳنڍ آيل فقرا (جملي جا ٽڪرا) پاڻ ۾ موافق ۽ موزون هوندا آهن: يعني اهو نثر، جنهن ۾ وزن به هجي قافيو به هجي. هت نثر مرجز جو هڪ مثال ڏجي ٿو، جو مرحوم مرزا قليچ بيگ جو لکيل آهي:-

”سواءِ ذڪر قادر ڪارساز جي وقت وڃائڻ، ۽ سواءِ شغل خالق ڪردگار جي حياتي گذارڻ، نسورو نقصان آهي.“

## ٢- نثر مسجع:-

"مسجع" کي "مقفيٰ" ب؎ ڪري چئبو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "قافيي وارو نثر." هن قسم جي نثر ۾، فقرن (جملي جي ٽڪرن) جي پڇاڙيءَ ۾ لفظ عام طرح هڪ جهڙي آواز ۾ هوندا آهن؛ يعني اهو نثر جنهن جي فقرن جي آخر ۾ قافيي وارا لفظ هجن. هن قسم جي نثر ۾ وزن جو هجڻ لازمي ن؎ آهي. هت اهڙي نثر مان هڪ ٽڪر، ڏجي ٿو، جو مرحوم ميان شمس الدين "بلبل"، قلندر لعل شهباز جي ميلي وقت چيو هو. جهڙوڪ :-

"اڙل حو پاڻي، ديگڙي جيئن ٺهڪي، ڍڪ ڀري ت؎ ويئو سهڪي، شربت چڻ شيرين شراب، ڪوسو نسورو گڙ جو لعاب، چڪڙو ٻي ت؎ خانو خراب، چپ خشڪ بدن بيتاب."

## ٣- نثر عاري:-

"عاري" جي معنيٰ آهي "اگهاڙو"؛ يعني اهو نثر جو روزانو بنان ڪنهن تجويز جي زباني يا لکيل صورت ۾ پيش ڪبو وڃي. هن ۾ وزن ۽ قافيو ٻئي ن؎ هوندا آهن. هن قسم جي نثر۾روزمره جون ڳالهيون ۽ بحث مباحثا ۽ ٻيا مختلف قسمن جا مضمون، وغيره اچي وڃن ٿا. هت اهڙو نثر جو مثال پيش ڪجي ٿو:-

"اي نادان! موت کان اوهان جهڙا گنهگار خوف ڪن ٿا، جن کي خدا جي روبرو ٿيڻ شرم ٿئي ٿو. موت ت؎ هڪ رحمت الاهي آهي، جا نيڪن کي دنيا جي برائين کان بچائي خدا وٽ پهچائي ٿي."

مرزاقليچبيگ لکي پيش ڪيو، جو هڪ انگريز اديب لارڊبيڪن جي مضمونن جي مجموعي جو ترجمو آهن، ان کان پوءِ پيا به ڪيترائي مضمون ني ڪتاب شايع ٿيا.

## ٢- خط ۽ درخواستون

"خط" پنهنجي والدين، ڀائرن، گهر جي ڀاتين، چاچن، مامن ۽ ٻين عزيزن، دوستن، علمائن، شاگردن ۽ ڪن وڏين شخصيتن ڏانهن لکيو ويندو آهي؛ پر "درخواست" استاد، حاڪم، آفيسر يا ڪنهن سرڪاري عملدار ڏانهن لکبي آهي.

"خط" ۾ پهريائين مٿي ساڄي ڪنڊ تي پنهنجو پتو (ائڊريس) ۽ ان جي هيٺان تاريخ لکبي آهي ۽ ان کان ٿورو هيٺ عبارت شروع ڪبي آهي، جنهن ۾ هر هڪ جي مان ۽ مرتبي موجب لفظن جي جڙاوت ڪئي ويندي آهي؛ ان کان پوءِ مواد ۾ ڪم ڪار بابت حال احوال، خبرن جي ڏي وٺ، دوستيءَ جي ملاقات، وعدي وفائي، انعام ۽ عتاب، تحفي جي پيشڪش، وغيره بابت معلومات فراهم ڪئي ويندي آهي ۽ پڇاڙيءَ ۾ سلام وغيره پيش ڪري ۽ هيٺان کاٻي پاسي تي پنهنجو نالو لکي خط پورو ڪيو ويندو آهي.

"درخواست" ۾ اول عبارت لکي ويندي آهي ۽ پوءِ منجهس ڪنهن ڪم بابت عرضداشت پيش ڪبي آهي. هن جي آخر ۾ ان استاد، عملدار يا حاڪم وغيره بابت ڪجهه دعا جا الفاظ آڻي ۽ هيٺان کاٻي پاسي تي عرضدار جي صورت ۾ پنهنجو نالو ۽ پتو (ائڊريس) ڏئي ۽ پاسي کان تاريخ لکبي آهي.

خط ۽ درخواست (ٻنهي) ۾ جيتري قدر سهڻا فقرا ۽ موزون ۽ سهڻي ٻولي استعمال ڪئي ويندي آهي، اوتري قدر انهن جو مضمون جاذب ۽ دلچسپ ٿي پوندو آهي، جنهن جو اڳلي تي

سنو اثر ٿيندو آهي.

## ٣- آکاڻي

"آکاڻي" جي معنيٰ آهي "ڳالهه". هندي ٻوليءَ ۾ هن کي "ڪهاني" چون، عربيءَ ۾ "قصو"، فارسيءَ زبان ۾ "داستان" ۽ سنڌيءَ ۾ "ڳالهه" چوندا آهن.

گهڻو وقت اڳي، اڪثر گهوريلو عورتون رات جي وقت پنهنجن ننڍڙن ٻارن کي ماني ٽڪي ڪارائي سمهارڻ مهل ڪين ڪي هٿراديون ۽ من گهڙت ڳالهيون ٻڌائينديون رهنديون هيون؛ انهيءَ لاءِ ته جيئن هو هڪ مزيدار آکاڻي ٻڌي خاموشيءَ سان سمهي رهن ۽ ڪين يڪدم ننڊ ڪٺي وڃي. ساڳيءَ طرح مرد وري رات جو ماني کائڻ کان پوءِ فرصت جي مهل، ٻاهر اوطاقن ۾ ويهي ڪچهريون ڪندا هئا، جتي دل وندرائڻ جي خاطر ۽ محفل کي مزيدار بڻائڻ لاءِ، جنن، پرين ۽ ديوتائن، وغيره جا جڙتو ۽ من گهڙت داستان ڪٺي هڪ ٻئي کي پيا ٻڌائيندا هئا؛ يا وري ڪن راجائن ۽ سورمن جا قصا بيان ڪندا هئا.

رفتي رفتي اهڙين ڳالهين جو رواج عام ٿي ويو ۽ پوءِ اهي ڪتابن ۾ قلمبند ٿيڻ لڳيون. اهڙي طرح وقت گذرندي ڪي اخلاقي ۽ رومانوي ڪهاڻيون ۽ قصا به تقريري ۽ تحريري صورت ۾ پيش ٿيڻ لڳا. اهڙيون آکاڻيون اڄڪلهه عام جام ملن ٿيون. جهڙوڪ، داستان امير حمزو، الف ليليٰ، ممتاز ۽ دمساز جو قصو، جانعالم جو قصو، چاردرويش، وغيره انهن کان سواءِ اڄڪلهه آکاڻين ۽ قصن جا بي انداز ڪتاب نڪري چڪا آهن.

## ٤- افسانو

"افسانو" هڪ فڪري ڳالهه يا قصو آهي، هن ۾ هڪ

باقاعدي پلاٽ (رٿا) ٿيندي آهي، جنهن موجب، ڪنهن خاص ڪردار يا واقعي تي روشني وڌي ويندي آهي. انهيءَ سبب جي ڪري هن جو بنياد ٻن شين تي رکيو ويو آهي؛ جهڙوڪ:

(١) پلاٽ يا رٿا. (٢) ڪردارنگاري.

افساني ۾ دنيا جي هر شئي ۽ ڪائنات جي هرچيز کي سمائي سگهجي ٿو، جهڙوڪ: بهشت ۽ دوزخ جا حقيقي تصورات، روحانيت ۽ ماديت جا ڪرشما، خواب بابت دلچسپ ڪهاڻيون، فطري ڳالهيون، فلسفي ۽ نفسيات بابت سمجهاڻيون ۽ عشق ۽ محبت جا راز، وغيره.

افساني ۾ هيٺيون چار خاصيتون هئڻ ضروري آهن:-

(١) افسانو مختصر هجي، جيئن هڪ ئي وقت پڙهي پورو ڪري سگهجي ۽ ان جي پڙهڻ ۾ اسان کي ٿورو وقت لڳي ۽ نه وڌيڪ.

(٢) افساني ۾ ايتري ڪشش ۽ جاذبيت هجي جو پڙهندڙ جو ڌيان اوڏانهن ڇڪجي وڃي.

(٣) افساني ۾ ڪو اهڙو واقعو يا ڳالهه پيش ڪيل نه هجي، جنهن جي پڙهڻ سان سامعين جي دلين ۾ شڪ يا وسوسو پيدا ٿئي.

(٤) افسانو مڪمل هجي، جيئن ان جي پڙهي پوري ڪرڻ وقت، پڙهندڙ کي معلوم ٿئي ته بيان ڪيل واقعو يا ڳالهه مڪمل طور ختم ٿي.

# ناول

”ناول — **Novel**“ انگريزي لفظ آهي، جنهن جي لفظي معني آهي ”نئون“ يا ”عجيب“، پر اسان سنڌي زبان ۾ ان کي ”قصو“ يا ”ڪهاڻي“ چئون ٿا.

ناول هڪ خيالي قصو آهي، جنهن ۾ روزمره جي زندگيءَ بابت نقشو چٽيل هوندو آهي؛ يعني جيڪي ڳالهيون اسان روزمره پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏسون پيا، اهي هن ۾ بلڪل ساڳيءَ رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪيل هونديون آهن.

ناول جا ٻه مکيه پهلو ٿين ٿا، جهڙوڪ :-

(١) پلاٽ يا آکاڻي. (٢) سيرت نگاري.

هن ۾ آکاڻي اهڙي ته دلڪش ۽ مزيدار پيش ڪئي ويندي آهي، جو پڙهندڙ هڪ واريءَ جيڪڏهن اهو ناول هٿ ۾ کنيو ته جيستائين ان کي پڙهي پورو نه ڪندو، تيستائين ڪيس آرام نه ايندو. هن جي دل ۾، ڪهاڻي پڙهندي، هر وقت اها هورا کورا پئي رهندي ته ڏسان ته منجهس اڳتي ڇا لکيل ۽ پيش ڪيل آهي.

آکاڻيءَ ۾ پيش ڪيل اداڪارن جي گفتگو ۽ سيرت خاطرخواه هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته انهن شين جو پڙهندڙ تي وڏو اثر پوي ٿو. جيڪڏهن ناول ۾ پيش ڪيل اداڪارن جو گفتگو سٺو ۽ وڻندڙ هوندو ۽ سندن سيرت سهڻي ۽ خوبصورت چٽيل هوندي ته پڙهندڙ کي ان مان وڌيڪ لطف پيو حاصل ٿيندو. ٻيءَ صورت ۾ سندس دل ۾ نفرت پيدا ٿيندي.

ناول ڪيترن ئي قسمن جا ٿين ٿا، جئن ته:-

(١) تاريخي ناول، (٢) اخلاقي ناول، (٣) اصلاحي ناول، (٤) جاسوسي ناول، (٥) قومي ناول، (٦) انقلابي ناول، وغيره.

هڪ ناول نگار کي جهڙي قسم جو واقعو پيش آيو هوندو يا جهڙي به قسم جو اثر سندس ذهن تي وڌل هوندو، هو اهڙيئي نموني جو ناول جوڙي تيار ڪندو. ساڳيءَ طرح پڙهندڙ جو به ذهني لاڙو جنهن ڪردار سان وابسته هوندو، هو اهڙي ڏسي قسم جو ناول وٺي پڙهندو.

ناول ۾ هيٺيون خاصيتون ٿين ٿيون:-

(١) ناول ايترو ته ڊگهو ٿئي ٿو، جو ان جو هڪ پورو ڪتاب ٺهي وڃي ٿو، جنهن کي پڙهي پوري ڪرڻ ۾ ڪيترا ڏينهن يا هفتا يا وقتي مهينو ڪن به لڳي وڃي ٿو.

(٢) ناول پڙهڻ سان ناول نگار جو ڪردار، سندس ذهني لاڙو، سندس لکڻي ۽ ڪهاڻيءَ جي پيشڪش چٽيءَ طرح ذهن نشين ٿين ٿا. اهم سڀ ڪجهه سندس ڪتاب مان ڏي ٿئي ٿو.

(٣) هڪ ناول پڙهڻ سان دل ۾ اهو خيال پيدا ٿئي ٿو ته جيڪر اهو واقعو يا منظر اکين سان ڏسجي ته؛ پر جيئن ته ليکڪ ان کي طويل انداز ۾ لکي پيش ڪري ٿو، تنهن ڪري اهو اسٽيج تي ڊرامائي انداز ۾ مڪمل طور آڻڻ مشڪل ٿيو پوي:

(٤) ناول ۾ ڪيترائي منظر پيش ڪيل هوندا آهن، جن جو هڪ ئي وقت ۾ مطالع ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي، پر مختلف وقتن تي فرصت جي وقت آهستگيءَ سان انهن جو مطالعو ڪيو وڃي ٿو، پوءِ ان جي پوري ڪرڻ ۾ ڪيترو به عرصو ڇو نه لڳي وڃي.

## ٥- ناٽڪ يا ڊراما

”ناٽڪ“ يا ”ڊرامو“ هڪئي شئي جا به نالا آهن. ناٽڪ سنڌي لفظ آهي ۽ ڊراما (Drama) انگريزي لفظ آهي، جو اصل ۾ يوناني ٻوليءَ جي ”ڊراءِ“ لفظ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”عمل“. عمل جو جيئن ته انسان جي روزمره جي زندگيءَ سان گهاٽو تعلق آهي، تنهن ڪري، ڊرامو انساني زندگيءَ جي هڪ سچي تصوير پيش ڪري ٿو. اهو ڊرامو يا ناٽڪ اسٽيج تي پيش ڪيو ويندو آهي.

ناٽڪ جو دارومدار هيٺين ڳالهين تي آهي:

(١) پلاٽ يا ڪهاڻيءَ جي ترتيب. (٢) لکڻ جو نمونو

يا جوڙجڪ. (٣) جاء ۽ وقت. (٤) اداڪارن جو اسٽيج تي پيش ٿيڻ. (٥) اداڪارن جو عمل (٦) مصنف جو نقطہ نظر يعني مقصد.

ناٽڪ نويس، ناٽڪ جوڙڻ وقت ان ۾ پيش ٿيندڙ ڪهاڻي يا پلاٽ کي هيٺين منزلن ۾ ورهائيندو آهي:-

(١) تمهيد يعني شروعات. (٢) نظارو يا ڏيک. (٣) ڪردار ۽ سيرت نگاري. (٤) گفتگو. (٥) ويڙهہ يا تصادم (٦) ڪماليت جو درجو. (٧) انجام يعني نتيجو.

آخري درجي يعني نتيجي ۾ وري ٻہ حصا ٿين ٿا.

(١) ڪميڊي (**Comedy**) يعني خوشيءَ وارو حصو ۽ ٽريجڊي (**Tragedy**) يعني غم وارو حصو.

ڪميڊي قسم واري ڊرامي ۾ ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي خوشي ۽ ڪل ڀوڳ ۾ ختم ٿئي ٿي. هن قسم ۾ هر طرف ڪان رکو خوشي هئي نظر ايندي آهي.

ٽريجڊي قسم واري ڊرامي جي پڇاڙي ڏک ۽ غم سان پوري ٿئي ٿي. هن ۾ ڏکدائڪ ۽ تڪليفن وارو منظر ڏسي انسان ذات ڳوڙها ڳاڙي ٿو ۽ پڇتاءَ جا لڙڪ ٻہ هاري ٿو. هن قسم جي ڊرامي ۾ مکيہ اداڪار (هيرو) موت بعدئي پنهنجي محبوب جو مشاهدو مائي ٿو.

# ناول ۽ ناٽڪ ۾ فرق

ناول ۽ ناٽڪ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ اهو هت تفصيلوار پيش ڪجي ٿو:-

| ناول | ناٽڪ |
|---|---|
| ١- ناول پڙهڻ لاءِ لکيو وڃي ٿو. | ١- ناٽڪ، عملي طور اسٽيج |

| ناول | ناٽڪ |
|---|---|
| | تي ڪري ڏيکارڻ لاءِ لکيو وڃي ٿو. |
| ٢- ناول ۾ مصنف پاڻ آکاڻي بيان ڪري ٿو. | ٢- ناٽڪ ۾ اسٽيج تي اداڪارن جي چرپر ۽ گفتگو جي ذريعي آکاڻي معلوم ڪجي ٿي. |
| ٣- ناول ۾ پيش ڪيل آکاڻي تمام ڊگھي ھوندي آھي، ايتري قدر جو ان جو ھڪ پورو ڪتاب ٺھي پوي ٿو. | ٣- ناٽڪ ۾ آکاڻي مختصر ٿئي ٿي ۽ اھا ٽن يا چئن ڪلاڪن اندر پيش ڪرڻي پوي ٿي. |
| ٤- ناول جو مطالعو مختلف وقتن تي ۽ فرصت جي وقت آھستگيءَ سان ڪري سگھجي ٿو، پوءِ ڀلي ان کي پوري ڪرڻ ۾ ڪيترو به عرصو لڳي وڃي. | ٤- ناٽڪ ھڪڙي ڏينھن ۾ چند ڪلاڪن جي لڳاتار مشغوليءَ سان پورو ڪيو وڃي ٿو. |
| ٥- ناول ۾ گھڻي ۾ گھڻا منظر پيش ڪيا وڃن ٿا. | ٥- ناٽڪ ۾ وقت جي تقاضا آھر، منظر پيش ڪيا وڃن ٿا. |

# نظم

”نظم“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ”پوئڻ“. اصطلاحي معنيٰ موجب، مختلف معنائن وارا الفاظ جملن ۾ پوئي، هڪ مالها يا لڙهي ٺاهي وڃي ۽ ان کي سُر يا ترنم سان ٻين جي اڳيان پيش ڪيو وڃي. هن ۾ وزن ۽ قافيو ٻئي موجود هوندا آهن؛ مطلب ته شاعر پنهنجي جذبات ۽ احساسات کي موزون ۽ قافيدار سٽن ۾ بند ڪري عوام جي اڳيان پيش ڪري ٿو.

نظم ۾ سٽن يا بندن جو انداز مقرر نه هوندو آهي. ڪي نظم ننڍا ٿيندا آهن ته ڪي ڊگها هوندا آهن. ڪي وري ايترا ته ڊگها ڏاهيا ويندا آهن، جو انهن جو هڪ پورو ڪتاب ٺهي پوندو آهي.

عام طور تي هر نموني جي ڪلام کي نظم چيو وڃي ٿو، پوءِ ان ۾ ٿوري ۾ ٿوريون يعني ٻه يا چار سٽون به چونه هجن. پر دراصل نظم هڪ ڊگهي ڪلام جو نالو آهي، جنهن ۾ موزون سٽن جو انداز گهڻو هجي.

سٽاءَ يا جوڙجڪ جي لحاظ کان نظم جا ڪيترائي نمونا آهن. انهن مان پهريون نمونو ”الف اشباع“ واري قافيي تي ملي ٿو، جو ارڙهين صدي عيسويءَ جي پيداوار آهي. ان دور ۾، نظم ۾ قافيو هر هڪ مصرع جي آخر ۾ رکيو ويندو هو ۽ ان قافيي واري لفظ کي پويان الف ”ا“ شامل ڪري، منجهانئس ڊگهو آواز ڪڍيو ويندو هو، جنهن کي ”الف اشباع“ وارو قافيو چئجي ٿو. اهي نظم ايترا ته ڊگها لکيا ويندا هئا

جو هڪ مڪمل ڪتاب ٺهي پوندو هو، جنهن ۾ ڀرين سٽ
ڪان وٺي آخر تائين ساڳئي قسم جوئي قافيو ايندو هو. انهن
نظمن ۾ مرثيا، جنگ ناما، نعتيه، مدحيه ۽ هجويه مضمون
پيش ڪيا ويندا هئا. ان وقت جا نظم ۾ لکيل سنڌي
ڪتاب، جهڙوڪ: ”نورنامون“، جنگ نامون“، ”حڪايت الصالحين“
۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب اڄ به موجود آهن، جن ۾ الف اشباع
وارو قافيو استعمال ٿيل آهي.

وقت گذرندي جڏهن علم عروض سنڌ ۾ پير پاتو، تڏهن
قديم شعر جي ٻين صنفن سان گڏ نظم جي سٽاءَ ۾ به رفتي
رفتي تبديلي ٿيڻ لڳي. اتريقدر جو ان ۾ ڪجهه بيت، مخمس
يا مسدس جا ڪي بند آڻي، هڪ ٻئي سان ملائي ڏگها نظم
ٺاهيا ويندا هئا. پوءِ اهي بيت يا بند ظاهر ۾ ته جدا جدا
ٽڪرا ڏسڻ ۾ ايندا هئا، پر منجهن زنجير جي ڪڙيءَ وانگر
اهڙو ته رابطو قائم ڪيو ويندو هو، جو جيڪڏهن انهن مان
هڪڙي سٽ يا بند به ڪيڏي ڌار ڪري ڇڏبو هو ته مضمون
يا خيال جو سلسلوئي ٽٽي پوندو هو. اهڙن نظمن ۾ خاص
طور تي نعتيه، اخلاقي ۽ قومي مضمون هوندا هئا.

موجوده دور ۾ شاعرن عروض جي هر صنف کي نظم ۾
جاءِ ڏني آهي. جهڙوڪ: رباعي، فرد، مثلث، مربع، مخمس،
مسدس، مسبع، مثمن، ترجيع بند ۽ ترڪيب بند، وغيره تي
نظم جوڙيا ويا آهن، جن ۾ نه رڳو نعتيه، اخلاقي ۽ قومي
مضمون ملن ٿا، پر اهي عشق و محبت جي رازن ۽ فراق
ڦوڙائي جي ڳالهين سان پڻ ٽمٽار آهن.

اهڙي قسم جي نظم جي هر هڪ سٽ يا هر هڪ بند
پڙهڻ سان ائين پيو محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ ته ڪا ويڙهيل
يا وڪوڙيل شئي کلندي وڃي ٿي، جنهن مان ڪو ڳجهو

راز آهستي آهستي ظاهر ٿيندو رهي ٿو ۽ نظم جي پوري ٽيڻ سان سمورو مطلب نکري نروار ٿئي ٿو.

مطلب ته نظم ۾ ڪنهن به هڪ سٽ يا بند کي پنهنجي جدا اهميت ڪانه هوندي آهي، پر سمورين مصرعن ۽ بندن جي ميلاپ سان ئي هڪ جامع ۽ مڪمل نظم ٺهي تيار ٿئي ٿو، جنهن ۾ خيال يا ڪهاڻيءَ جو هر هڪ جزو مڪمل طور اهڙو ته سمايل رهي ٿو، جو ڪٿي به منجهس جهول يا گهٽ وڌائي ڏسڻ ۾ نه ايندي.

نثر ۽ نظم ٻنهي ۾ ساڳيو مضمون اٽي سگهجي ٿو. البت نظم جي سٽن ۾ بند ٿيل الفاظ، نثر کان وڌيڪ دلچسپ، جاذب، جوشيلا ۽ اثرائتا ٿين ٿا ۽ پڙهندڙن جي دلين ۾ ولولو پيدا ڪن ٿا. هت قديم دور جي مختلف ڪتابن مان جهوني نظم جا ڪجهه ٽڪرا مثال طور پيش ڪجن ٿا، جن ۾ ”الف اشباع“ جو قافيو استعمال ٿيل آهي.

(١)

(نور نامون، صفحو نمبر ٣ تان ورتل)

ساراهيان سچو ڏٺي جو آگو عليما،
جڳاءِ جه صاحب کي سڀ ڪا ساراها،
عالم عليم من ڏٺي مولو ملڪ خدا،
ڪير ڪري سگندو تهجي تعريفا،
جو پاڪ پرور پاتشاه مولو منزها،
جيڪ ٻجي من ڏٺي سو ٻجن ڪين ٻيا،
جه عرش اپايو ڪرسي لوح ۽ قلما،
ڪئو ڪن سين سڀ کي پاڻ ڏٺي پيدا،
سپاجهو سپ پربن ســاتر سمبئا،

ڪري ڪهڙا پاڻ ڏٺي يفعل الله مايشاھ،
خالق رازق رحيم ڏٺي قائم قيوما،
سميع صانع من ڏٺي بصير ۽ بينا،
جه پيدا ڪئو پاڻ ڏٺي مير محمدشاھ.

(٢)

(حڪايات الصالحين صفحو نمبر ١١٥ تان ورتل)

اٺيتاليهين حڪايت ليکيان سا پڻ سٺيجاھ،
انهر آهي راوين ڪنان اهڙي روايتا،
ته عاسر پٽ سراحيل جو ولين منجهان،
جو هو ڪامل ڪمال گهڻون امام مهندا،
آيو تنهن وٽ ڏينهن هيڪڙي ڪو شخص پهرا،
جو هو جاهل جهل گهڻي بيحد اپارا،
اچي تنهن شخص امام کي ڪچا ويڻ ڪهيا،
۽ امام ڏي نهاريو ان ڏانهن ۽ پڏاء تي لفظا،
پوء جڏهن ماٺ ڪئي تهين شخص ڪچن ڪنا،
تڏهن چيو امام هٿ ڪٺي منجهه داور جي درگاھ،
ته اي الله مهنجا مون ڏٺي تون واقف اسرارا،
چي سچو آهي مرد هي منجهه پانهجي قولا،
ته آڳا عفو ڪج تون عيب عاصيَ جا،

هت موجوده دور جو هڪ نظم پيش ڪجي ٿو، جو هڪ ممتاز شاعر مرحوم عبدالله ”اثر“ جو چيل آهي. اهو نظم جدا جدا بندن تي ٻڌل آهي ۽ هر هڪ بند ۾ ٻه ٻه سٽون آهن. هيءُ نظم تمام طويل آهي، جنهن ڪري منجهانئس ڪجهه بند هت مثال طور پيش ڪيا وڃن ٿا:-

(٣)

مسلمان پنهنجي دل ۾ جذبهٔ ايثار پيدا ڪر،
وفا ڪر مصطفيٰ سان دين جو ڪردار پيدا ڪر.

١- فدا تنهنجي تبسم تان ٿين سج چنڊ جون لاٽون،
شڪي ٿئي محفل انجم اهي انوار پيدا ڪر.

٢- زمانو اڄ به آهي منتظر تنهنجي قيادت جو،
سلامي ٿئي اچي هر ڪو اهي اطوار پيدا ڪر.

٣- هي کهڙو دور آيو اڄ جو پنهنجا ٿيا پراوا ٿيا،
پراون کي ڪري پنهنجو اها گفتار پيدا ڪر.

٤- پريشان ٿي پيو آ ذهن پنهنجي نوجوانن جو،
ممي وحدت ملي جن مان اهي افڪار پيدا ڪر.

٥- وطن جو ناز ٿي، توکي وطن سان جي محبت آ،
نئون هوشو، نئون دودو، نئون سومار پيدا ڪر.

٦- پري آ زندگي جي موج ڪان تعليم جو دريا،
تون زنده دل ۽ طوفان آشنا ڪو بار پيدا ڪر.

٧- اگر چاهين تو تون پيي زندگي ۾ معرفت ماڻين،
ته پو شرق شريعت ۾ "اثر" اشعار پيدا ڪر.

## شعر

"شعر" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "ڄاڻ، سمجهه، پروڙ". اصطلاحي معنيٰ موجب شعر ان کي چئجي، جنهن جون مصرعون موزون ۽ قافيي وارئون هجن ۽ اهي ترنم سان پڙهيون وڃن، جيئن ٻڌندڙ جي طبيعت تي ڪافي اثر ڪن.

سنڌي زبان ۾ شعر عام طرح ڏن نمونن جو آهي، جهڙوڪ:

(١) قديم شعر (٢) عروضي شعر. (٣) جديد شعر.

١- قديم شعر ۾ گيان، ڪبت، ڏوهيڙو، بيت، وائي، ڪافي ۽ سلوڪ وغيره شامل آهن. شاعريءَ جون اهي صنفون هندي ڇند وديا جي ماترائن تي ٻڌل هونديون آهن ۽ منجهن ستون موزون ۽ قافيي واريون ٿينديون آهن.

٢- عروضي شعر اهو آهي، جو علم عروض جي قانونن پٽاندڙ جوڙيل هجي؛ يعني شعر ۾ مصرعون نه رڳو وزن ۽ قافيي واريون هجن، پر ان سان گڏ اهي مقرر بحرن جي تڪن يا ارڪانن جي سانچي ۾ وجهي، پوريءَ ريت ماپي ۽ سهٽيون ڪري ٻڌاريون وڃن. اهڙي شعر ۾ ڪڏهن قافيي سان گڏ "رديف" به استعمال ڪيو ويندو آهي. هن قسم جي شعر ۾، حمد، نعت، قصيدو، غزل، مثنوي، رباعي، قطعو، مستزاد، فرد، مسمط، ترجيع بند، ۽ ترڪيب بند، وغيره اچي وڃن ٿا.

٣- جديد شعر اهو آهي، جو موجوده دور ۾ گذريل ٿوري عرصي کان مروج آهي. هن قسم ۾ گيت، آزاد نظم ۽ ڪي نيون طرزون، جهڙوڪ: ماهيا، هائيڪو، سانيٽ، ترائيل، پنجڪڙا ۽ چونڪ، وغيره شامل آهن. شاعريءَ جون اهي نيون صنفون سٽاءَ ۽ جوڙجڪ جي لحاظ کان اڳين صنفن کان بلڪل مختلف ۽ نياريون آهن. سنڌ جا اڪثر نوجوان شاعر انهن طرزن تي طبع آزمائي ڪندا رهن ٿا.

سنڌي شاعريءَ ۾ شعر جي مٿين قسمن کان سواءِ "نظم" جي صنف به شامل آهي، جا نه رڳو قديم دور ۾ مروج هئي، پر موجوده زماني ۾ به عام آهي. اها صنف قديم دور جي اصولن مطابق به ملي ٿي ۽ علم عروض جي قاعدي قانون تحت پڻ جوڙيل نظر اچي ٿي.

عام طور تي "شعر" ۽ "نظم" هڪڙي شئي سمجهي ويندي

اهي اسماعيلي فڪر جا داعي، ماڻهن کي مذهبي تعليم ڏيڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ پکڙيل هئا، جن مان ڪي سومرن جي دور ۾، سنڌ ۾ اچي نڪتا ۽ نو مسلم ماڻهن جي دلين ۾ شعر جي ذريعي اسلامي عقيدن جو روح ڦوڪڻ لڳا. انهن مان پهريون مبلغ پير سيد نورالدين هو، جنهن اسلام جا اصول شعر ۾ منظوم ڪري پنهنجي مريدن کي ڏنا ته جيئن هو آسانيءَ سان اهي ياد ڪري ۽ مٿن عمل ڪن. ان کان پوءِ پير شمس الدين، پير شهاب الدين، شاهه حسين ايلاڻي، مائي مرکان شيخياڻي، پير صدرالدين، سمنگ، چارڻ، پاڳو پان ۽ ٻيا پنهن جا گنان پيش ڪندا رهيا. انهن مان پير صدرالدين جا گنان وڌيڪ مشهور آهن.

سٽاءَ جي لحاظ کان مٿي پيش ڪيل سيني شاعرن جا گنان هڪ جهڙا نه آهن. ڪن جا گنان دوهي جهڙا آهن ته ڪن جا سلوڪن مثل آهن ۽ ڪن جا وري ڪافيءَ سان مشابهت رکن ٿا، جن ۾ هر ٻن مصرعن جي بند کان پوءِ وراڻيءَ کي دهرايو ويو آهي.

گنان ۾ پيش ڪيل سنڌي ٻوليءَ ۾ اڪثر ”ڪڇي“ ۽ ”لاڙي“ لهجو آهي؛ ڇاڪاڻ ته اهي اسماعيلي مبلغ شاعر سنڌ جي ”ڪڇ“ واري حصي ۾ رهندا هئا. سندن ڪلام تي گجراتي ۽ ملتاني ٻولين جو ڀڻ اثر پيل نظر اچي ٿو.

”گنانن“ ۾ نصيحت آموز ۽ صوفيانه نقطا سمايل آهن. هن ۾ الله تعاليٰ ۽ سندس رسولن تي ايمان آڻڻ سچي دل سان ڪلمو پڙهڻ، هن دنيا کي بي بقا ۽ فاني سمجهڻ، مايا کان منهن موڙڻ، ڪوڙ ۽ ڪپٽ کان پاسو ڪرڻ ۽ دل کي پاڪ ۽ صاف رکڻ، وغيره بابت سمجهاڻيون ڏنل آهن.

هت بہ شاعرن جا ڳنان مثال طور پيش ڪجن ٿا:-

١- پير سيد نورالدين:-

بهت پريت من پاون سين، تمهين جپو الا (الله) رسول،
ڪلمہ ڪهو دل پاڪ سون، توڪل وگهن هوئيسي دور.
بہ ڪلمي بندگي ڪري، تو بندگي سچي سار،
جيون نت آٺ راهہ چلٽا، خر آجڙ واس.
ٻاسون پريتج پانڊيٿي، ساڙڪ مانهہ ويهہ،
ست پنٿ ساڏيٿي، پنٿي پر راتي.
پنٿي تي ست پنٿي چالي، ڪبهي نہ پانگي آٺ،
ڳنان ڪٿگہ قدرتي، جينا رڏا (هردو) مان لاڳا ٻاڻ.
چوڙ رنگي ستگر ملي، ڏيسي ٻوٽي ٻات،
گهٽ انڌارا ٽلي گيا، جيم چندر آگيٿو رات.
ايڪ ڏيسي رهو تو جائي ملو، ذڪري رهو هوشيار،
سجدو ڪيجي صاحب ني، ذڪري مليا نور.

٢- پير صدرالدين:-

شاهہ جو مجيڙو تني ڪي، جيڪي صبوحڙي جاڳن،
آتي الا (الله) نہ گهرين بندا، تون ستن سچي رات،
نڪا جهوري جيو جي، نڪو سمر سات-
شاهہ جو مجيڙو........
صبوحڙي نہ جاڳن، تنين حورون نہ ڏين هٿ،
سي هاء هاء ڪندا هٿ هڻندا، جيئن هاريءَ وجائيوٽ-
شاهہ جو مجيڙو........
ٻانا (ٻانها) تونجو تڪيو، ڪندن ہ ڪوڙ،
پسي رتا ڳلڙا، م وڃائج مور-
شاهہ جو مجيڙو........

کپاٽيئين ڪٽيو، جڏهن مُٽو لوڪ،
ٽنهن پانجو ڪٽي وڌو، ڳچيءَ ڳاڙهو ٽوڪ ـ
شاهه جو مجيٺڙو........
جيڙوني نيڙو اکهو، هوند ڪٽيائين،
پوهه سياڙي مرنين وچ، ملي مرڪيائون ـ
شاهه جو مجيٺڙو........
ڪوڏا منڊپ ماڙيون، گهر گهوڙا پندار،
ڪين نه ليا پاڻ سين، جيو چلتي وار ـ
شاهه جو مجيٺڙو........
پٽي پير صدرالدين، آئين مُٺو مومن ويرَ،
الک ڇُٽو تنين کي، جنين سڃاتو شاهه پيرَ ـ
شاهه جو مجيٺڙو........
ڪيڙيون اڏائيئين گڊ ماڙيون، تونتي ڪيڙا رکائيئين چٽ،
نيهي نينڊءَ ڏوڙ ۾، توتي لتون ڏيندا مٽ ـ
شاهه جو مجيٺڙو........ *

## ڪبت

”ڪبت“ هندي لفظ آهي، جو سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ ”ڪوتا“ يا ”ڪوتو“ جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”شعر“.

”ڪبت“ اصل ۾ هندي شعر آهي، جو ”دوهرا“ جي وزن (هندي ڇند وديا جي ماترائن) تي جوڙيو ويندو آهي. ’دوهرا‘ ۾ ٻه سٽون ٿينديون آهن، ’ڪبت‘ ۾ تمام گهڻيون سٽون هونديون آهن؛ ايتري قدر جو منجهس سؤ ڏيڊ کان مٿي سٽون به ٿينديون آهن. بعضي ته ساري ڳالهه يا آکاڻي ’ڪبت‘ ۾ هوندي آهي، جنهن ۾ پهرين سٽ کان وٺي پڇاڙيءَ واري

سٽ تائين هڪ جهڙوئي قافيو استعمال ٿيل هوندو آهي. هندي ٻوليءَ ۾ ميران ٻائيءَ جا ڪبت ني شعر گهڻي انداز ۾ ملن ٿا.

سنڌي زبان ۾ ٻه ڪيترن ئي شاعرن 'ڪبت' تي نظم جوڙيا آهن، جن جي سٽا ساڳي هندي ڪبت جهڙي آهي. سنڌيءَ ۾ هن شعر جي شروعات ڀريائين مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ ڪئي. هن پنهنجي ڪتاب "مقدمةالصلوات" ۾ 'ڪبت' پيش ڪيا آهن، جن ۾ سنڌ جي نو مسلم ماڻهن لاءِ نماز ۽ وضوءَ جا مسئلا سمجهايا ويا آهن. هن، ان ۾ هر هڪ سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ ڏگهو الف اشباع وارو قافيو آندو آهي.

اوائل ۾ پٽ فقير جيڪي اصلوڪيون ڪهاڻيون تنبورن تي ڳائيندا هئا، سي به اهڙي ئي شعر ۾ آهن. مولوي عبدالرحمان جو جوڙيل " سنڌي نور نامون " به سڄو ئي ڪبت جو شعر آهي، جاڪاڻ جو ان ۾ ڀرين سٽ جو قافيو الف مد ( آ ) تي جوڙيو اٿس ۽ سڄوئي ڪتاب انهيءَ ئي قافيي تي وچي پورو ڪيو اٿس.

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ۽ ٻين ڪيترن سنڌي شاعرن جا به ڪبت چيل آهن، جن ۾ الف مد (آ) کان سواءِ ٻياقافيا به استعمال ڪيا ويا آهن. لس ٻيلي جي شاعرن مان ڪبير شاه ۽ شيخ ابراهيم جا ڪبت مشهور آهن.

ڪبت ۾ اڪثر روحاني ڳالهين بابت ذڪر هوندو آهي. ان کان سواءِ ڪي اخلاقي ۽ اسلامي سمجهاڻيون پڻ ڏنل هونديون آهن. هت 'ڪبت' جا هڪ ٻه ٽڪرا نموني طور پيش ڪجن ٿا. هيءَ پهريون مثال مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي ڪلام مان ڏجي ٿو:-

( ۱ )

ساره صاحب کي ڪجي، جو عالم ڪل علمن،
سيڪ چاڻي سون ڏني، بخشي علم بندن،
مڪائين فرقان کي، جـو جامع ڪتابن،
صلوانون سرور اتي، جـو جوهر جهانن،
آل اصحابي تنهه سندا، ڏنا ڏيهه ڏٺين،
آيتون قرآن جيون، سنيون سي سمجهن،
فهم منجهه فرقان جـي، حقيقت هلن،
امام چاڻن ان کي، پني تنهه لڳن،
پاڻ نه ٿين امام، سي جنهن کي ابد ڪن،
ڪريهه پنهنجي قيد ۾، ڪڍي ڪنا قيدن،
تـوڙي قيد نفي جـو، توڙي اثباتن،
نقطي نهر نصيب ڪريين، مولي مومنن،
نفي ۽ اثبات ۾ ان ري اهڪ ٿين،
ويندا سي ايمان سين، ڪلمو جي ڪهن،

لااله‌الاالله‌محمدرسول‌الله (صلعم)

نوٽ :- مٿين ڪبت ۾ ڪل ۴۶۴ سٿون آهن، جنهن مان پهريون نو (۹) ۽ آخري پنج (۵) سٿون پيش ڪيون ويون آهن.

هيءَ ٻيو مثال ڪبر شاهه سگهڙ جي ڪلام مان پيش ڪجي ٿو. هن شاعر قافيي ۾ ٿوري تبديلي آڻي آخري سٽ جي وچ ۾ قافيو رکيو آهي جهڙوڪ :-

( ۲ )

بعضي بازارن ۾، بعضي ان جا ٿر منجهه ٿاٺا ٺاڪ،
بعضي محل هندورا ماڙيون، بعضي ڪاڻ اڏين اوطاق،
بعضي مڙهين ڏوڏا ڏوڙ جا، بعضي پٽ پاڪيزا پاڪ،

(٢)

جي پڇا سي ئي منجهان، جي پڇڻ سي وير،
جو لِکڻ منجهه ماڙوئين، سو مکڻ منجهه کير.

(شاهه عبدالڪريم)

جيڪڏهن ڏوهيڙي جي سٽاءَ ۾ معمولي تبديلي آڻي ڪيس ائين ڪري رکبو ته "سورٺو" ٺهي پوندو؛ يعني ٻنهي سٽن جا پويان قافيي وارا حصا يا پد ڦيرائي ٻنهي سٽن جي منڍ ۾ رکڻ سان "سورٺي" جي صنف وجود ۾ ايندي.

"سورٺو" ٻه چند وديا جي ماترائن تي ٻڌل هوندو آهي ۽ منجهس ماترائن جو انداز به ساڳيوئي ڏوهيڙي جيترو (يعني ٤٨ ماترائون) هوندو آهي، جنهن جي هر هڪ سٽ ۾ ٢٤ ماترائون ٿين. پر فرق رڳو آهي ته سورٺي ۾ ٻنهي سٽن جي پهرين پدن ۾ يارهن - يارهن ماترائون ٿينديون آهن ۽ ٻئين پدن ۾ تيرهن - تيرهن ماترائون هونديون آهن؛ ۽ قافيو ٻنهي سٽن جي وچ ۾ ايندو آهي. مطلب ته پهريون ۽ ٽيون پد پاڻ ۾ هم وزن ۽ همقافيه ٿيندا آهن، ته ٻيو ۽ چوٿون پد پاڻ ۾ صرف هم وزن هوندا آهن. هت سورٺي جا ٻه شعر نموني طور ڏجن ٿا:-

(١)

جوڳي جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پرين پيچري.

(قاضي قادن)

(٢)

ستي نه مرندياءِ، ڪر ويچار پرينءَ جي،
وهامي ويندياءِ، گهڙيا هٿندين هٿڙا.

(شاهه)

دوهي يا سورٺي جي ماترائن ڪڻڻ واسطي چند وديا وارن ٻه ڀاڱا ڪري ڏيکاريا آهن، يعني ڏگهن ۽ ننڍن جزن جا خاص نشان ٺهرايا آهن. جيئن ته، ڏگهي جزي لاءِ "S" جو نشان مقرر ڪيو ويو آهي، جو ٻن ماترائن جي برابر آهي؛ ۽ ننڍي جزي لاءِ "I" جو نشان رکيو ويو آهي، جو هڪ ماترا جي برابر آهي. *

ڏگها جزا اهي آهن، جن ۾ حروف صحيح سان گڏ حرف علت (ا - و - ي) مان ڪو هڪڙو حرف شامل هوندو آهي، انهن جزن جي اچارڻ ۾ ڪجهه وڌيڪ ويرم لڳندي آهي، تنهن ڪري ان جزي لاءِ "S" جو نشان ڏبو؛ يعني ان جون ٻه ماترائون ڳڻبيون؛ جهڙوڪ: هـ+ا=ها(S)؛ چ+و=چو (S)؛ ڪ+ي=ڪي(S). پر ان جي برعڪس ننڍا جزا ڪنهن هڪ حرف صحيح کي اعراب (زبر، زير، پيش) ڏيڻ سان ٺهن ٿا، جيئن ته: مَ=I، مِ=I، مُ=I، يا ڪنهن جزم (ْ) ۽ همزي(ء) ڏيڻ سان. اهڙن ننڍن جزن جي آواز ڪڍڻ ۾ تمام ٿورڙو وقت لڳي ٿو، تنهن ڪري ان جزي جي هڪ ماترا ٿيندي. انهيءَ حساب سان "بادشاهي" لفظ ۾ ۷ ماترائون آهن. جهڙوڪ:-

S S I S

ٻا د شا هي

S = ۲

I = ۱

S = ۲

S = ۲

ٽوٽل ۷ ماترائون

---

* سماهي مهراڻ، سيارو ۱۹۵۵ع، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي سنڌ، صفحو نمبر ۱۲۳.

# بيت

"بيت" اصل ۾ عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "گهر". گهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هڪ دروازو هوندو آهي، جنهن کي اڪثر ٻه طاق ٿيندا آهن. انهيءَ دروازي جي اندر (يعني گهر ۾) رات گذاربي آهي، ڇاڪاڻ ته اتي ضروريات زندگيءَ جو سڀ سازوسامان موجود هوندو آهي، جنهنڪري اتي وڏيڪ اطمينان ۽ سڪون ملي ٿو. اهڙيءَ طرح ٻن سٽن واري شعر کي، جنهن ۾ پورو مطلب سمايل هوندو آهي، "بيت" سڏيو ويو آهي.

سنڌي زبان ۾ بيت، ڏوهيڙي مان آسريو، جنهن جي سٽاءَ به ساڳي ڏوهيري واري رکي ويئي؛ يعني منجهس قافيو ٻنهي سٽن جي پڇاڙيءَ ۾ آندو ويو. نه رکيو ايترو پر ان ۾ خيال ۽ مضمون به ساڳيا پيش ڪيا ويا. وقت گذرندي "بيت" ۾ ڪجهه ردو بدل ڪري، منجهس سٽن جو انداز ڪافي وڌايو ويو ۽ ان جي قافيي ۾ به ڦير ڦار ڪئي ويئي. اها شاعرانئي صنف پنهنجي فن، هيئت، معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ کان ارغونن ۽ ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ عروج کي پهتي، جنهن جا اوائلي اهڃاڻ شاهه عنايت رضوي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالن مان ملن ٿا.

سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سندس همعصر شاعرن پنهنجن بيتن جي سٽاءَ ۾ گهڻي تبديلي ڪئي آهي. شاهه ڀٽائي ته پنهنجن بيتن ۾ ٽي، چار، پنج ۽ وڌيڪ سٽون به شامل ڪيون آهن. اهڙن بيتن ۾ قافيو يا ته ڀرين ۽ پوئين سٽ جي وچ ۾ رکيو ويو آهي، يا وري پهرين سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ آخري سٽ جي وچ ۾ آندو ويو آهي؛ ۽ باقي

وچ وارين سيني سٽن جي آخر ۾ قافيو ڏنو ويو آهي. ڪن بيتن ۾ ته شاهه صاحب رکو به سٽون به آنديون آهن، جن ۾ قافيو پهرين سٽ جي آخر ۾ ۽ ٻيءَ سٽ جي وچ ۾ رکيو اٿس. مطلب ته شاهه صاحب بيتن ۾ سٽن جي تعداد ۾ گهٽ وڌائي ڪري ۽ قافيي کي وچ يا آخر ۾ آڻي، پنهنجي ڪلام ۾ فني حسن پيدا ڪيو آهي. ڪن بيتن ۾ شاهه وزن جو خيال نه رکي، منجهن قرآن-مجيد جون آيتون به ڏنيون آهن.

شاهه پٺائيءَ پنهنجن بيتن ۾ نه رڳو الاهيت ۽ وحدانيت جو رنگ ڀريو آهي، پر منجهن فطرت جا عجيب و غريب نقش، سماجي زندگيءَ جا جذبا ۽ احساس اهڙي ته رنگ ۽ ڍنگ سان چٽيا آهن، جو پڙهندڙ خواه ٻڌندڙ جي دل لرزش ۾ اچي جهومڻ لڳندي آهي.

شاهه کان پوءِ جي شاعرن به بيتن کي سينگارڻ جي حتي‌المقدور ڪوشش پئي ڪئي آهي. هت بيتن جا ڪجهه نمونا پيش ڪجن ٿا:-

(۱)

تون چؤ الله هيڪڙو، وائي ٻي ۾ سڪه،
سچو اکر من ۾، سوئي لکئو لڪ.
(شاهه ڪريم)

(۲)

سڪَ سڪائي سڪَ، سڪَ نه آهي سٿري،
لِڪَ لڪوئي لِڪَ، ته ڪرن خبر نه ٿيي.
(شاهه)

(۳)

پاڻه پسي پاڻ کي، پاڻه ئي محبوب،
پاڻه خلقي خوب، پاڻه طالب تن جو.
(شاهه)

( ۴ )

سڙهه سنوان لاچو نوان ، سهاڻا سندن سير،
ساٿي سفر هلڻا، ٿڻا سڻاوا سير،
جي اچڻ ساڻ اکير، سي ٻيڙا رکين ٻاجهه سين.
(شاهه)

( ٥ )

الا ! اچن آوءِ ، جن آئي من سرهو ٿئي،
پسان مان پر کهر ، جتن سندي جوءِ،
لنگهي لک لطيف چئي، سٺيان هوتن هوءِ،
گولي ٿيان گلبوءِ ، جي سچاڻا سات ڏئي.
(شاهه)

( ٦ )

پڙکي آئي باهه، دونهين سان دليون ٻريون،
ڪاتڪهاڙيون ڪند تي،سوکهو منهنجو ساهه؛
سهڻا منهنجا شاهه! ساٿي، ٿجان سنڌ جو.
("عاجز" اچڻ)

( ٦ )

ڏاڙهي رت رتياس ، ڏند تہ موتن ڳتا،
چوڏهي ماهہ چنڊ جزءَ، پڙ ۾ پيشانياس،
" الله نـــور السماوات " جلوو زميناس،
"سيماهم في وجوههم"، مه ۾ من ڳتاس،
ڪرا ڪربلا جا، مادر تي ميڙياس،
ڦتن تان رت ڦڙا، علي تي آڪهياس،
مڙئي معاف ڪياس، خالق بدلي خون جي.
(شاهه)

ٿل جو ٻوٻون اڌ ۽ ڪن حالتن ۾ ٻهروٻون اڌ وراڻي طور ايندو آهي. شاهه صاحب جي ڪلام ۾ اهڙي قسم جون وايون گهڻي انداز ۾ ملن ٿيون. ڪن واين ۾ ته وري ٽي، چار ۽ پنج سٽون به ٿين ٿيون. اهڙي قسم جون وايون اڄڪلهه جام ملن ٿيون.

سنڌيءَ ۾ اوائلي شاعرن مان رڳو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ وائيءَ جو استعمال عام جام مليو ٿو، جنهن ڪان پوءِ سنڌ ۾ اها صنف عام رواج هيٺ آئي ۽ اڄ به هلندي پئي اچي. موجوده شاعر ٻن وائيءَ کي ساڳيءَ رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪندا رهن ٿا. هت به وايون نموني طور ڏجن ٿيون:-

(۱)

ٿل:- آئي مند ملار، آئون کهنبا (۱) ڪندي س ڪپڙا؛
وڻ جا ويس ڪيا، اڄ مهجي يار،
آئي مند ملار.
لار (۲) لاٿيندي (۳) وڇڙا، پنڙس، پنيا ور (۴)،
آئي مند ملار.
ٻکي آءُ ٻرين تون، لهه مهجي سيد سار،
آئي مند ملار.
(شاهه)

(۲)

ٿل:- اکيون ميگهه ملار، صورت تهجي سڀ جڳ، موهيو.
سجدو فيل في الحال ڪيو، ٻي مُطلب (۵) نُور نراڙ،

---

(۱) ڳاڙها. (۲) ڇڙي جي اندران وڇائيندڙ هڏي جو ڪهڙيل ٽڪرو. (۳) ٻڌندي (وڇڙن کي کهنبڻون ٻڌڻ). (۴) ڪنيل يا ولڻيل وار. (۵) عبدالمطلب، رسول ڪريم صلعم جن جو ڏاڏو.

چاپڻ وقت چام جي، ڪريا ڪنگرا ڪوٽ ڪفار،
صورت تهجي سڀ جڳ، موهيو.
آگي سڀ ٻين جو، توکي ڪاريون (١) سير ستار،
ولسوف يعطيک ربک (٢) تو سين قادر ڪيا قرار،
صور تهجي سڀ جڳ موهيو.
قادر پاڻ قسم ڪيا، خاڪ قدمن جا ڪلتار (٣)،
آهن ڪرم ڪريم جا، احمد سـاڻ اپار،
صورت تهجي سڀ جڳ موهيو.
آڪنديا (٤) جي ابر (٥) کي، سرها ٿيا سي سنگهار(٦)،
موڪل ٿي ميهن کي، دوس (٧) هتا دلدار؛
صورت تهجي سڀ جڳ موهيو.
(شاهه)

## ڪافي

"ڪافي" اصل ۾ عربي زبان جي لفظ "ڪفي"مان نڪتل آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "پورو هجڻ" يا "ڪافي هجڻ". اصطلاحي معنيٰ موجب "ڪافي" اهو قديم شاعريءَ جو فن آهي، جو ڳائڻ وڄائڻ ۾ اچي ٿو يا ڳائڻ سگهجي ٿو.
ڪافيءَ بابت ڪيترائي رايا پيش ڪيا ويا آهن. جيئن تہ ڪف=دڦ؛ ڪف=ساهميءَ جا ٻہ پڙ؛ فارسي ڪافتن=کوٽڻ؛ قافيہ جمع "قوافي" لفظ مان؛ ڪافي الله تعاليٰ جو نالو؛

(١) ڪرايو. (٢) ۽ سگهوئي اوهان جو رب اوهان کي عطا ڪندو.
(٣) خالق، مالڪ، خدا تعاليٰ. (٤) سڪوا؛ سڪايل؛ طالبو.
(٥) ڪڪر. (٦) ڏنار. (٧) دوست؛ الله تعاليٰ.

لکي ٿو تہ، ”وائي ۽ ڪافي دراصل هڪ ئي شئي جا ٻہ نالا آهن. البت لاڙ ۾ وائي ڪوٺڻ جو رواج گهڻو هو ۽ اتر ۾ ڪافي ڪوٺڻ جو رواج هو. انهيءَ ڪري شاهہ لطيف ۽ سندس همعصر شاعرن، جي لاڙ واري حصي جا رهاڪو هئا، اهڙي قسم جي ڪلام کي ”وائي“ ڪوٺيو آهي ۽ اتر ۾ شاهہ صاحب واري دور ۾ئي ميان صاحبڏني فاروقي، جو درازن جو ويٺل هو، پنهنجي ڪلام کي ”ڪافي“ ڪوٺيو آهي.“

وائيءَ وانگر ڪافي بہ سُر ۽ ترنم سان ڳائبي آهي. گهڻو وقت اڳ ڪافي فقط يڪتاري، دلي يا گهاگهر ۽ ڍولڪ جي مدد سان ڳائي ويندي هئي؛ پر انگريزن جي اچڻ سان جيئن تہ هارمونيم جو رواج پيو، تنهن ڪري ڪافي ڳائڻ لاءِ هارمونيم پڻ استعمال ڪئي ويئي ۽ اڄ تائين ڪم آندي پئي وڃي. هن وقت ٻيا بہ ڪيترائي نوان ساز ايجاد ٿي چڪا آهن، جن جي مدد سان ڪافي ڳائي سگهجي ٿي.

ڪافيءَ ۾ توحيد ۽ تصوف، حمد ۽ نعت، مدح ۽ ثنا، حسن ۽ عشق، فراق ۽ ڦوڙائو، سوز ۽ ساڙو، صدائون ۽ التجائون، ڏک ۽ ڏوراپا، جوش ۽ جذبات واقعات ۽ حالات، مطلب تہ هر ڪا شئي پيش ڪئي ويندي آهي.

سنڌيءَ ۾ اوائلي شاعرن مان اڪثر سچل سرمست، قادربخش ”بيدل“ ۽ مصري شاهہ جون ڪافيون سڀني خوبين سان مالا مال آهن. موجوده دور ۾ پڻ ڪيترن شاعرن ڪافيءَ جي فن کي نباهيندي مقبوليت حاصل ڪئي آهي. هت ٻہ ٽي ڪافيون مثال طور ڏجن ٿيون:-

(١)

ڪعبو قدسي توهي ساڻ،
ڪوهہ ڪڍين ڪعبي جي ڪاڻ.

١- الانسان سري و انا سره، رمز پروڙج، اها منجهه پاڻ.
٢- مَلڪ،فلڪ سڀ تنهنجا ساجد،سالڪ پنهنجو سِر سُڃاڻ.
٣- ڪرسي، عرش امر تنهنجي ۾، وحدت جو تو منجهه وٿاڻ.
٤- ڪعبي جو تون آهين مالڪ، "بيدل!" پيو تان وهم نه آڻ.
(قادربخش بيدل)

( ٢ )

عاشق ڏسڻ ۾ آيو ، محبوب گل سناسي ،
عبرت عجب عجائب ، اسرار رنگ عباسي.
١- برهي جي اک ۾ ٻيهي، ڪائي مثال چيني،
توڙي رنگون رنگيني، چيني جي مٽ نه ڪاسي.
٢- گل آب جاءِ جاتي، محبوب راز تاتي،
عاشق ڏسڻ ڪٿون ڪاٿي، رهندو پتنگ پياسي.
٣- "صورت" ۾ جاءِ "دم" جي، "دم" رهي نه "صورت" ڪم جي،
دم ۾ جا لذت غم جي، وهه واهه ڳالهه خاصي.
٤- ابليس جي وڏائي، هر سانس تي سوائي،
جيوڻ نه دم پلائي، نه نه تحت نحس ناسي.
٥- ثابت "سچل" سچاري، يارن جي ياد ياري.
وحدت جنهن وساري، تن تن متي اٽاسي.
(سچل سرمست)

( ٣ )

اڄ رات رُندي رُندي - ويڙو ڀڄي وهاڻو ،
ايڏي نه ڪر جدائي - سورن ڪيو آ ساڻو.
١- دردن ڪيايون داهون ، آيرن ٿيون سرد آهون،
روئي تڪيان تو راهون - اهڙو ٿيس اياڻو.
٢- ڪانگل ٻڌائي قاصد، مون موڪليو هي حاسد،
قند قير ساڻ فاسد ـــ احوال رهي اڏاڻو.

۽ معنوي صنعتن جو بہ خاصو انداز منجهس مڙهيو اٿس. هن پنهنجي هر سلوڪ کي قافيي ۽ ماترائن جي لحاظ کان پڻ قاعدي قانون اندر رکيو آهي. مطلب تہ ساميءَ جو ڪلام موزون، پڪو پختو ۽ نهايت عمدو آهي.

مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ سلوڪ ۾ چار سٽون ٿينديون آهن. انهيءَ لحاظ سان ساميءَ بہ پنهنجي ڪلام ۾ اڪثر چار سٽون ڪم آنديون آهن. البت ڪن سلوڪن ۾ انهيءَ بندش کي ختم ڪري ٽي سٽون بہ آنديون اٿس؛ ۽ ڪن جزوي حالتن ۾ وري سٽن بلڪ اڌ سٽن تائين بہ ويو آهي. هن جي سلوڪن ۾ قافيو اڪثر پهرين ۽ آخري سٽ جي وچ ۾ آيو آهي؛ ۽ باقي وچ وارين سٽن جي پڇاڙيءَ ۾ قافيو ڏنو اٿس.

سامي "ويدانيت" مٿي جو فقير هو، هن پنهنجي سلوڪن ۾ چيو آهي تہ، "هيءَ سنسار (جهان) هڪ وهم، ڀرم يا سپنو آهي، پر انسان هن ڪوڙي ۽ بي بقا دنيا کي سچو سمجهي ويٺو آهي." هن جهان جي سڀني شين کي بي بنياد ٺهرايو آهي؛ چاڪاڻ تہ ڪيس خبر هئي تہ هيءَ جڳ، فاني آهي. تنهن ڪري پنهنجي نفس کي، هن دنيا کان ٽڳا ٽوڙي، پنهنجي حقيقي محبوب (يعني الله تعاليٰ) جو مشاهدو ماڻ جي هر وقت تلقين ڪئي اٿس. سامي پنهنجي ڪلام ۾ انهيءَ عقيدي تي گهڻو زور ڏنو آهي تہ، "انسان جو روح، پنهنجن بد اعمالن ۽ ڪڌن ڪرتوتن جي ڪري ڪوٽ جنم ڀوڳي پوءِ خوش قسمتيءَ سان انساني جسم ۾ داخل ٿيو آهي." تنهن ڪري انساني جامي جو قدر سڃاڻي، هر انسان کي پنهن جي نفس سان جنگ جوڙڻ گهرجي ۽ پنهنجي مالڪ ۽ خالق سان سچو عشق رکڻ گهرجي.

ساميءَ پنهنجي سلوڪن ۾ اهو بہ چيو آهي تہ، جيڪڏهن

انسان ذات درويشن سان صحبتون ڪري ۽ خدا تعاليٰ جي بندگيءَ ۾ مشغول رهي، پنهنجي دليءَ جو عشق ڪمايو ته هو دائمي نجات جو درجو حاصل ڪندو ۽ پنهنجي مالڪ سان اڻين ملي هڪ ٿي ويندو، جيئن پاڻيءَ جو قطرو ساگر ۾ جذب ٿي ويندو آهي؛ ۽ پوءِ هو مرڻ ۽ جيئڻ جي ڏکن ۽ ڏوجهرن کان ڇٽي پوندو. پر جيڪڏهن مايا (دنيا) جي لوڀ ۽ لالچ جي ڦندي ۾ هڪ واري ڦاسي پيو ۽ پنهنجي خالق جي بندگيءَ کان پاڻ کي غافل رکيائين ته انساني جامي سان آزاد ٿيڻ کان پوءِ هو پڇتائيندو رهندو ۽ پنهنجي مالڪ جي ديدار پسڻ کان هميشه پيو سڪندو.

ساميءَ جا سلوڪ ٻڌائين ٿا ته انسان جي نفس اماره سان پنج پوت (دشمن) هميشهه شامل رهن ٿا، جهڙوڪ: ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار. پوءِ جو به انسان انهن پنجن ئي پوتن سان جنگ جوٽي، کين ماري مات ڪري ٿو ۽ ڪانئن هميشهه لاءِ نجات پائي ٿو، اهوئي ڏٺيءَ جو سچو ويراڳي آهي.

هن پنهنجي سلوڪن ۾، پنهنجو من ماري ميڻ ڪرڻ، اندر ۾ جهاني پائڻ، پنهنجي نفس سان جنگ جوٽڻ، ڪوڙي مايا جي ڦندي ۾ نه ڦاسڻ، هٺ ۽ خودي ڇڏڻ، خدا تعاليٰ جي عشق ۾ پاڻ فنا ڪرڻ ۽ مڙهيءَ ۾ منهن وجهڻ، وغيره جوئي سبق ڏنو آهي. مطلب ته سامي جا سلوڪ هڪ بيبها خزانو آهن جن ۾ هميشهه نياز ۽ نئڙت سان هلڻ ۽ پنهنجو من ماري ميڻ ڪرڻ لاءِ انسان کي تلقين ٿيل آهي. هت ساميءَ جا چند سلوڪ مثال طور پيش ڪجن ٿا:—

---

ڪام=نفساني خواهش؛ ڪروڌ=غصو، ڪاوڙ، ناراضپو؛ لوڀ=لالچ، هبچ، دنيوي خيال؛ موهه=پيار، محبت، عشق، سڌ؛ اهنڪار=هٺ، غرور، وڏائي، خودي.

(۱)

وڏا سڀ ڪيري، مايا جيءَ محل مون؛
ڇڏيائين ڇل ول سان، حرص منجهه هيري،
ويٺا منهن ڦيري، سامي ڇٽي سروپ ڪون.

(۲)

چريا سي چئجن، جي پاڻ سڃاڻن ڪينڪي؛
ڳالهيون وبدن جون ٻُڌي، مرم نه رکن من،
پنهنجي ڪچيءَ پاڻهي، جوڙي سيل وجهن،
سامي ڪين ڏسن، جهاتي پائي گهر ۾.

(۳)

شيوا منجهون جن، لڌو لعل اڻ مُلهو،
سي سامي سڪ سچيءَ سان، سدا شيوا ڪن،
لئيون، مُڪان، موچڙا، سيئي سهن،
رتا رنگ رهن، انئي پهر عجب جي.

(٤)

سپني منجهه ڪنگال، راجا ٿيو هڪ ديس جو،
هاٿي، گهوڙا، پالڪيون، موڙيائين سڀ مال،
در تي بيٺا ڪيترا، سامي ڪن سوال،
جاڳي اهو حال، پنندو وتي پنج ڪٽي.

(۵)

مورک ڪين ڏسن، سنمک سپيرين کي،
اوديا جيءَ اندا ڪيا، ڏنو پٽ پرين،
پرم منجهه ٻُلي ڪري، تا پنا نت پڙهن،
تپ تيرٿ برت نيم جڳ جهد ڪيوجاڳن،

---

سنمک = سامهون؛ برت = ورت
جڳ = يڳيه؛ جهان، جهد = ڪوشش.

ڪير هيو جو ڪيرائي ها تن جا لات منات ـ سدا...
نفسي‌نفسي نبي ڪندا جت،هادي اُت هٿ ڏيندو،
اُمت اُمت پنهنجي پڪاري، نال نمائي نيندو،
"انور"ان جي هڪڙي ِنگهه سان،وڏي وڃن درجات،
وڏي وڃن درجات ـ سدا......
مهڻي عربيءَ تي پڻي پڙهجي، پدم پدم صلوات.

# قـصـيـدو

"قصيدو" عربي لفظ "قصد" مان نڪتو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي " ارادو ڪرڻ ". اصطلاحي معنيٰ موجب ، اهي ڪجهه جيترا هم وزن بيت ، جن مان پهرئين بيت جون ٻئي سٽون پاڻ ۾ هم قافيه هجن ۽ ٻين بيتن جي فقط پوئين سٽ پهرئين بيت جي ٻنهي سٽن سان هم قافيه هجي. هن ۾ ٿوري ۾ ٿورا ڏه ٻه ٻارهن ڪان وڌيڪ بيت ٿيندا آهن ۽ وڌ ۾ وڌ ڪيترا به بيت آڻي سگهجن ٿا.

قصيدي جو بنياد چئن شين تي ٻڌل هوندو آهي. جهڙوڪ:

(١) تشبيب. (٢) گريز. (٣) مدح. (٤) دعائيه.

قصيدي جي شروع ۾ شاعر پهريائين ڪجهه بيتن ۾ تمهيد طور هڪ مضمون آڻيندو آهي، جنهن ۾ هو اڪثر قدرت جي خلقيل شين، فطرتي مناظرن ۽ واقع نگاريءَ جو عڪس چٽيندو آهي. هو انهيءَ ۾ خوشنما ۽ وڻندڙ تشبيهون استعمال ڪري، پنهنجي ڪلام کي نهايت رنگين بڻائيندو آهي. قصيدي جي انهيءَ ڀاڱي کي "تشبيب" چئبو آهي. قصيدي جي ٻئي ڀاڱي ۾ شاعر ڪنهن بلند مرتبي واري انسان جو تعارف پيش ڪندو آهي، جنهن ۾ سندس شان شوڪت ۽ دٻدٻي کان واقف ڪندو آهي. انهيءَ حصي کي "گريز" سڏبو آهي.

لڳين پاڱي ۾ ان انسان جي عظمت، سندس اخلاق ۽ عادتن کي ساراهيو ويندو آهي. انهيءَ حصي کي ”مدح“ چئبو آهي، ۽ چوٿين ۽ آخري پاڱي ۾ ان شخص بابت دعا پڙهي قصيدي جو اختتام ڪيو ويندو آهي، جنهن کي ”دعائيه“ ڪوٺبو ويندو آهي.

قصيدي ۾ هميشه زنده حاڪمن، اميرن ۽ بلند مرتبي ۽ اخلاق وارن انسانن جي شان ۾ تعريف ڪئي ويندي آهي.

هت مرحوم ميان غلام سرور قادري ”فقير“ جو قصيدو نموني طور ڏجي ٿو، جنهن ۾ مٿيون چارئي شيون موجود آهن. هيءُ قصيدو فقير صاحب خيرپور رياست جي والي، مير فيض محمد خان جي تاجپوشيءَ وقت چيو هو.

هن قصيدي ۾ ڪل ٣٤ بيت آهن.

(قصيدو)

١ - تشبيب:-

مرحبا ايام عشرت و عيش و اقبال و ڪمال،
حبذا وقت نڪو دوران خوش و فرخنده فال.
رنگ قدرت جا ڪري اظهار ٿي فصل بهار،
۽ صبا جادو پري گلشن ۾ ڏيکاري ٿي چال.
خوش ڏڪي پوشاڪ آهي سبزه ء پامال پي،
۽ عروس گل عجب رخ تي ڪيا هن خط و خال.
ابر رحمت ايزدي پي آهو آهي جوش ۾،
ٿو وسائي گلشن عالم مٿي آب زلال.
شاخ گل تي عندليب خوش‌نوا حسرت ڪري،
نغمه خواني ساڻ گل کي ٿو ٻڌائي دل جو حال،
محفل عشرت بپا آهي خوشي آ جا بجا،
صفحه هستيءَ منجهان لڪري ويو رنج و ملال،

ساقي وٽي ناب مطرب و ساغر آهي دور ۾،
زاهد و ناصح جو هتڙي بند آهي قيل قال.
احتشام اهڙي سان آهي جلوه گر هي بزم جو،
ڪين ڪڏهين آ ڏٺو چشم فلڪ اهڙو مثال.

٢- گريز:—

هن خوشيءَ ۽ شادماني جو عزيزو ڇا سبب،
خيرپور ۾ جو ڏٺو چڻ عيد جو آهي هلال.
والي ملڪ رياست مير صاحب نامور،
جهنجو بحر جود ڪان پڻ سخا جو آ نيڪ حال.
نيڪ سيرت نيڪ صورت صاف طبع و صاف دل،
صاحب فهم و ذڪا ۽ صاحب حلم و خيال.
گلشن اخلاق جهنجي سان عروسان بهشت،
گل ڇٽي سينگار ڪن ٿيون واسطي حسن و جمال.
مثل خوشبوءِ معطر آهي جهنجو چار سو،
نيڪ نامي و سخا و شوڪت و جاه و جلال.

٣- مدح:—

روشن طبع ۽ هن جي شعاع فيض ڪان،
آبر ۾ سج ٿو ڇپي جڻ پرده ۾ صاحب ڪمال.
بدر دل ڪاڍي ٿو پهنجي تا ٿئي هنجو رڪاب،
پاءِ بوسي جو دماغ انجي ۾ آ پخته خيال.
گر هجي حاتم ها اڄ نام سخا هنجو ٻڌي،
ٿي گداگر در تي آئي ها بلاشڪ ڪو سوال.
هنجو صاحبزاده جو فيض محمد آه مير،
ٿيو ولي عهد رياست هي اميد افزا نهال.
هي مبارڪ باد ۾ مجلس ٿي آهي منعقد،
جو صداقت نذر ڪن ٿا تنهن تان صدقو جان و مال.

۴- دعا:—

صد مبارڪ صد مبارڪ صاحب. عزّ و حشم،
بخت تهنجو عمر جان وڌندو رهي شل سال سال.
تهنجي عزت جو ستارو اوج جي افلاڪ تي،
چمڪندو دائم رهي، جنهنکي نه ٿئي ڪنهن پر زوال،
تهنجي در گردن بلندن جي جهڪيل هردم هجي،
۽ نميل عالم هجي تهنجي اڳيان مثل. هلال.
چرخ خدمت تهنجي ۾ دائم هجي بسته ڪمر،
جو ڦري تهنجي حفاظت ۾ رکي تهنجي سنڀال.
بخت توسان هم رڪاب اقبال توسان هم رفيق،
تهنجي ٻانهي زر هجي نوڪر هجي پڻ تهنجو مال.
عمر خضري توکي بخشي حق رهين تون شاد مان،
شل هجين دائم سلامت آه جيسين ماه و سال.
شان تهنجو دوست جي دل ۾ خوشيءَ وانگر رهي،
۽ وهي دل ۾ حسودن جي ڪٽاري جي مثال.
تهنجي گهوڙن جي سنبن هيٺان هجي دشمن جو سر،
مثل خاڪ ره گذر ٿيندو رهي نت پائمال.
تو سان راضي آه محبوب خدا ۽ خود خدا.
تهنجو حامي آ علي المرتضيٰ ۽ ان جي آل،
جئن تو بخشي روشنائي ماه کي مهر مبين،
تهنجي نظر فيض ڪان ناقص کي ٿئن پهچي ڪمال.
گلستان مملڪت جي تون آهين رونق ۽ زيب،
شل وڌين شاخون ڪيئين ساڻو هجين اي نونهال.
شل رهين منجهه حفظ هن حافظ حقيقي جي سدا،
واءُ ڪوسو پڻ لڳي ٻاهچي ٻه تهنجي کي نه شال.
شيخ قادر صاحب علم و فضيلت آ وزير،

آه جو حڪمت ۾ درشن ۾ ارسطوءَ جي مثال،
خير خواهه مير آ ۽ دوست آهي ملڪ جو،
جنهنکي اصلاح رياست جو گهڻو آهي خيال.
ايءَ - اي کهڙو ٻيو آهي صادقان مير سان،
تو رهي تعظيم ۽ تڪريم ۾ جنهن شڪل دال.
تو ڪري پورو قصيدو هي دعائن سان "فقير"،
حرمت آل عبا پورو ڪندو شل رب سوال.

# مرثيو

"مرثيي" جي صنف قصيدي سان تعلق رکي ٿي، فرق رکيو اهو آهي تہ قصيدي ۾ زنده انسانن جي تعريف ڪئي ويندي آهي، پر مرثيي ۾ ڪنهن عزيز يا دوست، امير يا حاڪم جي وفات جو واقعو ڏکہ ڀريل لفظن ۾ بيان ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ سندس وصفن ۽ ڪردارن جو اهڙو تہ نقش چٽيو ويندو آهي، جو پڙهندڙن جون دليون پڃي نرم ٿيو پون ۽ سندن زبانن مان ازخود ٿي درد ڀريا آواز آڏيو ڪڍي ٻاهر نڪرندا آهن. عام طرح مرثيو اهو آهي، جنهن ۾ حضرت امام حسين عليه‌السلام ۽ سندن ساٿين جي شهادت جو احوال ۽ ڪربلا جو دردناڪ واقعو، ڏک ڀريل لفظن ۾ بيان ڪيل هجي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون مرثيا گو شاعر سيد ثابت علي شاهه ٿي گذريو آهي، جنهن جا مرثيا سيني خصوصيتن سان مالا مال آهن. ان کان پوءِ ڪيترن ئي سنڌي شاعرن مرثيا چيا آهن ۽ اڄ بہ چوندا رهن ٿا.

هت پنهنجو جوڙيل مرثيو نموني طور پيش ڪيان ٿو:—

## مرثيو

اي دلاور، دادلا، دلدار، دلبر يا حسين!
لاڏلا خيرالبشر جا، روح پرور يا حسين!

اي عليءَ جا دلربا ۽ فاطمه جا نُور عين،
قوم مسلم جي مٺا ۽ نور انور يا حسين!

دين حق جا پيشوا، تون اي امام اِبن امام،
پاڪ سيد آهه تنهنجي، ذات اطهر يا حسين!

ڪوفين توکي گهرائي، پاڻ وٺ مهمان طور،
تي هلايا زور زبرا، تير، خنجر يا حسين!

مومن آءُ ڪيترا دشمن ڪيا دوزخ رسيد،
ويا فدا تي پاڻ پيءُ، الله اڪبر يا حسين!

باغين بازو ڪٽي، عباس کي ڪيڙو شهيد،
جنهن ڪٽي هٿ مشق پاڻيءَ جي تهِ ڪسريا حسين!

ڪٽ بچو تن ڪان علي اڪبر به سهٽو نوجوان،
هو به هو ۽ هم نوا، سردار سرور يا حسين!

آءُ علي اصغر پياسي کي لڳو اهڙو تہ تير،
گود تنهنجي ۾ ڏنائين ساهه دلبر يا حسين!

گهوٽ قاسم پيي لٿو، ميدان ۾ ڦيري ترار،
تي شهادت ان جي ڪان، ڪربلا ۾ ترتر يا حسين!

پاڪ تن جنهن تي نبيءَ، بوسا ڏنا تي بار بار،
تنهن مٿان ظالم وسايا، تير هر هر يا حسين!

دشمنن تي تير آڇليا، ۽ پڙهي ٿي تو نماز،
واهه! هو تنهنجي عبادت جو تہ منظر يا حسين!

سر قلم تنهنجو ٿيو، سجدي اندر شمشير سان،
ويو مچي سنسار ۾، ماتم تہ اِن پر يا حسين!

سوت جهڙيءَ ساڪ ۾ آواز آهي روشني،
ڪو نه ڳالهائي ته ديوارن سان ڳالهايون ڪٿي.
خون جيئرو جاڳندو پٿر تي چمڪي ڪيئن ٿو،
سامهون ديوار آهي، سر کي ٽڪرايون ڪٿي.
پاڻ ڪان ڪوزي ۾ دريا، بند ٿيندو ڪو نه ڪو.
هاڻ ڪوزي کي ٿي ٿا دريا ۾ اڇلايون ڪٿي.
(امداد حسيني).

## قطعو

**"قطعو"** عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "ڪپيل يا وڍيل ٽڪرو". اصطلاحي معنيٰ موجب، اهو نظم جو ٽڪرو جو چئن هموزن مصرعن يا ٻن شعرن تي مشتمل هوندو آهي ۽ منجهس هر ٻيو نمبر مصرع قافيي واري ٿيندي آهي.

قطعي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه شعر يا انهيءَ کان وڌيڪ شعر به اچي سگهجن ٿا. هن ۾ ڪڏهن غزل وانگر پهريون شعر يعني "مطلع" به ايندو آهي، جنهن جي ٻنهي مصرعن ۾ قافيو ۽ رديف هوندو آهي ۽ اُن سان باقي شعرن جي هر ٻيو نمبر مصرع قافيه دار يا ساڳئي رديف ۾ ايندي آهي. قطعي ۾ قافيي سان گڏ رديف ملائڻ يا رکڻو قافيو آڻڻ، شاعر جي مرضيءَ تي ڇڏيل هوندو آهي. هن ۾ ڪنهن مقرر بحر يا وزن جو قيد آهي ٿي ڪو نه، جنهن ڪري ڪنهن به بحر يا وزن تي چئي سگهجي ٿو.

قطعي ۾ اڪثر هڪ مضمون يا هڪ خيال مسلسل پيش ڪيو ويندو آهي. هن ۾ گهڻو ڪري عشق ۽ محبت جا راز ۽ ڪڏهن اخلاقي نڪتا به سمجهايا ويندا آهن.

هت مختلف شاعرن جا ڪجهه قطعا مثال طور ڏجن ٿا:-

(١)

فائدي پنهنجي لئي هر ڪو دوست آهه،
ڪم لٿو بس پو ڏکن وسريو وڃي.
ٿو هزارن ۾ ليي ڪو با وفا،
جو ڏکن ۽ مشڪلان ۾ ڪم اچي.
(ميان غلام سرور "فقير".)

(٢)

محبت ۾ ستم سهڻا پون ٿا،
پيالا زهر جا پيڻا پون ٿا.
وفا ۾ ساهه سر ڏي ناهه ڏسبو،
هتي هر شئي تان هٿ ڌوئڻا پون ٿا.
("مشتاق" سچاروي)

(٣)

نازنين جو ڦهڪو ئي ڳالهه،
چوڙين جو ڇڻڪو ئي ڳالهه.
محفل ۾ کلندي ئي کلندي،
دلبر جو دڙڪو ئي ڳالهه.
("پروانو" ٽتي)

(٤)

دل جي دنيا ۾ ڪا عجب آهي،
بس هلي پئي حسين اشارن تي.
سادگي آ فريب سهڻن جي،
پروسو ڪر نه حسن وارن تي.
ڪنهن ڪسي مرڪ گل جي چپڙن تان؟
ڪهڙي آفت ڪري بهارن تي؟

ٻڪ اڪريءَ جي ڪين ٿي ٻُڌجي،
کهڙا گهوڙا چڙهيا سوارن ني؟

("نديم" انصاري)

(۵)

پهچائيندو کهڙي پار،
ماڻهوءَ کي مايا جو موهه؟
ڪيسين رهندو راڄ - ڏٺي،
راڄا جو راڄن سان ڊوهه؟

("ذوالفقار" راشدي)

(٦)

دشمن جون پٽي ڇڏيو پاڙون،
دوستن سان دل کي هيرايو،
پاڻ مڙئي جهڪي جهڪي مليو،
غير جو سر ڪڄي نه ڪيرايو.

(ڊاڪٽر "بيخود" حسيني)

## مثنوي

"مثنوي" لفظ جو تعلق "مثني" سان آهي، جو عربي لفظ "تثنيه" مان نڪتو آهي، جنهن جي لفظي معني آهي "ٻه يا جوڙو." اصطلاحي معني موجب "مثنوي" اهو شعر آهي، جنهن جو هر هڪ بند ٻن مصرعن تي مشتمل هوندو آهي ۽ اهي ٻئي مصرعون پاڻ ۾ هم وزن ۽ هم قافيه ٿينديون آهن. هن صنف ۾ ڏوهيڙي وانگر قافيو ٻنهي مصرعن جي آخر ۾ ايندو آهي. ڪنهن ڪنهن مثنوي ۾ رديف به استعمال ڪيو ويندو آهي.

مثنوي ۾ مختلف هم وزن بند هڪ ٻئي سان ملائي رکيا ويندا آهن، هن ۾ بندن جو انداز مقرر نہ هوندو آهي، منجهس ٿوري ۾ ٿورا ڪيترا ٻہ بند ۽ گهٽ ۾ گهٽ هزار کان مٿي بند آڻي سگهجن ٿا، جن ۾ ڪا ڳالهہ يا ڪو واقعو مسلسل طور بيان ڪيو ويندو آهي.

مثنوي جا سڀ بند قصيدي ۽ غزل وانگر ساڳئي قافيي جا پابند نہ هوندا آهن. هن ۾ هر هڪ بند جدا جدا قافيي سان ايندو آهي؛ يعني هر هڪ بند جون ٻئي مصرعون پاڻ ۾ هم قافيہ ٿينديون آهن ۽ اهڙي نموني سان مثنوي ۾ جو هڪڙو بند ٻئي بند سان قافيي ۾ ڪا بہ موافقت يا هڪ جهڙائي نہ ڏيکاريندو آهي. اهائي خاصيت آهي جو مثنوي ٻين صنفن کان وسيع ۽ نرالي ٿيندي آهي.

مثنوي جوڙڻ لاءِ اصل ۾ ست بحر مقرر ٿيل آهن. اُهي هي آهن:

۱- بحر متقارب مثمن مقصور يا محذوف:-

وزن:- فعولن فعولن فعولن فعول ( مقصور ).

فعولن فعولن فعولن فعل (محذوف).

۲- بحر هزج مسدس مقصور يا محذوف:-

وزن:- مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل ( مقصور ).

مفاعيلن مفاعيلن فعولن (محذوف).

۳- بحر هزج مسدس اخرب مقبوض مقصور يا محذوف:-

وزن:- مفعول مفاعلن مفاعيل ( مقصور ).

مفعول مفاعلن فعولن (محذوف).

۴- بحر رمل مسدس مقصور يا محذوف:-

وزن:- فاعلاتن فاعلاتن فاعلات ( مقصور ).

فاعلاتن فاعلاتن فاعلن (محذوف).

۵- بحر رمل مسدس مخبون مقصور يا محذوف:-

سنگت بد سندو آهه بچڙو ٿي ڦل،
رهج تون انهيءَ کان سدائين چٽل.
سنگت آهه بچڙيءَ کي هر هنڌ ڌڪار،
رهي تو ڪسنگي خراب ۽ خوار.

(محمد صديق "مسافر")

# رباعي

"رباعي" عربي ٻوليءَ جي لفظ "ربع" مان نڪتل آهي، جنهن جي لفظي معني آهي "چار". اهڙي طرح سان رباعيءَ جي لفظي معني ٿيندي "چار حصا يا چار جزا". اصطلاح موجب، رباعي اهو چئن هموزن مصرعن وارو شعر آهي، جنهن جي پهريون، ٻي ۽ چوٿين مصرع هڪ ٻئي سان هم قافيه ۽ ساڳي رديف ۾ ايندڙيون آهن؛ باقي ٽين مصرع قافيي ۽ رديف کان بلڪل آزاد هوندي آهي. هن کي "دو بيتي"، "چار مصرعي" يا "ترانه" به چئبو آهي.

رباعيءَ جو خاص "بحر هزج" آهي، جنهن جي ڪن وزنن تي هيءَ صنف جوڙي ويندي آهي. انهيءَ کانسواءِ ٻئي ڪنهن به بحر ۾ رباعي ڏاهي نه ٿي سگهجي. اهوئي سبب آهي جو هيءَ هڪ مشڪل صنف ليکي وڃي ٿي، جنهن تي ڪي ٿورا شاعر طبع آزمائي ڪندا رهيا آهن.

بحر هزج مان ٻه ٻيا بحر نڪتل آهن، جن جي ۲۴ وزنن تي رباعيءَ جي صنف تيار ڪئي ويندي آهي. هت اهي سڀ وزن ڏجن ٿا:—

بحر هزج مثمن اخرب مان جوڙيل :—

وزن: — مفعول مفاعلن مفاعيل فعول.
۲— مفعول مفاعلن مفاعيلن فاع.
۳— مفعول مفاعلن مفاعيل فعل.
۴— مفعول مفاعلن مفاعيلن فع.
۵— مفعول مفاعيل مفاعيل فعول.
۶— مفعول مفاعيل مفاعيلن فاع.
۷— مفعول مفاعيل مفاعيل فعل.
۸— مفعول مفاعيل مفاعيلن فع.
۹— مفعول مفاعيلن مفعول فعول.
۱۰— مفعول مفاعيلن مفعولن فاع.
۱۱— مفعول مفاعيلن مفعول فعل.
۱۲— مفعول مفاعيلن مفعولن فع.

بحر هزج مثمن اخرم مان جوڙيل:—

۱— مفعولن فاعلن مفاعيل فعول.
۲— مفعولن فاعلن مفاعيلن فاع.
۳— مفعولن فاعلن مفاعيل فعل.
۴— مفعولن فاعلن مفاعيلن فع.
۵— مفعولن مفعول مفاعيل فعول.
۶— مفعولن مفعول مفاعيلن فاع.
۷— مفعولن مفعول مفاعيل فعل.
۸— مفعولن مفعول مفاعيلن فع.
۹— مفعولن مفعولن مفعول فعول.
۱۰— مفعولن مفعولن مفعولن فاع.
۱۱— مفعولن مفعولن مفعول فعل.
۱۲— مفعولن مفعولن مفعولن فع.

مضمون جي لحاظ کان رباعي هڪ مڪمل ۽ جدا حيثيت

وڇجاڻ ۽ "مسافر" تون تڪبر وڃجهو،
ڪو چاڻي سوا سمر، ته تون سير رهج.

ڪڏهن ته شاعر هڪ ڪان وڌيڪ رباعيون هڪ ئي سلسلي، هڪ ڏنهو نظم لکيندا آهن. اهڙو مثال نظر "ٻنهي" جو هت هونئي طور ڏجي ٿو، جنهن ۾ لي رباعيون شامل ٿيل آهن

نظم

مرڪ هر محلات جي تنهنجي مٿان گهوري چڙيان،
وس پڇي سنهنجو ته توکي سون ۾ توري چڙيان.
دم قدم تنهنجي سان دنيا ٿي رهي هيءَ دائما،
چونه تنهنجي نام کي مان ساهه ڏي سوري چڙيان.
رائگان ويندئون نه اي مزدورا تنهنجون محنتون،
تو ٿي دنيا ۾ ته آنديون لذتون ۽ فرحتون.
تنهنجي باعث ٿا اميرن جا اگهه آجرا رهن،
تو بنا جيڪر زماني تي هجن ها زحمتون.
خون تنهنجي مان اسان کي روشنائي ٿي ملي،
سچ ٻڌين تنهنجي بدولت رهنمائي ٿي ملي،
پاڪ سان پرور دنيا ۾ آهي تنهنجو وجود،
ذات تنهنجي کان زماني کي ڀلائي ٿي ملي.

## مستزاد

"مستزاد" عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معني آهي "وڌايل". اصطلاحي معني موجب، اهو شعر جنهن ۾ هر هڪ مصرع کان پوءِ يا تي موزون الفاظ قافيي وارا وڌائي پيش ڪيل هجن ۽ اهو وڌايل ٽڪرو ان شامل مصرع سان همقافيه هجي. البت وڌايل ٽڪرو قافيي کان بغير به آڻي سگهجي

پري ڪان وچي پيٺون پرين اڪيون،
جهڪي وئي جبين سنگ در ڪان اڳي.
لڙڪ وهنجارين لاشو عشق جو،
سرنگون شل حسن جو پرچم هجي.
ڪيم دربان کي سجدو ديد خاطر،
ٿيس مشرڪ فقط هڪ مدعا پر.
اکيون ٿيون فروزان شب انتظار،
ودو خون دل تيل بلجي پري.
حضور، يار آخر جان بہ لب پهتس،
وڏي درجي وچي ادني نسب پهتس.
پڇين ٿو وحشت دل جا اگر شاهد،
تہ هي منهنجي جبين، هو سنگ در شاهد.

## مسمط

”مسمط“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن جي لغوي معني آهي، ” موتي ڌاڳي ۾ پوئڻ “. اصطلاحي معني موجب هڪ مصرع تي ڪجهہ جيترين پيون مصرعون ساڳئي وزن ۽ ساڳئي قافيي واريون گڏ آڻجن، پوءِ جيڪڏهن هڪ وقت ٽي مصرعون گڏ اچن تہ اُن کي ” مثلث “ چئبو ۽ جي چار مصرعون هجن تہ ان کي ” مربع “ چئبو. اهڙيءَ طرح پنج مصرعون هونديون تہ ان کي”مخمس“چئبو؛ ڇهن مصرعن واري شعر کي ”مسدس“، ستن مصرعن واري شعر کي ”مسبع“،اٺن مصرعن واري شعر کي ”مثمن“، نون مصرعن واري شعر کي ”متسع“ ۽ ڏهن مصرعن واري شعر کي ”معشر“ چئبو آهي.
هت شعر جا آهي آٺ ئي قسم مثالن سميت پيش ڪجن ٿا :-

# مثلث

"مثلث" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "ٽن مصرعن وارو شعر". يعني اهو نظم، جنهن جو هرهڪ بند ٽن مصرعن تي مشتمل هوندو آهي ۽ اهي مصرعون پاڻ ۾ هم وزن هونديون آهن. اهڙيءَ طرح مثلث جا سڀ بند ساڳئي وزن ۾ ايندا آهن، جن مان اڪثر پهريون بند سڄوئي هم قافيه هوندو آهي ۽ باقي بندن مان هر هڪ بند جون پهريون ٻه مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه ٿينديون آهن ۽ ٽين مصرع جو قافيو وري پهرئين بند جي قافيي جهڙو هوندوآهي. ڪي نظم اهڙا به ملن ٿا، جن ۾ مثلث جي هر هڪ بند جون ٽئي مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه رکيون ويون آهن. هت مثلث جا ڪجهه نمونا پيش ڪجن ٿا:—

نظم

عشق جو ڪافر بڻي اسلام ڪامل ٿو ڪريان،
دين حق ثابت دوئي جو دين باطل ٿو ڪريان،
سڀ ثوابن ۽ گناهن کان اڇي دل ٿو ڪريان.

عبديت ۽ احديت جي سِر جو سرور بڻي
ويد ۽ قرآن جي اسرار جو مظهر بڻي،
مسجد و مندر اندر غافل کي عاقل ٿو ڪريان.

(نجفي)

٢

ڪنهن کي ساندهه ننڊ وٺي؟ ڪنهن وسائي ننڊ وڃي؟
ڪير نه چاهيندو ڪرڻ موڙ؟ ڪير نه آڻندو منڊ پڇي؟
ڪنهن جو من اڄ ناهه سجاڳ؟ ڪنهن جي آهي سوچ سچي؟

لیکن ٻهريان نڪري ڪو نيٺي ٻيهي نينهن - نماز،
اڳ، ۾ ڪو محدود هجي ايندا ٻانان ٻاڻ اياز،
آيري اول ڪوئي ڪوت، سر ملائيندا سو ساز،
وستيءَ وستيءَ ۾ واڄٽ، واهڻ واهڻ ڪوئي وڄهي،
هڪڙوئي آواز هجي، ليڪن گهر گهر منجهه ٻجهي،
ٻوه ٻه ٻلتي رهندو ڪو؟ مونکي ڪوئي ڪين سجهي.
سيڪو سورهه ۽ سرويچ، گهر گهر هڪ گرناري ڪوٽ،
سيڪو راهه ڏياچ هتي، هر ڪو سر گهوريندڙ گهوٽ،
ڪوئي ٻيجل دان گهري، ڪوٻه چوندس: ”پلتي موٽ.“
(”ذوالفقار“ راشدي)

## مـربـع

”مربع“ عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، ”چئن مصرعن وارو شعر“. اصطلاحي معنيٰ موجب، مربع اهو نظم آهي، جنهن جي هر هڪ بند ۾ چار هم وزن مصرعون هونديون آهن. هن جو پهريون بند اڪثر سڄوئي هم قافيه ٿيندو آهي ۽ باقي هر هڪ بند جون پهريون ٽي مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه هوندون آهن، پر چوٿين مصرع جو قافيو وري پهرئين بند جي قافيي سان موافق ٿيندو آهي.

مربع ۾ هر ڪنهن قسم جو مضمون آڻي سگهجي ٿو. هت بلاول ”پرديسي“ جو مربع تي جوڙيل نظم مثال طور ڏجي ٿو:-

نظم

ملڪن جو معمار سڏايان،
ڪوٽ جهات جا ڪيرايان،
سچ جا ڪاڪ محل نهرايان،
پيار پريا پيغـام مٺايان!

منهنجي خون سان سبز هي گلشن،
منهنجي سرڪ سان مڪڙيون مرڪن،
منهنجي ٻول تي گل ڦل جهومن،
رڻ پٽ کي گلزار بڻايان!
علم ادب سان ناتو منهنجو،
قوم جي خدمت شيوو منهنجو،
سڀ کان افضل پيشو منهنجو،
محنت سان تو مان وڏايان!
راهه سان گردو غبار هٽائي،
بي علميءَ جا بند ٽٽائي،
جڳ ۾ گيان جي جوت جلائي،
پانڌيڙن کي پار پڄايان!
مور جي چال کي ڪانگ ڇا ڄاڻن؟
سون جي ساک، سڃا ڇا سمجهن؟
پارس کي انڌا نه پروڙن،
پنهنجي منزل پاڻ بڻايان!

(بلاول ”پرديسي“)

## مخمس

”مخمس“ عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ”پنجن مصرعن وارو شعر.“ اصطلاحي معنيٰ موجب، مخمس اهو نظم آهي، جنهن جي هر هڪ بند ۾ پنج هم وزن مصرعون هونديون آهن ۽ هن جو پهريون بند اڪثر سڄوئي هم قافيه ٿيندو آهي ۽ باقي هر هڪ بند جون پهريون چار مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن، پر پنجين مصرع جو

قافيو وري ٻهرئين بند جي قافيي جهڙو ٿيندو آهي.

موجوده دؤر ۾ شاعرن مخمس تي اڪثر جوڙيل نظم جا سڀئي بند جوڙجڪ ۾ هڪ جهڙا ٻيهاريا آهن؛ يعني ٻهرئين بند کان وٺي آخر تائين هرهڪ بند جون ٻهريون چار مصرعون هڪ ٻئي سان هم قافيہ رکيون آهن ۽ باقي پنجين مصرع انهن چئني مصرعن کان مختلف قافيي ۾ آندي آهي ۽ ساڳئي وقت اها پهرئين بند جي پنجين مصرع سان پڻ هم قافيہ رکي وئي آهي.

مخمس ۾ اڪثر قومي ۽ اخلاقي مضمون پيش ڪيا ويندا آهن. پر اڄ ڪلهہ عشق ۽ محبت جا مضمون پڻ منجهس آندا وڃن ٿا. هت ”نظامي“ جي چيل نظم مان پهريان ٻہ بند ۽ حافظ ”احسن“ چنا جو هڪ نظم نموني طور پيش ڪجن ٿا:-

خدا جي راهہ ۾ جيڪو ڪري خدمت فنا ٿيندو،
يقين تنهن کي هميشهہ لئي عطا آب بقا ٿيندو،
حباب زندگيءَ تي هي ڪندو جي ناز ڇا ٿيندو،
اهو جوبن جوانيءَ جو نشو آخر هوا ٿيندو،
نہ لقمان جي اتي هلندي جتي حڪم قضا ٿيندو.
تجمل شان ۽ شوڪت سڄو گلزار ٻيئي سان،
مڙئي ماڏ سڀئي ساٿي اٿئي اغيار ٻيئي سان،
سڳو پيءُ ماءُ ٻيئي سان سڄو سنسار ٻيئي سان،
زمانو آهي مطلب جو عزيز ۽ يار ٻيئي سان،
مصيبت تنگدستيءَ ۾ نہ اوڏو آشنا ٿيندو.

(نظامي)

٢

## اڄوڪو زمانو

زماني جو اهڙو وريو آهه واءُ،
جو پٽ پيءُ جو دشمن ۽ ويري ٿيو ياءُ؛
مٽن مائٽن ۾ نڪو لاءُ ساءُ،
محبت جي مَن مان بچيو ڪونهِ پاءُ؛
ڇڏيو قرب اڄ آهه قربائتن!

اصيلن جي عزت گهٽي آبرو،
ڪميڻا هيئر جا بجا سرخرو؛
صداقت جي ڪنهن ۾ رهي ڪانهِ بُو،
دغا ڪوڙ جي اڄ هلي گفتگو؛
وڃائي ڇڏيو شان شانائتن!

گهٽيو قرب، ڪلفت وڌي ٿي ڪثر،
زمانو محبت جو ويو ٿي گذر،
چڱي جي چوڻ جو گهٽيو اڄ اثر،
ريا ماڻهو مٽجي سمورا مڪر؛
مروت مٽي ڪين مانائتن!

هئا يار جيڪي سي اغيار ٿيا،
جتي گل هئا اڄ اُتي خار ٿيا،
پراوا ڇڏيا، پنهنجا به بيزار ٿيا،
ڦري صلح مان جنگ تڪرار ٿيا؛
ڇڏي آهه حجت به حجائتن!

پيو انقلاب آهه اڄ جا بجا،
رهيو ڪو نه هاڻي سچو آشنا؛
نه همدرد، غمخوار ڪو با وفا،
وڙهن پاڻ ۾ اڄ ته پائر سڳا،

ميارون نہ اج ياڻرن مائيتن!
لڏي لوڪ مان ويا ڪلئي قربدار،
غمزم رهيو ڪونہ ڪو غمگسار،
سي دشمن ٿيا، جي هئا يار غار،
ڪندو لطف "احسن" تہ پروردگار،
اهو آسرو آهم آسائتن!

(حافظ "احسن" چنا)

# مسدس

"مسدس" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "ڇهن مصرعن وارو شعر". اصطلاحي معنيٰ موجب، مسدس اهو نظم آهي، جنهن جي هر هڪ بند ۾ ڇهہ هم وزن مصرعون هونديون آهن، جن مان عام طرح پهريون چار مصرعون پاڻ ۾ هم قافيہ ٿينديون آهن ۽ باقي ٻہ مصرعون (پنجين ۽ ڇهين) مٿين چئني مصرعن کان مختلف قافيي واريون هونديون آهن، پر اهي ٻئي پاڻ ۾ هم قافيہ ٿينديون آهن. هن ۾ هر بند جي آخري ٻن مصرعن جو، ٻئين بند جي آخري ٻن مصرعن سان هم قافيہ هجڻ لازمي نہ آهي.

مسدس ۾ اڪثر اخلاقي يا قومي مضمون پيش ڪيا ويندا آهن، پر موجوده دؤر ۾ شاعر منجهس عشق ۽ محبت جون آڪاڻيون بہ آڻين ٿا. هت ميان غلام سرور قادري "فقير" جي مسدس تي جوڙيل هڪ نظم مان، ڪجهہ بند مثال طور ڏجن ٿا:-

# حال زندگي

١

ٻڌايو اي بشر، آدم ٿيو ڇا لئي آهي پيدا،
شرف ور ڪل خلائق ۾ ڪيو ڇو تنهن کي حق تعاليٰ،
تفاوت اُنس ۽ حيوان ۾ قدرت ڪيو ڇو ڇا،
رکن ٿا ساهه، خر، ڏاڙهي ٻڪر، ٻولن ته طوطا؛
ذرو ڪجهه چئو ته آدم جي آهي صفت و ثنا ڪهڙي؟
آهي انسان ڇا ۽ آدميت آهه بلا ڪهڙي؟

٢

نه عشرت لئي مگر نيڪي ڪرڻ لئي آيو هت انسان؛
ٻين جي دستگيري سبب سڀ کان ٿيو ذيشان،
چڱي اخلاق همدردي رکي ٻئي تي ڪرڻ احسان،
اهو آهي فرق ٻارو فقط منجهه اُنس ۽ حيوان؛
آهي اولاد آدم عضوا هڪ ٻئي جا ۽ سڀ يائر،
جو پيدائش ۾ ساڳيو جوهر آهي نا چون ماهر.

٣

خضر ٻڻجي ڪڏهن گمره جي ٿؤ تو رهنمائي ڪئي،
کهين جي خيال جي ناخن سان تو عقده ڪشائي ڪئي،
ڪڏهن مظلوم جي مشڪل ۾ تو حاجت روائي ڪئي،
کهين افتاده سان تو مهرباني ۽ ڀلائي ڪئي؛
ڪڏهن ڪجهه ڪم جي آئين وقت ڪنهن آفت رسيدي جي،
سبق سان ڪو وچائي وقت ڪنهن دامن دريدي جي.

٤

اهي گنج ۽ خزانا پاڪب، نيهه ڪينڪي ٿيندا،
هي مڏيون مال ۽ اسباب ڪجهه ڪم ڪين ڪي ايندا،
پڇاڻا موت بنگلا باغ، ڪارج ڪين ڪي ڏيندا،

جي آخري مصرع ساڳئي قافيي ۾ اچي ٿي.

شاعريءَ جي هن صنف ۾ هر قسم جو موضوع پيش ڪري سگهجي ٿو. هت اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا، جن ۾ ”بسمل“ لکڙائيءَ جي هڪ نظم جا ۾ بند ۽ سردار علي شاهه ”ذاڪر“ جو هڪ نظم شامل آهن:—

١

مات موچاري مزن ڪان زار خائي جي عوض،
نيڪ نوڙت کي سڃاڻو ڪبريائي جي عوض،
عجز ۽ اخلاص کي وٺ خود نمائي جي عوض،
پاپ جو پندار ڇڏ تون پارسائي جي عوض،
ڪر ڀرائيءَ کي ڦٽو بابا ڀلائيءَ جي عوض،
دشمني دل ۾ نه آڻج آشنائي جي عوض،
چال پنهنجي ڪر چڱي هر هڪ برائي جي عوض.
مرتبي سارو سڀن جي عز و عظمت کي سڃاڻ،
حق بجا ڪر ماڻهپو جو تن جي خدمت کي سڃاڻ،
آدميت آهه اي شرط اخوت کي سڃاڻ،
وٺ طرف مظلوم جو تنهنجي حمايت کي سڃاڻ،
علم ۽ اخلاق سک، آن جي فضيلت کي سڃاڻ،
وٺ سعادت جو سبق پنهنجي شرافت کي سڃاڻ،
قلب ڪارو ڪم ڪر دل جي صفائي جي عوض.

(”بسمل“ لکڙائي)

٢

اي لال ڪنوار پڀوري!

تون سانوڻ رت جي راڻي،
رم جهم جي راڄ ڌياڻي،
تون آپ ڏي واهه آڏاڻي،

تنهنجي پيرن هيٺان پاڻي،
تنهنجو انگ انگ هڪ آڪاڻي،
جڻ سيتارام ڪهاڻي؛
تنهنجي ڪنين ۾ ڪستوري!
پر اڄ ٿي ناز نماڻي،
تنهنجي حالت حيرت هاڻي،
تون ڪهڙي سور ستاڻي،
جهر جهنگ ڦرين جوڳياڻي،
تنهنجي سڄ ۾ اٿين ماندائي،
جيئن جهڻ ڪي جهڳي جهانگياڻي؛
تنهنجي هر ڪا آس آڌوري!
ڪجهه ٻول چڏي ٻاراڻي،
ڏي وينگس ڪا ڏ وراڻي،
ڇا يار ڇني ياراڻي،
يا ور لئي تون ويڳاڻي،
يا تنهنجي ٺهڪر نياڻي،
وڃي رب جي پار رساڻي؛
يا سورهين ٻي مجبوري؟
مان سمجهان ٿو نه سياڻي،
تون تند تڪبر تاڻي،
تنهنجي روپ ڪانءِ آهه رنجاڻي،
ڪا دلڙي دردن هاڻي،
وڃي عرش تي آهه اگهاڻي،
ٻر سرور ٿيندءِ ساڻي،
تنهنجي سيتيندو معذوري!

(سردار علي شاهه "ذاڪر")

# مثمن

"مثمن" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "اٺن مصرعن وارو شعر". اصطلاحي معنيٰ موجب، مثمن اهو نظم آهي، جنهن جو هر هڪ بند اٺن مصرعن تي مشتمل هجي ۽ اهي مصرعون پاڻ ۾ هموزن ٿين.

مثمن جو پهريون بند اڪثر سڄوئي هم قافيه هوندو آهي ۽ باقي هر هڪ بند جون پهريون ست مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه ٿينديون آهن، پر اٺين مصرع وري پهرئين بند سان ساڳئي قافيي ۾ ايندي آهي.

اڄڪلهه مثمن تي جيڪي نظم ملن ٿا، تن ۾ شروع کان ئي سڀني بندن جي جوڙجڪ هڪ جهڙي نظر اچي ٿي؛ يعني هر هڪ بند جون پهريون ڇهه مصرعون هم قافيه ٿين ٿيون ۽ پويون ٻه مصرعون مٿين ڇهن مصرعن کان قافيي ۾ مختلف پر پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن ۽ ساڳئي وقت هر بند جون پويون ٻئي مصرعون پهرئين بند جي پوين ٻن (ستين ۽ اٺين) مصرعن سان ساڳئي قافيي ۾ اينديون آهن.

مثمن ۾ هرڪنهن قسم جو مضمون پيش ڪيو ويندو آهي. هت "اهڙا ٻه نمونا "بسمل" لڪڙائي ۽ عبدالفتاح "عبد" عاقليءَ جا پيش ڪجن ٿا:—

۱

مهه لقا آيو اڱڻ منهنجي ۾ مهمان بڻجي،
تابش حسن سان خورشيد درخشان بڻجي،
ويٺو آغوش ۾ هر درد جو درمان بڻجي،
پنهنجي بيمار جي لئي عيسيٰءَ دوران بڻجي،

مست اکين کي کئين ناز مان نگران بڻجي،
شاد ڪيو دل کي سچ خوشدل خندان بڻجي،
منهن سان سرڪيو ٿي جڏهن شوق مان شادان بڻجي،
چڻ ڇٽي گل ٿي پيا زينت داماں بڻجي،
هو مگر منهنجو اهو جذب محنت جو اثر،
يا چوان پنهنجي وڙي خوبي قسمت جو اثر،
دل ڏنيم شاد مليو روح کي راحت جو اثر،
ڏک لٿا، درد ويا، غم فرقت جو اثر،
هن طراوت ۾ ٿيو محسوس مسرت جو اثر،
لڪتو زلفن مان جڏهن مشڪ جي نڪهت جو اثر،
ٿيو عيان عشق ۾، ۽ حسن ۾ الفت جو اثر،
ويا ملي هيڪ ٿي، چڻ جسم اندر جان بڻجي،
("بسمل" لکڙائي)

٢

## مسلمانن کي خطاب

ڇوٿو اي مسلم رهين مافات جي ارمان ۾،
آيه ـ "لاتقنطوا" پي ٿو پڙهين قرآن ۾،
"ليس الانسان الا ماسعي" فرقان ۾،
تون سچ سعي وعمل جي اڄ رکو ميدان ۾،
"انتم الا علون" جي آيت آ تنهنجي شان ۾،
شان شاهي ٿو رهي مخفي سنده ايمان ۾؛
جي سڏائن ٿو گهرين سومن اٿي ايمان عزيز،
مال زر سر ساهه کان رک يار پاڪستان عزيز.
تون شهنشاه جهان، تنهنجي زمين تنهنجو زمن،
تنهنجو چوڌولو زماني ۾ هيو تنهنجو سخن،
تو اميريءَ کي ڏيکايو هو فقيري پيرهن،

صاحب هر هڪ هنرتون، مالڪ هر علم فن،
في سبيل الله سپاهي تون جهان تنهنجو وطن،
تيغ در ڪف ۽ بدل سر سان هجو توکي ڪفن؛
تون خدا جو ۽ خدا تنهنجو، جهان تنهنجو هجو،
هي زمين و آسمان ڇا لا مڪان تنهنجو هجو.
ڇا ويو آ، جي وڃين هاڻي ڀ تون قرآن کي،
عشق ڪامل سوز پنهان ۾ لهين ايمان کي،
لهر گنگا جي تي ساري تو سندي نيشان کي،
نعره تڪبير آهي ياد هندستان کي،
گامزن راهِ عمل ۾ ٿي جي گهولين مان کي،
تنهنجو مستقبل رسي ماضيءَ جي اعليٰ شان کي؛
تنهنجو بازو اڄ وري بازوءِ حيدر ٿي پوي،
بخت تنهنجو "عبد" ۽ اقبال نوڪر ٿي پوي.

(عبدالفتاح "عبد" عاقلي)

# مسدس

"مسدس" عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڇهن مصرعن وارو شعر". هن نظم جي هر هڪ بند ۾ (٦) ڇهه هم وزن مصرعون ٿينديون آهن، جن مان پهريون اٺ مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه ٿين ٿيون ۽ باقي ڇاڻين مصرع قافيي ۾ مختلف هوندي آهي، جنهن سان باقي هر هڪ بند جي ڇاڻين مصرع هم قافيه هوندي آهي. ڪن شعرن ۾ ائين به ڏٺو ويو آهي ته پهرئين بند جون سيئي (ڇه) مصرعون هم قافيه هونديون آهن ۽ باقي بندن جي پوئين (يعني ڇائون نمبرمصرع) پهرئين بند جي آخري مصرع سان ساڳئي قافيي ۾ ايندي آهي.

هت متسع جا پنج بند مثال طور پيش ڪجن ٿا. هيءُ شعر منهنجي استاد مولوي نورالدين صاحب "نور" جو تازو جوڙيل آهي:—

صداقت کي سدائين يار سمجهو،
انهيءَ کي غم رُبا غمخوار سمجهو،
انهيءَ کي دلربا دلدار سمجهو،
انهيءَ کي نفس سان پيڪار سمجهو،
شڪ کي شيطان تي تلوار سمجهو،
انهي کي عطر ۽ مهڪار سمجهو،
انهي کي لطف جو گلزار سمجهو،
دل باطل ۾ ان کي خار سمجهو،
خدائي دين جو سينگار سمجهو.

رسائي اوج تي تعليم توکي،
پياري ڪوثر و تسنيم توکي،
بنائي لائق تعظيم توکي،
ڏئي تي تاج ۽ ڏنهيم توکي،
ملي ان جي ڪري زرسيم توکي،
ڪي بي خوف ۽ بي بيم توکي،
حوالي ٿي ڪري اقليم توکي،
خودي جو ٿي ڏئي آفيم توکي،
ڪري تعليم تي خوددار سمجهو.

فقط تعليم گوهر بي بها آ،
فقط تعليم ئي لطف و عطا آ،
فقط تعليم ئي آب بقا آ،
فقط تعليم ئي دک جي دوا آ،
فقط تعليم اميد و رجا آ،

فقط تعليم تقدير و قضا آ،
فقط تعليم رهبر رهنما آ،
انهي جي حڪم ۾ ارض و سما آ،
انهي کي قوم جو ڪردار سمجهو.
ڇڏيو ويچا وساري ڀار ٻئجو،
سکو ماکي کان وڏ منثار ٻئجو،
نہ ڪنهن جي لاءِ پي آزار ٻئجو،
پرين پيارا ٿيو ۽ پيار ٻئجو،
سراپا قرب ۽ ايثار ٻئجو،
دلين جي وکر جا وينجهار ٻئجو،
دلين جي ديس جا وڻجار ٻئجو،
پرين جي پير جي پيزار ٻئجو،
انهي کي سرمۂ آبصار سمجهو.
ڏکايل کي ڪريو مسرور جلدي،
امن سان ٿي وطن معمور جلدي،
ڪري ڏک، درد دل‌جو دور جلدي،
وطن ٿي ”نور“ رشڪ طور جلدي،
ٿئي ڪُٿتي ۽ غم ڪافور جلدي،
لهي نفرت‌جو دل تان سور جلدي،
محبت جو ٿئي دستور جلدي،
تخالف جو ڇُٽي ناسور جلدي،
دلين جو عام ٿئي واپار سمجهو.

## معشر

”معشر“ عربي لفظ آهي؛ جنهن جي معني آهي، ”ڏهن مصرعن وارو شعر“. معشر اهو نظم آهي؛ جنهن جي هر هڪ

بند ۾ ڏهه هم وزن مصرعون هونديون آهن، جن مان پهريون اٺ مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه ٿينديون آهن ۽ باقي ٻه مصرعون (يعني نائين ۽ ڏهين مصرع) هڪ ٻئي سان ساڳئي قافيي ۾، پر مٿين اٺن مصرعن کان مختلف ۽ نراليون هونديون آهن.

معشر جي نظم ۾ هر هڪ بند جي آخري ٻن هم قافيه مصرعن جو پهرئين بند سان يا ان جي آخري ٻن مصرعن سان ساڳئي قافيي ۾ هجڻ لازمي نه ٺهرايو ويو آهي.

معشر ۾ هر قسم جو مضمون آڻي سگهجي ٿو. هت نظم مان ڪجهه بند مثال طور ڏجن ٿا:-

١

## سنڌڙي! او جنڊڙي.

سنڌڙي! او جنڊڙي؛ تنهنجا سدا ويڙها وسن،
تنهنجا جهانگي؛ تنهنجا سانگي سپ سداسرها رهن،
تنهنجا مارو مال چارو شل رهن مست و مگن،
تنهنجي گاهن تي ڳئون، وڇڙيون ۽ مينهون ٿيون سڃن،
ڪير جون ساڙهيون سنگهارين ڪي سدائين ٿيون سنهن،
ٿيون پٽن تي پرهه جو وايون ولوڙڻ جون اچن،
ڏڌ، مکڻ ۾ روز ڏوٽي هيج مان هٿڙا هڻن،
بک ۾ يا ڏک ۾ جيڪو ملي، راضي رهن:
سادگي ۽ سونهن سچ ۽ صلح جي تون سر زمين،
ننگ ۽ ناموس وارا تنهنجا مورئون ٿيا مڪين.

لولڙي او سنڌ جيجل! تنهنجي لا فاني اٿئي،
ٻولڙي ٻاجهارڙي لا ريب لا فاني اٿئي،
تنهنجي 'سسئي'، ماروي' تو لاءِ ديواني اٿئي،
تنهنجو ڪو مهمان نوازيءَ ۾ نه ٻيو ثاني اٿئي،
تنهنجي هر مهمان لئه، تو وٽ مکڻ ماني اٿئي،

"بند" چئبو. اهڙي بند ۾ پهرئين بيت جون ٻئي مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن ۽ باقي هر هڪ بيت جي ٻيو نمبر مصرع، پهرئين بيت سان هم قافيه ٿيندي آهي ۽ آخري بيت (جنهن سان بند جڙي ٿو) جون ٻئي مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه ايندڙيون آهن، پر مٿين بيتن کان قافيي ۾ مختلف هونديون آهن، اهڙا ڪيترائي بند هڪ ٻئي پٺيان آئي، هڪ ڊگهو نظم جوڙيو ويندو آهي، پوءِ جيڪڏهن انهيءَ نظم ۾، پهرئين بند جو آخري بيت باقي هر هڪ بند جي پڇاڙيءَ ۾ ساڳيو وري موٽي اچي ته ان کي "ترجيع بند" ڪري چئبو. پر جيڪڏهن اهو خاص بيت هر هڪ بند جي آخر ۾ مختلف هوندو ته ان کي "ترڪيب بند" چئبو. هت ترجيع بند ۽ ترڪيب بند جا ٻه ٻه بند مثال طور پيش ڪجن ٿا:-

## ١ ترجيع بند

مثال:- "فاضل":-

الله جي اڳيان انتظاري ڪجي،
تياري طلب نات تاري ڪجي.
شب و روز درگاهه ۾ حق جي،
ڇڏي زور، اظهار زاري ڪجي.
ڪڍي غير غفلت ڪشي قلب سان،
سماچار سڀ سرت ساري ڪجي.
هم خلق سان هوئجي خوش خليق،
نه اغيار سان يار ياري ڪجي.
رکي فڪر "فاضل" پلي پيٽ ڏي،
هلي حق تي هوشياري ڪجي.

ڪڍي غير جو غرض من مان مڪر،
مٽي وات وحدت ڪشي ٻڌ قمر.

٢

وڃي ووڙجي وات وحدت وصال،
محبت سوا ڪر نہ ڪا ٿي مقال.
رهج عشق وارن سندي سلڪ ۾،
ڏسون عشق مان نون عجب آل چال.
هلڻ لاءِ نون محب محبوب جي،
قرعا قرب جا وجهہ ۾ في الحال فال.
مٿي ديد ديدار دلبر سندي،
ڪجي ڪوڏ قربان ڪل محض مال،
منجهون فيض هن فرد "فاضل" اوني،
چڱي رڪ چتائي چڱي چست چال.
ڪڏي غير جو غرض من مان مکر،
مٿي وات وحدت ڪشي ٻڌ قمر.

نوٽ:— مٿي ڏنل ٻن بندن مان هر هڪ بند جي آخر ۾ ساڳيوئي بيت "ڪڏي غير جو غرض من مان مکر - مٿي وات وحدت ڪشي بند قمر." آيو آهي. اهڙي نظم جي سڀني بندن جي آخر ۾ اهو ساڳيوئي بيت آهي.

## ٢- ترڪيب بند

مثال:— ميان غلام سرور قاري "فقير":—

نہ هٿ ۾ آهہ دل اڄ ۽ نہ قبضي ۾ زبان آهي،
ڪلي تو سر بسر جيڪي اندر راز نهان آهي.
مثال نئي جي گذري ٿي حياتي پنهنجي دامن ۾،
جو دم گذري ٿو تنهن ۾ آهہ ۽ شور و فغان آهي.
ڏسڻ لئي صاف صورت آهہ اسان جي پاس حسرت جي،
جو پنهنجي منهن جي آئيني منجهان عبرت عيان آهي.
ذهانت ٿي وئي موقوف درد ۽ ماندگي غم ۾،

٤- رجز، ٥- ڪامل، ٦- وافر، ٧- طويل،
٨- مديد، ٩- سريع، ١٠- بسيط، ١١- خفيف،
١٢- مجتث، ١٣- مضارع، ١٤- منسرح،
١٥- مقتضب.

**ابوالحسن ” اخفش “ جو ايجاد ڪيل هڪ بحر :-**

بحر متدارڪ.

**پين شاعرن جا ناهيل ٽي بحر :-**

١- قريب، ٢- جديد، ٣- مشاڪل.

مٿين اڻويهن بحرن مان ست بحر سالم آهن؛ جهڙوڪ :—

(١) هزج، (٢) رمل، (٣) تقارب (متقارب)،
(٤) رجز، (٥) ڪامل، (٦) متدارڪ، (٧) وافر؛
۽ باقي ٻارهن بحر غير سالم آهن.

بحر سالم انهيءَ کي چئجي ٿو، جنهن ۾ سڀ ارڪان صحيح ۽ ثابت اچن ۽ منجهن ڪنهن به قسم جي ڦير ڦار نه هجي؛ يعني پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ موجود هجن.

غير سالم بحر اهو آهي، جنهن جا ڪجهه ارڪان تبديل ٿيل هجن يا منجهانئن ڪي حرف محذوف ٿيل هجن؛ يعني اڻپورا هجن.

مٿي ذڪر ڪيل ١٩ بحرن مان ١١ (يارهن) بحر اهڙا آهن، جي سنڌي خواهه عربي ۽ فارسي شاعريءَ ۾ عام طور استعمال ۾ اچن ٿا. اهي هي آهن :-

(١) هزج، (٢) رمل، (٣) تقارب (متقارب)، (٤) رجز، (٥) ڪامل، (٦) سريع، (٧) خفيف، (٨) مجتث، (٩) مضارع، (١٠) منسرح، ۽ (١١) متدارڪ؛ ۽ پنج بحر، (١) طويل، (٢) مديد، (٣) بسيط، (٤) وافر ۽ (٥) مقتضب، رڳو عربي شاعريءَ ۾ استعمال ٿين ٿا، ۽ باقي

رهيل ٿي بحر، جھڙوڪ: (۱) قريب، (۲) جديد ۽ (۳) مشاڪل، خاص فارسيءَ جا شاعر ڪم آڻيندا آهن.

هت مختلف بحر ۽ سندن ارڪان ڏجن ٿا:—

## (الف) سالم بحر:—

۱ - بحر هزج مثمن سالم:—

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن،
مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن.

۲ - بحر رمل مثمن سالم:—

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن،
فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن.

۳ - بحر تقارب (متقارب) مثمن سالم:—

فعولن فعولن فعولن فعولن،
فعولن فعولن فعولن فعولن.

۴ - بحر رجز مثمن سالم:—

مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن،
مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن.

۵ - بحر ڪامل مثمن سالم:—

متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن،
متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن.

۶ - بحر متدارڪ مثمن سالم:—

فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن،
فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن.

۷ - بحر وافر مثمن سالم:—

مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن،
مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن.

(ب) - غیر سالم بحر:—

۱- بحر طویل مثمن:—

فعولن مفاعیلن فعولن مفاعیلن،
فعولن مفاعیلن فعولن مفاعیلن.

۲- بحر مدید مثمن:—

فاعلاتن فاعلن فاعلاتن فاعلن،
فاعلاتن فاعلن فاعلاتن فاعلن.

۳- بحر بسیط مثمن:—

مستفعلن فاعلن مستفعلن فاعلن،
مستفعلن فاعلن مستفعلن فاعلن.

۴- بحر مجتث مثمن:—

مستفعلن فاعلاتن مستفعلن فاعلاتن،
مستفعلن فاعلاتن مستفعلن فاعلاتن.

۵- بحر مضارع مثمن:—

مفاعیلن فاعلاتن مفاعیلن فاعلاتن،
مفاعیلن فاعلاتن مفاعیلن فاعلاتن.

۶- بحر منسرح مثمن:—

مستفعلن مفعولات مستفعلن مفعولات،
مستفعلن مفعولات مستفعلن مفعولات.

۷- بحر مقتضب مثمن:—

مفعولات مستفعلن مفعولات مستفعلن،
مفعولات مستفعلن مفعولات مستفعلن.

۸- بحر سریع مسدس:—

مستفعلن مستفعلن مفعولات،
مستفعلن مستفعلن مفعولات.

٩- بحر خفيف مسدس:-

فاعلاتن مستفعلن فاعلاتن،

فاعلاتن مستفعلن فاعلاتن.

١٠- بحر قريب مسدس:-

مفاعيلن مفاعيلن فاعلاتن،

مفاعيلن مفاعيلن فاعلاتن.

١١- بحر جديد مسدس:-

فاعلاتن فاعلاتن مستفعلن،

فاعلاتن فاعلاتن مستفعلن.

١٢- بحر مشاكل مسدس:-

فاعلاتن مفاعيلن مفاعيلن،

فاعلاتن مفاعيلن مفاعيلن.

مٿي ذڪر ڪيل ستن مثمن سالم بحرن ۾ شاعرن پنهنجي سهوليت خاطر ڪجهه ڦيرو آندو آهي ۽ منجهن اٺن رڪنن جي بجاءِ ڇهه ارڪان رکي، "مسدس سالم" بحر جوڙيا آهن، جي هي آهن:-

١- بحر هزج مسدس سالم:-

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن،

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن.

٢- بحر رمل مسدس سالم:-

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن،

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن.

٣- بحر تقارب (متقارب) مسدس سالم:-

فعولن فعولن فعولن،

فعولن فعولن فعولن.

٤- بحر رجز مسدس سالم:-

مستفعلن مستفعلن مستفعلن،

مستفعلن مستفعلن مستفعلن.

٥- بحر ڪامل مسدس سالم:-

متفاعلن متفاعلن متفاعلن،

متفاعلن متفاعلن متفاعلن.

٦- بحر متدارڪ مسدس سالم:-

فاعلن فاعلن فاعلن،

فاعلن فاعلن فاعلن.

٧- بحر وافر مسدس سالم:-

مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن،

مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن.

موجوده سنڌي شاعرن، مٿي ڏنل سڀني سالم ۽ غير سالم بحرن ۾ اچا ٻه ڪجهه پيچ گهڙ ڪري ۽ منجهائن ڪي وڌيڪ نوان بحر جوڙيا آهن، جي اڄڪلهه عام جام استعمال ۾ اچن ٿا. اهڙن بحرن کي "مزاحف-بحر" ڪري چئجي ٿو. "مزاحف" جو مطلب آهي "ڦير ڦار ڪيل". اهڙا اڪثر سڀ بحر هت پيش ڪجن ٿا:-

بحر هزج مثمن مقصور:-

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل،

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل.

بحر هزج مثمن محذوف:-

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن فعولن،

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن فعولن.

---

مقصور = گهٽايل، ننڍو ڪيل. محذوف = ڪاٽيل، ڌار ڪيل، جدا ڪيل.

بحر هزج مثمن مقبوض :-

مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن،
مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن.

بحر هزج مثمن اخرب :-

مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن،
مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن.

بحر هزج مثمن اخرب مقصور:-

مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل،
مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل.

بحر هزج مثمن اخرب مقبوض :-

مفعول مفاعلن مفاعيل فعول،
مفعول مفاعلن مفاعيل فعول.

بحر هزج مثمن اخرب مكفوف محذوف:-

مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن،
مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن.

بحر هزج مثمن اشتر:-

فاعلن مفاعيلن فاعلن مفاعيلن،
فاعلن مفاعيلن فاعلن مفاعيلن.

بحر هزج مسدس مقصور:-

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل،
مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل.

بحر هزج مسدس محذوف:-

مفاعيلن مفاعيلن فعولن،
مفاعيلن مفاعيلن فعولن.

---

مقبوض=قبضي ۾ ڪيل، اخرب=ويران.

هيءَ رباعيءَ جو بحر آهي

بحر ہزج مسدس مقبوض:—

مفاعلن مفاعلن مفاعلن،
مفاعلن مفاعلن مفاعلن۔

بحر ہزج مسدس اخرم:—

مفعولن مفعولن فاع،
مفعولن مفعولن فاع۔

بحر ہزج مسدس اخرب محذوف مقصور:—

مفعول مفاعلن مفاعیل،
مفعول مفاعلن مفاعیل۔

بحر ہزج مسدس اخرب مقبوض محذوف:—

مفعول مفاعلن فعولن،
مفعول مفاعلن فعولن۔

بحر رمل مثمن مقصور:—

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات،
فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات۔

بحر رمل مثمن محذوف:—

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن،
فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن۔

بحر رمل مثمن مخبون:—

فعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلاتن،
فعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلاتن۔

بحر رمل مثمن مخبون مقصور:—

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات،
فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات۔

بحر رمل مثمن مخبون محذوف:ـ

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن،
فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن۔

بحر رمل مثمن مشکول:ـ

فعلات فاعلاتن فعلات فاعلاتن،
فعلات فاعلاتن فعلات فاعلاتن۔

بحر رمل مسدس مقصور:ـ

فاعلاتن فاعلاتن فاعلات،
فاعلاتن فاعلاتن فاعلات۔

بحر رمل مسدس محذوف:ـ

فاعلاتن فاعلاتن فاعلن،
فاعلاتن فاعلاتن فاعلن۔

بحر رمل مسدس مخبون مقصور:ـ

فاعلاتن فعلاتن فعلات،
فاعلاتن فعلاتن فعلات۔

بحر رمل مسدس مخبون محذوف:ـ

فاعلاتن فعلاتن فعلن،
فاعلاتن فعلاتن فعلن۔

بحر رمل مسدس مطوي:ـ

مفتعلن مفتعلن مفتعلن،
مفتعلن مفتعلن مفتعلن۔

بحر تقارب (متقارب) مثمن مقصور:ـ

فعولن فعولن فعولن فعول،
فعولن فعولن فعولن فعول۔

بحر تقارب (متقارب) مثمن محذوف:-

فعولن فعولن فعولن فعل،

فعولن فعولن فعولن فعل۔

بحر تقارب (متقارب) مثمن اثلم:-

فعلن فعولن فعلن فعولن،

فعلن فعولن فعلن فعولن۔

بحر تقارب (متقارب) مثمن مقبوض اثلم:-

فعل فعولن فعل فعولن،

فعل فعولن فعل فعولن۔

یا

فعول فعلن فعول فعلن،

فعول فعلن فعول فعلن۔

بحر تقارب (متقارب) مسدس مقصور:-

فعولن فعولن فعول،

فعولن فعولن فعول۔

بحر تقارب (متقارب) مسدس محذوف:-

فعولن فعولن فعل،

فعولن فعولن فعل۔

بحر رجز مثمن مطوي:-

مفتعلن مفتعلن مفتعلن مفتعلن،

مفتعلن مفتعلن مفتعلن مفتعلن۔

بحر رجز مثمن مطوي مخبون:-

مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلن،

مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلن۔

بحر رجز مسدس مخبون:-

مفاعلن مفاعلن مفاعلن،

مفاعلن مفاعلن مفاعلن۔

بحر متدارک مثمن اثلم:—

فعلن فعلن فعلن فعلن،
فعلن فعلن فعلن فعلن۔

بحر طویل مثمن مقبوض:—

فعولن مفاعیلن فعولن مفاعلن،
فعولن مفاعیلن فعولن مفاعلن۔

بحر بسیط مثمن محذوف:—

مستفعلن فعلن مستفعلن فعلن،
مستفعلن فعلن مستفعلن فعلن۔

بحر مجتث مثمن مخبون:—

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلاتن،
مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلاتن۔

بحر مجتث مثمن مخبون مقصور:—

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات،
مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات۔

بحر مجتث مثمن مخبون محذوف:—

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن،
مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن،

بحر مضارع مثمن اخرب:—

مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن،
مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن۔

بحر مضارع مثمن اخرب مکفوف مقصور:—

مفعول فاعلات مفاعیل فاعلات،
مفعول فاعلات مفاعیل فاعلات۔

بحر مضارع مثمن اخرب مكفوف محذوف:ـ

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن،
مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن۔

بحر منسرح مثمن مطوي:ـ

مفتعلن فاعلات مفتعلن فاعلن،
مفتعلن فاعلات مفتعلن فاعلن۔

بحر منسرح مثمن مطوي مكشوف:ـ

مفتعلن فاعلن مفتعلن فاعلن،
مفتعلن فاعلن مفتعلن فاعلن۔

بحر منسرح مثمن مطوي موقوف:ـ

مفتعلن فاعلات مفتعلن فاعلات،
مفتعلن فاعلات مفتعلن فاعلات۔

بحر منسرح مثمن مطوي مجدوع:ـ

مفتعلن فاعلات مفتعلن فاع،
مفتعلن فاعلات مفتعلن فاع۔

بحر منسرح مسدس اخرب:-

مفتعلن فاعلات مفتعلن،
مفتعلن فاعلات مفتعلن۔

بحر سريع مسدس مطوي:ـ

مفتعلن مفتعلن فاعلن،
مفتعلن مفتعلن فاعلن۔

بحر سريع مسدس مطوي موقوف:ـ

مفتعلن مفتعلن فاعلات،
مفتعلن مفتعلن فاعلات۔

بحر سريع مسدس مطوي مڪشوف.-

مفتعلن مفتعلن فاعلن،

مفتعلن مفتعلن فاعلن.

بحر خفيف مسدس مخبون مقصور:-

فاعلاتن مفاعلن فعلات،

فاعلاتن مفاعلن فعلات.

بحر خفيف مسدس مخبون محذوف:-

فاعلاتن مفاعلن فعلن،

فاعلاتن مفاعلن فعلن.

بحر قريب مسدس مقصور:-

مفاعيلن مفاعيل فاعلات،

مفاعيلن مفاعيل فاعلات.

بحر جديد مسدس مخبون:-

فعلاتن فعلاتن فاعلن،

فعلاتن فعلاتن فاعلن.

موجوده دؤر ۾ عرب، عجم ۽ فارس جي شاعرن هيٺيان بحر پڻ ايجاد ڪيا آهن:-

١- بحر عريض مثمن:-

مفاعيلن فعولن مفاعيلن فعولن،

مفاعيلن فعولن مفاعيلن فعولن.

٢- بحر عميق مثمن:-

فاعلن فاعلاتن فاعلن فاعلاتن،

فاعلن فاعلاتن فاعلن فاعلاتن.

٣- بحر غريق مثمن:-

مفاعلاتن مفاعلاتن مفاعلاتن مفاعلاتن،

مفاعلاتن مفاعلاتن مفاعلاتن مفاعلاتن.

۴- بحر صریم مسدس:-

مفاعیلن فاعلاتن فاعلات،
مفاعیلن فاعلاتن فاعلات۔

۵- بحر کبیر مسدس:-

مفعولات مفعولات مستفعلن،
مفعولات مفعولات مستفعلن۔

۶- بحر مذیل مسدس:

مستفعلن مستفعلن فاعلاتن،
مستفعلن مستفعلن فاعلاتن۔

۷- بحر قلیب مسدس:-

فاعلاتن فاعلاتن مفاعیلن،
فاعلاتن فاعلاتن مفاعیلن۔

۸- بحر صغیر مسدس:-

مستفعلن فاعلات مستفعلن،
مستفعلن فاعلات مستفعلن۔

۹- بحر اصم:-

فاعلاتن مفاعیلن فاعلاتن،
فاعلاتن مفاعیلن فاعلاتن۔

۱۰- بحر سلیم مسدس:-

مستفعلن مفعولات مفعولات،
مستفعلن مفعولات مفعولات۔

۱۱- بحر حمیم مسدس:-

مفعولات مستفعلن مفعولات،
مفعولات مستفعلن مفعولات۔

# وزن

"وزن" عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "تور" يا "ماپ". اصطلاحي معنيٰ موجب، شعر ۾ آيل لفظن کي ڪن بحر جي ارڪان سان ماپي يا تور ڪري ٺاهي بيهارڻ کي "وزن" چئبو آهي.

جهڙيءَ طرح تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾ ڪا شئي رکي، ٻئي پڙ ۾ مقرر ٿيل ماپا يا وٽ (اڌ مڻي، ڏهه سيري، پنج سيري، يا هڪ سير، وغيره) وجهبا آهن ۽ انهيءَ لاءِ تہ اُن شئي جي تور يا ماپ ڪري ڏسجي. اهڙيءَ طرح سان بحر جي ارڪان جي قالب ۾ مختلف لفظن جي ماپ ڪري، هڪ سهڻو شعر ٺاهيو آهي. شعر جي انهيءَ ماپ يا ترتيب کي "وزن" چئبو آهي.

شعر جو وزن تي پورو هجڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ وزن جي ذريعيئي شعر جي نزاڪت ۽ سونهن ۾ واڌارو ٿئي ٿو ۽ اهو وڌيڪ اثر انداز ٿئي ٿو.

هن کان اڳ، بحر واري باب ۾ مختلف بحرن جا وزن پيش ڪيا ويا آهن. شعر انهن وزنن مان ڪنهن بہ هڪ وزن تي بيهاري سگهجي ٿو. هت رڳو هڪ شعر جي هڪ بہ بند جو وزن ڏيکارجي ٿو.

تو ٻنان هت "زيب"، "سرور"، غم، الم ۽ رنج جون،
محفلون ٿا ڪن سجڻ، آباد، اي عبدالفتاح!
"نياز" کي شعر و سخن تنهنجي ڏنو آهي سرور،
جنهن اها تنهنجي ڏني، روداد، اي عبدالفتاح!

مٿي پيش ڪيل شعر جو وزن آهي:-

" فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات ".

# رڪن

"رڪن" جمع ارڪان" عربي لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "ٿنڀ". اصطلاحي معنيٰ موجب، ڪنهن مقرر بحر جو اهو "حصو يا ٽڪر" جنهن سان شعر ۾ ڏنل لفظن جي تقطيع (ورهاست) ڪجي يا ڪينتوري ۽ ماپي سگهجي. ارڪان ڪنهن بحر ۾ اٺ هوندا آهي ته ڪنهن ۾ ڇهه ۽ ڪنهن ۾ وري چار ٿيندا آهن، جيئن بحر واري باب ۾ ڏنا ويا آهن. اهي ارڪان شعرکي موزون يا ترتيبوار بڻائڻ لاءِ هڪ قسم جا ماپا يا وٽ آهن.

ارڪان اصل ۾ ڪل اٺ آهن؛ جهڙوڪ؛

"فعولن — فاعلن — فاعلاتن — مفاعيلن — مفاعلتن — متفاعلن — مفعولات — مستفعلن"؛ ۽ علم عروض جي باني خليل بن احمد بصري انهن ۾ ڪجهه ردوبدل ڪري پنهنجا پندرهن (۱۵) جزڙي پيش ڪيا، جنهن کان پوءِ ٻين شاعرن انهن ۾ رفتي رفتي اضافو پڻ ڪيو آهي.

ارڪان ٽن قسمن جي لفظن جا مرڪب ٿين ٿا. انهن مان هڪ کي "سبب"، ٻئي کي "وتد" ۽ ٽئين کي "فاصلو" چئبو آهي.

"سبب" ٻن اکرن واري لفظ کي چئبو آهي. هن جا ٻه قسم آهن. (۱) سبب خفيف (۲) سبب ثقيل.

"سبب خفيف" ۾ لفظ جو پهريون حرف متحرڪ ۽ ٻيو حرف ساڪن ٿئي ٿو؛ جهڙوڪ: رخ — گل — وڄ، وغيره؛ ۽ "سبب ثقيل" ۾ لفظ جا ٻئي حروف متحرڪ ٿين ٿا. اهڙا لفظ اسان جي سنڌي زبان ۾ ملڻ مشڪل آهن. البت فارسي

(١) اصل رڪن مان ڪي حروف خذف ڪرڻ يا ڪيدي ڇڏڻ.

(٢) اصل رڪن ۾ ڪي حروف وڌيڪ وجهڻ؛

(٣) اصل رڪن ۾ ڪن متحرڪ حروف کي ساڪن صورت ۾ آڻڻ.

زحاف جا ڪيترائي قسم آهن، جهڙوڪ:-

مقصور، مقبوض، محذوف، مخبون، موقوف، مقطوف، معصوب، مجنون، مطوي، مڪفوف، اخرب، اخرم، مذال، اشتر، مضمر، مشڪول، منقوص، مقطوع، مڪشوف، اجمر، معقول، مشعث، اصلم، اثلم، ابتر، ترفيل، مجدوع، اهتم، منحور، اثرم، اعصب، اعضب، اقصر، مرفل، وغيره، وغيره.

## پد

"پد" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، " چلڻ، آواز، ٻاڳو، ٽڪرو، حصو، فقرو ".
اصطلاحي معنيٰ ۾ "پد" ان کي چئجي ٿو، جو ڪنهن جملي يا سٽ جو حصو يا ٽڪرو هجي ۽ اهو ٽڪرو ڪن لفظن جي ملائڻ سان ٺهيو هجي ۽ منجهانئس اڻ پورو مطلب نڪري.

"پد" کي سنڌي ٻوليءَ ۾ "ٽپ" چئبو آهي؛ جهڙي طرح ڪافي ڏيڍ ٽپي، ٻہ ٽپي، ٽہ ٽپي، وغيره ٿيندي آهي.

"پد" اڪثر ڪري نظم يا شعر سان واسطو رکي ٿو؛ چاڪاڻ تہ نظم يا شعر جي هر هڪ سٽ يا مصرع ٻن حصن ۾ ورهايل ٿيندي آهي، جن مان هر هڪ حصي کي " پد " چيو وڃي ٿو. اهڙي طرح هڪ سٽ ۾ ٻہ پد ۽ ٻن سٽن ۾ چار پد ٿيندا آهن. هت حافظ " احسن " چنا جو چيل هڪ

درهو مثال طور پيش ڪجي ٿو:-

ظلم جا ڪرندا ڪوٽ ڪپر، ۽ پٽبو بيخ بنياد،
دڪڙا سيئي دور ٿي ويندا، هر ڪو ٿيندو شاد.

مٿي پيش ڪيل دوهي ۾ ڪل چار پد آهن، جن مان ٻه، پد پهرئين سٽ ۾ آهن ۽ ٻه ٻي سٽ ۾. جهڙوڪ:-

۱- ظلم جا ڪرندا ڪوٽ ڪپر،
۲- ۽ پٽبو بيخ بنياد.
۳- دڪڙا سيئي دور ٿي ويندا،
۴- هر ڪو ٿيندو شاد.

# مصرع

”مصرع“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، ” دروازي جو هڪ طاق“. اصطلاحي معنيٰ موجب، شعر جي هڪ سٽ، جنهن ۾ شاعر مختلف لفظن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ۽ کين لڙهيءَ ۾ پوئي موزون طريقي سان (يعني وزن ۾ آڻي) پيش ڪري. اهڙيون ٻه مصرعون گڏ اچڻ سان شعر ٺهي پوندو. هڪ ٻگهي نظم ۾ اهڙي قسم جون ڪيتريون ئي مصرعون اچي سگهجن ٿيون. هت ”خواب“ حيدرآباديءَ جي هڪ رباعي مثال طور پيش ڪجي ٿي:-

رباعي

اُميد جي غنچي کي، ٽڙڻ ڏي ته سهي،
جو رنڊدو اچي تنهن کي، ڪلڻ ڏي ته سهي؛
پرواني ڇيو شمع کي، اي جان ازل،
مون خاڪ کي تون، نور ٿيڻ ڏي ته سهي.

متئين شعر ۾ چار ستون آهن، انهن مان هر هڪ سٽ کي "مصرع" چئبو آهي. اهڙي طرح متئين رباعيءَ ۾ ڪل چار مصرعون آهن.

# قافيو

"قافيو" عربي لفظ "قفا" مان نڪتو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "پٺيان هلڻ". اصطلاحي معنيٰ موجب، آهو لفظ جو شعر ۾ مصرع جي پڇاڙيءَ ۾ اچي. اهو قافيي وارو لفظ شعر يا نظم جي مختلف بندن جي مصرعن ۾ ساڳيو نه، پر مختلف ايندو آهي. مطلب ته اهي قافيي وارا الفاظ، آواز ۾ هڪ هڪجهڙا هوندا آهن، پر سندن تلفظ مختلف هوندو آهي. هت مرحوم مرزا قليچ بيگ، جو هڪ غزل مثال طور ڏجي ٿو:-

## غزل

ڪرڻ جيڪي گهرين، سو وٺ ڪري اڄ،
سڀاڻي جي تون ٽالي ڪان پري پڄ.
رکي دل ۾ سڀاڻي، اڄ جو ڪم ڪر،
وساري ڪالهه کي تون، اڄ پيو هڄ.
هني دنيا جي محنت سان تون اڄ پوک،
سڀاڻي سا ڪٽي، کائي تون ڪج رڄ.
جي اڄ سستي ڪيئي، ٿيندين پشيمان،
لڄن پيا جت، هجئي، هٽ چائي ۽ ڇڄ.
نصيحت خلق کي پيو ڪر "قليچا"،
هڏي ڪو يا نه، تون واڇي جان پيو وڄ.

---

هڄ=محنت ڪر؛ ڇڄ=خواري ۽ خرابي، رڄ=ڍؤ.

مٿي ڏنل بيت ۾ ڪم، ڏم ۽ شرم ليڪي قافيي وارا الفاظ آهن.

# رديف

"رديف" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "پٺتو" يا "وهٽ تي پٺيان ويٺل سوار". اصطلاحي معنيٰ موجب، اهو لفظ يا لفظن جو مجموعو، جو نظم يا شعر ۾ مصرع جي پڇاڙيءَ ۾ قافيي سان گڏ ۽ پٺيان اچي. هر هڪ شعر ۾ رديف جو هجڻ لازمي نه هوندو آهي. ڪي شاعر پنهنجي ڪلام ۾ رديف نه به آڻيندا آهن ۽ ڪي وري پنهنجي ڪلام ۾ رديف جو آزاديءَ سان استعمال ڪندا رهندا آهن. هت رديف جو هڪ ٻه مثال پيش ڪجي ٿو:-

۱

تن سان ڪر ڪم ڪار، جي توکي ڏنا ڏاتار هٿ،
ٻي ڪمو ڪيئن ٿو رهين، ڇا لئي مليئي آڌار هٿ.
ڪم نه هٿ ڪان جي تو ورتو، ڇٻو آهين ٻي شڪر تون،
ٻي ميار آهي اهو، جنهن جا ٿيا لاچار هٿ.
حق جو ڪر پورهيو هٿن سان، ڪم ناحق ۾ هلاءِ،
خوف خالق جو رکي، هڻ ڪير لئي ڦرمار هٿ.
جي ڏڌيءَ ڏن توکي بخشيو، ڪيڊ هٿن سان خير تون،
رکـ يتيمن جي مٿي تي، پنهنجو تون هربار هٿ.
ڪئن هٿن هوندي رهين بيڪار؟ ڪو ويچار ڪر،
تا مٿيءَ مان آن، ڪپهه ۽ سون ڪن نروار هٿ.
ڪر "مسافر" هٿ هلائي هٿ ذرو نيڪيءَ سندو،
نيٺ هٿ ڪيڙي، زمين جا تا اچن تي چار هٿ.

مٿئين شعر ۾ مختلف الفاظ جهڙوڪ؛
ڏاتار، آڌار، لاچار، ڦرمار، هربار، نروار، ۽ ٽي چار، قافيي طور ڪم آيا آهن ۽ انهن جي پٺيان سائن گڏ آيل لفظ "هٿ" رديف آهي.

(۲)

ڪر خدا کي ياد، وٺ دل هيءَ سچي سهڻي صلاح،
ياد ۾ تيءَ شاد، وٺ دل هيءَ سچي سهڻي صلاح.
پڙ ڀني ٻانهون اگهيان، سائين جي منجهه سجهي صبوح،
تا رهين تون داد، وٺ دل هيءَ سچي سهڻي صلاح.
ٿي جبل توفيق جو، ڪک، ٻن، جٽن منجهه واچ جهڪ،
وڃ نه تون برباد، وٺ دل هيءَ سچي سهڻي صلاح.
حرص ۾ وجهه ڪين مڏهون، هٿ هاج ڪان جهل حق طلب،
تا ٿئين آزاد، وٺ دل هيءَ سچي سهڻي صلاح.
""گل""چوي ٿو، "گل" ڪري شطرنج بازي نفس سان،
ٿي نه موکي ماد، وٺ دل هيءَ سچي سهڻي صلاح.

مٿي ڏنل شعر ۾ آيل مختلف الفاظ، جهڙوڪ؛
ياد، شاد، داد، برباد، آزاد ۽ ماد، قافيا آهن ۽ انهن جي پٺيان آيل لفظن جو مجموعو، "وٺ دل هيءَ سچي سهڻي صلاح" رديف آهي.

## مطلع

"مطلع" عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي؛ " اڀرندڙ ، ظاهر ٿيندڙ. " اصطلاحي معنيٰ ۾ قصيدي يا غزل

---

گل ڪري=وسائي، اُجهائي؛ ماد=شهر ڪاڌل.

جي شروعاتي يا پهرئين بند جي ٻن مصرعن کي "مطلع" چئبو آهي. هن ۾ ٻئي مصرعون قافيي واريون هونديون آهن؛ يا وري قافيي سان گڏ رديف به شامل هوندو آهي. خاص ڪري غزل ۾ مطلع جو هجڻ تمام ضروري آهي. باقي ٻين شعرن ۾ انهيءَ جي ابتري ضرورت نه هوندي آهي.

## مقطع

"مقطع" عربي لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، "وڍيندڙ يا ڪاٽيندڙ". اصطلاحي معنيٰ ۾ غزل يا قصيدي جو اهو آخري ٻن مصرعن وارو بند، جنهن تي سڄو نظم اچي پورو ٿئي. مقطع ۾ شاعر اڪثر پنهنجو تخلص آڻيندا آهن. پوءِ اهو شاعر تي منحصر آهي ته، هو انهيءَ ۾ پنهنجو تخلص پيش ڪري يا نه. جنهن لاءِ ڪا به پابندي نه آهي.

## تخلص

"تخلص" عربي ٻوليءَ جي لفظ "خلاص" مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "مختصر". اصطلاحي معنيٰ موجب، "تخلص" شاعر جو مختصر نالو هوندو آهي، جو سڃاڻپ لاءِ هو پنهنجي هر هڪ شعر يا نظم جي آخري بند يا ان جي آخري سٽ ۾ ڪم آڻيندو آهي. مطلب ته "تخلص" هڪ شاعرانو نالو آهي، جو شعر جي پڇاڙيءَ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي، انهيءَ لاءِ ته هڪ شعر جوڙيندڙ شاعر جي سڃاڻپ ٿي سگهي.

# تقطيع

"تقطيع" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جو بنياد يا اشتقاق آهي، "قطعَ=وڍڻ، ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ. تنهن ڪري "تقطيع" جي لفظي معنيٰ ٿيندي "وڍيل" يا "ٽڪرا ٽڪرا ڪيل". اصطلاحي معنيٰ موجب، ڪنهن شعر جي مصرعن ۾ ڪم آندل لفظن کي، مقرر بحر جي ارڪان ۾ توري ۽ کين جدا جدا ڪري ڏيکارڻ کي "تقطيع" چئبو آهي. شعر جي بحر جا اهي ارڪان، جي خود الفاظ آهن، ڪن آوازن (اُچارن) جا ٺهيل آهن.

آواز (اچار) ٻن قسمن جا ٿيندا آهن:-

(۱) اهي آواز، جي ڪنهن حرف يا اکر تي ڪا اعراب (زبرَ، زيرِ، يا پيشُ) ڏيڻ سان اچارڻ ۾ اچن ٿا. جيئن ته: بَ، بِ، بُ، وغيره. اهڙي قسم جي آوازن کي "ننڍو" يا "هيڪوٽو" آواز چئبو آهي. شعر ۾ اهڙي هيڪولي آواز کي ظاهر ڪرڻ لاءِ، انهيءَ حرف جي مٿان جزم (۸) جي نشاني ڏبي آهي. اهڙي حرف کي " ساڪن " حرف به چئبو آهي.

(۲) اهي آواز، جي ٻن اکرن جي ملائڻ سان جڙن ٿا جهڙوڪ: ڪنهن به اکر جي پٺيان "الف"، "و"، يا "ي" گڏڻ سان، يا هڪ اکر ٻئي اکر سان جزم رستي ملائڻ سان ٺهي ٿو. مثلا:- م+ا=ما، م+و=مو، م+ي=مي؛ يا م+ت=مت، پ+ت=پت، ن+چ=نچ، وغيره. اهڙي قسم جي آوازن کي "ڊگهو" يا "ٻٽو" آواز ڪري چئجي ٿو. شعر ۾ اهڙي ڊگهي يا ٻٽي آواز کي ظاهر ڪرڻ واسطي، انهيءَ ٻٽي حرف

جي مٿان ليڪ (-) جي نشاني ڏني آهي. اهڙي حرف کي "متحرڪ" حرف چئبو آهي.

آواز، جن مان مختلف الفاظ ٺهن ٿا، سي اصل ۾ ڏهه آهن، جهڙوڪ:

آ-اِ-اُ؛آ-او-اي؛آو-آو؛اِي-آي.

مٿين آواز جي پهرين ٽن اکرن (آ-اِ-اُ) مان نندڍو آواز نڪري ٿو ۽ باقي رهيل ست پنا اکر، ڊگهو آواز ظاهر ڪن ٿا، جن کي "ڊگهو" يا "پٽو" آواز چئبو آهي. انهن آوازن جي مدد سان ئي شعر جي مصرعن کي مختلف ڀاڱن يا حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

مطلب ته ڪنهن به شعر کي، سندس مقرر بحر ۽ اُن جي وزن موجب ٽڪرا ڪري ۽ ورهائي رکڻ کي، شعر جي تقطيع چئبو آهي.

ڪنهن به شعر جي تقطيع ڪرڻ وقت، تقطيع جي هيٺين اُصولن کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.

## تقطيع جا اصول

(١) شعر ۾ ڪم آيل لفظن ۾ ڪي اهڙا حرف به هوندا آهن، جي رکيو لکڻ ۾ ايندا آهن، پر پڙهڻ وقت انهن جو اچار ظاهر ئي نه ٿيندو آهي. اهي حرف يا اکر شعر جي تقطيع ڪرڻ وقت شمار ۾ نه ايندا. جهڙوڪ: "خود" لفظ ۾ "و" لکڻ ۾ اچي ٿو، پر پڙهڻ يا اچارڻ ۾ نه ٿو اچي، تنهن ڪري ان کي "خد" شمار ڪبو. ساڳيءَ طرح، "خواهش" کي "خاهش" ۽ "معاف" کي "ماف" ڪري ليکبو.

(٢) شعر جي لفظن ۾ شامل ٿيل حروف علت (ا-و-ي) جيڪڏهن ساڪن هجن ۽ سندن آواز چٽو نه نڪري، ته

تقطيع وقت، انهن اکرن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق خارج
ڪري يا شمار ڪري سگهجي ٿو.

جهڙوڪ: ”منهنجا — خوب — آهي.“

(٣) جنهن اکر جي مٿان شد (ّ) هجي، سو ٻٽو حرف
ڪري ليکبو. جيئن ته: ”عزت“ لفظ ۾ ”ز“ حرف تي شد
آهي، تنهن ڪري اهو لفظ ” عززت “ ڪري شمار ڪبو.
اهڙي طرح ” قوت “ کي ” قووت “ ۽ ” محبت “ لفظ کي
”محببت“ ڪري ليکبو.

(٤) جنهن الف جي مٿان مد (~) اچي اهو حرف ٻٽو
ٿيندو ۽ ان جو آواز ڊگهو نڪرندو، جنهن ڪري اهو ٻه
الف (آ=اا) ڪري شمار ڪبو. مثلاً:- ”آهي“ لفظ ۾ ڪم
آيل حرف ”آ“ کي ٻه الف (اا) ڪري ليکبو. ساڳي نموني
” مـآب “ کي ” مااب “ ۽ ” آفتاب “ کي ”اافتاب“ ڪري
شمار ڪبو.

(٥) تقطيع ۾ نون غنو ” ں “ شمار نه ٿيندو. جيئن ته:
”ماں، کاں، چواں، آسماں“ لفظن جي پڇاڙيءَ آيل نون ”ں“
ڪڍي باقي ”ما، کا، چوا، ۽ آسما“ آواز شمار ڪيا.

(٦) ”ڦاڙهو، ماڙهو، ڳوڙهو،“ وغيره الفاظ ۾ شامل حرف
”ھ“ تقطيع ڪرڻ وقت ڳڻپ ۾ نه ايندو. اهي الفاظ ڦاڙو،
ماڙو، ڳوڙو“ تي شمار ٿيندا.

(٧) فارسيءَ واري زير اضافت (ِ) تقطيع ۾ ”ي“ شمار
ڪئي ويندي. جيئن ته ”مال غنيمت“ کي ”مالي غنيمت“
ڪري ليکبو ۽ ” روز محشر “ کي ” روزي محشر “ ۽
”حضرت عشق“ کي ”حضرتي عشق“ ڪري شمار ڪبو.

(٨) جڏهن ڪي ٻه ٻه، حروف صحيح گڏ اچن ۽ اهي ٻئي
”ساڪن“ هجن، ته انهن ٻنهي مان پويون حرف شمار نه ٿيندو.

جهڙوڪ: ”پوسٽ“ لفظ ۾ ”س“ ۽ ”ٽ“ ٻئي حروف صحيح آهن ۽ ٻئي ساڪن ٽي ڪم آيا آهن، تنهن ڪري انهيءَ لفظ کي ”پوس“ ڪري شمار ڪبو ۽ اهڙي طرح ”گوشت“ کي ”گوش“ شمار ڪبو.

هت هڪ ٻن شعرن جي تقطيع ڪري ڏيکارجي ٿي:-

١

ادا حضرت عشق جي نوڪريءَ ۾،
ڏناسون ڏکيا امتحان ڪهڙا ڪهڙا!

(سانگي)

| | | | |
|---|---|---|---|
| ^ — — | ^ — — | ^ — — | ^ — — |
| ا دا حض | ر تي عش | ق جي نو | ڪ ري ۾ |
| فـ عو لن | فـ عو لن | فـ عو لن | فـ عو لن |
| ڏ نا سو | ڏ کيـ امـ | ت حا ڪهـ | ڙ ڪهـ ڙا |
| فـ عو لن | فـ عو لن | فـ عو لن | فـ عو لن |

مٿين تقطيع مان صاف ظاهر آهي ته تقطيع جي اصولن مطابق، (١) شعر جي پهرين مصرع ۾ ”حضرت“ جي زير اضافت جي بجاءِ ”ي“ استعمال ڪئي ويئي آهي.

(٢) ٻيو نمبر مصرع ۾ ”ڏناسون“ ۽ ”امتحان“ ٻنهي لفظن جو نون غنو ”ن“ شمار نه ڪيو ويو آهي، ۽ (٣) ”ڏکيا“ ۽ پهريون لفظ ”ڪهڙا“، انهن ٻنهي لفظن جي آخر ۾ آيل حرف الف ”ا“ وزن پوري رکڻ لاءِ خارج ڪيا (ڪيرايا) ويا آهن.

هاڻي ڏسبو ته مٿئين شعر جو وزن، ”فعولن فعولن فعولن فعولن“ آهي ۽ جيئن ته ”فعولن“ ٻنهي مصرعن ۾ اٺ ڀيرا

ساڳيءَ شڪل ۾ آيو آهي ۽ منجهس ڪٿ سٽ يا ڪاڏ آهي ٿي ڪالم، تنهن ڪري اهو "بحر تقارب (متقارب) مثمن سالم" ٿيندو.

۲

تا چون عاقل، محبت جرم آ،
عشق وارن تي عجب الزام ڏس.
(ناشاد)

| | | |
|---|---|---|
| — ^ — — | — ^ — — | — ^ — |
| تا چ ون عا | قل م حب بت | جر م آ |
| فا ع لا تن | فا ع لا تن | فا ع لن |
| عش ق وا رن | تي ع جب ال | زا م ڏس |
| فا ع لا تن | فا ع لا تن | فا ع لن |

مٿي تقطيع ۾ "محبت" جي "ب" حرف تي شد (ّ) آيل آهي، جنهن ڪري اهو حرف ٻٽو ليکيو ويو آهي ۽ ٻهرين سٽ جي آخر ۾ "الف" جي مٿان مد (~) واري نشاني آيل آهي، تنهن ڪري ان کي به ٻٽو اکر شمار ڪيو ويو آهي.

مٿئين شعر جو وزن آهي، " فاعلاتن فاعلاتن فاعلن "؛ ۽ "بحر رمل مسدس محذوف" آهي. ڇاڪاڻ ته منجهس (ٻنهي مصرعن ۾) ڪل ڇهه ارڪان آهن ۽ ٻنهي وزنن جي پوئين رڪن مان ڪجهه حروف حذف ڪيل يعني ڪاٽيل يا ڏار ڪيل آهن.

۳

وڃي ٿو بگڙبو، ڪاوڙبو، هر هڪ ڳالهه تي اڪثر،
آهي هن شوخ کي شايد ته اڄ تڪرار جي خواهش.
(فقير)

۳

| | | | |
|---|---|---|---|
| ∧ — — — | ∧ — — — | ∧ — — — | ∧ — — — |
| و جي تو بگ | ڙ بو ڪا وڙ | ب هر هڪ ڳا | ل تي اڪ ٿر |
| م فا عي لن | م فا عي لن | م فا عي لن | م فا عي لن |
| آ هي هن شو | خ ڪي شا يد | ت اج تڪ را | ر جي خا هش |
| م فا عي لن | م فا عي لن | م فا عي لن | م فا عي لن |

مٿئين شعر جي تقطيع ڪندي، شعر جي پهرين مصرع ۾ ”ڪاوڙبو“ لفظ جو پوئون ”و“ ساڪن، شعر جي وزن پوري رکڻ لاء شمار ۾ نہ آندو ويو آهي. ساڳي مصرع ۾ ”ڳالھ“ جي ”ھ“ ڳڻپ ۾ نہ آئي آهي. شعر جي ٻيو نمبر مصرع جي شروع ۾ ڪم آيل ”آ“ کي ننڍو ڪري، متانئس زبر (َ) ڏئي، وزن پورو ڪري رکيو ويو آهي ۽ آخري لفظ ”خواهش“ جو ”و“ جيئن تہ اچارڻ ۾ نہ ٿو اچي،تنهن ڪري اهو بہ شمار نہ ڪيو ويو آهي.

تقطيع بعد معلوم ٿيو تہ مٿئين شعر جو وزن ” مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن“ آهي ۽ سندس بحر آهي، ”بحر هزج مثمن سالم“. چاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ ”مفاعيلن“ اٺ پيرو استعمال ٿيو آهي ۽ منجهس ڪا بہ ڪٽ سٽ ڪانہ آهي.

## جديد شعر:-

### گيت

"گيت" اصل ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جي "گي" لفظ مان نڪتو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "ڳائڻ". اصطلاحي معنيٰ موجب، اهو شعر جو ڳائڻ ۾ اچي يا ڳائي سگهجي. گيت، اصل هندي شاعريءَ جو قسم آهي، ۽ گذريل ٿوري عرصي کان سنڌي شاعرن به گيت ڳائڻ شروع ڪيا آهن، جن ۾ گهڻا هندي لفظ استعمال ڪيا وڃن ٿا.

گيت هڪ منو ۽ من موهيندڙ واڪ آهي، جنهن ۾ ٻهرياڻين هڪ، ڏيڍ يا ٻه سٽون ٽل طور آڻيون آهن ۽ باقي سڄي گيت جي هر هڪ بند ۾ هڪ، ڏيڍ، ٻه، اڍائي يا وڌيڪ سٽون رکيون آهن.

گيت ۾ اڪثر ٽل جو پويون پد (حصو)، هر هڪ بند جي آخر ۾ وراڻي طور آڻبو آهي. ڪي شاعر وري مختلف وراڻيون پيش ڪندا آهن. هن ۾ وزن ۽ قافيي جي پابندي ڪانه هوندي آهي. البت ڪي شاعر سنجهس وزن ۽ قافيو (ٻئي) استعمال ڪن ٿا.

گيت ۾ اخلاقي توڙي عشقيه مضمون پيش ڪيا وڃن ٿا.

هت قلندربخش بدويءَ جو گيت نموني طور پيش ڪجي ٿو:-

### ڪانهي ويهڻ ويل

ويلن ويندي ٻهر ٿا ٻڌجن - ٻهرن کان پو ڏيهن ٿا ڳڻجن،
سڀ ڪي ڪرٿو هيل.

نڪان ٿاڪ لڏا ٿاٿيڪا - سورهه ڪين سمهن سانتيڪا،
سيج ڪي پاٿڻ سيل.
ويل وڄائڻ مرڪ مُرمانجهن - مڙس ڪڏهن ڪا ويل نه وانجن،
ڇا جي ويل آويل.
واريءَ واري واٽ نه روڪي - ٿاڪ منجهند ٻوساٽ نه روڪي،
ڪاراهن ۾ ڪيل.
ڪارہون راتيون ڪين ڪنبائن - ويل ڪ ويل اکيي وک پائن،
سوڍن ڪاڻ سويل.
ويل وئي سا ويل نه ايندي - ويل ويل جان ويل نه ٿيندي،
ڪين وڃڻ ڏي ويل.
آريءَ جو اُهڃاڻ اکيي آ - پورل وارو پاڻ اکيي آ،
ڪوهه ڪٽائين ميل.
حر تر "بدوي" مڙمن جهوڪون-۽ نه رنڊائن تن کي روڪون،
پل ڪو پائي نيل.

# آزاد نظم

"آزاد نظم"، انگريزي شاعريءَ جي صنف "فري ورس - Free Verse" جو ترجمو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، اُهو نظم، جو بلڪل فري Free يعني آزاد هجي ۽ ان ۾ ڪابہ بندش يا پابندي نه هجي.

آزاد نظم ۾ نه بحر ۽ وزن جو قيد آهي ۽ نه وري منجهس قافيو ۽ رديف آهي. هن نظم ۾ لفظن ۽ سٽن جو انداز بہ مقرر نہ هوندو آهي. مطلب تہ شعر جو هيءُ قسم، شعر جي انهن جملي پابندين کان آزاد هوندو آهي. هيءُ نظم ذري گهٽ نثر وانگر ٿيندو آهي.

شاعر جي دل ۾ جيڪي اُمنگ ۽ جذبات اُڀرن ٿا، انهن کي هو آزاديءَ ۽ آسانيءَ سان هن قسم جي نظم ۾ ظاهر ڪري ٿو. هن صنف تي اڪثر سنڌ جا نوجوان شاعر طبع آزمائي ڪندا رهن ٿا. هت "راز" نانڪشاهي جو آزاد نظم مثال طور ڏجي ٿو:-

شهر جي هڪ چونڪ تي،
هڪ شام جو،
مانيءَ ڳپي جي واسطي،
ٿي وڙهيا،
ٻاٽر ۽ پنهنجو ٻاڻ ۾ !
هڪ ٻئي جي سخت چوٽن سان ٻئي،
ڦٿڪي، لڇي، ڪرڙيون هڻي،
ويندا رهيا،
پر سهي سگهيا نه مانيءَ جو ڳپو!
هڪڙي جي هٿ مان،
ٿورڙي وقفي ڪان پوءِ،
ڏيرو، هيٺو، ليم جان،
هڪڙو ڪتو،
ويو کڻي مانيءَ ڳپو!

## ماهيا

"ماهيا" پنجاب جي شاعريءَ جي حسين ۽ مقبول صنف آهي. هن جو تعلق 'ماه' لفظ سان آهي. "ماه" اصل فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي 'چنڊ'. جيئن ته چنڊ هڪ چمڪندڙ، خوبصورت ۽ خوشنما

گره آهي، تنهن ڪري پنجاب جي ماڻهن محبوب کي اُن سان تشبيهه ڏئي ڪيس ”ماهي“ سڏيو آهي، يعني ’چنڊ جهڙو حسين ۽ خوبصورت چهرو‘. ساڳيءَ طرح سان محبوب جي تعريف ۾ چيل شعر کي پڻ ”ماهيا“ نالو ڏنو ويو آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ ماهيا جي صنف گذريل ٽورن سالن کان مروج آهي. سنڌي شاعرن هن صنف کي ساڳيءَ رنگ ڍنگ ۾ پيش ڪيو آهي، جهڙيءَ طرح پنجابي شاعريءَ ۾ پيش ڪئي وڃي ٿي. هن ۾ مضمون به ساڳيو ئي پنجابي شاعريءَ وارو آندو وڃي ٿو، جنهن ۾ محبوب جي تعريف ۽ سندس وڇوڙي جا ورلاپ بيان ڪيا ويندا آهن ۽ ڪيس ملاقات ڪرڻ لاءِ التجا ڪئي ويندي آهي.

سٽاءَ جي لحاظ کان هيءَ صنف هڪ نرالي صورت رکي ٿي. هيءَ علم عروض جي قاعدن ۽ بحر وزن جي قيد کان بلڪل آزاد هوندي آهي، البت شاعر رکو اُن سُر جي پوراڻي لاءِ مناسب الفاظ ڪم آڻيندو آهي. هن ۾ بندن جو انداز مقرر هجڻ لازمي نه آهي. هت اهڙو شعر پيش ڪجي ٿو، جو ”محسن“ ڪڪڙائيءَ جو چيل آهي:—

اچي ويٺو پٽ تي ڪانءُ،
تو نه دل پنهنجي پلي آ؛
سنهنجو تو لئي ڦاٽي هانءُ.
ساٺوڻ جو ٿو مينهن پوي،
اسان تنهنجي لاءِ سڪون ٿا؛
پر توکي ڪير چوي.
خالي خالي ڪوڪو،
مون کي ڪهڙي چاڻ نه من!
تون پيي ڏينا پن دوکو.

توتن سان ٻر ٽالهي،
اوهين شل بهار هجو،
اسان ساڳيائي مالهي،
منهن جهليون ڦريون،
اوهين پرديسي او پيارا،
اسان ديس ۾ ڇا ڪريون؟

# هائيڪو

”هائيڪو“ جپان ملڪ جي آزاد شاعري آهي، جا گذريل ٿوري عرصي کان سنڌي شاعريءَ ۾ رواج هيٺ آئي آهي. سنڌي شاعرن مان ڪي هن صنف کي ”هيڪو“ سڏين ٿا. ته ڪي وري ڪيس ”هيڪونما“ چون ٿا. اصل ۾ ”هيڪو“ لفظ جي معنيٰ ئي آهي ’مفرد يا اڪيلو‘، يعني اهو شعر جو هڪ بند ئي مشتمل هجي ۽ مڪمل معنيٰ رکندڙ هجي.

جپانين وٽ هن صنف ۾ سٽن جو انداز مقرر نه هوندو آهي، پر سنڌي شاعرن عام طرح ان ۾ ٽي سٽون شامل ڪيون آهن، جن مان پهرين ۽ ٽين سٽ پاڻ ۾ هم قافيه، ٽين ٿيون، باقي وچين سٽ قافيي کان آزاد رهي ٿي. ”هائيڪو“ جي انهن ٽنهي سٽن ۾ پورو مضمون سمايل هوندو آهي.

سٽاءَ جي لحاظ کان سنڌيءَ ۾ ”هائيڪو“ جي صنف مختلف نمونن ۾ پيش ڪئي وڃي ٿي. هن ۾ وزن جي پابندي آهي ئي ڪانه، جنهن ڪري ڪنهن سٽ ۾ ٿورا لفظ اچن ٿا ته ڪنهن ۾ وري گهڻا ٿين ٿا ۽ ڪي سٽون ته وري هڪ ٻئي کان جيترئون ٻه ٽين ٿيون. مطلب ته شاعريءَ جو

هيءَ فن وزن جي قيد کان بلڪل آزاد رکيو ويو آهي ۽ منجهس سٽن جو انداز به هڪ جيترو هجڻ لازمي نه آهي.
جيڪڏهن غور سان ڏسبو ته ٽن سٽن وارو شعر علم عروض جي شاعريءَ ۾ اڳي ئي موجود آهي، جنهن کي "مثلث" ڪري چئبو آهي. فرق رڳو اهو آهي ته مثلث ۾ وزن جي پابندي آهي، پر هائيڪو انهيءَ قيد کان آزاد آهي. تنهن کان سواءِ ٻنهي ۾ قافيي جو به اختلاف آهي.هت هائيڪو جا ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا، جي مختلف شاعرن جا چيل آهن:-

١

ٻن اکين، ٻن ٻوڙن، ٻن ٻنا زبان،
ته به سنڌن رڳن ۾،
پيا ڏڙڪن ڪيترا ڪجهه، ڪيترا نوان ڪيان.
("نعيم" دريشاڻي)

٢

ڇنيءَ ڇوڪا ڇٽ،
تنهنجو منهنجو روح اٿين جيئن،
ڳهاڳهر سينهو ڀٽ ("عاجز" آچر)

٣

مٺڙي ڳر ۾ سينڌ،
ويٺو ڏٺي ڪو سامهون،
نمنگر ڪنهن کي نيند. ("آثم ناٿنشاهي")

٤

ذهن انساني آ اجڪلهه ويٺنام،
ڏنگ جون ڏهه ڏهه زبانون سوچ ۾،
هڪ ٻئي سان هم ڪلام. ("ذوالفقار" راشدي)

## سانيٽ

”سانيٽ - Sonnet“ اصل ۾ مغربي شاعريءَ جو هڪ قسم آهي، جنهن جي لفظي معني آهي ”چوڏهن سٽن وارو شعر“. هيءَ شاعريءَ جي صنف پهريائين اٽليءَ ۾ موجود هئي، جتان پوءِ انگريزن وٽ آئي ۽ آتي گهڻي مقبوليت حاصل ڪيائين. تازو ٿورن سالن کان هيءَ صنف سنڌي شاعريءَ ۾ به رواج هيٺ آئي آهي.

سنڌ جي شاعرن، سنڌي سانيٽ ۾ به سٽن جو انداز ساڳيوئي چوڏهن رکيو آهي، پر قافيي جي لحاظ کان هر هڪ شاعر پنهنجي پنهنجي رٿا رکي آهي.

سانيٽ ۾ عام طرح پهرين ٽن بندن ۾ چار چار سٽون ٿين ٿيون ۽ چوٿون يعني آخري بند ٻن سٽن جو ٺهي ٿو.

ڪي سانيٽ سنڌيءَ ۾ اهڙا ملن ٿا، جن جي پهرين ٽن بندن ۾ پهرين ۽ چوٿين سٽ پاڻ ۾ هم قافيه ٿين ٿيون ۽ باقي وچ واريون ٻه سٽون (يعني ٻي ۽ ٽين سٽ) پاڻ ۾ هم قافيه ٿين ٿيون ۽ آخري بند جون وري ٻئي سٽون (تيرهين ۽ چوڏهين سٽ) پاڻ ۾ هم قافيه رهن ٿيون، جي مٿين ٽنهي بندن کان قافيي ۾ مختلف هونديون آهن. هن قسم جي سانيٽ کي ”شيڪسپيرن سانيٽ“ چيو ويندو آهي. هت اهڙي قسم جو سانيٽ ”بشير“ موريائيءَ جو چيل مثال طور ڏجي ٿو:-

### جذبن جي حقيقت

رات جذبن جي گلستان ۾ گذاري آيس،
راڳ ڪايا پئي تمنا ۽ خوشيءَ ڇيڄ وڌا،

رنگ ۽ نور نگاهن ۾ هم آغوش ٿيا،
غير فاني سي گهڙيون، هاءِ جي گهاري آيس.
تو کنيا نيڻ ته چوڌاري پکڙجي ويو نور،
تو ڏنو مرڪي ته چوڌاري ستارا مرڪيا،
تو اشارو ٿي ڪيو مس ته سوين باغ ٽڙيا،
تنهنجي آئي ته مليو زخمي زمانن کي سرور.
ذهن سوچي ٿو ته جذبن جي حقيقت ڇا آ؟
شايد آ منهنجي خيالن جي اها بيخوابي،
شايد آ تنهنجي محبت جي حسين چاندوڪي،
پر پڌائج ته اها تنهنجي محبت ڇا آ؟
بحر جي لهر آ، يا راڳ جي هڪ لئي آهي،
يا خوشي، غم جي مرڪب ڪا اها شئي آهي.

سانيٽ جو ٻيو قسم جو سنڌي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي، اُن جي پهرين ٻن بندن ۾ پهرين ۽ چوٿين سٽ هڪ ٻئي سان هم قافيه ۽ ٻي ۽ ٽين سٽ پاڻ ۾ هم قافيه رکيون ويون آهن. ٽئين بند ۾ وري پهرين ۽ ٽين سٽ پاڻ ۾ ۽ ٻي ۽ چوٿين سٽ پاڻ ۾ هم قافيه آهن ۽ باقي آخري بند جون ٻئي سٽون (تيرهين ۽ چوڏهين) هڪ ٻئي سان هم قافيه آهن، جن جو قافيو پهرين ٽن بندن جي قافيي کان مختلف آهي. هت اهڙو مثال هري دريائي ”دلگير“ جو پيش ڪجي ٿو:-

## بيماريءَ جي بستري تان

پرهه جي هير ٻئي روز سويرو ٿي اچن،
صبح جو روز اچين سونهن جي سرهاڻ کڻي،
روح جي تازگي، دنيا جي خوشي ساڻ کڻي،
ٻهار جا پشپ کڻي، روز سويرو ٿي اچن.

اڻ سڌيءَ طور تي هربار جا ورجائين ٿي،
نرڙ تي ته هنجي ڳهر تيجا ڪڏهن ٿي چمڪي،
تنهن ڪي تون دل ۾ لڪائي ۽ ته پڇتائين ٿي،
ڳل تي ڳاڙهاڻ تي ظاهر جا ٿئي ٿي هرهر،
سا ڀلا سون ڪي ڇون ڪان تون ڇوشرمائين ٿي؟
مون ڪي معلوم ۽ آهي ته ڇا ڳالهه آهي اها،
جا لڪائڻ ڪان هڪولڪ ڪان تون ڪهڙائين ٿي،
پر تڏهن ٻيءِ مان اهاتو ڪان ٻڌڻ ٿو چاهيان،
ڇڏ ڪٿي هاڻ، ڇئي ڏي جو ڇوڻ چاهين ٿي.
ڇو ڪٿي هاڻي ته توسان محبت آهي،
بس انهيءَ ڳالهه ٻڌڻ جي مونکي حسرت آهي.

# ٽرائيبل

”ٽرائيل“ فرانس ملڪ جو هڪ مقبول نغمو آهي. هن جو اصل نالو ”ٽريئوليٽ—Triolet“ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي (ٽريئو-Trio=ته ياري يا ته سرو راڳ + ليٽ-Let= روڪ يا بندش). آهو نظم يا شعر، جنهن ۾ ساڳئي سُر واريون ٽي سٽون پوري شعر کي روڪ يا بندش ڪن. مطلب ته 'ٽرائيل' آهو شعر آهي، جنهن ۾ ساڳي سٽ ٽي ڀيرا اچي، پوري مضمون کي هڪ هنڌ بند ڪري ٿي. هيءَ صنف گذريل ٿوري عرصي کان سنڌي شاعريءَ ۾ رواج ۾ آئي آهي.

”ٽرائيل“ جي سڄي نظم ۾ ڪل اٺ سٽون ٿينديون آهن، جي ٻن بندن ۾ ورهايل هونديون آهن، يعني هر هڪ بند ۾ چار سٽون ٿين ٿيون. اصل ۾ هر هڪ بند ٽن سٽن تي مدار

توکي مون سان ۽ مون کي تو سان محبت ڪانهي،
انهيءَ عنوان سان هڪ گيت لکڻ تو چاهيان:
مون کي ڪنهن دوست يا همدم جي ضرورت ڪانهي،
آءٌ تنهائي ۾ ڪجهه دير روئڻ تو چاهيان.

ڪي شاعر وري "ترائيل" ۾ ٽين سٽ، پهرين سٽ سان رکيو هم قافيه رکن ٿا ۽ پنجين سٽ قافيي کان بلڪل آزاد رکن ٿا، جا سچي نظم ۾ (يعني اٺن ئي سٽن ۾) ڪنهن به سٽ جي قافيي سان ڪو واسطو يا هڪجهڙائي نٿي رکي. اهڙو ترائيل هت ڏجي ٿو، جو شفيع محمد "مخفي" جو چيل آهي:-

آءٌ تون جلد ستارن جي جوت آهه جوان،
پوءِ سهڻا، هي سهارو به رهي يا نه رهي:
بيرحم وقت جو اڄ تيز قدم آهه روان،
آءٌ تون جلد، ستارن جي جوت آهه جوان.
وچي نه پيار وڪامي، اسان جي قسمت ۾،
پوءِ روشن ڪو ستارو به رهي يا نه رهي:
آءٌ تون جلد ستارن جي جوت آهه جوان،
پوءِ سهڻا، هي سهارو به رهي يا نه رهي.

## پـنـجـڪـڙا

"پنجڪڙا" صنف اصل ۾ ڀارت جي پيدائش آهي، جتي هندي ۽ سنسڪرت ٻولين جو عام واهپو رهيو آهي. هن صنف جو واسطو به انهن ئي ٻولين سان آهي. اوائل ۾ هيءَ صنف "پنجڪا" جي نالي سان مشهور هئي.

"پنجڪا" جي معنيٰ آهي، "اهو شعر يا چوٽي، جنهن

۾ پنجن مختلف شين جو ذڪر پڻ ڪيل هجي. هن ۾ وزن ۽ قافيي جي پابندي لازمي نہ هوندي آهي.

موجوده دور جي سنڌي شاعرن انهيءَ (پنجڪا) صنف جي سناءَ ۾ ڪجهہ ڦيرڦار آڻي، اُن کي نئين نموني ۾ پيش ڪيو آهي؛ يعني منجهس پنج سٽون پاڻ ۾ هموزن رکيون آهن، جن مان پهرين ۽ چوٿين سٽ پاڻ ۾ هم قافيہ ۽ ٻي ۽ ٽين سٽ وري هڪ ٻئي سان هم قافيہ رکيون آهن ۽ باقي پنجين سٽ جي جاءِ تي ساڳي پهرين سٽ آندي آهي.

'پنجڪڙا' جو وزن هندي ڇند وديا جي ماترائن تي ٻڌل هوندو آهي. هن ۾ اڪثر ۱۵ يا ۱۶ ماترائون ٿينديون آهن، پر اڄڪلهہ ڪي شاعر انهيءَ ۾ وڌيڪ ماترائون بہ آڻين ٿا. پنجڪڙا جا ڪجهہ بند هڪ هنڌ گڏ ڪري هڪ ڊگهو نظم ٺاهي سگهجي ٿو.

هن ۾ هر ڪنهن قسم جو مضمون پيش ڪيو وڃي ٿو. هت اهڙو نظم "راز" نانڪشاهي جو مثال طور ڏجي ٿو:-

نظم

لکان مان ڪنهن جا ڪنهن جا گيت،
گلن جا ڪِرڙيل ڪِرڙيل مُک،
رهي ويا ڪن ڪان ڪئي سُک،
سڄي ڌرتي دُک جا سنگيت،
لکان مان ڪنهن جا ڪنهن جا گيت.
هزارين رنڌڙ رنڌڙ ڀاڳ،
حياتي وِھ جو پيل ٿانءُ،
ڇڄي ٿو قدم قدم تي هانءُ،
سڀني پيا سرها سرها راڳ،
هزارين رنڌڙ رنڌڙ ڀاڳ.

سموري پونءِ تي چانيل ٻاٽ،
وڪا وڄ جا چپ چپاٽ،
لنوي ڪو ڪانگ نہ پنهنجي لات،
ڪري چمڪات پلو ڪڻن لات،
سموري پونءِ تي چانيل ٻاٽ.

## چونڪ

”چونڪ“ اصل ۾ هندي لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، ”چئن جو موڙ“؛ يعني آها جاءِ، جتي چار شيون اچي پاڻ ۾ گڏ ٿين يا آهو هنڌ، جتي چئني طرفن کان رستا يا واٽون اچي هڪ ٿين سان ملن. اصطلاحي معنيٰ موجب، ”چونڪ“ هڪ شعر جو قسم آهي، جنهن ۾ چار هم وزن سٽون ٿين ٿيون. آنهن مان پهرين ۽ چوٿين سٽ جو قافيو هڪ جهڙو ٿيندو آهي ۽ باقي وچ واريون ٻه سٽون (ٻي ۽ ٽين سٽ) قافيي کان بلڪل آزاد هونديون آهن.

چونڪ جي شروعات اصل ۾ پارت کان ٿيل ٿي پانئجي. هينئر سنڌي شاعرن به انهيءَ صنف تي طبع آزمائي شروع ڪري ڏني آهي.

چونڪ ۾ اڪثر تشبيهي ۽ اخلاقي مضمون پيش ڪيا وڃن ٿا. هت اهڙا ڪجهہ چونڪ، مير محمد پيرزادي جا نموني طور ڏجن ٿا:-

١

پير ڪڏهن ڪو پير ڏئي ٿو!
سهٺا ٿوهہ ٻُٽن تي پيا هن.
هرڪو پنهنجو ٻڻ ٿو ساري،
ڌاريو پنهنجو ٿي نہ سگهي ٿو.

٢

چڪور تہ ڪيڏو ننيڙو آهي،
مقصد پر تس مٿي آڏاس،
هيڏو سارو آٽ پکي ڏس،
واريءَ ۾ پيو منهن لڪائي!

٣

پونر وچي آ عرش لڳو،
رنگ جو پر ڏس ڪارو آهي.
۽ هي سهڻو سهڻو ڪنول،
ڏڏڙ اندر ڇو آهہ پيو؟

٤

هتڙي سوئي ٻوهي آهي،
جنهن کي سچ چوڻ جي عادت،
اهڙو اَلٽو آهہ زمانو،
ڏاهو هتڙي ڏوهي آهي.

# شعر جون ادبي خوبيون

## ١- فصاحت:-

”فصاحت“ جو واسطو عربي ٻوليءَ جي لفظ ”فصيح“ سان آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ”خوش بياني يا مٺو ڪلام.“ اصطلاحي معنيٰ موجب ، ” فصاحت “ شعر جي هڪ خوبي آهي، جنهن مطابق شعر ۾ لفظ هلڪا ۽ رس ڀريا استعمال ٿيل هوندا آهن، جن جي پڙهڻ سان زبان ڪڏهن بہ نہ ٿڪندي آهي. هت اهڙي قسم جا ٻہ بيت ميان غلام سرور قادري ”فقير“ جا مثال طور پيش ڪجن ٿا، جن سان فصاحت ظاهر ٿئي ٿي:-

مثال:-

(١)

رهي پئي رات من بارش سبب، هو تو وچي تڪڙو،
اي چشم نم وسائي وڏ ڦڙي، باران پيدا ڪر.

(٢)

داستان درد سڻندي، هوش قاصد جو ويو،
اها عاشق سندي خوراڪ، آهي عشق بازي ۾.

## ٢- بلاغت:-

"بلاغت" عربي ٻولي جي لفظ "بليغ" سان تعلق رکي ٿي، جنهن جي معنيٰ آهي، "پورو، ڪامل، موقعي مطابق". اصطلاحي معنيٰ موجب، "بلاغت شعر جي اها خاصيت آهي، جنهن موجب، شعر ۾ موقعي مطابق موزون لفظن جي جڙاوت ٿيل هجي ۽ منجهس اهڙي ته صفائي ۽ چٽائي هجي، جو پڙهندڙ جو ڌيان هڪدم اوڏانهن ڇڪجي وڃي. هت اهڙي قسم جا ٻه شعر ميان غلام سرور قادري "فقير" جا مثال طور پيش ڪجن ٿا، جن مان بلاغت جي ٻوء اچي ٿي:-

مثال:-

(١)

جئن وڃي وٽ پوندي،تئن سڪ تنهنجي وڌندي ٿي وڃي،
چڻ محبت جي رقم ٿي، هي گذيل آهي وياج.

(٢)

چشم عبرت کول ۽ گلشن جو وڃي سير ڪر،
شاخ برگ ۽ خار و گل ۾، يار جو مظهر سمجھ.

## ٣- سلاست:-

"سلاست" جو واسطو عربي ٻوليءَ جي لفظ "سليس" سان آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "سولو،آسان،عام فهم". اصطلاحي

معني موجب، "سلاست" شعر جي اها خوبي آهي، جنهن مطابق شعر ۾ لفظ ۽ تشبيهون، وغيره تمام سولا ۽ سلوڻا استعمال ٿيل هجن، جيئن هر هڪ عام ۽ خاص ماڻهو اُن مان لطف اندوز ٿي سگهي ۽ اُن ڪلام جي سادگي ۽ اثر اندازي ڏسي هر ڪنهن جي اها خواهش ٿئي ته، "جيڪر مان به اهڙو ڪلام چوان." پر جڏهن چوڻ جي تياري ۽ ڪوشش ڪري ته سندس زبان مان اکر ئي نه اُڪلي. هت اهڙي قسم جا ٻه بيت ميان غلام سرور قادري "فقير" جا مثال طور پيش ڪجن ٿا، جن مان سلاست جو نمونو ظاهر ٿئي ٿو:-

مثال:- (١)

تون خدائي دو جهان، مان تنهنجو بندو آهيان،
مان فقط تنهنجو ئي آهيان، تون زماني واسطي.

(٢)

ڏو لنوين اڄ ڪانگ ۽ اڪ ٿي ڦري،
آڻيندو احوال خوشتر نامبر.

## ٤- جدت:-

"جدت" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي، "تازگي، نئون ٿيڻ." اصطلاحي معني موجب، "جدت" شعر جي اُها خاصيت آهي، جنهن مطابق، شعر ۾ نوان نوان لفظ ۽ موزون تشبيهون آيل هجن ۽ ڪلام ڪاريگريءَ جي فن سان مالا مال هجي، جيئن اُن مان جوش ۽ جذبي جون جهلڪون ظاهر ٿين ۽ روح کي تازگي يا فرحت اچي. هت اهڙا ٻه شعر ميان غلام سرور قادري "فقير" جا ڏجن ٿا، جن مان "جدت" جو نمونو ظاهر ٿئي ٿو:-

مثال:-　　　　(١)

مرڪز منهنجي مراد جو، گهر بار جو آهي،
چوطرف ان جي ٿو ڦران، پرڪار جي طرح؛

(٢)

بوند ڳوڙهن جي وسي ٿي، اڄڪو آهي يار اڄ،
ان سبب اک کي ڪرڻ، آبو آهي چٽڪار ڀاد.

# تخيل

”تخيل“ عربي لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، ”تصور، خيال، سوچ.“ اصطلاحي معنيٰ موجب، اها قوت، جا خيالي صورتون ٺاهي ذهن جي اکيان آڻي بيهاري. در اصل ”تخيل“ ايجاد جي قوت جو ٻيو نالو آهي.

”تخيل“ شعر جو هڪ عنصر آهي. انهيءَ تخيل جي قوت سببان هڪ شاعر جي نظر ۾ هن ڪائنات جون سڀ شيون عجيب و غريب نموني ۾ اکيان اچن ٿيون، جن کي ڏسي هو اهي حقيقتون بيان ڪري ٿو، جيڪي هڪ فيلسوف يا سائنسدان به ڪڏهن پيش نه ڪري سگهندو آهي. مطلب ته ’تخيل‘ صرف خيالي ۽ وهمي تصورات جو ٻيو نالو آهي.

هت هڪڙا به مثال پيش ڪجن ٿا، جن مان شاعر جي تخيل جا مثال ملن ٿا. هي ٻئي مثال شاعر ميان غلام سرور قادري فقير جا آهن:-

مثال:-　　(١):-

اکين دلبر منجهان ٻاهر ڪجل جي ڌار نڪري وئي،
قتل لئه ڪپ مان قاتل جي گويا تلوار نڪري وئي.
(فقير).

مٿين مثال مان ظاهر ٿئي ٿو ته، هڪ محبوب پنهنجي اکين ۾ ڪجل پاتو آهي. اُن ڪجل جي هڪ ڪاري ليڪ سندس اکين مان نڪچهه. گولائيءَ جي شڪل ۾ ٻاهر نڪري پئي آهي. شاعر جي نظر ۾ اها وريل ليڪ ائين پئي محسوس ٿئي، ڄڻ ته قاتل جي ڪپ مان هڪ تلوار ڪنهن جي قتل ڪرڻ واسطي ٻاهر نڪري آئي آهي.

(٢)

تنهنجي فُرقت ۾ رُنو مون ايترو جو بي وفا،
چشم وهندي وهندي ڄڻ پاڻيءَ جي نالي ٿي وئي.

مٿي ڏنل مثال مان ڏسجي ٿو ته، شاعر پنهنجي محبوب کي بي وفا سڏيندي پنهنجي رئڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هو ايترو ته رنو آهي، جو سندس اک، پاڻيءَ جي ناليءَ وانگر وهڻ لڳي آهي.

ڏسجي ٿو ته ’محاڪات‘ ۽ ’تخيل‘ ٻئي شعر جا اهم ۽ لازمي جزا آهن، جن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري نه سگهبو. تنهن ڪري ائين چئبو ته محاڪات شعر جو ڍانچو آهي ته تخيل ان جو روح آهي.

## محاڪات

”محاڪات“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ”باهمي ڳالهه ٻولهه“. اصطلاحي معنيٰ موجب، ڪنهن شئي کي شعر جي ذريعي ٻئي جي اکيان اهڙي نموني ۾ بيان ڪجي، جو اُن جي اصلي تصوير ٻڌندڙ يا پڙهندڙ جي اکيان تري اچي. ٻئي نموني ۾ ائين ڪئي چئجي ته، شاعر جيڪي ڪجهه چوڻ گهري ٿو، ’محاڪات‘ ان جو عڪس آهي.

شعر ۾ موقعي مطابق موزون ۽ صحيح الفاظ آڻڻ، باريڪ نقطن کي منجهس سهڻي نموني ۾ سمائڻ ۽ چٽڻ، متضاد پهلوئن کي پوريءَ طرح جاءِ ڏيڻ، موزون تشبيهون ۽ تمثيلون پيش ڪرڻ، وغيره سان 'محاڪات' پيدا ڪري سگهجي ٿي.

مطلب ته اصلي شئي جي هر هڪ ضروري ۽ اهم جُزي کي اهڙيءَ طرح سان بيان ڪيو وڃي ٿو، جو اُن جي سچي پچي تصوير ٻڌندڙ يا پڙهندڙ جي ذهن ۾ اچي وڃي ٿي. هڪ ٻار جي واتان نڪرندڙ نصيحت آموز گفتا به 'محاڪات' ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا.

## ديوان

"ديوان" فارسي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ" مجازا 'ڪچهري'. اصطلاحي معنيٰ موجب، ڪنهن شاعر جي الف - ب وار قافيي تي جوڙيل غزلن جي مجموعي کي "ديوان" چئبو آهي. هن جي ڪن غزلن ۾، قافيي جي پٺيان 'رديف' به استعمال ڪيو ويندو آهي، پر اهو ضروري نه آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ الف - ب جي ٥٢ (ٻاونجاهه) اکرن جي قافيي تي، پهريون مڪمل ديوان، آخوند گل محمد هالائيءَ جوڙي تيار ڪيو، جو "ديوان گل" جي نالي سان سنه ١٢٧٢ هجريءَ ۾ پهريون دفعو بمبئي مان ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن کان پوءِ پين سنڌي شاعرن به ديوان لکڻ شروع ڪيا. هن وقت سنڌي زبان ۾ اهڙا ڪيترائي ديوان ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن. "ديوان گل" کان پوءِ جيڪي ديوان هن وقت تائين سنڌيءَ ۾ ڇپجي چڪا آهن تن جا نالا

هت پيش ڪجن ٿا:-

ديوان قاسم - ديوان فاضل - ديوان سالڪي -
ديوان بلبل - ديوانِ حامد - ديوان بيدل -
ديوان قليچ - ديوان فدا - ديوان مجروح -
ديوان بيڪس- ديوان بيوس - ديوان مسڪين-
ديوان نجفي - ديوان خاڪي - ديوان واصف -
ديوان حافظ - ديوان قادري - ديوان حفيظ -
ديوان صوفي - ديوان ڪوجهي - ديوان مفتون -
ديوان احسن - ديوان غلام اڪبر- ديوان سام -
ديوان عطا - ديوان انجم، وغيره.

## ڪليات

”ڪليات“ عربي لفظ ”ڪلي“ جو جمع آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”سڀ“. اصطلاحي معنيٰ موجب آهو ڪلام جو مجموعو، جنهن ۾ ڪنهن هڪ شاعر جو سمورو ڪلام پيش ڪيل هجي؛ يعني منجهس هر ڪنهن قسم جو شعر ڏنل هجي. مطلب ته ڪليات ۾ شاعر جو هر فن تي چيل شعر موجود هوندو آهي. هن ۾ الف - ب وار قافين تي جوڙيل غزلن جو مجموعو (ديوان) به شامل هوندو آهي.

ڪليات جي ترتيب اڪثر ٻن نمونن جي ٿيندي آهي. جيئن ته ڪنهن ڪليات ۾ پهرياڻين الف - ب وار غزلن جو مجموعو (ديوان) ڏئي، پوءِ باقي ٻيو سمورو ڪلام ڏنو ويندو آهي، جنهن ۾ عروضي توڙي غير عروضي شعر شامل هوندو آهي ۽ ڪنهن ۾ وري سواءِ ڪنهن ترتيب جي سڀ ڪلام لکيو ويندو آهي.

ڪي ڪليات اهڙا به ملن ٿا، جن ۾ رڳو غير عروضي شعر پيش ڪيل هوندو آهي، جنهن ۾ حمد، نعت، ڪافيون، ڏوهيڙا، وغيره شامل هوندا آهن. اهڙي قسم ۾، ڪليات مصري شاهه، ڪليات حمل، وغيره اچي وڃن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت تائين جيڪي به ڪليات ڇپجي چڪا آهن، سي هي آهن:-

ڪليات مصري شاهه - ڪليات حمل - ڪليات مسافر -
ڪليات عزيز - ڪليات گدا - ڪليات خادم -
ڪليات فاروقي - ڪليات امين - ڪليات دلگير -
ڪليات ڪمال - ڪليات سائل - ڪليات نورل -
ڪليات شيخ الهه بچايو - ڪليات حسين ديدڙ -
ڪليات سانگي - ڪليات ميران محمد شاهه ۽ وغيره.

# صوفي

"**صوفي**" عربي زبان جي لفظ "**صوف**" مان جڙيو آهي. "صوف" جي معنيٰ آهي، "پشم يا اُن جو جوڙيل ڪپڙو". اهڙيءَ طرح "صوفي" لفظ جي معنيٰ ٿيندي "اُن يا پشم جو ڪپڙو ڍڪيندڙ"؛ يعني سادو لباس پهريندڙ يا ڪنبوال.

"صوفي" جو تعلق "تصوف" سان آهي. "تصوف" جو مطلب آهي، "حقيقت کان واقف ٿيڻ" يا "الله تعاليٰ جي وات ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ." مطلب ته صوفي اهو الله لوڪ انسان آهي، جو پنهنجي دل ۾ هڪ خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي به تمنا يا شوق نه ٿو رکي. هو دنيا جا لڳ لاڳاپا لاهي، دل جي گهراين سان الاهي عشق ۾ اهڙو ته محو ٿي وڃي ٿو جو مٿس سرمستي ۽ بيخوديءَ جي حالت طاري ٿي وڃي ٿي. هن جو اندر (دل) هميشهه پاڪ ۽ صاف رهي ٿو، هن

جي دل ۾ ڪنهن به انسان يا ساهواري لاء وير ۽ دشمني، بغض ۽ ڪينو، حسد ۽ ساڙ نه ٿو رهي. هو سارو وقت پنهنجي پروردگار جي ديدار پسڻ واسطي ڪوشان رهي ٿو، جنهن لاء هو رياضتون ڪندي ٿو ۽ سندس بندگيءَ ۾ پاڻ کي هر وقت رُڌل رکي ٿو. ڪيس سڀني انسانن ۽ سندن مذهبن لاء عزت، احترام ۽ احساس ٿئي ٿو. هو پنهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ ذري جيترو به فرق نه ٿو رکي. اهڙي قسم جا صوفي فقير پنهنجي جسم تي اڪثر سادا ڪپڙا پهريندا آهن. انهن کي بدن تي هڪ ڏکي ڪفني يا جبو پهريل هوندو آهي. اڄڪلهه صوفي گيڙو رنگ جا ڪپڙا به اوڍيندا آهن.

صوفي عاشقن جون چار منزلون ٿين ٿيون، جن سان هو پاڻ کي پار ڪرڻ لاء رياضتون ڪن ٿا. آهي چار منزلون مختصر وضاحت سان هت ڏجن ٿيون:-

## ١- شريعت:-

هن منزل ۾ سالڪ کي پهريائين اسلام جي ظاهري اصولن تي هلڻو پوي ٿو. هي اُهو رستو آهي، جو حضرت آدم عليه السلام کان وٺي آخري پيغمبر حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن تائين، سڀ نبي ٻڌائيندا آيا. هن رستي تي هلڻ سان انسان ٻئي جهان (دنيا ۽ آخرت) سڌاري سگهي ٿو. هن ۾ عبادت جي ظاهري اُصولن جي پوري پوري بجا آوري ڪرڻي آهي؛ ڇاڪاڻ ته هن کان سواء ڪو به شخص ڪامل ۽ خدارسيده ٿي نه ٿو سگهي.

## ٢- طريقت:-

هن منزل تي سالڪ کي پنهنجي دل جي صفائي ڪرڻي آهي، يعني دل کي آئيني وانگر صاف ۽ پاڪ بڻائڻو آهي ۽ هن ۾ پنهنجي نفساني خواهشن کي ترڪ ڪرڻو آهي ۽ پاڻ کي خدا تعاليٰ جو خادم سمجهي، سندس مخلوق جي خدمت ڪرڻ ۾ وقت صرف ڪرڻو آهي. دراصل طريقت جو مطلب ئي آهي خدا جي پيدا ڪيل مخلوق جي خدمت ڪرڻ. باقي گودڙيون ڍڪي ۽ مصلا وڇائي، وڏيون تسبيحون هٿن ۾ کڻي ماڻهن کي ڏيکارڻ، حقيقت ۾ دنيا کي ٺوڪو ڏيڻو آهي.

## ٣- حقيقت:-

طريقت جي منزل ۾ پورو رهڻ کان پوء، طالب هن منزل ۾ قدم رکي ٿو ۽ هتي ڪيس حق جي جستجو رهي ٿي. هو هر خوبصورت شئي ۾ حقيقي حسن کي ڏسڻ جو خواهشمند ٿئي ٿو هتي ڪيس مجاز جي اوٽ وٺڻي پوي ٿي؛ يعني جڏهن به هو ڪا سهڻي شئي ڏسي ٿو تڏهن ان تي مائل ٿيڻ جي بدران ان جي سچي ۽ حقيقي نقاش يعني خداتعاليٰ جي طرف متوجهه ٿئي ٿو.

## ٤- معرفت:-

هيءَ صوفين جي چوٿين ۽ آخري منزل ٿئي ٿي، جنهن طالب کي حق (خدا تعاليٰ) جو ديدار نصيب ٿئي ٿو. هن منزل ۾ هو پنهنجي رب کي سڃاڻي ٿو، جنهن ڪري منس هر وقت

نوراني تجلي پوندي رهي ٿي ۽ هر شئي ۾ هن کي حق جو جلوو ۽ جمال نظر اچي ٿو. هاڻي هتي هو ماٺ ۾ اچي وڃي ٿو ۽ سندس زبان تي خاموشيءَ جي مهر لڳي وڃي ٿي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ صوفين جي مٿين چئني منزلن جو ذڪر پنهنجي شعر ۾ هن طرح ڪيو آهي:-

ساري سڪ سبق، شريعت سندو سوهڻي،
طريقتا تکو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن کي.

صوفي اڪثر ٻن گروهن ۾ ورهايل نظر اچن ٿا. منجهانئن هڪ گروهه "همه اوست" (وحدت الوجود) جو قائل آهي ته ٻيو وري "همه ازوست" (وحدت الشهود) ۾ ايمان آڻي ٿو. هت ٻنهي طريقن جي مختصر وضاحت ڪجي ٿي:

## همه اوستا

"همه اوست" هڪ فارسي مقولو آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "همه=سڀ+او=اهو+است=آهي". يعني "سڀ ڪجهه اهوئي (الله تعاليٰ) آهي." صوفين جو اهو ٽولو جو هن مٿي جو قائل آهي، چوي ٿو ته دنيا ۾ جيڪا به شئي پيدا ڪئي وئي آهي، تنهن ۾ الله تعاليٰ جل جلاله خود ئي موجود آهي. انهيءَ ڪري هو هر هڪ شئي کي خدا تصور ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح انهن کي جهان ۾ هڪڙي پالڻهار کان سواءِ ٻي ڪابه چيز نظر نه ٿي اچي. درازن جو مشهور صوفي بزرگ ۽ شاعر "سچل سرمست" به هن ئي مٿي جو قائل هو.

## همه‌ آزوست

"همه‌ آزوست" فارسي مقولو آهي، جنهنجي لفظي معني آهي " همه‌=سڀ+آز=کان+آو=اُهو(الله)+آست=آهي. " يعني "سڀ ڪجهه خدا تعاليٰ جي طرفان ٿي آهي." صوفين جو هيو گروهه وري رڳو هن ٿي اصول تي ايمان آڻي ٿو. سندن قول مطابق، دنيا جي هر هڪ شئي الله جل جلاله جي ٺي پيدا ڪيل آهي؛ يعني هر هڪ چيز جو جوڙيندڙ يا ٺاهيندڙ خود خدا آهي. تنهن ڪري هو انهيءَ ڳالهه تي ڀروسو رکن ٿا ته، جا به شئي دنيا ۾ نظر اچي ٿي، سا الله تعاليٰ جي طرفان ٿي آهي.

## سرمست

"سرمست" فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي، ( سر=متو+مست=متوالو، مدهوش، ديوانو )؛ جيڪو عشق ۽ محبت ۾ ڀرپور ۽ ديوانو هجي، يعني اهو صوفي بزرگ، جو پنهنجي حياتيءَ جو سمورو وقت پنهنجي پروردگار جي يادگيريءَ ۾ خرچ ڪندو رهي ۽ هن فاني دنيا جي لالچن تي توجهه ٿي نه ڏئي. اهڙو بزرگ، خدا تعاليٰ جي بندگي ڪندي، جوش ۽ مستيءَ ۾ اچي جهومڻ لڳندو آهي.

سنڌ جي صوفي بزرگ ۽ شاعر، "سچل" کي "سر مست" سڏيو ويندو هو، چاڪاڻ ته، هو جڏهن به پنهنجي پالڻهار جي بندگيءَ ۽ ساراهه ۾ مشغول ٿي ويندو هو، تڏهن مٿس الاهي محبت جو اهڙو ته رنگ چڙهي ويندو هو، جو هو بيخود ٿي

وٺندو هو ۽ اُن وقت دنيا جون شيون نہ ڇڏيو، پر پنهنجي
جان جي بہ خبر ڪانہ پوندي هيس.

”سچل“ جو اصل نالو عبدالوهاب هو، مگر سندس مائٽ
پيار وچان کيس ’سچو‘ يا ’سچيڏنو‘ ڪري ڪوٺيندا هئا،
جو پوءِ ”سچل سرمست“ جي نالي سان مشهور ٿيو.

# وجد

”وجد“ عربي لفظ آهي ، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي
” جذبو “ يا ” بي خوديءَ جي حالت “. جڏهن ڪو صوفي
بزرگ يا الله جو نيڪ ٻانهو، خدا جي بندگي ۽ ذڪر ۾
مشغول هوندو آهي، تڏهن اُن ۾ اهڙو تہ غرق ٿي وٺندو آهي،
جو کيس دنيا جي ڪنهن بہ شئي جي ڄاڻ نہ رهندي آهي.
اُنهي مستيءَ جي حالت ۾ اچي هو جهولڻ ۽ جهومڻ لڳندو آهي.
اُن وقت کيس ربالعزت جي ذات پاڪ کان سواءِ ٻي ڪابہ
شئي ڏسڻ ۾ نہ ايندي آهي. انهيءَ حالت ۾ سندس زبان مان
رکو ”تون ئي تون“ ۽ ”الله! الله!“ جو آواز ئي اُڌما کائي
پيو ٻاهر نڪرندو آهي. اهڙي حالت کي ”وجد“ چئبو آهي.

# ضميمو *

خليل بن احمد، عرب ملڪ جو هڪ برگزيده شخص ۽ اهل ادب وارن جو سردار ٿي گذريو آهي. هو سنه ١٠٠ (هڪ سؤ) هجريءَ ۾ بصري (عراق) شهر ۾ ڄائو هو ۽ اُتي ڪجهه عرصو گذارڻ کان پوءِ اچي ”مڪه معظمه“ (جو اڳ ”عروض“ جي نالي سان مشهور هو) شهر ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. هو پهريون ٿي شخص هو، جنهن ’مڪه معظمه‘ ۾ ”علم عروض“ جو بنياد وڌو. هن انهيءَ علم بابت نه ڪنهن استاد کان تعليم پرائي هئي ۽ نه وري اهو علم سندس ڏينهن ۾ موجود ٿي هو، جنهن مان هن ڪو فائدو ورتو هجي. پر انهيءَ علم جو ايجاد ڪندڙ پاڻ ٿي هو.

خليل بن احمد، انهيءَ علم کي ١٥ بحرن ۾ بند ڪيو ۽ کانئس پوءِ سندس شاگرد جي شاگرد ”اخفش“ نالي، انهن ۾ هڪ بحر جو اضافو ڪيو، جنهن کان پوءِ ڪنهن به انهن ۾ وڌاءُ نه ڪيو، جنهن تي پروسو ڪري سگهجي.

---

* ” الوسيط في الادب العربي و تاريخه “، تاليف الشيخ احمد الاسڪندري و الشيخ مصطفي عناني، الطبعه السادسه عشره، دارالمعارف بمصر، ٩ - من ذي القعده، سنه ١٣٣٥هه، ٦ من اغسطس، سنه ١٩١٦ع.

# ڀلنامو

| صحيح | غلط | سٽ نمبر | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|
| خوش طبعي | خوش طبي | ١٤ | ٣٦ |
| چٽسالي | چسٽالي | ٢٥ | ٥٠ |
| مرغ زار | مرغ راز | ٥ | ٧٠ |
| من گهڙت | من گهڙت | ١١ | ٧٢ |
| نقشبندي | نقشبدي | ٤ | ٧٦ |
| ٿر (ميوو) | (ٿر ميوو) | ١٣ | ٧٧ |
| صوفين جي | صوفيي جن | ٥ | ٧٨ |
| تغييب | تغييت | ١١ | ٨٧ |
| نيستي | نيسي | ١ | ٩٥ |
| مڪوياڪ مدينو | مڪوپاڪ مدينو | ٢١ | ٢٢٣ |
| غمن ۾ رهيو | غمن رهيو | ٣ | ٢٥٢ |
| مسفعلن | مستعلن | ١٠ | ٢٧٢ |
| جن سان | ۾ر | ١٢ | ٢٨٤ |
| (١٥) بحر جوڙي | (١٥) جوڙي | ١٣ | ٢٨٤ |
| انڌا | انڌ | ١٠ | ٣٠٤ |
| ۾ | ۾ | ٢٤ | ٣٢٠ |

نوٽ:- صفحي نمبر ٢٠١ تي سٽ نمبر ١٥ جي سامهون ڏنل نشاني (*) جو حاشيو، صفحي نمبر ٢٠٤ تي ڇپجي ويو آهي، جو صفحي نمبر ٢٠١ سان سمجهڻ گهرجي.

# مصنف جا ڇپيا لـکيل ڪتاب

١- مِيان غلام سرور قادري "فقير" جي شعر و شاعري.
(مونو گراف).
سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد جو سنڌالاجي شعبو
شايع ڪري رهيو آهي.

٢- سماجي آپياس جي سکيا. ٥-٠٠ روپيه

٣- سوانح حيات حضرت حافظ امامبخش رحمت‌الله عليه.

٤- مسلمانن جا ١٢ (ٻارهن) مهينا. (زير قلم).

